
رولاڪ جي راءِ

اسلم خواجا



رولاڪ جي راءِ

اسلم خواجا

ڪتاب پبلشرس ڪراچي

ڪتاب جو نالو: روﻻڪ جي راءِ
ليکڪ: اسلم خواجا
ڇپائيندڙ: ڪتاب پبلشرس ڪراچي
ڪمپوزنگ: علمي ڪمپوزرس اينڊ پرنٽرس
فون نمبر: 2625254-2625752
ڇاپو: پهريون- نومبر 1997
تعداد: هڪ هزار
قيمت: 100 روپيا
ٽائيٽل: سيد علي واصف

Book Title: **ROLAK JEE RAI**

Subject:: Newspaper Columns

Author: ASLAM KHWAJA

Published by: Kitab Publishers Karachi

انتساب

ڪنهن جي به لاءِ نه.
جو، ڪي ڪتاب ڪان وڌيڪ ميجتا لائق آهن
ته ڪن جي اهميت بنهه ڪونهي.

اسلم خواجا

فهرست

اسيمبليون - هيوي ويٽس ۽ غير سنجيده رويا

آڪٽوبر ١٩٩٣ع جي ٽين هفتي ۾ جڏهن مرڪز ۽ صوبن ۾ حڪومتون ٺاهڻ لاءِ هڻ هٽان آخري مرحلي ۾ هئي تہ رولاڪ ڪراچي ڪي هڪ طلاق (ٽي نہ)ڇٽي لاهور هليو ويو. پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان چونڊجي آيل اسيمبلي ميمبر پنجاب ۾ ١٩٧٧ ڪانپوءِ پهريون ڀيرو حڪومتي بينچن تي ويٺا.

لاهور پهچڻ ڪان پوءِ جڏهن پنهنجي هم پيشي صحافين ۽ ڪجهہ دانشورن سان نئين سياسي وايو منڊل متعلق ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي تہ هر ڪو ان ڳالهہ تي سهمت نظر ايندو هو تہ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارڪردگي هن ڀيري سڀ ڪان وڌيڪ بهتر هوندي، ڇاڪاڻ جو اها Tight(ٽائيل) اسيمبلي آهي جنهن ۾ ممتاز ڀٽو، سيد مظفر شاهہ ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو بہ "حق پرست" گروپ سميت مخالف ڌر ۾ شامل هوندا. جڏهن تہ پيپلز پارٽي جي صوبائي پارلياماني فورس جي قائم علي شاهہ، پير مظهر، پرويز علي شاهہ، نثار کهڙو ۽ عبدالله شاهہ سرواٽي ڪري رهيا هوندا.

پر رولاڪ سميت لاهور ۾ رهندڙ صحافي ۽ دانشور دوستن جو خيال بلڪل غلط ثابت ٿيو. پنجاب اسيمبليءَ جا اهي چارئي اجلاس جيڪي رولاڪ پريس گئلري ۾ ويهي ڏٺا هٿا يقين گوڙ گهمسان ۽ هڪ ٻئي تي الزام مڙهڻ ڪان خالي نہ هٿا پر سنڌ اسيمبلي جو واحد بجيٽ اجلاس، جنهن کي بہ رولاڪ ڪجهہ ڏينهن اڳ پريس گئلري مان ويهي ڏٺو، پنجاب اسيمبلي جي اجلاس ڪان هر صورت ۾ "مٺيرو" هو.

پنجاب اسيمبلي ۾ وڏ ۾ وڏ جهيڙو ڀٽو ڪي شهيد چوڻ ۽ ضياءَ

ڪي بہ "ساڳيو لقب" ڏيڻ ۾ گذريل سورهن سالن جي ڪرپشن تي ٽيندو رهندو آهي. بهر حال هڪڙي ڳالھہ طئي آهي تہ پنجاب اسيمبلي ۾ ڪو"غفور نظاماڻي" نامي (غفور نظاماڻي لاءِ بجيٽ اجلاس دوران پريس گئلري ۾ صحافين ۾ عام ماڻهن جواهو ئي چوڻ هو تہ جيڪڏهن نظاماڻي نہ هجي ها تہ اجلاس "بور" ڪري ها!)

ٿي سگهي ٿو تہ اِهو ڪجھہ لکندي ڪجھہ تلخي اچي پر پنج ڏينهن اجلاس ڏسڻ ڪان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ رولاڪ ڪنهن جهٽ پٽ بديڻائي وانگر"هلڪو ڦلڪو" لکي نٿو سگهي. اجلاس دوران سنڌ اسيمبليءَ جي سمورن "هيوي ويٽس" جو رويو انتهائي غير سنجيده رهيو. هڪڙو هيوي ويٽ (ممتاز ڀٽو) بجيٽ تي تقرير ڪرڻ ڪان پوءِ هڪدم انگلينڊ هليو ويو. وڏي ڳالھہ اها تہ بجيٽ تي بحث دوران هو انهيءَ هڪ ڏينهن لاءِ ئي اسيمبلي ۾ آيو هو. ٻئي هيوي ويٽ (مظفر شاھہ) ڊپٽي اسپيڪر ڪان، ايلازن ڪان پوءِ انهي واعدي تي پنهنجي تقرير لاءِ وقت ورتو تہ هو اسيمبليءَ جو پورو سيشن حاضر رهندو پر تقرير ڪان پوءِ سندس خالي ڪرسي الائي ڪنهن جا چيرا ڪيندي رهي. مخالف ڌر جي هڪ ٻئي هيوي ويٽ (مير مرتضيٰ ڀٽو) تہ بجيٽ اجلاس ڪي ڪنگهيو ئي ڪونہ ۾ ڪراچي ۾ چار ڏينهن هوندي بہ اسيمبلي نہ آيو.

ان جي باوجود تہ رولاڪ ٻين سمورن سنڌين جيترو ئي سنڌي ۾ سنڌ جو گهٽگهرو آهيان پر ڪيس بجيٽ اجلاس دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبرن چڱو خاصو متاثر ڪيو ۾ رڳو هڪ مرحلي تي ايم ڪيو ايم جي هڪ ميمبر ڀٽي شهيد جي لهجي جو نقل ڪري هلڪڙائپ جو ثبوت ڏنو، نہ تہ هو هر وقت سنجيده نظر آيا.

اهي تہ ٺيا مخالف ڌر وارن جا حال پر حڪومتي بينچن جو حال بہ ساڳيو ئي هو. اجلاس دوران جڏهن هڪ اهم وزير گئلري ۾ ويٺل پنهنجي ڪنهن پياري ڪان پنهنجي تقرير تي اکين ئي اکين ۾ اشارو

ڪندي تبصرو ڪرڻ لاءِ چيو تہ گئلري واري يار الائي ڇو ان ڪان لاچاري ڏيکاري تہ وزير اسيمبليءَ جي فرش کي گهروڙي پوندو ڏنو. جيڪڏهن ڪو نان ميمبر اها حرڪت ڪري ها تہ شايد مٿس اسيمبليءَ ۾ داخل ٿيڻ تي تاحيات پابندي وڌي وڃي ها!

چڱو، هلون اڳتي. اجلاس هلندي هڪ مرحلي تي جڏهن اسپيڪر ڪاروائي هلائي رهيو هو تہ ڊپٽي اسپيڪر معزز ايوان جي هڪ ميمبر کي، جيڪو اتفاق سان وزير پڻ آهي، ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري مڪ الاري، ڊپٽي اسپيڪر جو تہ ان اشاري مان الائي ڪهڙو مقصد هو پر روﻻڪ پنهنجي ننڍڙي هوندي انهيءَ اشاري کي "جهيڙي جي ڌمڪي" ليکيندو هو. هڪ ٻئي مرحلي تي هڪ ميمبر/ وزير هڪ ننگو (NUDE) ڪارٽون ٺاهيو جيڪو اجلاس جي ڪاروائي هلندي "آرٽسٽ" وزير ڪان ٿيندو چيف وهپ وٽ پهتو ۽ اتان چيف منسٽر ڪان ٿيندو اسپيڪر تائين وڃي نڪتو. پنهي چيفن ۽ اسپيڪر سميت ڪارٽون ڏسي سگهندڙ سمورا ميمبر ڪلندا ۽ مرڪندا رهيا پر ڪوبہ انهيءَ "آرٽسٽ وزير" کي اسيمبلي ۽ وزارت ڇڏي ڪنهن پورنوگرافڪ رسالي جو ڪارٽونسٽ ٿيڻ جو مشورو نہ ڏئي سگهيو.

اهم وزيرن پاران مخالف ڌر وارن کي "پاڳل" چوڻ ۽ ايوان ۾ بحث هلندي ننڊ ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي تي ٽٽرون ڪرڻ تہ معمول جي ڳالهہ آهي پر گذريل بجيٽ اجلاس ۾ پيش آيل مٿيان واقعا رڳو"اخباري جهلڪيون" بڻجڻ ڪان وڌيڪ ڏيان گهرن ٿا! روﻻڪ اڪثر پنهنجي دوستن کي چوندو آهي تہ پيپلز پارٽي ٽيئي ڀيرا اقتدار ذري گهٽ ڦري حاصل ڪيو آهي تنهن ڪري ايوانن جا ميمبر ۽ پارٽي عهديدار ڦونڊجي سينو تاڻيندا آهن پر هر ڀيري ۽ هر ڪنهن پاران اها حرڪت ڪجهہ سونهي نٿي. هو سنڌ جي هڪ ووٽر هئڻ ناتي اهو ضرور چاهيندو تہ ايوانن ۾ سندس قسمت جو فيصلو ڪندڙ سنجيدگي جو مظاهرو ڪن ۽ سنڌ مان چونڊيل ان دانشور سينيٽر جهڙو ورتاءُ نہ ڪن جنهن تازو سنڌ جي هڪ علمي اداري جي دوست کي سندن اداري جي ڪتابن جي خريداري لاءِ سرڪاري ادارن سان ڳالهائڻ جي گذارش ڪرڻ تي ذاتي طور تي "مدد" ڪرڻ جي آڇ ڪئي، جڻ اسيمبلي ميمبرن ڪان سواءِ

سمورا ماڻهو ڪي فقير هجن ۽ سندن سرڪاري/ غير سرڪاري گاڏيءَ پويان ڊوڙي ڪجهه حاصل ڪرڻ جا تمنائي هجن!

سنڌ اسيمبليءَ جو تازو اجلاس ڏسڻ ڪان پوءِ رولاڪ گهٽ ۾ گهٽ حڪومتي پارٽي جي ميمبرن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهي ٿو. هڪڙا "غير سنجيده" ٻيا "اڻ تجربيڪار" ۽ ٽيان "سنجيده" افسوس سان ٿو لکڻو پوي ته ٽئين قسم جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ميمبر ئي اسيمبليءَ ۾ ويٺل آهن ۽ ٻهرين ٻن قسمن ۽ اسيمبلي رولز کان اڻواقفن جو ڳاڻيٽو مڙوئي سرس آهي. اهو ڪو رڳو رولاڪ نٿو چوي پر فلور تي قانون ۽ پارليماني معاملن واري قانوندان صوبائي وزير ڊپٽي اسپيڪر کي اهو ٽي ٻڌايو ۽ موٽ ۾ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خود ڊپٽي اسپيڪر هڪ پروگرام ۾ فرمايو ته اسيمبلي ميمبرن جي گهڻائي اسيمبلي رولز کان اڻواقف آهي.

اهو سڀ ڪجهه رولاڪ شايد انهيءَ ڪري به لکي سگهيو آهي جو جلدي هڪ ٻيرو ٻيهر ڪراچي/ سنڌ کي " هڪ طلاق" (وري به "ٽي" نه) چئي هليو ويندو نه ته سهيل سانگي ٽي نيوز لائين ۾ پنهنجو پاڻ تي Obrituary/Profile لکرائڻ جو ڪيس هرو ڀرو شوق ناهي! هلندي هلندي سنڌ حڪومت ۽ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر کي هڪ اڌ تجويز ڏيندو هلجي ته ڊپٽي اسپيڪر ۽ قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير جي فرمائش تي ميمبرن کي اسيمبلي رولز سيکارڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ رولاڪ جي فرمائش تي اسيمبلي ميمبرن کي سنڌي ۽ اردو سيکارڻ جو جو بندوبست ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ جو شهري علائقن مان چوند جي آيل اڪثر حق پرست "غالب جو روح ايذائيندڙ" اردو ٿا ڳالهائين ۽ ڳوٺن مان چوندجي آيل ڪجهه جيالا "ڀٽائي" کي لڄي ڪندڙ سنڌي ٿا ڳالهائين! جيڪڏهن هي به چار سٽون ڇپجي ويون ته پوءِ وري لکبو نه ته اتان ئي موڪلائي!!

هلال پاڪستان
١٣ جولائي ١٩٩٤ع

لاهور . قصور ۽ پٺاڻي جي نگري

رولاڪ جي سمورن واقفن کي خبر آهي تہ هو تڪلفن کان آزاد گهمڻ ڦرڻ ۽ ميلا تماشا ڏسڻ جو شوقين آهي. ان ڪري ئي رولاڪ کي سندس هڪ انارڪسٽ دوست "فنڪشن برڊ" جو نالو بہ ڏنو هو.

انهن ئي آواره گردين دوران رولاڪ کي پنجاب ۾ رهندي ڪيترين ئي اهڙين شين سان واسطو پيو جيڪي جيڪڏهن سنڌ ۾ هجن تہ شايد رولاڪ جي پنجاهہ سيڪڙو آواره گردي ختم ٿي وڃي. حيدرآباد ۾ پنهنجو ننڍپڻ ۽ جواني گذاريل رولاڪ جڏهن انارڪلي لاهور ۾ رات جو دير تائين نوجوانن جا مختلف ٽولا هوٽلن ۽ فٽ پاٿن تي ويهندي ڏٺا تہ فيصلو ڪري ورتائين تہ ڪوشش ڪري زندگي انارڪلي جي پرسان گذاربي.

ٻي ڳالهہ جيڪا لاهور ۾ رولاڪ کي پلي لڳي اها هئي بسنت. فيبروريءَ ۾ ٿيندڙ بسنت جون تياريون آڪٽوبر/نومبر کان شروع ٿي وڃن. رولاڪ جا سمورا لاهوري دوست ڪيس بسنت جي حوالي سان ڪپڙا سبرائڻ ۽ ٻيون تياريون ڪرڻ جا مشورا ڏيندا رهيا پر رولاڪ جيڪو اهڙن شهرن مان اوڏانهن ويو هو جتي رڳو ڪرفيو ۽ جهيڙي جا تهوار طئي شده هوندا آهن، رڳو حيران پريشان ٿي ٿيندو رهيو. بهر حال بسنت جي آڌر ڀاءُ لاءِ رولاڪ بہ ڪاڏي جو هيڊو جوڙو سبرايو.

بسنت واري تهوار کان اڳين رات لاهور جي هر رستي ۽ گهٽيءَ ۾ ماڻهو ائين گهمي ڦري ۽ لغڙ اڏائي رهيا هئا جو رولاڪ کي ذهين اپريل ١٩٨٦ع تي لاهور ۾ محترما بينظير ڀٽو جو تاريخي آڌرڀاءُ ياد اچي ويو. گهرن جي ڇتين تي سرچ لائيٽون ۽ انهن جي روشنين ۾ وهنجندڙ ڳڊيون (پنجابيءَ ۾ لغڙ) ۽ هيڊن ڪپڙن ۾ ڪڙيون (نينگريون). چڻ

زندگيءَ جون سموريون سندرتائون ان رات لاهور ۾ لهي آيون هجن.

رولاڪ جو خيال هو ته رات جو تڪل ماڻهو ٿي ڏينهن بسترن ۾ پيا هوندا پر حيرت اوڏي مهل ٿي جڏهن رات جو چئين وڳي ستل رولاڪ جي هڪ دوست صبح جو ڇهين وڳي ڪيس هڪ وڏي ڪار ڏني اهو چئي ننڊ مان اٿاريو ته "بسنت جو ڏينهن به ڪو سمهڻ لاءِ هوندو آهي!"

ڪمري کان ٻاهر جو نڪرجي ته دنيا ئي ٻي لڳي پئي هئي، رات واري ساڳي ڪار! آسمان ۾، جتي ڪنهن پکيءَ جي لاماري جي به گنجائش نه هئي، هر پل لغڙن جو ڳاٽيتو وڌندو پئي ويو. گهٽيءَ ۾ لغڙن جي دڪان تي ماڻهن ائين ٿي هنيوچيون هنيون جيئن پاڻ واري ڪراچيءَ جي بندر روڊ تي صابري نهاريءَ واري جي هوٽل تي هيروئن جا موالي مفت ۾ ماني کائڻ لاءِ هٽندا آهن پر هتي ته لغڙ ۽ مانجو پئسن سان ٿي مليا.

پهرين ته رولاڪ سمجهيو ته اهي ڪي "غير سنجيده" ۽ "غير آدرشي" ماڻهو آهن جيڪي لغڙ اڏائي رونشو پيا ڪن پر جڏهن پنهنجي بسنت واري ميزبان جي اندرون شهر پنجين ماڙ واري ڇت تي پهتو ته خبر پئي ته مير جي شعر، "هم هوئي تم هوئي ڪي مير، سبهي اس زلف ڪي اسير هوئي، " واري ڪار آهي! اهي نوجوان ۽ پوڙها جيڪي رڳو به ڏينهن اڳ تائين غير طبقاتي سماج جي ضرورت تي ڪنوينس ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهيا هئا سي به اڄ"غير نظرياتي" ۽ "غير آدرشي" بسنت واري تهوار ۾ رڌل هئا.

اسان واري ميزبان (انگريزيءَ جي هڪ اخبار جو پلوڙ فوٽو گرافر) جي ڇت تي صحافي ۽ دانشور (ٻئي جنسون) وڏي تعداد ۾ موجود هئا. تقريبا پنجاه ماڻهن لاءِ ڪي به سؤ کن لغڙ هئا.

رولاڪ کي نه لاتون ڦيرائڻ ايندو آهي نه لغڙ اڏائڻ پر تنهن هوندي به سنگت جي زور ڀرڻ تي ٿي لغڙ ۽ هڪ آڱر ڪپرايائين. هر لغڙ ڪاٽا ٿيڻ تي ٺاهوڪي هُوٽنگ هئي. اهڙي خوشگوار ۽ موٽ ملڻ واري هوٽنگ رولاڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ اڃان نه ڏٺي هئي.

لغڙ ڪاٽا ڪرائڻ. ڏکي دونهين وارا سوٽا هڻڻ ۽ رونشي بازيءَ جو اهو معمول سانجهيءَ تائين هلندو رهيو. آڪاش ۾ جيئن ئي ڪنهن تازو خضاب هنيل پوڙهي وانگر ڪاراڻ ظاهر ٿي، چئني پاسان بندوقن جا ٺڪاءُ شروع ٿي ويا. رولاڪ پهرين ته اهو سمجهيو ته "پيارا" ۽ "پيا" هتي به پهچي ويا! پر حيرت اوڏيءَ مهل ٿي جڏهن گولين مٿي فضا ۾ عجيب غريب چِتساليون ٺاهڻ شروع ڪيون. گول دائرا، چوڪندا ۽ ٽڪندا ته عام ڳالهه هئي، پر هڪ جيالي ته ڪمال ڪري ڪلاشنڪوف جون گوليون ائين هلايون جو فضا ۾ تير سان ملندڙ جلندڙ شئي ٺهي وئي.

رولاڪ جي ان ڏينهن بس هڪڙي ئي خواهش هئي ته اهڙو ڪو تهوار سنڌ جي شهرن ۾ به ٿئي. ڪاش ڊاڪٽر شمس سومرو "لطيف جا فني پهلو ڳولهڻ" مان ڪجهه وقت ڪڍي هن جمالياتي تهوار بابت سوچي سگهي!

رولاڪ هڪ ٻيو دلچسپ ماڳ لاهور جي پسگردائيءَ ۾ حضوري باغ ڏٺو. هر جمعي ڏينهن ان باغ ۾ قصي بازن جا مختلف ٽولا اچن ٿا ۽ ڪراچيءَ جي صدر ۽ حيدرآباد واري راڻي باغ جي مدارين وانگر ٽولا ٺاهي نثر ۽ شاعري ۾ قصا ٻڌائيندا ٿا رهن. انهن يارن جو سلسلو به سانجهي تائين هلندو ٿو رهي، سانجهيءَ جو جڏهن پڪي حضوري باغ جي وڻن تي ڊاپو ٿا ڪن ته هي جاني جگر پنهنجا ٽيڙ ويڙهڻ شروع ٿا ڪن پر سڄو ڏينهن بنا پئسي وڻن جي ماٿهن ڪي ڏار ڏار قصا ٻڌائيندڙ ويندي مهل هڪ هنڌ گڏ ٿا ٿين ۽ انهن قصا خوان مان سڀ ڪان جهونو شخص ڏٺيءَ در دعا پڙهندو آهي پر اها دعا ضيائي مجلس شورا جي سرڪاري مُلن جي دعا جي بلڪل اُبتڙ آهي جنهن ۾ هندو، مسلمان، سک، عيسائي، انسان ، جانور، پکي سڀني لاءِ دعا گهري ٿي وڃي. رولاڪ پنهنجو پاڻ کي زندگي ۾ پهريون ڀيرو دعائن ۾ شريڪ به حضوري باغ ۾ ئي محسوس ڪيو!

لاهور ۾ ئي ماڌو لال حسين به آهي. سرمد وانگر هڪ هندو ڇوڪري تي عاشق ٿيندڙ شاهه حسين جو ميلو رولاڪ جي خيال ۾ پاڪستان جو اڪيلو غير سرڪاري ميلو آهي. ان ميلي جو انتظام به

رولاڪ جا پنجابي ڳالهائيندڙ "جوڙيوال" ڪن ٿا.

پيپلز پارٽي جي ٨٨ع واري حڪومت ۾ وزير ٿيل هڪ دانشور جيالي رولاڪ کي ٻڌايو تہ وزير هئڻ وارن ڏينهن ۾ جڏهن ماڏو لال حسين جو ميلو آيو تہ هو ڊچندي ڊچندي ميلي ۾ آيو تہ نوجوانن ڪيس ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو پر گهٽي هڻ هٽان ڪان پوءِ دانشور وزير کي ماضيءَ جي "بهتر انداز" سبب بنا ڪنهن پروٽوڪول ۽ اسڪواڊ جي ميلي ۾ شرڪت جي اجازت ڏني وئي.

رولاڪ سنڌ ۾ اهڙي ڪنهن اهم غير سرڪاري ميلي کان اڻواقف آهي.

لاهور کان اڌ مني ڪلاڪ جي پنڌ تي بابا بُلهي شاهہ جي نگري قصور آهي. قصور شهر جي جُتيءَ ۾ پير پائيندڙ شايد ئي ڪو شهر نديءَ ڪند ۾ هجي. بلهي شاهہ، نظام لوهار، استاد بڙي غلام علي ۽ ميڊم نورجهان جو شهر قصور شهيد ڀٽي جي عدالتي قتل لاءِ ذميوار نواب محمد احمد خان جو بہ شهر آهي.

بابا بلهي شاهہ جي مزار ڀٽائي جي مزار وانگر ڪا رعبدار تہ ناهي پر ڀٽائيءَ جي درگاه وانگر اُتي ڪنهن هڪ ڪنب جو ٺيڪو بہ ناهي. بلهي شاهہ جي مزار جي اڱڻ تي هر ڪو پنهنجي ڳائڻ جي چوڪڙي ڄمائي سگهي ٿو. رولاڪ جي هوندي ئي ڪي اٺ ڏهہ نيم ڳائڻا فقير آيا. پنهنجا هارمونيم ۽ يڪتارا ڪڍي ڳائڻ لڳا. ڪين جيڪا گهور ملي ان مان مزار جي ڪنهن متولي/ فقير ڪو حصو نہ اوڳاڙيو.

ڀٽائيءَ جي نگريءَ ۾ ايئن الائي ڇو نہ آهي! نہ تہ ڀٽائيءَ کي سيد ڳائڻ ڪانسواءِ اسانجي هڪ ٻئي رولاڪ دوست شاهد ڀُٽي بہ ڏاڍو سٺو ڳايو آهي. رولاڪ جي هزارين خواهشن مان هڪ اها بہ خواهش آهي تہ شاهد ڀٽو جهڙن ڀلوڙ ڳائڻن کان وٺي رولاڪ جي بي سرن دوستن تائين هر ڪو ڀٽائيءَ جي اڱڻ ۾ دل کولي ڳائي. آهي ڪو جو رولاڪ جي انهن ننڍڙين ننڍڙين خواهشن جي پورائيءَ لاءِ دعا ڪري. جيڪو ڏئي انجو ڀلو جيڪو نہ ڏئي تنهجو بہ ڀلو!!

هلال پاڪستان

١٩ جولائي ١٩٩٤ع

پوندي جهانءِ جهروڪ ۾

ڪجهه ڏينهن اڳ رولاڪ رات جو لاهور کان راولپنڊي پئي ويو. رات جو سادي ٽين وڳي ايئرڪنڊيشن ڪوچ مينهن ڦڙن ۾ پسندي جي ٽي روڊ لتاڙي رهي هئي جو ڪوچ جي ٽيپ ريڪارڊ مان لتا جو آواز ٻرڻ لڳو. نه ڄاڻ ڪيڏي مهل لتا پنهنجي پرسوز آواز ۾ "توڙ ديادل ميرا توني اري او بيوفا" ڳائڻ شروع ڪيو جو رولاڪ جي هڪ همسفر تقريباً ساڳئي پرسوز آواز ۾ پنجابيءَ ۾ چيو "ماري ڇڏيئي لتا!"

رولاڪ هيڏي هوڏي لوٽو هنيو ته پنجاهه پنجونجاهه سالن جو هڪ همراهه بيچين نظر آيس. پنهنجي سيٽ تان اُٿي ساٿس من اڳڻ تي پيش آيل وارتائن بابت ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته پِريل آواز ۾ رڳو ايترو چيائين ته "ڇڏو يار! مٽي پائو" (ڇڏ يار! ڌوڙ وجهينس).

سنگيت به عجيب شئي آهي. ماڻهوءَ سان اُها ٽي ويدن ڪري جو مرگلا جي جبلن تان ڪرڻ تي به اهڙي پيڙا شايد ئي ٿئي! انهيءَ سنگيت جي جادوءَ جي ڪري راءِ ڏياچ ڪنڌ ڪپايو. رولاڪ جو خيال آهي ته انهيءَ ڪنڌ ڪپائڻ ۾ راءِ ڏياچ جي واعدي جي پڪي هئڻ کان وڌيڪ ڪمال بيجل جي فن جو آهي. موسيقي، جنهن سان هاڻ ته روحاني ۽ جسماني عذابن جا علاج به ٿيڻ شروع ٿيا آهن، جي اِها خوبي رولاڪ جي راءِ ۾ ٻڌندڙ کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ڇڏڻ جي ڪري آهي.

رولاڪ کي فيبروري ١٩٨٩ع جي اها رات ٿي ياد اچي جڏهن لاهور ۾ ٿيل فيض ميلي دوران عابده پروين "گهوم چرخا سائيان دا" ڳائڻ شروع ڪيو ته ميلي ۾ موجود ماڻهو ۽ اوسي پاسي جون بي جان شيون به چرخي وانگر گهمڻ لڳيون هيون. ائين ٿي لڳو ڄڻ "چرخي"

تي ڪنهن جو هٿ ڪتل هجي ۽ ڪوبہ پنهنجي وس ۾ نہ هجي!

ساڳي عابده پروين جڏهن تازو هڪ ٽي وي پروگرام ۾ "الله هو" ڳائڻ شروع ڪيو تہ رولاڪ هڪ اهڙي شخص ڪي، جيڪو برلن پٽ ۽ سوشلسٽ بلاڪ ڊهڻ کان پوءِ بہ پنهنجي سمورن سالم حواسن سان ڪميونسٽ/سوشلسٽ آهي، عابده سان گڏ الله هو چوندي ٻڌو ۽ ڏٺو. ان تي ڪاهي راءِ نٽي تي سگهجي تہ ڪو هو ڪميونسٽ "مشرف بہ اسلام" ٿي تيو پر اهو نعرو هن عابده جي ڳائڻ جي ٽرانس (Trance) ۾ اچي تي هنيو. رولاڪ مٿين طبقي وارن ماڻهن جي ڪجهہ محفلن ۾ اقبال بانوءَ کي فيض جو ڪلام ڳائيندي ٻڌو آهي. هوءَ جڏهن "هم ديکين گي" ڳائيندي آهي تہ ڪنهن فيڪٽريءَ جي مزدور کان وٺي فيڪٽريءَ جي مالڪ/ ڪاموري ۽ ايسيٽائين جو فوجي جنرلن کي بہ رولاڪ مست ٿيندي ڏٺو آهي.هوءَ جڏهن فيض جو شعر" يہ ڌرتي ڌڙ ڌڙکي گي" ڳائيندي آهي تہ رولاڪ سچ پچ ڌرتي ڌڙڪندي محسوس ڪئي آهي.

سنگيت ڇا آهي ۽ اها مومل ڪيئن ٿي ماڻي سگهجي؟ ان جو جواب رولاڪ وٽ تہ ڇا، ڪنهن پلوڙ ڳائڻي وٽ بہ نہ هوندو! استاد امانت علي خان کان هڪ انٽرويو دوران جڏهن اهو پڇيو ويو تہ هو ڳائي ڇو ٿو، استاد پهريائين تہ چيو اهو بہ ڪو سوال آهي؟ پر جڏهن جواب ڏيڻ تي آيو تہ پندرهن ويهن منٽن تائين هبڪندو رهيو ۽ ڪوبہ جواب ڏئي نہ سگهيو. بس رڳو ايترو چيائين تہ "بس يار گاتا هون. يہ ڪافي نهين؟"

سر سنگيت جي دنيا سان واسطو رکندڙ رولاڪ جي هڪ لاهوري دوست ڪيس ٻڌايو تہ پاڪستان جي بهترين رومانوي فلم" دوستي" جي هڪ گاني "يہ واديان، يہ پربتون ڪي شاهزاديان" ريڪارڊ ڪرائڻ لا فلم جو موسيقار ميڊم نور جهان کان ڪو چوڏهن ڪلاڪ ري ٽيڪ ڪرائيندو رهيو. اوڏي مهل تہ رولاڪ کي اها ڳالهہ

وڏاءُ لڳي پر جڏهن ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اهو گيت وري ٻڌائين ته ڳالهه واقعي سچ لڳي. گيت دوران جڏهن نورجهان يه واديان تي چوي ته انجي صوتي اثرن مان سچ پچ وادين / ماترين جو تصور ٿو اڀري .

ڳالهه تان ڳالهه ياد آئي ته جڏهن فلمساز ڪي آصف جڳ مشهور فلم"مغل اعظم" ناهي رهيو هو ته ان ۾ استاد بڙي غلام علي خان ڪان ڏيڍ منٽ جو ڪوبه راڳ تي ڳارائڻ چاهيائين، جڏهن سندس ڪمپنيءَ جو هڪ سرڪردو شخص ڪشالا ڪدي بمبئي ڪان قصور پهتو ته استاد بمبئي وڃڻ ڪان نابري واري قصور ۾ ئي ريڪارڊنگ ڪرڻ تي زور ڀريو. انتي ان فلم جو هيرو ننڍي ڪنڌ جو مشهور ترين اداڪار دليپ ڪمار استاد بڙي غلام عليءَ وٽ ڪهي آيو ۽ چيائينس ته "آءٌ دليپ ڪمار آهيان. مغل اعظم جو هيرو."

راوين موجب استاد بڙي غلام علي خان ڪيس وراڻيو ته "آءٌ غلام علي آهيان، جنهن بنا شايد اها فلم اڌوري رهجي وڃي!"

نيٺ "مغل اعظم" جو سچو سارو يونٽ ٽپڙ ٽاڙي ميڙي قصور پهتو ۽ ڏيڍ منٽ جو ڳائڻ ريڪارڊ ڪرڻ لاءِ مهينو کن قصور ۾ ترسيو!

اهو ساڳيو استاد بڙي غلام علي خان جڏهن ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙجي پاڪستان ڪان ڀارت هليو ويو ته ان زماني جي حساس ڀارتي وزير اعظم نهروءَ استاد جا پير ڇهي سندس آدرياءُ ڪيو!

بس سائين هڪڙو سربراه هڪ راڳيءَ جا پير ٿو ڇهي ته ٻيو هڪ ٻي راڳيءَ (خانم گوگوش) کي گولين سان پرڻ ٿو ڪري.

اِمِ جيڪڏهن رولاڪ جو وس پڇي ته هن دنيا جو انتظام ڪلثوم، خانم گوگوش، عابده پروين، لتا، جگجيت ۽ ان قبيلي جي فردن کي سونپي ڇڏي. پوءِ ڏسون ته ڪير ٿو بوسنيا جي مسلمان وينگس ۽ عيسائي ڇيروءَ جي پيار ۾ گولين جو ٻج ڇٽي!

هلال پاڪستان
١٣ آگسٽ ١٩٩٤

قصو پشاوري ريل ۾ مسافريءَ جو

رولاڪ جي پراڻي خواهش هئي ته پاڪستان جي پهرين اترندي ريلوي اسٽيشن (پشاور) تائين ڪو سفر ڪري. ماضيءَ ۾ ٽي چار ڀيرا پشاور اچڻ جي باوجود به اها خواهش پوري ٿي نه سگهي هئي. سو ڪجهه ڏينهن اڳ پشاور وڃڻ تي ٽي چار ڪلاڪ گرميءَ ۾ ريلوي پليٽ فارم تي انتظار ڪرڻ سهي به هن ريل ذريعي پشاور کان راولپنڊيءَ جو سفر ڪيو.

رولاڪ وٽ هڪ "نيم ٽوئرسٽ" بئگ آهي، سو جڏهن اهو بئگ ريل ۾ رکيائين ته انجا عجيب وغريب ڪشا ڏسي هڪ سي آءِ ڊي وارو ڦري آيو. چئي بئگ جي جهڙتي ٿيندي. رولاڪ سمجهيو ته اها معمول جي ڪاروائي آهي سو بئگ کولي ڏيکاريائين جنهن ۾ ٻه جوڙا ڪپڙن جا، هڪ جوتو ۽ ڪجهه ڪتاب هئا. بهر حال همراهه هليو ويو.

وري پشاور شهر جي ٺي هڪ ٻي اسٽيشن تي اڪوٽي همراهه جي ٺي ڪنهن سوُٽ ماسات ساڳئي قسم جي "فرمائش" ڪئي. اوڏيءَ مهل رولاڪ محسوس ڪيو ته سچو ڏوهه انهيءَ نيم ٽوئرسٽ بئگ ۽ رولاڪ جي پاتل جين جي پينٽ جو هو. جو ان ڪمپارٽمنٽ ۾ رولاڪ سميت جيڪي به مسافر پئنٽ پاتل هئا تن جي جهڙتي ٿي ۽ شلوار قميص وارن کي نظر انداز ڪيو ويو. هئي ته عجيب ڳالهه! نه ته سنڌ ۽ پنجاب ۾ جيڪي ماڻهو حلئي مان (شلوار بدران پئنٽ پاتل ۽ هٿ ۾ انگريزي اخبار يا ڪو اردو انگريزي ڪتاب جهليل) پڙهيل لکيل لڳندا آهن ته ڪو پوليس وارو ساڻن هرو ڀرو ڪيچل نه ڪندو آهي. پشاور جي پوليس وارن جي اِها حرڪت رولاڪ کي ذاتي طرح ڪا پسند ته نه آئي پر الائي ڇو اهو احساس ضرور ٿيو ته ديسي انگريزن کي به ڪو اک ڏيکارڻ وارو آهي ضرور!

بهرحال پشاور ڪينٽ کان راولپنڊي هلندڙ اها ريل پنهنجي لوڏ ۽ چال ۾ ڪنهن وقت حيدرآباد کان بدين هلندڙ

"لنڊو ايڪسپريس" وانگر هئي. رولاڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ ريل جا پهريان سفر انهيءَ لنڊو ايڪسپريس ۾ ئي ڪيا آهن ۽ شايد رولاڪ جي رولاڪ پڻي ۾ وڏو حصو انهيءَ ريل جو ئي آهي سو ڳالهه پئي ڪئي سين پشاور کان پنڊي ريل وسيلي سفر جي ۽ وچي پهتاسين جهٽ پٽ بديٽائيءَ جي ديس واري لنڊو ايڪسپريس تائين. بهر حال به پيرا جهڙتيءَ ڪانسواءِ سفر جي ڇا ڳالهه ڪجي. سنڌ وانگر اتر اولهه سرحدي صوبي جي ريلوي اسٽيشنن جا نالا انگريزي ۽ اردو سان گڏو گڏ پشتو ۾ به لکيل آهن. پشتو ۾ لکيل نالن مان اها خبر ضرور پئجي ٿي وڃي ته توهان هينئر ڪهڙي صوبي ۾ سفر ڪري رهيا آهيو.

ميداني علائقن سان تعلق رکندڙ رولاڪ ريل جي دريءَ مان وڏا شاهي جبل ڏسي رهيو هو، جو اڪ چنب ۾ اونداهي ٿي وئي. اهڙي اوندهه جو تجربو ١٩٧١ع واري جنگ ۾ ٿيل بليڪ آئوٽ کان پوءِ پهريون پيرو ٿيڻ ٿي رولاڪ هيڪر ته گهٻرائجي ويو پر هڪدم اونداهي ختم ٿيڻ تي احساس ٿيو ته اٽڪ ۽ نوشهري جي جبلن جا لڪ شروع ٿي ويا آهن. بولان لڪ جي ابتڙ هتي اٺ ڏهه لڪ آهن ۽ انهن مان لنگهندي ريل جو ته چڻ آواز ئي ڦريو وڃي.

رگ ويد ۾ آيل آهي ته "اوما، اسانکي اونداهيءَ کان بچاءِ، جو اها ڏائڻ آهي، موت جي سکي آهي" پر رولاڪ اونداهيءَ بابت هڪ وٽندڙ ڳالهه رگ ويد يا گيتا ۾ پڙهي هئي ته ڪرشن جڏهن پنهنجي ماءُ کان مکڻ گهريو ته سندس ماءُ ٻين سمورين مائرن کان وانگر پٽ جي انگل مان جان ڇڏائڻ لاءِ رات جو مکڻ ڏيڻ جو آسرو ڏنو. ان تي ڪرشن پڇيو، "رات ڇا ٿيندي آهي" ته ماٽس وراڻيو "جڏهن اوندهه ٿي ويندي آهي." ڪرشن به شايد دنيا جي سمورن ٻارن وانگر ئي تيز ۽ شرارتي هو جو هڪدم اکيون پوري چوڻ لڳو "هاڻ ته مکڻ ڏي. اوندهه ٿي وئي!"

ڳالهه تان ڳالهه ياد آئي ته شايد دنيا جون سموريون مائرون گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي اولاد لاءِ هڪجهڙيون آهن. اهو هيئن جو رولاڪ پنهنجي ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل مائٽن ۽ دوستن سميت ڳوٺاڻي (عرف عام ۾ جاهل) عورتن کي پنهنجا ٻار ڊيڄيءَ تي (چيلهه تي ٻار جي هڪ تنگ

اڳيان ئي تنگ پويان) چاڙهي هلڻ تي ڪلندو رهيو آهي پر هڪ "ڳوناٽي جاهل" مائٽياڻي اوڏي مهل سيني کي لاجواب ڪري ڇڏيو. جڏهن هن بينظير ڀٽو جي سندس اڳوڻي حڪومت دوران آمريڪي ياترا مهل پنهنجي پٽ بلاول کي ساڳي طرح ڳڍي تي چاڙهي جهاز مان لهڻ واري تصوير ڏيکاري هئي! لڳو ٿي چڻ ته اها مائي ڪنهن ملڪ جي وزير اعظم نه پر حيدرآباد واري ٽنڊي ولي محمد ۾ ڏيءَ کي ڳڍيءَ تي چاڙهي سنگ ڪائيندڙ ڪا "خير النساءِ جعفري" هجي!

ڳالهه مان ڳالهه ته پئي نڪرندي. پاڻ هلي ٿا وري ريل جو سفر ڪريون. رولاڪ کي پاڻيءَ ڪان هوندن ئي پيو ڏپ ٿيندو آهي پر جڏهن اها ريل اٽڪ واري سنڌو درياءَ جي پل تان لنگهي ٿي ته چڱو خاصو سورمو به ڏڪيو وڃي. پر وڃي به ڪيڏانهن؟ ٻنهي پاسي سوين فٽ هيٺ پنهنجي پوريءَ قوت سان وهندڙ درياهه. اهي جڳر هئا بدر ابڙي جا، جنهن پيڙيءَ رستي سنڌو درياءَ جو سفر ڪيو. اسان وارو يار بدر ابڙو به شڪل ۾ حلئي مان ته صبح شام ڪنهن درگاهه جو در پيئي ساهه ڪڻڻ جي اجازت وٺندڙ ٿو لڳي پر اندر ۾ ڪو وڏو ايڊونچرسٽ آهي. ڪڏهن ضيا مارشل لا ۾ ڪميونسٽن سان گڏ جيل وڃڻ جو ايڊونچر ٿو ڪري ته ڪڏهن پيڙيءَ وسيلي سنڌو سان مهاڏو ٿو اٽڪائيءَ ته ڪڏهن وري سنڌي رسالو ڪيڻ جو ايڊونچر ٿو ڪري!

سو ڳالهه پئي ڪئي سين پشاور ڪان راولپنڊي ريل جي سفر جي. هيءَ ريل جو سفر به مستنصر حسين تارڙ جي ان ڪالم وانگر ٿي پيو آهي جنهن ۾ هن لکيو هو ته اسڪول جي ڏينهن ۾ سندس هڪ ڪلاس فيلو کي رڳو هڪ مضمون "منهنجو بهترين دوست" ياد هو. سو ڪنهن به موضوع تي مضمون لکڻ لاءِ چيو وڃي، هو بس انهيءَ موضوع تي ئي لکي وڃي دنگ ڪندو هو. ماستر به اچي منجهانس تنگ ٿيا. سو چيائونس "قرآن شريف تي مضمون لک" هن لکيو "قرآن شريف آخري آسماني ڪتاب آهي جيڪو اسانجي رسول تي نازل ٿيو. منهنجو بهترين دوست غلام رسول قرآن شريف کي حفظ ڪري رهيو آهي. غلام رسول جو والد سرڪاري ملازم آهي. سندس ٻه ڀائر ۽ ٻه ڀينرون آهن. غلام رسول........ غلام رسول .... غلام رسول........!"

نيٺ هڪ ڏينهن ماستر ڪيس ٺاهوڪي مار ڪيڻ ڪان پوءِ

هوائي سفر تي مضمون لکڻ لاءِ چيو ۽ چيائين ته "هاڻ ڏسان ڪيئن ٿو غلام رسول جو ذڪر ڪرين!"

پر اسان وارو يار به شايد رولاڪ جو ڪو سؤٽ ماسات هو. سو مضمون شروع ڪيائين ته "گذريل هفتي آءٌ پنهنجي والد ۽ والده سان گڏ جهاز وسيلي لاهور کان ڪراچي پئي ويس. سامان سڀ چيڪ ڪرائي اچي سيٽن تي ويٺاسين. جهاز آهستي آهستي ڊوڙي مٿي اڏاڻو. هيٺ گهر، رستا ۽ ميدان پئي نظر آيا. هڪ رستي تان منهنجو بهترين دوست غلام رسول پئي لنگهيو. غلام رسول جو والد سرڪاري ملازم آهي. سندس ٻه ڀائر ۽ ٻه ڀينرون آهن. غلام رسول.... غلام رسول........ غلام رسول........!"

سو رولاڪ به پڇر چڏي ته سفر ختم ٿئي، پشاور کان راولپنڊي تائين ريل واري سفر ۾ جبلن، دريائن ۽ لکن ڪانسواءِ ٻن ڳالهين رولاڪ جو خاص طور تي ڌيان ڇڪرايو. هڪ ته سنڌ جي ابتڙ هتان جون مسافر عورتون ڇڳيون خاصيون سرگرم نظر ٿيون اچن. اسانوٽ سنڌ ۾ عورتون هونئن ئي گگدام. سفر ۾ ته صفا برسات ۾ پسيل ڪکڙ ٿيو وڃن. ٻي ڳالهه اها ته تازين برساتن جي نتيجي ۾ جبلن ۽ ميدانن تي ايترو ته گاهه ڦٽي آيل هو جو مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون ۽ اٺ ڪائي ڪائي متارا ٿي پيا هئا.

ها، هڪڙي ٻي ڳالهه ياد آئي ته انهي سفر دوران هڪ هنڌ ريل زوردار بريڪ هڻي بيهي رهي. خبر پئي ته ڪنهن خانه بدوش پٺاڻ ڪٽنب جو اٺ پٽڙيءَ تي ايري آيل گاهه چرڻ ۾ ايترو ته مست هو جو ڪيس ريل جو آواز به ڇرڪائي هٽائي نه سگهيو. ريل بيٺي ته پٺاڻ به پنهنجو اٺ اچي لٺ سان هڪليو. اسان واري بوگي ۾ سفر ڪندڙ ڪي يورپي ٽوئرسٽ ته انهيءَ ڏيک جون تصويرون ڇڪڻ لڳا ۽ رولاڪ ڪراچي ريڊيو جي ادبي پروگرام "رسالي" ۾ فقير لاشاري جي پڙهيل ڪالم "هڪ گڏهه جي واردات" ياد ڪري مرڪڻ / ڏڪوئجڻ لڳو. لاشاري وارو اهو گڏهه به وچ بندر روڊ جي هڪ چونڪ تي سعادت حسن منٽو جي "ٽوبه ٽيڪ سنگهه" جي هيرو وانگر پير کوڙي بيهي رهيو ته اتان هٽڻ جو نالو ئي نه ورتائين ۽ لکين رپين جي گاڏين وارا ڏڪيا سڪيا ٿي ڪنڊن پاسن تان لنگهڻ لڳا!

هلال پاڪستان
۲۰ آگسٽ ۱۹۹۴

حيدرآباد جا خالي رستا ۽ "ڪپيچُو ڪنوينشن"

ڪيترن ئي سالن ڪانپوءِ تازو رولاڪ کي حيدرآباد جي رستن تي سڄي رات آواره گردي ڪرڻ جو اتفاق ٿيو. ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جي شروعاتي سالن وارين راتين جي رولاڪ کي هن ڀيري شهر بلڪل مختلف لڳو. ڪٿي ڊسمبر جي آخري ڏينهن ۾ به شهر جي رستن تي لامارا هٽندڙ نوجوانن ۽ اڌوڙٽ چمار وارن جا ٽولا ۽ ڪٿي وري گرم راتين ۾ به خالي ۽ ويران رستا- جن به ماڻهن اسيءَ واري ڏهاڪي جي اڌ تائين راتين جو حيدرآباد ڏٺو هوندو اهي به رولاڪ وانگر يقينا ناسٽلجيا جا شڪار ٿي ڏکوئبا هوندا.

رولاڪ ستر واري ڏهاڪي جي پوئين اڌ کان اسيءَ واري ڏهاڪي جي اڌ تائين حيدرآباد ۾ راتين جي رولاڪ پٽي جو مزو ماڻيو آهي. عجيب ڏينهن هئا اهي به. رات جو ائين نوين وڳي ماڻهو گهرن کان نڪرڻ جو شروع ٿيندا هئا تہ اسر جو ٽين چئين وڳي کان اڳ گهر جو رخ ڪرڻ ڄڻ حيدرآباد جي ضابطي اخلاق ۾ منع هو. دير سان گهر اچڻ تي هر رات مائرن/ زالن جا دڙڪا کائي به. حرام آهي جو ٻيءَ رات ساڳي معمول ۾ ڪو ڦيرو اچي.

رولاڪ بہ پنهنجي گهٽي ياڳي آواره گردي تن ڏينهن جي ڀلوڙ شاعر ۽ هاٺوڪي اوتري ئي ڀلوڙ صحافيءَ سان گڏ ڪئي آهي. رات جو ساڍي ٻارنهين/ٻارهين وڳي تائين گل سينٽر جي ڪنهن هوٽل تي هڪڙي اسپيشل چانهہ مان بہ ڪپ ٺاهي هتان هتان جا قصا ڪرڻ کان پوءِ اتي اچي جتوئي چونڪ وسائڻ معمول هو. تن ڏينهن ۾ نہ هوٽل تي ويهندي ڪو دٻ ٿيندو هو ۽ نہ وري جتوئي چونڪ تي ويٺل ڏسي پوليس اچي ٻڌندي هئي.

جتوئي چونڪ کان پوءِ رخ ڪبو هو ڪيفي فردوس جو. گل سينٽر واريون هوٽلون نوجوان سنڌي دانشورن سان ڀريل هونديون

هيون ته ڪيفي فردوس وري گهٽي پاڳي اردو ڳالهائيندڙ دانشورن سان، پر اها ورهاست هرو ڀرو لساني بنيادن تي نه هئي. حيدرآباد ۾ ته اهو سلسلو ١٩٨٧ع ۽ ١٩٨٨ع کان شروع ٿيو پر اها ورهاست حيدرآباد ۾ اڃا تائين مڪمل طور تي ٿي نه سگهي آهي.

ڪلاڪ به ڪيفي فردوس تي پرائي پنهنجي شاعري/ ڪهاڻين تي بي لاڳ تبصرا ڪرڻ کان پوءِ راتين جي رولاڪن جو رخ ٿيندو هو مارڪيٽ ٽاور جي پر واري ڪدڙا گليءَ جي هوٽلن ڏانهن. انهن هوٽلن تي وري شهر ۽ ڀر پاسي جا عام ماڻهو ويهي وقت گذاريندا هئا. اُتي چرس جا موالي، اڌ رات تائين نوڪري ڪندڙ يا غير دانشور رولاڪ پنهنجي دنيا وسائيندا هئا.

محرم جا ڏهه ڏينهن هونئن ته امامن جي ماتم لاءِ ٿي آهن پر اسي واري ڏهاڪي جي آخري سالن تائين حيدرآباد انهن ڏهن ڏينهن کي عجيب انداز ۾ ملهائيندو هو. ڇا شيعو، ڇا سني، ڇا آغا خاني، ڇا هندو، هر ڪو ڪارا ڪپڙا پايو راتين جو ذوالجناح جي جلوسن ۾ يا پنهنجي سر ٽولو ٺاهيو رستا لتاڙيندو هو.

يار! ڪهڙيون ٿا ڳالهيون پڇو حيدرآباد جي انهن ڏينهن جون! الائي ڪنهن جي نظر لڳي وئي شهر کي. نظر به اهڙي جو تازو ڪيل رولاڪ جي آواره گرديءَ ۾ ڪيس سڄي رات ۾ رڳو چار پنج ماڻهو ٽڪرايا. اهي به پرسان لنگهندي رولاڪ جيان ٿي پٽي ڇرڪيا. ان رات ائين ٿي لڳو ته ڄڻ رولاڪ جي "ترقي پسند ۽ جدلياتيماديت جي پيروڪار دوستن" کي غير سائنسي لڳندڙ راڪاس واري ڪا آڪاٽي حقيقت جو روپ ڌاري شهر مٿان اچي ڪڙڪي هجي.

هونئن به ائين ٿو لڳي ته سنڌ مان راتين جي رلڻ وارو ڪلچر ٿي ختم ٿي ويو آهي، نه ته ڪراچيءَ ۾ به برنس روڊ، رنڇوڙ لائين، لسبيلي ۽ کارادر جون هوٽلون ۽ دڪان سڄي رات کليل هوندا هئا. هاڻ ته رڳو کاري در ۽ لسبيلي تي ٿي ڪجهه هوٽلون کليل هونديون آهن ۽

جيڪڏهن رولاڪ جهڙي ڪنهن جانور وٽ رات جو سگريٽ ڪٽي وڃن ته پوءِ ايئن وڃي ٻاٽون ڏئي جيئن جنرل ضيا واري مارشل لا ۾ رمضان جي مهيني ۾ ڏينهن جو سگريٽ جا موالي توائي تي ڦرندا هئا.

راتين جي رولاڪن لاءِ اسلام آباد ۾ هڪ لفظ مشهور آهي "ڪَپيچو". اصل ۾ پنجابي ٻوليءَ ۾ ڪپيچو ان ڪتي کي چئبو آهي جيڪو سڄي رات گذاري به ڪا جوڙيوال هٿ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ ڪان پوءِ مايوسي واري حالت ۾ پيچ لوڏيندو رات جي پوئين پهر رستن تي اڪيلو ڀٽڪندو هر پٿر ۽ تاري تي ڀونڪي.

اسلام آباد ۾ رولاڪ جي ڪجهه ڪپيچو دوستن وٽ تجويز آهي ته ڪو آل پاڪستان ڪپيچو ڪنوينشن گهرايو وڃي ۽ ان ۾ ڏيهي رولاڪن کي "مندوب" طور ۽ برادري جي پرڏيهي شهريت رکندڙن کي "مبصر" طور گهرائجي ڇاڪاڻ جو تازو جرمني ۽ سوئزرلينڊ مان ٿي آيل هڪ ڪپيچو حسن مجتبيٰ جو چوڻ آهي ته رولاڪ جي برادري اتي به موجود آهي.

بس يار، رولاڪ جي اها ئي دعا آهي ته لاهور، اسلام آباد، جرمني، سوئزرلينڊ جيان انيڪ شهرن/ملڪن ۾ موجود راتين واري رونق جي صدقي شل ڪراچي ۽ حيدرآباد جون رونقون به موٽي اچن ۽ رولاڪ هڪ ڀيرو ٻيهر رات جو دير تائين رستن ۽ هوٽلن تي هڪ جيڏن سان جهيڙا به ڪري ته دوستيون به!

هلال پاڪستان
۹ سيپٽمبر ۱۹۹۴

"بانو تيري بندي"ـ جدوجهد لا حاصل

رولاڪ جي دوست حسن مجتبيٰ تازو پنهنجي هڪ ڪالم ۾ پوٺوهاري لوڪ گيت جو هڪ مصرعو لکيو آهي ته:
"چوري مرڪئي ڪمايان ڪرڪي، بانو تيري بندي نان بٽي."
حياتي جي انت تائين ڪمائي ڪرڻ تي به بانوءَ جا بُندا نه ٺهي سگهڻ واري ڳالهه رولاڪ لاءِ هڪ نئين پيڙا جو روپ ڌاري آئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته مستقبل جي بهتر هئڻ تي يقين رکندڙن کي اها ڳالهه پسند نه اچي پر رولاڪ کي اهو مصرعو پڙهندي قرة العين حيدر جي ناول آگ ڪادريا جو اهو منظر به ياد آيو جڏهن پنهنجي دور جو ڏاهو وديار تي ۽ جنگ جي نتيجي ۾ مصوري ڪندڙ آگريون ڪپرايل نرتڪ ۽ ڪلاڪار گوتم نيلمبر دريا جي ڀئي ڪناري تي پاڻ جهڙي ئي ذهين هري شنڪر کي ڏسندي "پائو هري شنڪر! ترس اچان ٿو" چئي تري پار ڪرڻ لاءِ دريا ۾ ٽپو ڏنو ته وچ سير ۾ پاڻي جو تيز ريلو ڪيس ٻوڙڻ لڳو ۽ هن دريا ۾ اڀريل هڪ ٽڪري ۾ هٿ وڌا ته آگريون نه هئڻ ڪري ٽڪريءَ کي جهلي نه سگهيو ۽ دريا جو هميشه قاتل بڻجندڙ پاڻي گوتم جهڙي ڪلاڪار کي ائين ڳهي ويو ڄڻ هو ڪو ڪک ڪن هجي. رولاڪ، پوٺو هاري لوڪ گيت جي تخليقڪار ۽ "عيني" واري پيڙا ۾ ارنيسٽ هيمنگوي به پنهنجي ناول "پوڙهو ۽ سمنڊ" وسيلي ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو، جنهن ۾ به پوڙهو ڪيترن ئي ڏينهن تائين خراب موسم هئڻ ڪري سمنڊ ۾ ٻيڙي لاهڻ ۾ ناڪام ٿيڻ ۽ ٽي ڏينهن ٽي راتيون ساموندي طوفان سان منهن ڏيڻ کانپوءِ جڏهن ڪناري تي پهتو ته سندس شڪار ڪيل وڏي شاهي مڇي نندڙيون مڇيون کائي چڪيو هيون ۽ هيمنگوي واري پوڙهي مهاڻي جي نصيب ۾ رڳو ڪنڊائون ڀرو باقي بچيو هو.
سڀ ڪجهه وڃائڻ کانپوءِ به ڪجهه نه حاصل ڪرڻ وارو ڏک رولاڪ تازو پاڪستاني سينيمائن ۾ لڳل هڪ انگريزي فلم Indecent Proposal جي هڪ سين ۾ به محسوس ڪيو. جڏهن ان فلم جو آرٽسٽ هيرو پنهنجي آئيڊيل گهر کي نيلام ٿيڻ کان بچائڻ ۽ انکي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پرين - زال کي هڪ ارب پتيءَ سان

هڪ رات سمهڻ جي اجازت وڏي ذهني عذاب ۽ زال جي انهيءَ دليل کان پوءِ ٿو ڏئي تہ هو مون سان رڳو Sex ڪندو پر منهنجي پريت ۽ دل هن لاءِ نہ پر تولاءِ ئي آهن پر جڏهن هو هڪ رات لاءِ بنان دل ۽ پيار جي جسم جو معاوضو ڪٽي واسطيدار ڪمپني ۾ ٿا پهچن تہ خبر ٿي پوين تہ ڪين دير ٿي چڪي آهي ۽ هاڻ هو پنهنجي سپنن ۽ خوابن جي آڌار تي جوڙايل گهر جا مالڪ ناهن رهيا ۽ سڀ کان وڏو ڏک اهو تہ انهيءَ گهر جو خريدار ڪو ٻيو نہ پر اُهو ساڳيو ارب پتي آهي!

پنهنجي آئيڊيل کي ماڻڻ لاءِ انسان مرڻ گهڙيءَ تائين ڪمائي ڪرڻ ۽ پرين - مڙس بدران ڪنهن ٻئي سان سمهڻ واري پيڙا تہ قبول ڪري سگهي ٿو پر ايڏي وڏي پيتا کان پوءِ هڙ حاصل هندو مذهب موجب راجيو گانڌيءَ جهڙي ديو مڙس جو بہ ڪرياڪرم ڪانپوءِ مٽيءَ لپ ۽ هڏين جو چورو هجي تہ پوءِ واقعي ڪنهن ماڻهو جو حواسن سميت جيئرو رهڻ ناممڪن آهي. رولاڪ کي هڪ دوست ٻڌايو هو تہ پاڪستان جي مهان سنگيتڪار خواجا خورشيد انور کان سنگيت جي هڪ ڄاڻو هڪ ڀيري پڇيو تہ سندس طربيہ سنگيت ۾ بہ هڪ آهہ آهي ائين ڇو؟ تہ خواجا خورشيد انور وراڻيو هو تہ زندگيءَ جي هڪ مرحلي تي سندس من کي رهڙ آئي هئي. اُها هيءَ تہ هو ڀڳت سنگهہ وارن جي دهشتگرد پارٽي ۾ ڪم ڪندي گرفتار ٿيو تہ تشدد ٿيڻ تي سرڪاري گواہ ٿيو هو. من تي ڇانيل اهو ڏک ڪانئس طربيہ موسيقيءَ ۾ بہ آهہ ٿو ڀرائي. فن جي ايڏي معراج تي پهچڻ ۽ تقريبا سموريون دنياوي خوشيون حاصل هوندي بہ جيڪڏهن خواجا خورشيد انور کي جوانيءَ جو هڪ گهاءُ ڏڪوئي سگهي ٿو تہ پوءِ حساس من رکندڙ شير محمد مري پنهنجي هيڏي ساري جوڙيل جدوجهد کي "شيواز ريگل" (Chevas Regal) جي بوتل، آمريڪي اسڪالرشپ ۽ پاڪستاني ايئر فورس جي جنگي جهاز وسيلي ڪابل کان اسلام آباد اچڻ ۾ تبديل ٿيندو ڏسي ڪيئن ٿو جيئرو رهي سگهي؟

الائي ڇو "چوري مرگئي ڪمايان ڪرڪي، بانو تيري بندي نا بٽي،" وارا لفظ رولاڪ جي ذهن ۾ اٽڪي پيا آهن ۽ نہ ڄاڻ آهي ڪيستائين ذهن ۾ موجود رهن، شايد جيستائين رولاڪ کي ڪا خبر پوي تہ بانو جا بندا هاڻ بہ ٿيهي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ جو بانو جي بندن جو رولاڪ جي زندگيءَ سان هڪ گهرو تعلق آهي.

هلال پاڪستان

مرڪن جا لاهوري سوداگر

فلسطيني شاعر توفيق زياد پنهنجي هڪ نظم ۾ چيو آهـي تـہ " پنهنجي اڌ حياتي انکي اريپندس جيڪو ڪنهن رونڊز ٻار جي مڪ تي مرڪ آڻي" - گذريل مهيني ياسر عرفات جو آزاد فلسطيني رياست ۾ پهريون ڀيرو پهچڻ تي آڌر ڀاءُ ڪري پنهنجي شهر موٽڻ مهل روڊ حادثي ۾ مارجي ويل نابلس جي ميئر توفيق زياد کي تہ رونڊز ٻار جي مک تي ڪو مرڪ آڻيندڙ الائي مليو يا نہ پر رولاڪ کي اهو ڪارنامو ڪندڙن سان ملڻ جو اتفاق ٿيو آهي.

لاهور ۾ رهڻ دوران رولاڪ جي سنگت "فرنٽيئر پوسٽ" اخبار جي ڪارٽونسٽن اسد ۽ خالد سان ٿي. هي ٻئي يار جيترا ڀلا ڪارٽون ٺا ٺاهين اوتري ئي مهارت سان پتليون نچائيندا آهن. رولاڪ پتلين جا بہ شو ڏٺا ۽ ان ۾ ٻارن ۽ وڏن کي Involve ٿيندي بہ ڏٺائين. سندن شو ۾ ڪي ٽي چار پتليون هونديون آهن ۽ پس منظر ۾ ٽيپ ريڪارڊ تي ريڪارڊ ٿيل ٻارن جي ڪنهن ڪهاڻيءَ تي هو پتليون نچائيندا آهن.

چئن پنجن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو اهو گروپ ١٩٨٧ کان هر هفتي الحمرا ڪامپليڪس ۾ شو ڪندو اچي. ان گروپ جي هڪ دوست جي بقول هاڻ اهو شو سندن زندگيءَ جو اڻ ٽٽ حصو بڻجي ويو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شو ۾ وڃڻ جو موڊ نہ ٿيندو اٿن تہ هڪدم ڪنهن ٻار جو چهرو سندن اکيان اچي ويندو آهي ۽ هو هر صورت ۾ شو ڪرڻ لاءِ هال ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪن دوستن جي بقول رولاڪ Nostalgia جو شڪار رهندو آهي. واقعي، گهٽ ۾ گهٽ پهريون ڀيرو لاهور ۾ پتلين جو تماشو ڏسڻ مهل رولاڪ کي ننڍپڻ ۾ ڏٺل ڪٺ پتلين جا اُهي تماشا ياد آيا جن ۾ ڪٺ اپاري، ان جي پويان بازيگر

ويهي ڏور هلائي پتليون نچائيندو هو.

هڪ ڀيري شو هلندي رولاڪ سوچيندو رهيو تہ ڇا اهي پتليون اسين پاڻ آهيون جن جي ڏور ڪنهن ٻئي جي هٿ وس آهي ۽ سندس ئي مرضيءَ موجب اسين هلون چرون ٿا ۽ جڏهن هو چاهي اسانجي حرڪت بند ڪري ڇڏي؟ هي ڪالم پڙهندڙ ساڍن ٽن همراهن راجڪپور جي مشهور فلم ميرا نام جوڪر ڏٺي هوندي يا ان بابت ٻڌو ضرور هوندو. ان فلم جو هيرو (راجڪپور) پنهنجي اسڪول جي زماني ۾ پنهنجي ماستريائي تي عاشق ٿي پوندو آهي ۽ پنهنجي سڀ کان وڌيڪ پياري شئي" جوڪر"ٿو تحفي ۾ ڏي جيڪو ڪيس سندس پيءُ مرڻ مهل اهو چئي ڏنو هو "هي سنڀالي رک. هن وانگر دنيا کي کلائي پر پنهنجو ڏک ظاهر نہ ڪر." راجڪپور جهڙي ڏاهي ۽ ذهين ڊائريڪٽر/ اداڪار پنهنجي سموري فلمي ڪيريئر ۾ چڻ تہ توفيق زياد جي سٽ پورو ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي.

پنهنجي ماستريائيءَ تي عاشق ٿيڻ واري ڳالهہ تي رولاڪ کي مئڪسم گورڪي يا چيخوف جي اها ڪهاڻي ياد ٿي اچي جنهن ۾ بہ هڪ شاگرد پنهنجي ماستريائي تي عاشق ٿيو هو پر اهو يوربي عاشق اسانجي نندي ڪنڌ واري عاشق (راجڪپور) کان وڌيڪ ڪئور هو. ڪهاڻي جو شاگرد ڪردار اهو سوچيندو رهيو تہ ماستريائي تہ ڪائنس عمر ۾ وڏي آهي تنهن ڪري هو ان سان شادي نہ ڪري سگهندو. شاگرد جي جوان ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن اها ماستريائي گذاري وئي. ان تي سندس اڪوٺو شاگرد اهو سوچي مطمئن ٿي ويو تہ هاڻ هڪ ڏينهن هو پنهنجي ماستريائيءَ کان وڏو ٿي سگهندو!

نندي ڪنڌ جا رنگ ئي پنهنجا آهن. هتي پتليون آهن، ناٽڪ آهن، نرت آهن، ديويون ۽ ديوتا آهن.

اسد ۽ خالد وارن جي پتلي تماشي جي ڳالهہ تہ پيا ڪنداسين پر رولاڪ کي يورپ ۾ نپجي وڏي ٿيل اُها مائٽياڻي/ دوست ياد ٿي اچي

جنهن هتي اچڻ ڪانپوءِ هتان جو مشاهدو ڪندي چيو هو تہ "عجيب بئڪ ورڊ خطو آهي. جتي محبوب ڪي اوستائين جيئرو رهڻ جي دعا تي ڪئي وڃي جيستائين گنگا ماءُ ۾ پاڻي وهندو رهي يا پٽن ۾ پائرن ڪي مائرون ۾ پينرون تہ ڇا پر پينو فقير بہ ستن پٽن جي دعا ٿا ڪن."

جڏهن اها مائي واپس "پنهنجي" ديس تي موٽي تہ هتان جي "بئنڪ ورڊ خطي جي بئڪ ورڊ ماين" سان پاڪر پائي اوڇنگارون ڏيڻ لڳي. رولاڪ جي ڪيس اهو ياد ڏيارڻ تي تہ هوءَ "ايڊوانس علائقي" سان تعلق رکندڙ آهي، پوءِ ڇو تي روئي. هن رڳو هڪ جملو چيو تہ الائي ڪهڙي ڪشش آهي جيڪا هتان وڃڻ نہ ٿي ڏي ۽ موڪلائڻ تي احتجاج تي ڪري ۽ هي ڳوڙها ان احتجاج جو اظهار آهن.

رولاڪ جي خيال موجب ننڍي ڪنڊ جي هر ڪهڙي، هر ڪام ۾ هڪ پراسراريت آهي جيڪا توهان کي پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي ٿي. رولاڪ جي پتلي باز دوست اسد ڪيس هڪ پيرو ٻڌايو هو تہ لاهور ۾ هڪ شخص رهندو هو جيڪو پنهنجي ٻالڪپڻ وارن ڏينهن ۾ ڪنهن نيٺ اڙدو ڳالهائيندڙ علائقي ڪان اتي پهتو هو. اهو همراه پوڙهائپ وارن ڏينهن ۾ سخت بيمار ٿي پيو تہ پنهنجي هڪ دوست ڪان اهو چئي گاڏي گهرايائين تہ هو مرڻ ڪان اڳ لاهور کي ڏسڻ ٿو چاهي. سندس گاڏي هلائيندڙ جو چوڻ آهي تہ ان ڏينهن هن لاهور جي هڪ هڪ گهٽي، روڊ ۽ علائقي کي ٻہ ٻہ ٽي ٽي ڀيرا ڏٺو هوندو ۽ جتي ڪٿي گاڏي بيهاري ڪنهن جاءِ، پارڪ يا روڊ کي هرويرو ڇتائي ڏسندو رهيو جڻ انهن ۾ پنهنجو ماضي ڳولهيندو هجي يا انهن سان اکين ئي اکين ۾ ڪچهري ڪندو هجي.

بس يار ، ننڍي ڪنڊ جا اِهي پهلو آهن جن جي ڪري جيڪو بہ هتي آيو سو هتان جو ٿي ويو.

ڳالهہ پئي ڪئي سين رولاڪ جي ڪارٽونسٽ ۽ پتلي تماشو ڪندڙ سنگتين اسد ۽ خالد جي. اُهي ٻئي يار چوندا آهن تہ ڪوبہ نئون

ماٿهو ”سندن اکين جي فوڪس“ ۾ پورو اچي ويو ته ان سان سنگت ٿي ويندي اٿن. اتفاق جي ڳالهه آهي ته رولاڪ به دوستي ڪرڻ لاءِ اهو پيمانو مقرر ڪندو آهي ته پهرين ملاقات جي پهرين پل ۾ ئي فيصلو ڪبو ته سامهون واري همراه سان سنگت رکبي يا نه. سو اسد ۽ خالد سان به رولاڪ جي سنگت ٿي وئي.

اسد جا وڏا هندستان مان آيا هئا پر هو پنجابي ايئن ڳالهائيندو آهي جيئن استاد دامن يا بابا نجمي ڳالهائيندا هجن. خالد جو تعلق سهڻيءَ جي ديس گجرات سان آهي ۽ هو به سهڻيءَ وانگر پنهنجن لاءِ چناب ۾ ٽپو ڏيڻ کان به نه ڪيٻائيندو آهي.

خالد پنهنجي ڪارٽونن سان انصاف ايئن ڪندو آهي جو ايڊيٽر ڪيس چوندو ته نواز شريف جي فلاڻي بيان تي ڪارٽون ٺاهڻو آهي، ته هو پنهنجي سموري نواز مخالفت ان ڪارٽون ۾ اوتيندو. سندس ڪجهه بيا پسنديده ٽارگيٽ الطاف حسين، ڄام صادق ۽ پوليس وارا رهيا آهن. اسد اُتي جونيئر ڪارٽونسٽ آهي پر هو به وسان نه گهٽائيندو آهي. پنهنجي ٽارگيٽ جي شڪل اهڙي ڪٽي بگاڙيندو جو پنهنجي سموري نفرت جي باوجود توهان کي ڪنهن حد تائين جنرل ضيا تي به کهل ايندي. خالد وانگر نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور مان ڊگري ورتل اسد تي ڪجهه عرصو اڳ مجسما ٺاهڻ جو جنون چڙهيو. اهو جنون اهڙو لڳس جو رات جو ٽين وڳي تائين لاهور پريس ڪلب ۾ ويهندڙ اسد اخبار واري ڊيوٽي ختم ڪري وڃيو مجسما ٺاهڻ ڪي ٿي لڳو. ننڍڙن ننڍڙن مٽيءَ جي مجسمن ۾ جان وجهندڙ اسد ۽ شڪليون بگاڙي ڪارٽون ٺاهيندڙ خالد نوجوانن جي ان نسل مان آهن جن پنهنجي شعور واري عمر تي رسڻ مهل ملڪ ۾ فوجي راڄ ڏٺو ۽ ان سان ويڙهه جو ذريعو چترن، ڪارٽونن، مجسمن ۽ پتلين کي بڻايو.

هلال پاڪستان

۱۹ آڪتوبر ۱۹۹۴

نيٽي جيٽيءَ جو "جادو"

ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ ٽي وي پروگرام دوران انور مقصود ڪراچيءَ جا رنگ ڏيکاريندي نيٽي جيٽي پل بابت هڪ چرڪائيندڙ ڳالهه ڪئي ته سمنڊ تي ٺهيل هن پل تي اڳي ماڻهو پڪنڪ ملهائڻ ايندا هئا پر هاڻ اتي بيروزگار نوجوان ايندا آهن ۽ وٽن اهڙو جادو آهي جو ڪن پل ۾ "اکين کان اوجهل" ٿيو وڃن!

مِني پاڪستان ڪراچي سڄي ملڪ جي ماڻهن ۽ خاص طور تي نوجوانن لاءِ روزگار جو هڪ سراب آهي پر هتي به روزگار حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندڙ نوجوان يا ته ڏوهارڪ سرگرمين ۾ ملوث ٿيو وڃن يا وري نيٽي جيٽيءَ واري پل تان ٽپو ڏيئي زندگيءَ جو انت آڻيو ڇڏين. رولاڪ نيٽي جيٽيءَ واري انهيءَ پل تي پڪنڪ ملهائيندي ته ڪنهن کي به نه ڏٺو آهي، پر شيعا عورتن کي امام جعفر صادق ڏانهن ڪاغذن ۾ ڏيئن تي عرضيون اماڻيندي ۽ ڪن نوجوانن کي آپگهات ڪندي ضرور ڏٺو آهي.

نيٽي جيٽيءَ واري پل جا ڪيترائي رنگ آهن. عاشوري واري ڏينهن هتي امامن جي ياد ۾ ڪيڏيل تعزين کي ٽڏو ڪيو ويندو آهي، قرآن ۽ ٻين مقدس لکتين جي ضعيف ڪاغذن کي هتي پاڻيءَ ۾ پوڙيو ويندو آهي. هتان ئي شيعا عورتون امام جعفر صادق ڏانهن عرضيون موڪلينديون آهن، ته هتان ئي ڪيتريون ئي زندگيون پنهنجو انت آڻينديون آهن. ڪراچي پهچندڙ بيروزگار ۽ حساس نوجوانن سان ٿيندڙ جٺ جو ڀرپور اظهار اردو جي هڪ قلندر ليکڪ تاج حيدر پنهنجي هڪ ٽي وي ڊرامي "غلام رسول بلوچ اور مجموعي قومي پئداوار" ۾ ڪيو هو. مجموعي قومي پئداوار وارو بيروزگار غلام رسول بلوچ به

جنهن آفيس ۾ ٿي ويو اتي ڪيس اهو ٻڌايو ٿي ويو تہ اصل ۾ سندس باروزگار ٿيڻ جو مطلب ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ملڪ جي مفادن وٽان ناهي.

فيملي پلاننگ جي دفتر ۾ ڪيس ٻڌايو ويو تہ ڪيس نوڪري ملندي تہ پوءِ هو شادي ڪندو ۽ شاديءَ جي نتيجي ۾ ڪيس ٻار ٿيندا ۽ ملڪي آباديءَ ۾ اڳيئي ٿيل واڌ ۾ اضافي سان ملڪ اڃائين گهوٽالي جو شڪار ٿيندو. محب وطن غلام رسول ڪنهن بہ صورت ۾ ملڪ کي گهوٽالي ۾ وجهڻ لاءِ تيار نہ هو. وري جڏهن هڪ بئنڪ جي صدر وٽ نوڪريءَ لاءِ ويو تہ هن ڪيس ٻڌايو تہ نوڪري ملڻ جي صورت ۾ ڪيس پئسا ملندا. ڪيسي ۾ پئسا اچڻ جي صورت ۾ هو خريداري ڪندو ۽ ان سان مهانگائي وڌندي. ڇا هو چاهي ٿو تہ مهانگائي ٿيڻ سبب مجموعي قومي پئداوار ۾ گهٽتائي جو ڪارڻ بڻجي؟ نيٺ هڪ ڏينهن اخبار ۾ خبر ڇپي تہ گذريل ڏينهن ڪراچي واري نيٽي جيٽي پل تي هڪ نوجوان اتي بيٺل ماڻهن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ هو ڪنهن بہ طرح ملڪ لاءِ هاڃيڪار ٿيڻ نٿو چاهي ۽ ﻬ پيرا پاڪستان زنده باد جو نعرو هڻي پل تان ٽپو ڏئي بقول انور مقصود جي جادوءَ جي زور سان گم ٿي ويو.

آپگهات تي رولاڪ کي ياد آيو تہ بي بي سي ريڊيو تان سنڌو دريا تي ڪيل پنهنجي پروگرام "شير دريا" ۾ رضا علي عابديءَ گوجرانوالہ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو هو تہ هن شهر ۾ پئسو ۽ روزگار جام آهي. تنهنڪري هتان جا نوجوان تعليم تي ڏيان نٿا ڏين ۽ جنهن ڏينهن مئٽرڪ جو نتيجو ايندو آهي گوجرانوالہ ۾ دريا جي پل تي پوليس بيهارڻي پوندي آهي تہ جيئن مئٽرڪ ۾ فيل ٿيندڙن کي "جادو ڏيکارڻ" کان روڪي سگهجي!

رولاڪ جي شهر پرسان ڄامشوري واري پل بہ نوجوانن جي "جادوءَ" سببان مشهور/ بدنام آهي. ان پل تان آپگهات ڪرڻ گهٽي

عرصي کان معمول آهي. علاما آءِ آءِ قاضي، مائيٽو اوئو، عرفان مهدي جهڙا دانشور به اتان........

اڄ کان پنج ڇهه سال اڳ ته ان پل تان ذري گهٽ روز هڪ آپگهات ٿيندو هو. انهن ۾ اڪثريت انهن ٽين ايجرس جي هوندي هئي جيڪي حيدرآباد جي قدامت پسند معاشري ۾ پنهنجي پرين سان ملي نه سگهندا هئا. ان صورتحال کي روڪڻ لاءِ مقامي انتظاميا هڪ پيرو پل تي پوليس جو پهرو بيهاريو پر ٿيو ائين جو انهن پوليس وارن مان به هڪڙي اتان "جادو جو تماشو" ڏيکاري وڌو!

رولاڪ جو خيال آهي ته تي سگهي ٿو ته ان سان ڪو اختلاف به ڪري ته ڄامشوري وار پل جي المنظر واري پاسي پاڻيءَ جو وهڪرو ڪجهه ائين آهي جو ڪجهه گهڙيون پاڻيءَ کي ڇتائي ڏسڻ سان پاڻي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو محسوس ٿئي ٿو، ماحول شيخ اياز جي نظم "تون به پاڻي، آءُ به پاڻي، اڄ ته پرچون پاڻ ۾ " وارو بڻجيو وڃي.

ڳالهه جو آپگهات جي نڪتي آهي ته پوءِ رولاڪ کي ڪجهه سال اڳ پڙهيل هڪ عالمي اداري جي اها رپورٽ ٿي ياد اچي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو ته ملڪي سطح تي آپگهات ڪرڻ سڀ کان گهڻو رجحان سوئيڊن ۾ آهي. سوئيڊن ۾ ته رولاڪ جي هڪ دوست ڊاڪٽر پرشوتم به آپگهات ڪيو هو. رپورٽ ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو هو ته آپگهات جو سڀ کان وڌيڪ شڪار ٽين دنيا جا نوجوان ٿين ٿا. تيرهن سالن کان پنجٽيهن سالن جي ڄمار جا اِهي ٽين دنيا وارا نوجوان پنهنجي معاشري کان ذهني طرح اڳتي نڪريو وڃن. پوءِ ڪڏهن رکو پنهنجي حياتي ٿا ختم ڪن ته ڪڏهن لبناني ڇوڪري ٿنا وانگر گاڏيءَ ۾ بم ٻڌي دشمن جي ڪنهن ڪئمپ ۾ ڪاهيو پون.

ٽي چار سال اڳ رولاڪ جي ڪجهه دوستن کي به آپگهات ڪرڻ جو جنون سوار ٿيو هو. هنن ته اڻ ظاهر ڪيل "ڳڏيل آپگهات ڪلب" به ٺاهيو هو پر هو طئي ڪيل ڏهن جو تعداد حاصل

ڪري نہ سگهيا ۽ رڳو ستن همراهن جي آپگهات بابت راضپي ڪان پوءِ اهو گروپ ٽٽي ڦٽي ويو. ان گروپ جا تقريبا سمورا همراهہ هاٿي پنهنجي پنهنجي ڪرت ڪي لڳا پيا آهن. ڪي شاديون ڪري ٻارن ٻچن لاءِ گهاٽي جي ڏڪي وانگر ڪمائڻ ۾ پورا آهن تہ ڪي وري پنهنجا فوري مسئلا حل ٿيڻ سبب ڀيهر پرسڪون زندگي گذاري رهيا آهن.

رولاڪ جو خيال آهي تہ ان گروپ جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ يا ٻن همراهن ۾ اهو امڪان رکي سگهجي ٿو تہ هو ڪنهن ڏينهن "جادو ڏيکارين!"

رولاڪ جو هڪ دوست چوندو آهي تہ آپگهات ڪرڻ لاءِ ڪجهہ منٽن جي همت گهربل هوندي آهي ۽ ڪجهہ گهڙين جي همت تہ هر ڪنهن ۾ آهي. تنهن ڪري اڪثر آپگهات ڪرڻ جو دڙڪو ڏنو ويندو آهي ۽ جيڏيءَ مهل گهڙين واري اها همت منٽن ۾ بدلجي وئي تہ پوءِ موسيٰ ڪلٽي!.

هلال پاڪستان
٢٧ آڪٽوبر ١٩٩٤

ويهن سالن جو بنواس ۽ Adjustment جو مسئلو!

ڏينهن ڏٺي جو سپنا ڏسڻ (Day Dreaming) واري ڪرت لڳي ٿو تہ تمام گهڻن ماڻهن جو مشغلو آهي. ڪجهہ ماڻهو/ليکڪ تہ انجا "نظرياتي مخالف" بہ آهن. اهو انڪري جو سندن خيال آهي تہ ان سان ماڻهو عملي ڪم ڪرڻ بدران هرو ڀرو خيالي دنيا ۾ گم ٿيو وڃي ۽ عمــل کان محــروم رهجيو وڃي. هنگــريءَ جي مشهـور شاعــر آتيلا جوزف جو مصرعو "توکير وارن ڏندن سان جبل ڪترڻ چاهيو/ مورک! سپنا ڏسڻ لاءِ رات ڪافي ناهي!" تہ سنڌي ٻوليءَ جي مهان ڪهاڻيڪار نور الهديٰ شاهہ پنهنجي پلوڙ مجموعي "ڪربلا" ۾ انتساب طور استعمال ڪيو آهي.

رولاڪ جي راءِ ۾ ڪرشن چندر، سعادت منٽو يا امر جليل وغيره جا ڪيترائي ڪردار "ڏينهن ڏٺي جا سپنا ڏسندڙ" آهن. رولاڪ بہ ذري گهٽ روز، ڏينهن ڏٺي جا سپنا ڏسندو آهي. اهو ڪم آهي ڏاڍو دلچسپ! سماج مان ملندڙ مايوسي ۽ پنهنجي پسند/ دلچسپيءَ واري صورتحال کان محرومي واري مايوسي جو علاج رولاڪ وٽ ڏينهن ڏٺي جو سپنا ڏسڻ کان بهتر ڪوبہ نہ آهي.

گذريل ڪجهہ سالن کان رولاڪ تي اهو سپنو ڇانيل آهي تہ سنگت ساٿ کي ٻڌائڻ بنان گهٽ ۾ گهٽ ويهن سالن لاءِ ڪنهن پاسي منهن ڪري گم ٿي وڃجي. رولاڪ ڪجهہ ڏينهن اڳ رستي هلندي اهو پئي سوچيو تہ ويهن سالن جي ان غير حاضري دوران سنگت ساٿ، دوست/ دشمن ۽ واقف ڪهڙا تبصرا ڪندا ۽ غير حاضريءَ بابت ڪهڙا انومان ڪيندا؟ رولاڪ پنهنجي واقفن کي هميشہ وانگر هن مامري ۾ بہ چڱن حسن ۾ ورهائي ٿو: هڪڙا رولاڪ جي اڻ موجودگي تي خوش ٿيندا، ٻيا ان خيال جا هوندا تہ هجي تہ بہ نيڪ، ناهي تڏهن بہ اتان ئي

پيو اپيرندو (يعني هئڻ نہ هئڻ سان ڪوبہ فرق نہ پوندو). تيان اهو طئي ڪري ڇڏيندا تہ رولاڪ هميشہ جيان هڪ پيرو پيهر ڪتان نہ ڪتان رلندي پنندي موٽي ايندو. چوٿان انهيءَ غير موجودگيءَ کي رولاڪ جي Unnoticed Death سمجهندا ۽ ڪين يقيني طور تي ڏک ٿيندو.

رولاڪ پنهنجي ڏينهن ڏٺي واري سپني ۾ وڌ کان وڌ ٽين ۽ چوٿين درجي وارن سنگتين بابت سوچيندو رهيو آهي. رولاڪ گهڻي عرصي کان بنا پڌائڻ جي گم ٿيندو رهيو آهي ۽ وري گهمندي ڦرندي ٽڪي ٽٽي موٽي ايندو آهي. اڳي، جيسيتائين رولاڪ جي ماءُ جيئري هئي اوستائين تہ واپسي ۾ گهر وڃي آواره گرديءَ جا ٿڪ لاهبا هئا پر هاڻ..............

مائرون بہ عجيب ٿينديون آهن. پنهنجي پٽن جي اهڙي حمايت تعريف ڪنديون، جو خود پٽن کي بہ ڪيڏي ڪيڏيءَ مهل، اچرج پيو لڳندو تہ منهنجي نالي تي امان الائي ڪنهن کي پئي ساراهي!

ها، ڳالهہ پئي ڪئي سين رولاڪ جي واقفن جي درجي بنديءَ جي. چوٿين درجي وارا واقف جيڪي رولاڪ جي غير موجودگيءَ کي سندس "ڏس پتو نہ ملي سگهندڙ مرتيو" سمجهي ڏڪوئبا. سي اهي آهن جن سان رولاڪ هڪ تہ پنهنجي رلڻ پنڻ دوران ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان رابطي ۾ رهندو آهي، يا وري وقت بوقت ساڻن گڏجي سڪ جون گهڙيون گهاريندو آهي.

رولاڪ پنهنجي خيالن ۾ ويهہ سال پوءِ پنهنجي ڪجهہ واقفن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪيس سندس هڪ دوست نقاش ذهن جي فوڪس تي نہ آيو. الائي ويهن سالن ڪانپوءِ هو تمام وڏو ماڻهو ٿي ويندو يا وري ......! حيدرآباد ۾ رهندڙ رولاڪ جو هڪ مائٽ يقيناً ڪيس انهن ويهن سالن دوران ڪٽنب ۾ پيش ايندڙ واقعن جا تفصيل هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو. جڏهن تہ حيدرآباد جا بہ دوست ويهہ سال پوءِ بہ ڪنهن هوٽل تي رولاڪ سان گڏ ڪير پتي چانهہ پيئندا ۽ رسمي لهجي ۾ ڪانئس انهن ويهن سالن جي وارتا معلوم ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا.

ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هڪ خاتون جيڪا رولاڪ کي ڪنهن وڏي

پيڻ/ بزرگ وانگر دڙڪا ڏيندي آهي ۽ ڪيس "ٽرڙو ٽيٽيھر" يا وري مختصراً ٽيٽي (T.T) سڏيندي آهي، رولاڪ جي Fantasyموجب ڪيس "اڙي ٽي ٽي تون..." چئي ڏڪ هٽي ڪيندي ۽ انڪانپوءِ هيل تائين رولاڪ جي پيٽل بهترين چانهه جو هڪ وڏو سارو مگ ٺاهي پياريندي. اِها مائي بہ رولاڪ وانگر سئي ۽ گهٽي چانهه جي شوقين آهي.

رولاڪ جو هڪ دوست جيڪو هڪ سماجي اداري ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. ويهن سالن کان پوءِ ڪيس ڏسي يقيني طور تي حيرت ۾ وٺجي ويندو ۽ ڪجهہ گهڙين کانپوءِ پنهنجي زال کي هڪل ڪري چوندو،" ......! ديکو تو کون آيا هئي-!" انهيءَ دوست جي پيڻ جيڪا بہ رولاڪ کي سڏارڻ چاهي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن رولاڪ جي بزرگ ٿي ڪيس سنجيد گيءَ سان زندگي گذارڻ جي صلاح ۾ ڏس ڏيندي آهي. رولاڪ کي ڏسندي ئي خوشي/ حيرت / ايڏي وڏي عرصي تائين نہ ملڻ جي زيان واري ڳاڙڙ جذبن سان ڪيس اڙدو ۾ چوندي تہ "اري خواجہ! يئي ڪهان چلي گئي ٿي؟ هم تمهين ياد ڪرتي رهي. هم ني تو تمهاري لئي اتني ساري لڙڪيان ديکين. تم هوتي تو تمهاري شادي ڪرواتي اور مين ڀي برياني کاتي" ائين هوءَ دير تائين ڳالهائيندي رهندي.

ان ڳالهہ جي پڪ آهي تہ رولاڪ ويهن سالن کانپوءِ پنهنجي اڪثر دوستن/ واقفن سان ملندي جذباتي ٿيندو پر پنهنجي دوست جي انهيءَ پيڻ سان ملڻ تي هو يقيناً روئي پوندو تہ سندس خيال رکڻ وارا ماڻهو سندس متعلق ڪيڏو سوچين ۽ پتوڙين ٿا!

ها، سڀ کان وڏو ڊرامو تہ رولاڪ جو هڪ ڪنفيوزڊ صحافي دوست يوسف سيف ڪندو جيڪو رولاڪ جي سامهون ايندي ئي اوڇنگارون ڏئي روئي پوندو.

بهرحال سنگت ساٿ سان ملڻ ۽ سندن رد عمل جاچڻ جو مرحلو تہ پوءِ جي ڳالهہ آهي، پهرين تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد جا شهر ويهہ سال پوءِ ڪهڙي روپ ۾ هوندا ۽ انهن بدليل شهرن ۾ رولاڪ پنهنجن سنگتين ساٿين کي ڳوليندو ڪيئن؟ رولاڪ جو خيال آهي تہ همراهن کي ڳولهڻ ڪو وڏو مسئلو نہ ٿيندو. رولاڪ جو ڪنفيوزڊ

صحافي دوست سچي زندگي صحافت ڪانسواءِ ڪو ٻه ڪم ڪري نه سگهندو. ان وقت هو وڏ ۾ وڏ ڪنهن اخبار جو ايڊيٽر يا "مالڪ" ٿي هوندو. سماجي اداري ۾ ڪم ڪندڙ دوست ته هينئر ڪان ئي چوندو ته رهي ته جيڪڏهن سنڌ ۾ رهبو ته ڪراچيءَ جي پسگردائيءَ ۾ گلشن معمار ۾ رهبو يا وري پنهنجي اباڻي شهر بنگلور (انڊيا) هليو ويجبو.

بهرحال ويهه سال پوءِ ٻه روﻻڪ جو ڪونه ڪو سنگتي ان حيثيت ۾ مشهور ضرور هوندو جو سنڌس ڏس پتو آسانيءَ سان ملي ويندو. پوءِ هڪڙو همراهه ملي ويو ته ڇڻ سڀ ملي ويندا پر روﻻڪ لاءِ ويهن سالن ڪانپوءِ سڀ ڪان وڏو مسئلو انهن اڄوڪن ٻارن سان Adjust ٿيڻ هوندو جيڪي جوان جماڻ ٿي چڪا هوندا. روﻻڪ کي "ٽي ٽي" سڏيندڙ خاتون جي اڄ چئن مهينن واري ڌيءَ کي هن ڏينهن ۾ روﻻڪ چپٽي وڃائي چوندو آهي ڪلي ڏيڪار ته هوءَ هر صورت ۾ ٿهڪ ڏيندي آهي. ويهن سالن ڪانپوءِ ته ڪيس روﻻڪ جي شڪل به ياد نه هوندي ۽ هوءَ يقينا اهو ئي سوچيندي ته هيءُ اڄي مٿي وارو پوڙهو ڪير آهي جنهن سان امان گهر جون سموريون ڳالهيون پئي ڪري. اوڏي مهل روﻻڪ ۽ سندس ماءُ روائتي پوڙهن وانگر ٻي ربط ڳالهيون ئي ڪندا هوندا يا وري سماجي اداري ۾ ڪم ڪندڙ دوست جي ٻن سالن واري ڌيءَ جنهن سان روﻻڪ جي دوستي Bounty (ڪتمنڙي جو نالو) وٺي ڏيڻ تي آهي. ويهه سال پوءِ هوءَ ان ڳالهه تي ڪيئن يقين ڪندي ته هيءُ اهوئي ماڻهو آهي جنهن کي هوءَ ويهه سال اڳ "انڪل بنٽي" چوندي رهندي هئي. انهن ڏينهن ۾ ڪنهن پروفيشنل تعليمي اداري جي پهرين سالن جي شاگردياڻي اهو به مڃڻ لاءِ تيار نه هوندي ته ڪو هوءَ انڪل جي ڊيڊيءَ تي چڙهي هڪ رپٽي واري بنٽي به ڪائيندي هئي!

روﻻڪ کي ويهن سالن لاءِ ڳم ٿي وڃڻ ۾ پيو ڪوبه مسئلو نظر نٿو اچي. بس رڳو هنن ٻن ٻارن سميت ٻين ٻار- دوستن سان Adjust ٿيڻ ڏکيو مرحلو ٿو لڳي. جيڪڏهن ڪو روﻻڪ کي انهن اڄوڪن ٻارن سان ويهن سالن ڪانپوءِ Adjust ٿيڻ ٿو طريقو/ رستو ٻڌائي ته روﻻڪ سپاٽي ڪان ئي پنهنجو ويهن سالن وارو بنواس شروع ڪري ڏئي!!

هلال پاڪستان
۴ نومبر ۱۹۹۴

چانهه. روايتون ۽ ڪولڊ ڪافي

رولاڪ غربت ۽ ڪڙڪيءَ وارن ڏينهن ۾ به چانهه پيئڻ واري پنهنجي ڪوتا ڪوشش ڪري ضرور پوري ڪندو آهي پر گذريل ڇهن ائن سالن کان سئي/ ڪڙڪ چانهه ملڻ جيئن پوءِ تيئن گهٽ ٿيندي وڃي. رولاڪ جي راءِ موجب گذريل ڏهاڪي جي پوين اڌ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿيل پٺاڻ مهاجر فسادن ڪانپوءِ گهٽي وقت کان هوٽلون هلائيندڙ پٺاڻ يا ته مارجي ويا، يا وري واپس پنهنجي "ملڪ" هليا ويا. سندن جاءِ تي آيل نوان هوٽلن وارا هاڻ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي چانهه جي پياڪن سان اهو ئي سلوڪ ٿا ڪن جيڪو ملڪ جي ترقي لاءِ ذميوار انهن پنهي شهرن کي ترقياتي رٿائن کان محروم رکي ڪندا آهن. بهر حال رولاڪ ڪراچيءَ کان پشاور تائين ملڪ جي تقريباً هر ننڍي وڏي شهر ۾ چانهه ضرور پيتي آهي.

چانهه جا جيترا قسم آهن اوترائي انجا ذائقا به آهن. جيستائين رولاڪ جي يادگيري ڪم ٿي ڪري ته هن سڀ کان ڀهرين ڪنهن هوٽل تي پنهنجي کيسي جا پئسا خرچ ڪري چانهه ستن ائن سالن جي ڄمار ۾ پيتي هئي. عيد جي ڏينهن مليل خرچيءَ کي ان ڏينهن حيدرآباد جي هڪ هوٽل تي پنهنجي ٻن دوستن کي اسپيشل چانهه پيارڻ تي به خرچ ڪيو ويو هو.

تن ڏينهن ۾ عيد جي ڏينهن جا مزا ۽ جاوا ئي عجيب ۽ وڻندڙ هئا. صبح ساڻ مشين تي تيار ٿيل اڇيون سيويون کائي، گهر جي ڪنهن وڏي جي سربراهي ۾ نماز کان فارغ ٿي وڃي کائين ۽ مٽيءَ جا رانديڪا وٺبا هئا. تن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي مارڪيٽ واري علائقي ۾ عيد جي ڏينهن به ٿي سؤ ڪولهياڻيون اهي رانديڪا آڻي وڪڻنديون هيون. پنهنجي ننڍپڻ ۾ رولاڪ عيد کان ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي

پاڙي جي هڪ گهر ۾ مشين تي اچين سيوين ٺهڻ جو نظارو ڪلاڪن تائين پيو ڏسندو هو. يار! رولاڪ بہ عجيب ماڻهو آهي، جسماني رولاڪ پٺي سان گڏو گڏ ذهني رولاڪ پٺو بہ عادت ٿي وئي اٿس!

ڳالهہ پئي ٿي چانهہ جي ۽ هو وچي نڪتو عيد جي ڪاڏن پيتن ۽ بالڪپڻي ڏي! پر ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي. ننڍپڻ جون يادون ايڏيون تہ وڻندڙ ٿيون لڳن جو انهن کان جان ڇڏائڻ رولاڪ تہ ڇا هر ڪنهن لاءِ ناممڪن آهي. تڏهن ئي تہ جگجيت ۽ چترا سنگهہ جو ڳايل غزل "يہ دولت ڀي لي لو، يہ شهرت ڀي لي لو، ڀلي ڇين لو مجهہ سي ميري جواني، مگر مجهہ ڪو لوٽا دو بچپن ڪا ساون- وه ڪاغذ جي ڪشتي وه بارش ڪا پاني" رولاڪ جهڙي بنان شهرت واري شخص کان وٺي شهرت جي بلند ترين مقام تي پهتل ڪنهن وي وي آءِ پي کي هڪ جيترو پسند آهي!

رولاڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ سٺي/ خراب/ ڪڙڪ/ هلڪي ۽ هر نالي واري چانهہ مختلف هوٽلن ۽ گهرن ۾ ضرور پيتي آهي. رولاڪ جي تجربي موجب چانهہ جا وڌ ۾ وڌ قسم حيدرآباد جي هوٽلن تي ملندا آهن/ هئا. حيدرآباد جي هوٽلن تي سادي، کير پتي، ۽ اسپيشل جهڙن عام جام ملندڙ چانهہ جي قسمن کان سواءِ سنگاپوري، جيڪا الطاف شيخ جي بقول سنگاپور ۾ بہ نہ ملندي آهي، پوٽيا، جنهن ۾ مني ڪپ چانهہ ۾ هڪ حصو پتيءَ وارو پاڻي ۽ ٽي حصا کير جا هوندا آهن، پتيءَ واري، جنهن کير گهٽ ۽ پتي ڪجهہ سرس هوندي آهي، ايڪسپوريس چانهہ، جنهن ۾ ڀرين پستا ۽ بادام وڌا ويندا هئا ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن مگ قلين کي بہ انهن جي جاءِ تي استعمال ڪيو ويندو رهيو.

رولاڪ کي ڪڙڪ چانهہ وڻندي آهي، تنهنڪري هو ڪوشش ڪري اهڙيون هوٽلون ۽ گهر تاڙيندو آهي جتي سندس اها گهرج پوري ٿي سگهي. رولاڪ کي ان ڏس ۾ ڪڙڪ اسپيشل چانهہ ڪراچيءَ واري

هوٽل مهراڻ جي سب کان مٿاهين ماڙ تي ٺهيل ريسٽورنٽ ۾ لاهور واري "پاڪ ٽي هائوس" کان سواءِ دوستن جي هڪ گهر ۾ پڻ ملي آهي. رولاڪ پنهنجي زندگيءَ دوارن ڪنهن به گهر ۾ چانهه سان نفاست ۽ پيار وارو ورتاءُ پنهنجي انهن دوستن جي گهر جيترو اجان تائين نه ڏٺو آهي. سچ پڇو ته رولاڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ سٺي چانهه جو مستقل رهندڙ معيار به انهيءَ گهر ۾ ڏٺو آهي. باقي رهي ڳالهه لاهور واري پاڪ ٽي هائوس جي سو اتي صبح کان رات تائين اديبن ۽ دانشورن جا هشام لڳا پيا هوندا آهن ۽ اهو الائي ڪنهن ۽ ڪڏهن طئي ڪري ڇڏيو آهي ته دانشور ٿيڻ لاءِ گهڻ ڪير واري ڪڙڪ چانهه پيئڻ بنيادي شرط آهي.

ان کان سواءِ رولاڪ کير پتي چانهه جو بهتر معيار حيدرآباد جي ڪدڙا گهٽيءَ وارين هوٽلن ۾ ڏٺو آهي.

ڪجهه سال اڳ تائين ته رولاڪ جهڙن اڪثر "ڪيسا خالي مڙس موالي" همراهن ڪي مختلف هوٽلن تي هڪ اسپيشل چانهه جو آرڊر ڏيڻ تي به ڪوپ ملندا هئا پر هاڻ ته اڪثر هوٽلن تي هڪ چانهه جو آرڊر ڏيڻ تي اڌ مٽي ڀريل گرم پاڻيءَ واري ڪوپ/ مگ ۾ هڪ Tea-bag ٺو ملي. رولاڪ کي الائي ڇو Tea-bags پسند ناهن. ان جو سبب شايد ڏاڪي مان جهلي، چمچي جي مدد سان ان کي نپوڙي نه سگهڻ واري نفسياتي احساس محرومي هجي. جيئن اسانجو دوست حسن مجتبيٰ چوندو آهي ته سنڌي وڏيرا/ سياستدان اسلام آباد واري ميريٽ هوٽل ۾ تمام گهڻ ويندا آهن. سندس خيال آهي ته انجو سبب هوٽل جي فرش تي ڪيڏيءَ مهل ترڪي پوڻ جو ڊپ آهي.

چانهه پيئڻ وارا چانهه کي مختلف روپن ۾ تيار ڪري پيئندا آهن. چانهه ۾ کنڊ وجهڻ يا وري بلڪل نه وجهڻ. ڪڙڪ چانهه پيئڻ يا هلڪي چانهه پيئڻ ته معمول واريون ڳالهيون آهن پر رولاڪ پنهنجي رولاڪ پڻي ۾ چانهه جي حوالي سان ڪجهه ٻيون به مشغوليون ڏٺيون

آهن. لاهور ۾ رهڻ دوارن روﻻڪ جي هڪ پبلشر دوست ڪيس ڪشميري چانهه پياري، جيڪا مٺي هئڻ بدران ڪجهه ترش هئي. چون ٿا تہ جواهر لال نهرو ۽ مولانا ابو الڪلام آزاد پنهنجي لکڻين ۾ انهيءَ ڪشميري چانهه جي ڏاڍي تعريف ڪئي آهي. روﻻڪ اهي لکئيون تہ نہ پڙهيون آهن جو ڪيس اندازو ٿئي تہ هنن ڪهڙي حوالي سان ڪشميري چانهه کي ساراهيو آهي پر ڳالهه ڪجي وات ڳاڙهن چورن وانگر تہ روﻻڪ کي ڪشميري چانهه بلڪل نہ وڻي.

وڏي اهتمام سان چانهه ٺاهيندي روﻻڪ ماضيءَ جي هڪ قلندر ۽ اڄ تائين جي دانشور شمشير الحيدري کي بہ ڏٺو آهي. هو چانهه ۾کير ۽ کنڊ جو هڪ مقرر ڪيل مقدار ۾ اهڙي نموني سان وجهندو آهي جو اسانجي هڪ دوست جي بقول تہ شمشيرالحيدري چانهه جي ڪوپ ۾ کنڊ جا داڻا بہ ڳڻي وجهندو آهي.

روﻻڪ جو هڪ حيدرآبادي دوست رات جو سمهڻ کان اڳ چانهه جو ڪوپ ضرور پيئندو آهي. سندس چوڻ آهي تہ جيڪڏهن هو چانهه جو ڪوپ پيئڻ بنا بستري تي ليٽندو تہ ڪيس ڪنهن بہ صورت ۾ ننڊ نہ ايندي. انجي ابتڙ روﻻڪ جي هڪ دوست جي گهر واري رات جو ائين ڪان پوءِ چانهه نہ پيئندي آهي پر هوءَ تہ آهي گهريلو عورت، جنهن وٽ رات جو ائين ڪان پوءِ ڪو ذهني ڪم نہ هوندو آهي.

پر روﻻڪ جو هڪ صحافي دوست سهيل سانگي تہ اخبار ۾ رات واري شفٽ هلائيندي بہ رات جو نوين ڪان پوءِ ڪنهن بہ صورت ۾ چانهه نہ پيئندو آهي. چانهه جي معاملي ۾ روﻻڪ کي سهيل سانگيءَ واري ڪيس ڪان وڌيڪ حيرت ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي، جو چانهه لاءِ هر ڪو ماڻهو تہ چا پر ٽي ويءَ تي اينڊز اشتهارن ۾ بہ اهو ٿي چيو ويندو آهي تہ اها سستي ختم ڪري چستي ٿي آڻي. ان جو ثبوت ٽي وي تي اينڊز اشتهارن مان ملي ٿو جنهن مان هڪ ۾ مڙس موڪل واري ڏينهن صوفا تي ليٽي اخبار پڙهڻ ڪان پوءِ اکيون بند ڪريو پيو هوندو آهي جو سندس زال اڇي ياد ڏياريندي اٿس تہ ڪين مائيءَ جي پيڪن وڃڻو آهي. مڙس جي موڪل واري ڏينهن جي سستي جو اظهار ڪرڻ تي هوءَ چانهه

جي ڪتلي تي چاڙهي ۽ مڙس انجي خوشبو تي ئي چست ٿيو وڃي.

رولاڪ جو مشاهدو آهي ته سمورا مڙس پنهنجي زالن جي هر ڪا فرمائش چانهه پيئڻ ڪان سواءِ ئي پوري ڪندا آهن. رولاڪ زال نه هئڻ ڪري ان متعلق پنهنجي تجربي جي آڌار تي ڪجهه چوڻ ڪان قاصر آهي. جيڪڏهن ڪو شادي شده پڙهندڙ ان ڏس ۾ رولاڪ جي تصحيح يا تصديق ڪندو ته سندس مهرباني، نه ته رولاڪ پنهنجي اڳوڻي موقف تي ئي قائم رهندو.

هلندي هلندي اهو به ٻڌائي ڇڏجي ته رولاڪ کي چانهه جي ماسات گرم ڪافي هرو ڀرو نه وڻندي آهي پر ڪولڊ ڪافيءَ جو رولاڪ ديوانو (Crazy) آهي. ڪولڊ ڪافيءَ تي ياد آيو ته رولاڪ جي هڪ صحافي دوست کي جنرل ضيا واري مارشل لا جي ڏينهن ۾ پشاور ۾ ڪتان شراب جي بوتل هٿ آئي، سو پيئڻ لاءِ ٻي ڪا جاءِ هٿ نه اچڻ تي هو وڃي پشاور واري تڏهوڪي انٽرڪانٽينيٽل هوٽل ۾ ويٺو ۽ سندس بقول ته ڪولڊ ڪافيءَ جي ٻن مگن ۾ شراب جي پنٽ معدي ۾ وجهي ٻئري کي ٽپ ڏئي بالم تي موٽي آيو.

چانهه تي ڪالم لکندي رولاڪ کي اج ڪان ذري گهٽ پندرهن سال اڳ جا اهي ميزبان ياد پيا اچن جن صبح جو ناشتي مهل چانهه جي ڪتلي آئي اڳيان رکي هئي. رولاڪ چانهه پيئڻ جي پنهنجي وڏ ڪان وڏ گنجائش (ٽي گهريلو ڪوپ) پيئڻ ڪان پوءِ جڏهن ڪين منع ڪئي ته ميزبان چوٿون ڪوپ ڀريندي اهو چيو ته جيسيتائين ڪوپ اونڌو ڪري نه رکبو چانهه هر صورت ۾ پيئڻي پوندي.

رولاڪ جي خواهش آهي ته سندس سمورا واقف رولاڪ جي ڪارٽونسٽ دوستن اسد ۽ خالد ۽ دانشور دوست ڊاڪٽر تنوير گوندل ڪان گهٽي چانهه پيئڻ ۽ پندرهن سال اڳ واري سندس ميزبان ڪان چانهه جو ڪوپ اونڌو نه ڪرڻ تائين زوريءَ چانهه پيارڻ واري عادت سکن، ته جيئن رولاڪ هر هنڌ پنهنجي واقفن وٽ گهٽ ۾ گهٽ چانهه جا ٻه ڪوپ پي سگهي.

هلال پاڪستان
۸ نومبر ۱۹۹۴

معروضي حالتون، لاٽري ۽ "ساڳي پگهار"

هونئن تہ غالب جي سموريءَ شاعري ٻڌندڙ يا پڙهندڙ کي پنهنجي سحر ۾ وٺيو ڇڏي پر سندس هڪ غزل جو مصرعو "دل ڍونڍتا هي ڦر وهي فرصت کي رات دن" اڄڪلهہ رولاڪ جي حواسن تي سوار آهي. الائي ان مصرعي جو ڪمال آهي يا رولاڪ جي پنهنجي خواهش آهي تہ ماضي بعيد جيان هڪ ڀيرو ٻيهر زندگيءَ ۾ بي فڪريءَ وارا ڏينهن اچن، جنهن ۾ نہ ڪمائڻ جو فڪر هجي ۽ نہ وري ڪن ٻين ذميوارين جو احساس!

غالب جو اهو غزل ننڍي ڪنهن جي انتهائي لاجواب فلم ڊائريڪٽر گلزار پنهنجي فلم "موسم" ۾ راڳ جي ديوي لتا منگيشڪر کان بہ ڳارايو آهي. سو سائين ان فلم ۾ انهيءَ غزل تہ ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. غالب جي شاعري، گلزار جي ڊائريڪشن ۽ لتا جي آواز ڪانپوءِ تہ سوچڻ سمجهڻ جون سموريون صلاحيتون ڪوهہ طور تي رهجيو وڃن ۽ ماڻهو خيالن ئي خيالن ۾ لطافت جي ستين آسمان تي وڃيو پهچي!

گلزار جهڙا حساس ۽ ساڳي وقت ذهين آرٽسٽ رولاڪ تمام گهٽ ڏٺا/ٻڌا آهن. "موسم" کان سواءِ سندس ٻيون بہ ڪيتريون ئي لاجواب فلمون آهن. جن مان هينئر رولاڪ کي "اجازت" ۽ "امراؤ جان" ، تمام گهڻيون ياد پيون اچن. گلزار جي فلمن ۾ رولاڪ اها ڳالهہ محسوس ڪئي آهي تہ سندس فلمن جا مکيہ ڪردار بہ قرة العين حيدر جي حساس ڪردارن وانگر پنهنجي منزل ماڻي نٿا سگهن. جيتوڻيڪ اها پيڙا هڪ آفاقي ۽ آدجڳادي حقيقت آهي پر گلزار ۽ عيني پنهنجي ڪردارن جي پوڳنا ۽ لاچاري چٽڻ ۾ اهڙي تہ بيرحمي کان ڪم ٿا وٺن جو پڙهندڙ / ڏسندڙ نہ دين جو ٿو رهي نہ دنيا جو! پوءِ ڀل اهو ڪردار عينيءَ جي ناول "آگ کا دريا" ۾ لکنؤ جي وئشيا چمپا جو هجي جيڪا هڪ انگريز سرمائيدار بدران هڪ بنگالي ڪلرڪ جي

عشق ۾ ڦاسيو پوي ۽ بنگالي بابوءَ جي سرد مهريءَ تي ڪيس دعا ڪندي چوي ٿي تہ "اسانوٽ دعا ڪرڻ مهل چئبو آهي تہ توکي شل غم حسين کان سواءِ ڪو غم نہ ملي پر توکي حسين جي غم جي کهڙي خبر؟ توکي تہ اها بہ خبر ناهي تہ غم چئبو ڇا کي آهي!" ۽ پنجويهہ ٽيهہ سال پوءِ جڏهن اهو بنگالي بابو، جيڪو هاڻ پروفيسريءَ تان ريٽائر ٿي چڪو آهي، هڪ ڀيرو وري لکنؤ اچي اهو ٿو ڏسي تہ ماضيءَ ۾ دلين تي راڄ ڪندڙ چمپا هاڻ نشو استعمال ڪرڻ ڪري فقيرن کان بہ وڌيڪ خراب حالت ۾ آهي، پنهنجي جوان پٽ کي هڪ جملو ٿو چوي تہ خوشنصيب آهن اهي ماڻهو جن پريت ڪئي پوءِ پل ان ۾ ناڪام ٿي رهيا. وري گلزار جي ٺاهيل فلم "امراؤ جان"، جنهن ۾ مشهور غزل "يہ ڪيا جگہ هي دوستو، يہ ڪونسا ديار هي" بہ شامل آهي، جي مکيہ ڪردار امراؤ جان جي پيڙا هجي يا "اجازت" فلم جي هر وقت ٽينگ تيا ڏيندڙ شاعره مايا جي اڪيلائپ جو عذاب هجي، ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ ڄڻ ڪو ماڻهوءَ جي من تي رونبڙا هٽي رهيو هجي!

ها، سو ڳالهہ پئي ڪئي سين هڪ ڀيرو ڀيهر فرصت جا رات ڏينهن ماڻڻ جي. ڪيترائي دوست ان خواهش کي فراريت سان تعبير ڪندا پر رولاڪ کي هن بي ثبات دنيا جا تقريباً سمورا ڪم فراريت ٿي لڳندا آهن پوءِ ڀل ڪو جهنگ منهن ڪري سنياس وٺي يا چوويهن ڪلاڪن جو وڏو حصو پنهنجو پاڻ کي ايترو مصروف رکي جو جسم ٽڪي ٿني پوي ۽ ذهن ڪجهہ سوچي ئي نہ سگهي! رولاڪ وٽ فراريت جو اهو تصور آهي تہ بي فڪري هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ايترو پئسو ڏوڪڙ هجي جو دوستن جي وقت بوقت دعوت ڪندو رهجي ۽ اڪثر بئنڪ ڪلهي تي لتڪائي رلندو ڦرندو رهجي پر جيڪڏهن اڳوٽي ڪميونسٽ ٻولي ۾ ڳالهائجي تہ رولاڪ وٽ پنهنجي انهيءَ ڪرت لاءِ داخلي حالتون سازگار آهن پر معروضي حالتون انجي بلڪل ابتڙ آهن!

داخلي ۽ معروضي جي انهيءَ تڪرار تي رولاڪ کي هڪ لطيفو ٿو ياد اچي، جيڪو ان صورتحال سان ٺهڪي ٿو اچي: هڪ همراه ٻئي کان پڇيو تہ ڏي خبر، تنهنجي شاديءَ واو معاملو ڪٿي پهتو؟ تنهن تي

هن وراٺيو تہ اڌ ڪم تيار آهي " ڇا مطلب؟" ٻئي همراه پڇيو "مطلب اهو تہ آءٌ راضي آهيان. باقي مائيءَ کي راضي ڪرڻو آهي!"

شادي بابت انهيءَ لطيفي تي اهو بہ ٻڌائي ڇڏجي تہ رولاڪ پنهنجي ذهن ڏني وارن سپنن ۾ اهو بہ تخليق ڪيــو آهي تہ ڪا ڪروڙ پتي بيوه رولاڪ تي عاشق ٿيندي ۽ پوءِ سمورا مسئلا حل ٿي ويندا! رولاڪ جي هڪ واقف جي چيل انهيءَ جملي کي بہ رولاڪ سنجيدگيءَ سان ورتو آهي تہ "مولا! دي ڪوئي ڇپن (٥٦) ڪروڙ کي چوٿائي!" جيڪڏهن انهن ٻنهي ڳالهين مان ڪا هڪ بہ ڪنهن ڏينهن حقيقت جو روپ ڌاري رولاڪ آڏو اچي وئي تہ پوءِ ڪنهن پرسڪون جاءِ تي پنهنجو وڏو شاهي گهر ٺاهبو ۽ ان ۾ ٽي شيون لازمي هونديون؛ وڏي شاهي لائبريري، ٻڪهي ۽ چيتو. ڪتاب پڙهڻ تہ رولاڪ هاءِ اسڪول ۾ شروع ڪيا پر ٻڪهيءَ تي گهمڻ ۽ چيتو پالڻ رولاڪ جا ننڍپڻ کان جنون جي حد تائين شوق رهيا آهن. انهيءَ خيالي گهر کي رولاڪ ايترا ڀيرا پنهنجي خيالن ۽ خوابن ۾ ڏٺو آهي جو "معروضي" ۽ "داخلي " حالتون جڏهن بہ هڪ جهڙيون ٿي ويون تہ پوءِ رولاڪ ڪنهن آرڪيٽيڪٽ کي انجي هڪ هڪ انچ جي اڏاوت لاءِ ٻڌائيندي دير ئي نہ ڪندو.

رولاڪ جا ڪجهہ واقف سندس اهڙي خواهشن تي سندس چٽر اڏائيندي چوندا آهن تہ اُهي ناممڪن شيون آهن جيڪي رولاڪ جي زندگيءَ ۾ ٿيون تي سگهن ۽ رولاڪ کي سنجيدگيءَ سان نوڪري ڪري پيٽ گذر ڪرڻ گهرجي پر سدائين مادي حالتن جي آڌار تي تجزيا ڪندڙ انهن همراهن کي ڪير سمجهائي تہ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن قسمت جي لاٽري بہ کلندي آهي ۽ اها ئي ڳالهہ آهي تہ ماڻهوءَ کي انجو احساس ئي نہ ٿئي تہ ڪو سندس لاٽري کُلي چڪي آهي.

رولاڪ جي راءِ آهي تہ ان لاعلمي جو واحد سبب اهو آهي تہ اهڙن همراهن اهڙي ڪنهن تبديليءَ بابت زندگي ۾ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هوندو.

رولاڪ جي هڪ نيم بيروزگار ۽ نيم غريب دوست جي ڪجهہ

سال اڳ هڪ لکپتي عورت سان شادي ٿي پر رولاڪ جو اهو دوست اڃان تائين پنهنجو پاڻ کي نئين صورتحال سان ٺهڪائي نہ سگهيو آهي ۽ سندس حالت اڃان تائين"ساڳيا لاٽون ساڳيا چڱهہ" واري آهي.

لاٽريءَ تي رولاڪ کي ڪنهن روسي ڪهاڻيڪار جي هڪ ڪهاڻي پئي ياد اچي جنهن ۾ هڪ غريب اڻ پڙهيل مائي الائي ڪيئن پئسا ڏوڪڙ بچائي لاٽريءَ جي هڪ ٽڪيٽ ٽي خريد ڪري ۽ لاٽري کلڻ واري ڏينهن تي پنهنجي مڙس کي اخبار ۾ نمبر ڏسڻ لاءِ ٿي چوي. سندس مڙس پهرين تہ ڪيس پئسا فضول ضايع ڪرڻ تي دڙڪا ٿو ڏئي ۽ سندس اياڻڪي هڻڻ بابت طنز ٿو ڪري پر جڏهن زال جي زور پرڻ تي هو ڏيان سان اخبار ۾ نمبر ٿو ڳولهي تہ ڪيس خبر پوي ٿي تہ سندس زال واري ٽڪيٽ تي هڪ لک روبل جو انعام نڪتو آهي! سندس گهريلو زال امڪاني طور تي انعام نڪرڻ تي جڏهن گهر کي ٺاهڻ جي ڳالهہ ٿي ڪري تہ مڙس پنهنجي تصور ۾ انهيءَ ٺهيل ٺوڪيل گهر ۾ پنهنجي زال بدران هڪ سهڻي وينگس آڻي ٿو ويهاري. جڏهن زال انعام ملڻ جي صورت ۾ دنيا گهمڻ جي ڳالهہ ٿي ڪري تہ مڙس هڪ پيرو پيهر مردن واري روايتي ڪمينگيءَ جو مظاهرو ڪندي پئرس ۽ جنيوا جي ڪلبن ۾ سهڻين ماين سان ڊانس ڪرڻ ۽ اتان جي شراب خانن ۾ سهڻين پرين کي مهانگا شراب پيارڻ جا سپنا ٿو ڏسي. نيٺ مڙس يڪدم فرشتو بڻجيو وڃي ۽ ڪيس پنهنجي بي ڍولي زال دنيا جي سڀ کان وڌيڪ سهڻي عورت ٿي لڳي ۽ هو فسادي سوچن جي بنياد. لاٽريءَ واري ٽڪيٽ کي اهو چئي ڦاڙي ٿو ڇڏي تہ منهنجي مٺڙي ! تنهنجا منهنجا اهڙا ڀاڳ ڪٿي جو اسانجي لاٽري کلي. اهو ٻڌي مائي معمول مطابق گهر جي ڪمن ڪارين کي لڳيو وڃي.

سو جيڪڏهن رولاڪ جي بہ مٿي ڄاڻايل لاٽرين جهڙي ڪا لاٽري کلي پئي تہ پوءِ واهہ واهہ. نہ تہ ساڳي پگهار تي ڪم ڪبو!

هلال پاڪستان
١٦ نومبر ٩٤

گوليءَ جي ڪاچ ٻٽيل ٻار جو نوحو

تازو ڪراچي ۾ ٽيل هنگامن دوران ڪنهن اڻڄاتل هٿيارن مان ڇُٽل گوليءَ هڪ اڍائي سالن جي ٻار کي ماري وڌو. هو پنهنجي ماءُ جي ڪڇ ۾ هڪ وئگن ذريعي ڪنهن پاسي ويو پئي پر سندس اهو سفر رولاڪ کي ڪربلا جي ميدان ۾ حسين جي ڪڇ ۾ معصوم علي اصغر جي سفر جيان ٿو لڳي. ڪيس ٻه پاڻي ڏيڻ بدران نڙي ۾ تير هڻي جوان جماڻ اکين سان دنيا جو مشاهدو ڪرڻ زوري روڪيو ويو هو.

ٻار، جن لاءِ ناظم حڪمت پنهنجي هڪ نظم ۾ چيو ته "اچو ته هيءَ دنيا ٻارن جي حوالي ڪريون ته جيئن جنگ، ويڙهه ۽ ڏڪار هن دنيا کان موڪلائي وڃن." ٻار دنيا جي سمورن مذهبن، ثقافتن، اديبن ۽ دانشورن لاءِ هڪ ڏکيو پر وڻندڙ موضوع پئي رهيو آهي. ٽئگور جو اهو جملو ته "هرنئون جمندڙ ٻار پنهنجي آمد تي اهو اعلان ساڻ آڻيندو آهي ته خدا اڃان تائين انسان مان مايوس ناهي ٿيو". رولاڪ کي اوستائين سمجهه ۾ نه پئي آيو جيستائين سندس ڪجهه واقفن وٽ ڪي ٻار نه ڄاوا. ٻارن جو کلڻ، روئڻ ۽ ننڍڙن هٿن ۽ نيڻن سان پنهنجي اوسي پاسي واري دنيا کي حيرت وچان ڏسڻ ۽ محسوس واري ڪرت کان وڌيڪ موهيندڙ عمل رولاڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ اڃان نه ڏٺو آهي ! لارينزو جي ڳالهه ته "ٻار نه ڊيموڪريٽس آهن نه فاشي، ڪميونسٽ آهن ۽ نه وري مذهبي جنوني" کي رولاڪ اڪيلي وڌائيندي ايستائين به چوڻ لاءِ تيار آهي ته ٻار نه سنڌي آهن نه مهاجر شيعه آهن نه وري سني ٻار ته بس ٻار آهن!. ٻارن کي ڪا تشبيهه ڏيڻ کان ته پابلو نرودا به قاصر هو، هن به پنهنجي هڪ نظم ۾ بس ايترو اهو چيو: "ٻ ٻارن جو رت ٻارن جيان ٻانيڙا پاڻي وهندو رهيو"!

ٻارن جي ذڪر تي رولاڪ کي اسپين ۾ ١٩٣٠ واري ڍاڪي

جو اُهو ڏوهاري لارينزو به ياد پيو اچي جيڪو پاڻ ڦرون ڪندو هو، سندس زال وٺشيا هئي ۽ هنن پنهنجي ٻارن کي ڪيسا ڪترڻ جي تربيت ڏني هئي. اسپين ۾ گهرو لڙائي شروع ٿيڻ تي لارينزو اهو چئي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هو ته ”هاڻ ماڻهو مرندا ۽ مڙدا ڦر ڪندڙ آڏو ڪا مزاحمت نه ڪندا.“ اهڙي اسپين ۾ انسانيت دوست انسانن وٽ لورڪا جهڙي اهميت رکندڙ لارينزو جڏهن لورڪا جي لاش تي بلڊوزر هلندي ڏٺو هو ته بنان ڪنهن افسوس جي ٽهڪ ڏيندي چيائين ته ”ان کان ته بهتر ٿئي ها ته هو (لورڪا) به منهنجو ساٿي بڻجي ها ۽ هيئن هڏا نه چچرائي ها.“ پر جڏهن اسپيني آمر جنرل فرانڪو جي فوجن ميڊرڊ جو گهيرو ڪري شهر جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو ته لارينزو چپ رهي نه سگهيو ۽ ان موقعي تي هُن اهڙو جملو چيو جيڪو ٽنگور سالن جي ٽپسيا ڪانپوءِ ئي چئي سگهيو هو. لارينزو چيو ته ”ٻار ڇو اُڃ وگهي مرن. ٻار نه ڊيمو ڪريٽس، (فرانڪو سان وڙهندڙن جو عام فهم نالو) آهن ۽ نه فاشي.“ هو مشڪ ڪلهي تي رکي پاڻي پيرڻ لاءِ ويو ته کيس فرانڪو جي فوجن ڪميونسٽن جو جاسوس ليکيندي گرفتار ڪري ورتو. کيس ڦاسي ڏني وئي ۽ سندس لاش تي ڏينهن ٽياس تي جهولندو رهيو.

رولاڪ کي لارينزو ۾ ڪربلا جي پانڌيڙي غازي عباس ۽ اُتي آخري لمحي تي حق ۽ ناحق وچ ۾ درست فيصلو ڪندڙ حر ۾ هڪ جهڙائي لڳندي آهي پر رولاڪ پنهنجي طبعي زندگيءَ ۾ ڪو حُريا لارينزو ڏسي نه سگهيو آهي.

رولاڪ آڏو هڪ سوال ٽياس وانگر ٽنگيل آهي ته ڇا اسين پنهنجي روين ۾ ”شمر“ ٿي ويا آهيون، جو ڪنهن ٻار کي جيون جو مرڪ پريو پاڻي پيارڻ بدران کيس نڙيءَ ۾ تير هڻي وڏيڪ مزو ٿا ماڻيون؟ ڇا اسان ۾ ڪوبه لارينزو ناهي جيڪو ٻار کي مستقبل ماڻڻ جو پروانو آڻي؟ ڇا اسان ۾ ڪو غازي عباس ناهي جيڪو فرات جي

ڪناري تان رڳو انڪري اُجيو موٽي اچي جو پوئتي ٻار اُڃايل آهن؟ ٽي سگهي ٿو شيعا ذاڪرن واتان بيان ٿيندڙ اها ڳالهه گهڻن ماڻهن کي وسهڻ جوڳي نه لڳي ته فرات جي ڪناري تان غازي عباس جو گهوڙو به پنهنجي مالڪ کي پاڻي نه پيئندو ڏسي اُجيو موٽي آيو هو پر روﻻڪ کي اهي سموريون ڳالهيون ٻارن کي پيش ٿيندڙ خراج لڳن ٿيون. ٻار جن لاءِ فلسطين جي ويڙهاڪ شاعر توفيق زياد چيو هو ته ”آءُ پنهنجي اڌ حياتي اُن کي ارپيندس جيڪو ڪنهن روئندڙ ٻار جي چهري تي مُرڪ آڻي.“

پر روﻻڪ پنهنجي سڄي حياتي بس رڳو ان ڳالهه تي ارپڻ لاءِ تيار آهي ته ڪو روئندڙ ٻار جا لڙڪ ٽِي اُگهي! روﻻڪ جي بس ايتري خواهش آهي ته ٻار اسانجي دوست رحمت ماڇوئيءَ جي ڪهاڻيءَ جي ڪردار ٻار وانگر هٿيارن جي جهولن ۾ نه لڏن پر اُهي اسد ۽ خالد جا پتلي تماشا ۽ ٽي ويءَ تي ڪارٽون شو ڏسي کلي کلي ڪيرا ٿي پون ۽ يوسف سيف جي ڏيءَ ”ڪائنات“ وڏي ٿــي ڪـائناتن جـا اڃان تـائين اڻ ڦلهوريل راز ڦلهوري ۽ روﻻڪ جي ڀاڻيجي زَهره بتول جنهن کي روﻻڪ زُهره سڏيندو آهي وڏي ٿي زهره گره جيان چمڪي ۽ روﻻڪ جي ذهن ۾ طئي ٿيل نالي ”شنڪرحسين “ وارو ٻار پنهنجي جوانيءَ ۾ هري شنڪر جهڙو ڏاهو ۽ حسين ابن عليءَ جهڙو سچ ڳالهه چوندڙ بڻجي!

روﻻڪ انڪان وڌيڪ ڀيو ڪجهه نٿو چئي سگهي ته ڪائناتن. زهرائن ۽ شنڪر حَسينن کي جيئرو رهڻ ڏيو! ڪين زندگي ماڻڻ ڏيو! زندگي جيڪا اسين پنهنجي اندر جي ڪوجهائپ سان گدلي ڪري چڪا آهيون ۽ ان زندگيءَ جي گدلائپ کي اهي ٻارڙي ڌوئي اڇو اُجرو ڪري سگهن ٿا.

هلال پاڪستان

١٧ نومبر ٩۴

شادي، هٿ ريڪائون ۽ آرٽسٽن جا اڇوتا خيال

تازو اخبارن ۾ خبر ڇپي آهي تہ هڪ همراھ کي سندس شاديءَ واري ڏينهن دل جو دورو پيو ۽ کيس اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پيو. همراھ جي شادي مقرر ڏينهن تي اسپتال جي ڪمري ۾ ٿي. ڪجھ هفتا اڳ اخبارن ۾ اِها بہ خبر شايع ٿي هئي تہ هڪ پارٽي سَرمائيدار جي پٽ پنهنجي شاديءَ جو اهتمام هوائي جهاز ۾ اُڏام دوران ڪيو هو. آرٽسٽن جي سرزمين هند جي ان نوجوان جي شاديءَ وارا ڦيرا زمين کان ڪو اٺ هزار ڪن فٽ مٿي ٿيا.

شادي جو معاملو بہ عجيب آهي. ان بابت تہ اها چوٽي تقريباً سڄي دنيا ۾ رائج آهي تہ شادي جيڪو ڪري اهو بہ پڇتائي، جيڪو نہ ڪري سو بہ پڇتائي پر رولاڪ جو مشاهدو اهو ٿو ٻڌائي تہ شادي نہ ڪري پڇتائڻ ڪجھ وڌيڪ بهتر آهي. رولاڪ شاديءَ جو ڪو هرو ڀرو نظرياتي مخالف بہ ناهي پر شادي شد همراهن جي حالت ڏسڻ ڪانپوءِ ڪنهن غير شادي شده شخص کي اِها راءِ قائم ڪرڻ دير نہ لڳڻ کپي.

شادي جي ذڪر تي رولاڪ کي شادي جون ڪيتريون ئي دلچسپ رسمون ۽ وارداتون ياد پيون اچن. ننڍڙي هوندي رولاڪ کي شاديءَ جي رسمن سان انڪري بہ دلچسپي هوندي هئي جو گهوٽ/ ڪنوار هٿان ڀڳل ناريل ۽ ترِ ڪائڻ لاءِ ملندا هئا. انڪانسواءِ رولاڪ کي مٿا ٽڪرائڻ (لائون لهڻ) واري رسم اڃان تائين وڻندي آهي. شاديءَ جون رسمون هر برادري ۽ هر ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ مختلف آهن. رولاڪ راجستان جي راجپوتن جي هڪ شادي ۾ ڪنواريتن ۽ گهوٽيتن کي هڪٻئي تي لنيون بانٺا استعمال ڪندي ڏٺو. ڇج ۾ ڦڙ قوت ايئن ٻنجي وئي جو اسانجي هڪ دوست جي ٻڌايل چوٽيءَ موجب ڇڻ "ڪوسن ۾

پوليس پڄي وئي" رولاڪ کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي پئي آئي جو ڪجهہ ڪري نہ تہ رولاڪ پراڻن جهيڙن ۾ هرو ڀرو بہ ڦاٿو پيو رهندو آهي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ جڏهن معاملو ٺريو تہ رولاڪ کي سنڌس هڪ راجستاني راجپوت دوست ٻڌايو تہ ان رسم/جهيڙي جو مقصد اِهو آهي تہ ڪنواريتا گهوٽيتن کي چئلنج ٿا ڪن تہ جيڪڏهن مڙسي اٿو تہ مائي وٺي وڃو! ان دوست موجب پراڻي زماني ۾ تہ گهوٽيتن جي ڪمزور هئڻ تي ڇڄ کي واپس بہ موٽايو ويندو هو! پاڪستاني فلمن جي گٺل پِٺل ڊائلاگ "يہ شادي نهين هوسڪتي !" جو عملي مظاهرو رولاڪ جي هڪ دوست کي اوڏيءَ مهل ڏسڻ ۾ آيو جڏهن هڪ ڇڄ مقرر ٿيل وقت تي ڪراچيءَ جي هڪ شادي هال نہ پهتي تہ ڪنوار جي پيءُ ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ڀاڻيجي سان پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح پڙهائي ڇڏيو.

پنهنجي پسند جي مرد/عورت سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻهن ڏاڍاعجيب وغريب قدم کنيا آهن. انگلستان جي بادشاهہ جارج ائين بادشاهت ڇڏي ۽ ڪرشن چندر سلما صديقيءَ سان پرڻجڻ لاءِ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو ۽ عبالقدوس ٽائيپ نالو اختيار ڪيائين. رولاڪ کي شاديءَ جي هڪ دلچسپ تقريب هنديءَ جي تمام وڏي ڪهاڻيڪار ۽ انگريزن خلاف ڀڳت سنگهہ ۽ چندر شيکر آزاد وارن جي هندستان سوشلسٽ ريپبلڪن آرميءَ جي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪندڙ پدم ڀوشڻ "يشپال" جي لڳندي آهي. هن يار پنهنجو ڪيس هلائيندڙ انگريز مئجسٽريٽ کي هڪ درخواست پيش ڪئي تہ هو سندس مڱ کي جيل اچي ساڻس شادي ڪرڻ جي اجازت ڏي. انگريز جج ان "خطرناڪ ڏوهاريءَ" کي ان قسم جي اجازت ڏيڻ کان جڏهن انڪار ڪيو تہ هندستان جي ان خاص عدالت ڪانوني لنڊن ۾ برطانوي پارليامينٽ تائين هڪ قانوني بحث شروع ٿي ويو. ڇاڪاڻ جو ان وقت تائين برطانوي قانون ۾ جيل اندر شادي نہ ڪرڻ جو ڪو ضابطو نہ هو. نيٺ يشپال کي جيل اندر شادي ڪرڻ جي اجازت ملي ۽

پهريدارن جي نگرانيءَ ۾ سندس ويان ٿيو.

آرنسٽن وٽ هر معاملي تي اڇوتا خيال ٿي هوندا آهن. اڇوتي ڳالهہ تہ عينيءَ جي ناول "سيتاهرن" ۾ بہ آهي تہ جڏهن ناول جي هڪ اهم ڪردار "جميل" ناول جي هيروئن "سيتا مير چندانيءَ" کان لنڊن جي هڪ زير زمين ريلوي اسٽيشن تي اوڏي مهل سائس شادي ڪرڻ لاءِ پڇيو جڏهن ميٽرو جا دروازا بند ٿيڻ ۾ باقي ڪي ٽيهہ سيڪنڊ هئا. سيتا پنهنجي ڪنهن واقف کي اها سچوئيشن هن ريت ٻڌائي ٿي: چئني پاسي مسافرن ۾ قاتل جميل کلها هٽي پنهنجي لاءِ وٽي ٺاهي ۽ مون کان پڇيائين: "مونسان شادي ڪندينءَ؟" ميٽرو جا در بند ٿيڻ ۾ ٽيهہ سيڪنڊ باقي هئا ۽ مون ستاويهہ سيڪنڊ بچائيندي سائس هائوڪار ڪئي. رولاڪ غير شادي شد هئڻ ڪري اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهيو آهي تہ اهو ڪهڙو جذبو آهي جيڪو اڪثر ماڻهن کان شاديءَ جي عيوض سندن گهڻو ڪجهہ ڦرايو وجهي. پنڊت جواهر لال نهروءَ جي ڀيڻ وجي لڪشمي پنڊت پنهنجي گهر وارن جي مخالفت هوندي بہ هڪ مسلمان سان شادي ڪئي ۽ نهرو جي ڌيءَ اندرا هڪ پارسي فيروز گانڌيءَ سان پرڻي. ايراني نسل جي نصرت اصفهاني هڪ پوئتي پيل علائقي جي اڳ ۾ ئي شادي شده نوجوان "زلفي " سان پنهنجي گهر ڀاتين جي انتهائي مخالفت جي پرواهہ نہ ڪندي بہ شادي ڪئي ۽ سڄي حياتي سندس پوڄا ڪندي رهي!.

شادي جي ذڪر تي رولاڪ کي ياد آيو تہ مشهور پامسٽ ڪيرو پنهنجي جواني ۾ هڪ اهڙي تنظيم ۾ شامل ٿيو هو، جنهن جي سمورن ميمبرن اهو حلف ڪنيو هو تہ هو ڪڏهن بہ شادي نہ ڪندا. هڪ ڏينهن ڇوڏهن سالن جي هڪ نوجوان ڇوڪري ڪيرو کي پنهنجو هٿ ڏيکارڻ آئي. ڪيرو سندس هٿ ريکائون ڏسڻ ڪانپوءِ چيو تہ تنهنجيون بہ شاديون ٿينديون. پهرين شادي جلدي ٿيندي پر ٻي شاديءَ لاءِ توکي ڏگهو انتظار ڪرڻو پوندو. ان تي اها ڇوڪري "آءٌ

تنھنجي لاءِ ڏھہ سال بہ انتظار ڪري سگھان ٿي" چئي ڪيرو جي آفيس مان ھلي وئي.

ڪجھہ عرصي ڪانپوءِ ان ڇوڪريءَ جي ھڪ فوجي ڪيپٽن سان شادي ٿي. شاديءَ جي ھڪ سال ڪانپوءِ جنگ لڳي ۽ اھو ڪيپٽن جنگ دوران وڃائجي ويو. تڏھونڪي قانون موجب ان مائيءَ کي ھاڻ ٻيءَ شاديءَ لاءِ ست سال انتظار ڪرڻو ھو. ڇوڪريءَ جو ھٿ ڏسڻ کان تقريبا اٺ نو سال پوءِ ڪيرو سخت بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽرن سندس صحتمند ٿيڻ کان نا اميدي ظاھر ڪئي تہ سندس ڪجھہ واقفن اھو چاٺندي بہ تہ ھن وڏي شاھي دنيا ۾ ڪيرو جو ڪوبہ ناھي، اخبارن ۾ ھڪ اشتھار شايع ڪرايو تہ مشھور پامسٽ ڪيرو سڪرات ۾ آھي ۽ جيڪڏھن سندس ڪو مٽ مائٽ ھجي تہ فلاڻي اسپتال ۾ اچي ساڻس ملي. ان ڇوڪريءَ بہ اھو اشتھار پڙھيو ۽ اچي اسپتال پھتي. سندس تيمارداري يا عشق ڪيرو کي چاڪ ڪري وڌو. ٺيڪ ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيرو بہ ڪم ڪيا؛ پھريون، سدائين غير شادي شده رھندڙن واري تنظيم تان استعيفا ڏنائين ۽ ٻيو تہ انھيءَ ڇوڪريءَ لاءِ مڱڻي جي منڊي ٺھرايائين.

وڏن خفن ۾ ھڻ ھٽان ڪانپوءِ ٿيل شادين جا گھڻا ذڪر رولاڪ امرتا پريتم جي ڪتاب "ايڪ ھاٿ مھندي ايڪ ھاٿ آبلہ" ۾ پڙھيا آھن. رولاڪ اڳ ۾ بہ لکي آيو آھي تہ ھو شاديءَ جو ڪو نظرياتي مخالف ناھي پر شادي ائين ڪجي جو گھٽو ڪجھہ وڃائي زور دار جيون ساٿي ماڻجي نہ تہ روزانو دنيا ۾ لکين شاديون ٿين ٿيون ۽ شروع جي ڏھن پندرھن ڏينھن ڪانپوءِ جو زال مڙس ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي ٿئي تہ وڃيو نسلن تائين پھچي!

ھلال پاڪستان
٢٤ نومبر ٩۴

ميزان - ناسٽلجيا- ڳوڙهن جا موتي

ڪراچي پريس ڪلب جي چترڪار ويٽر ميزان الرحمان تنهن ڏينهن ڍاڪا جو ذڪر ڪندي چيو ته ڍاڪا ۾ غربت آهي، مسئلا آهن پر ڍاڪا ڍاڪا آهي ۽ هو ڪو اڌ ڪلاڪ کن تائين ڍاڪا جي ناسٽلجيا ۾ ٻڏو رهيو. ڍاڪا جو ذڪر هو رڳو انڪري ڪندو رهيو جو ڍاڪا سندس شهر آهي ۽ هر ماڻهوءَ جيان هو به پنهنجي شهر کي وساري نه سگهيو آهي.

رولاڪ به پنهنجي شهر حيدرآباد کي وسارڻ ۾ بلڪل ناڪام رهيو آهي ۽ ان ناڪاميءَ جو اعتراف رولاڪ ۾ فخر جو احساس ته پيدا ڪري. پنهنجي شهر/ ديس کي سمورين خرابين هوندي به پنهنجو ڪرڻ رولاڪ جي راءِ ۾ شايد ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جيان انسان جي جبلي فطرت آهي. شيڪسپيئر ڪالوني ڪراچيءَ واري لالوکيت ۾ پيڙن جو ڳاڏو لڳائيندڙ تائين هرڪو پنهنجي علائقي کي ائين پيو ساراهيندو، ڄڻ باقي سموري دنيا ڪنهن جديد شهر ۾ رهندڙ آڏو ڏيئي، ڪڏارو، غلام شام هجي!

نندي ڪنڌ جي ورهاڱي ڪانپوءِ ته پنهنجي شهر/ علائقي کي ياد ڪرڻ وارو رجحان سياسي ڏڪار جو ذريعو بڻجي ويو آهي. ورهاڱو نندي ڪنڌ جو هجي يا سنڌ جو يا وري حيدرآباد شهر جي حدن جو، انجو عذاب صدين تائين هر ڪنهن کي ڀوڳڻو ته پوي. ١٩٤٧ واري ورهاڱي جي نتيجي ۾ چانهن جي ڪوپ تي دهشتگرد منصوبا جوڙيندڙ بنگالين کان وٺي ينگ ۽ تصوف جي پنڪين ۾ ٻڏل سنڌين تائين نندي ڪنڌ جو هر ماڻهو اڄان تائين وائڙو بڻيل آهي.

ها سو ڳالهه پئي ڪئي سين پنهنجي شهر کي ياد ڪرڻ جي. رولاڪ اڄان تائين ان ڳالهه کي سمجهي نه سگهيو آهي ته جيڪڏهن

لالوکيت ۾ رهندڙ ڪو شخص دهلي يا رائي بريليءَ کي ياد ڪري تہ "گناهگار" پر سنڌ کان ويل ڪميونسٽ ليکڪ اُتم ۽ گوبند مالهي سنڌ کي ياد ڪن تہ ڌرتي جا سپوت!

پنهنجي شــهر جي يــاد ۾ ڦتڪنـدي رولاڪــ ڊاڪـــٽر جي ايم مهڪريءَ کي بہ ڏٺو آهي، جيڪو اڪثر پنهنجي شهر بئنگلور جو ذڪر انتهائي جذباتي بڻجي ڪندو آهي. مهڪري صاحب تہ ماڻهو ئي لاجواب آهي. سو ڳالهيون بہ لاجواب ڪندو آهي. هو اڪثر پنهنجي شهر کي سارينديي غلام مجتبيٰ بئنگلوريءَ جي نالي سان بہ لکندو ۽ چيڙائيندو آهي.

ڊاڪٽر مهڪري ننڍي کنڊ جي ورهاڱي مهل لڏ پلاڻ ڪندڙن کي ٽن حصن ۾ ورهائيندو آهي. سندس بقول هڪڙا مال ڪمائڻ آيا، ٻيا موچڙا کائي اُيا، ٽيان وري بنا ڪنهن مقصد جي يا رونشي ۾ آيا. رونشي ۾ پنهنجا شهر ڇڏيندڙ ئي سڀ کان وڌيڪ عذاب سهن ٿا.

رولاڪ کي تازو بي بي سي ريڊيو تان خبرون پڙهندڙ اهڙو پاڪستاني مليو جيڪو گذريل ويهن پنجويهن سالن کان لنڊن ۾ رهندو اچي پر هو انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪو گهر وٺڻ لاءِ بيچين هو. رولاڪ جڏهن کيس ڪراچيءَ جي حالتن کان ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن رڳو هڪڙي جملي ۾ ئي رولاڪ کي لاجواب ڪري ڇڏيو تہ "يار! اهو شهر جنهن ۾ ٻالڪپڻ ۽ جواني جا ڏينهن گذارياسين سو ٻيل ڇاتيءَ ۾ چرو ئي هٽي پر لڳي پيارو ٿو!"

رولاڪ ١٩٨٩ع ۾ انٽرنيشنل سچل ڪانگريس جي موقعي تي ڀارت مان ورهاڱي کان پوءِ پهريون ڀيرو ڪراچيءَ آيل ترقي پسند ليکڪ گـوبند مالهيءَ کي اڪوٽي ڪـوئنـس روڊ ۽ هـاٿـوڪـي مولوي تميزالدين روڊ تي انتهائي جذباتي ٿيندي ڏٺو، جتي هن پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن گهاريا هئا.

ڀارت ياترا ڪيل رولاڪ جا سمورا واقف ۽ اتان جا سنڌيءَ ۾ سفر ناما لکندڙ سمورا ليکڪ رڳو هڪ ڳالهہ تي متفق آهن تہ ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي ويل سنڌين کي سنڌ اڃان تائين ياد آهي. سنڌ ۾

رهندڙ سنڌي دانشور پنهنجي ديس/ شهر لاءِ ساڳيو رويو رکندڙ اردو ڳالهائيندڙن جي انهيءَ جذبي کي سنڌ دشمني سان تعبير ڪن ٿا.رولاڪ جي بس رڳو ايتري فرمائش آهي تہ جيڪڏهن سندري اتم چنداڻي کي آرام/ رام باغ ڪراچيءَ وارو پنهنجو گهر ياد ڪرڻ جو حق ڏجي تہ پوءِ زاهده حنا کان سندس اباڻي شهر کي ياد ڪرڻ جو حق ڦرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي. پنهنجي شهرن ۽ ديس کي پنهنجو ڪرڻ واري ذڪر تي رولاڪ کي قر ة العين حيدر جو ناول "آگ ڪا دريا" تمام گهڻو ياد پيو اچي، جنهن ۾ هندستان کان لنڊن پڙهڻ لاءِ ويل نوجوان هندستانين جو هڪ گروهہ پنهنجي شهر جي قبرن، پراڻن گهرن ۽ چنڊ جي ايرڻ کي ياد ڪندي ائين جذباتي ٿيو پوي جيئن امامن جي مجلس ۾ مصائب ٻڌڻ مهل شيعا تي ويندا آهن.

ساڳئي ناول ۾ اهي نوجوان وطن جي ڳالهہ تي ائين سنجيده ٿي ڪن لائين ٿا جو جڻ ڀارتي فلم " نام" ۾ شامل غزل " ٻڙي دنون ڪي بعد، هم بي وطنون ڪو ياد، وطن ڪي مٽي آئي هئي" جو نثري اظهار ڪندا هجن.

رولاڪ جي بس رڳو هڪڙي خواهش آهي تہ هر ڪو پنهنجي شهر جي چڱاين ۽ اوڻاين کي ائين own ڪري جيئن شيڪسپيئر چيو هو تہ "او انگلينڊ! آءٌ تنهنجي غدارن سان بہ پيار ڪريان ٿو." پر پنهنجي شهر لاءِ فخر کي ڪنهن ٻئي جي شهر لاءِ تذليل يا ڌڪار طور استعمال نہ ڪيو وڃي. آگري جو رهندڙ ان ڳالهہ تي ڀل فخر ڪري تہ سندس شهر ۾ تاج محل جهڙو عشق جو لافاني اظهار آهي پر شيخ اياز وانگر ڪنهن تي اها فتوا نہ مڙهي تہ "تون ملير کي ڇڏي/ ڀيو ڇا بہ ٿئين/ مارئي نہ رهندينءَ." ها، جگجيت سنگهہ جي ڳايل غزل کي ڀل جهونگارجي تہ " هم تو هين پرديس مين، ديس مين نڪلا هوگا چاند!." پوءِ جيڪڏهن ديس کان پري هججي تہ انکي ياد ڪندي ڳوڙها پي ڇڏجن، ڳوڙها جن جو ملهہ دنيا جا سمورا موتي بہ چڪائي نٿا سگهن!.

هلال پاڪستان
١ ڊسمبر ١٩٩۴

ستار ايڌي - ڳوٺ مان ڦريون پيرو شهر ايندڙ پار

اخبارن ۾ هڪ تصوير شايع ٿي آهي جنهن ۾ ڏيهان ڏيهه مشهور سماجي ڪارڪن عبدالستار ايڌي پنهنجي اداري جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ امدادي ٽوڪن وڪڻي رهيو آهي ۽ ان دوران صدر فاروق لغاريءَ جي موٽر گاڏين جو ڪاروان گذري رهيو آهي. ايڌي ان ڪاروان کي ڏسي هٿ لوڏي رهيو آهي پر شيشا چاڙهيل ايئر ڪنڊيشن گاڏين ۾ ويٺل ايڌيءَ کان پنجن رپين جو ٽوڪن وٺڻ ته پري جي ڳالهه پر ڪيس هٿ لوڏي جواب به نٿا ڏين! تصوير جي ڪيپشن موجب بس رڳو سنڌ جو وڏو وزير سيد عبد الله شاهه هٿ لوڏي ايڌيءَ کي سلام ڪري ٿو.

رولاڪ پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي سال ايڌي ٽرسٽ جي سرگرمين ۾ هڪ رضاڪار طور ڪم ڪندي گذاري چڪو آهي. رولاڪ کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته هن ڪراچيءَ کان ٺٽي ۽ اتان واپس ڪراچيءَ تائين جو سفر ايڌيءَ سان گڏ هڪ جيپ ۾ ويهي ڪيو آهي. ان سفر دوران مستقل طور تي دنيا جي وڏين شخصيتن مان هڪ عبدالستار ايڌي رولاڪ کي ڪنهن ڏورانهين ڳوٺ مان ڦريون پيرو شهر آيل ڪو پار لڳو. جنهن هر واٽهڙو ۽ گاڏيءَ واري کي هٿ لوڏي سلام ٿي ڪيو. ان دوران ڪجهه غريب ۽ مسڪين ماڻهن ايڌيءَ کان پنجن رپين وارا ٽوڪن پڻ خريد ڪيا هئا. عام ماڻهن وٽان ايڌيءَ کي ملندڙ مان رولاڪ لاهور ۾ به ڏٺو آهي، جتي به هن امدادي ٽوڪن ٿي وڪيا.

ايڌيءَ جنهن کي سڄ سماءُ جي عالمي ادارن يڪراءِ يتيمن ۽ بي گهرن جو آجهو ۽ ڪراچيءَ جو مسيحا پئي چيو آهي، سدائين ڪريل جو ساٿ ڏنو آهي ۽ راڄ ڌڻين وٽان نظراندازي ۽ تشدد سهندو رهيو آهي. پوءِ ڀل اها ايم ڪيو ايم هجي جنهن جي زخمي ۽ مارجي ويل ووٽرن کي ايڌي ايمبولنسون ئي اسپتال پهچائينديون رهيون. وري

جڏهن ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ سميت سنڌ جي شهري علائقن جي راڄ ڌڻي ٿي ته ايڌي سينٽرن تي حملا ڪيا ويا ۽ ان کان به. وڌيڪ شرمناڪ صورتحال ان مهل پيدا ڪيائون جڏهن ايڌي سينٽر ميرپور خاص جي پوڙهي انچارج کي اگهاڙو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ويو!

پيپلز پارٽيءَ کي به نواز شريف دور ۾ راولپنڊيءَ ۾ ٽيل لانگ مارچ دوران ايڌي ٽرسٽ جي ايمبولنسن جا سائرن وسارڻ ته نه کپن! هاٿوڪي صدر فاروق لغاريءَ جي يادگيري ايتري ته ڪمزور نه هئڻ گهرجي جو ڪيس اهو به وسري ويو هجي ته سندس ئي پارٽي جي اڳواڻن ڊاڪٽر اسماعيل ابڙيجي، جگديش ملاڻي ۽ صحافي فقير محمد لاشاريءَ جا مڙهه ۽ غلام قادر پليجي جو زخمن سان گهايل بدن ايڌيءَ جي ايمبولنسن ئي اسپتال پهڙو ڪيو هو. ان کان پوءِ ٩٣ واري چونڊ مهم دوران ايڌي ٽرسٽ جي پائلٽ فهيم الزمان جي اڏايل هيليڪاپٽر جي نتيجي ۾ پ پ جي چونڊ نتيجن جي بهتر ٿيڻ جو اعتراف خود محترما بينظير ڀٽو به ڪري چڪي آهي.

رولاڪ جي راءِ ۾ ڳالهه اها ناهي ته ايڌيءَ جي خدمتن عيوض ڪيس ميڊل ڏنا وڃن پر اصل مسئلو فاروق لغاري کان وٺي شبير شر تائين ۽ الطاف حسين کان وٺي اعجاز جتوئيءَ تائين اسان سڀني جي زوبي جو آهي. حاڪمن ته هر نه جهڪڻ واري ۽ عقل مند کي ڏنڀ پئي ڏنا آهن پر هتي اسان جا" باشعور ۽ سڄاڻ" به ايڌيءَ کي ڏکوئڻ ۾ ڪنهن کان پوئتي ناهن. ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ضيا مارشل لا جي بيمار قيدي شبير شر کي دوائون پهچائيندڙ عبدالستار ايڌيءَ مان اها توقع ڪيئن ٿي ڪري سگهجي ته هو قتل ٿيل ڊاڪٽرياڻيءَ جو لاش ڪنهن ايم پي اي کان ڊڄي لڪ چپ ۾ دفن ڪرائي ڇڏيندو!

جنرل ضيا کان ملندڙ چيڪ موٽائيندڙ ايڌيءَ جون سرگرميون صدر فاروق لغاريءَ جي رکو پنجن رپين جي عيوض ته بند نٿيون ٿي سگهن. رولاڪ جي راءِ آهي ته اسين سڀئي پنهنجي روين ۾ انتهائي مادي پرست ٿي ويا آهيون ۽ اسان اخباري دنيا جي ڪارڪنن لاءِ اهي ماڻهو "اهم" آهن جيڪي اسانجي مٿي تي ڏنڊو هڻن يا وري اسان کي لفافن

تي هرڪائين. اسين اخبارن سان وابسته سمورا ڪارڪن هر ڳالهه ۾ "خبر" ڳوليندا ٿا وتون، ايستائين جو ايڌيءَ جي ايمبولينس ۾ هٿيار هئڻ جي دعوا ڪندڙ پريس رليز تي بنان ڪنهن تصديق ڪرڻ جي ايڊيٽوريل به لکيو ڇڏيون! پوءِ اهڙي صورتحال ۾ عبدالستار ايڌي ملڪ ڇڏڻ جون ڳالهيون نه ڪري ته پوءِ ٻيو ڇا ڇوي!؟

رولاڪ جو خيال آهي ته مسئلو رڳو ايڌيءَ جو ناهي. اسين سمورن سماج سڌار ماڻهن کي ڪنهن اهميت جوڳو نٿا سمجهون. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پوءِ انڌين اکين کي جوت ڏيندڙ ڊاڪٽر صالح ميمڻ سان ملاقات لاءِ سنڌ جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه وٽ وقت ضرور هجي ها! محترمه بينظير ڀٽو رڳو ارشاد احمد حقانيءَ جي ڪالم تي سنڌ جي ٻي لوث سماجي ڪارڪن حافظ محمد صديق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر صالح ميمڻ جي رات ڏينهن محنت ڪري ڪراچيءَ ۾ جوڙيل مخدوم بلاول هائوسنگ سوسائٽيءَ جو پلاٽ رد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اعليٰ اختياريءَ وارن کي هدايتون جاري نه ڪري ها.

اِهو مامرو رڳو اسانجي اياڻي ملڪ تائين محدود ناهي پر ڪڏهن مدرٽريسا تي "جنسي ٻي راهه رويءَ" جا الزام ٿا لڳن ته ڪڏهن صوماليا جي جنگي ميدانن ۾ انساني بنيادن تي بيمارن ۽ بکايلن جي سار سنڀال لهندڙن کي گولين سان پرڻ ٿو ڪيو وڃي.

رولاڪ جي بس ايتري خواهش آهي ته ايندڙ وقت ۾ ڪنهن ايڌيءَ کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي. ڪنهن مسڪين جهان خان کوسي کي ڊي پي آر ۾ نه ٻڌو وڃي. بلڪ اسان مان هر ڪو ڊاڪٽر اديب رضوي ۽ عبدالستار ايڌيءَ وانگر انسانن جي ۽ ان بي نام پارسي خاتون وانگر جيڪا زخمي ۽ بيمار جانورن جو پنهنجي خرچ تي علاج ۽ رولو ۽ بکايل جانورن کي پنهنجي خرچ تي داڻو پاڻي مهيا ڪندي آهي، جانورن/ پکين جي ڏکن سورن مٽائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي. ڇاڪاڻ جو دنيا ۽ ماڻهو ڪنهن ٽاٽا، باٽا، دادا ڀائيءَ بدران فلورنس نائٽ اينگل ۽ مارٽن لوٿرڪنگ کي ياد رکن ٿا جو دنيا اهڙن ئي ڪن مٺيادار ماڻهن جي موجودگيءَ سبب قائم آهي نه ته اسان ته هن دنيا کي جهنم بنائڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي!

هلال پاڪستان
٨ - ڊسمبر ٩٤

شاعر دشمن دنيا ۾ مشاعرن جي ريت

٣٠ - نومبر تي پ پ ڪراچي پنهنجي ستاويهين جنم ڏينهن تي ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ مشاعرو ڪيو. اهو مشاعرو ڪيترين ئي ڳالهين جي حوالي سان اهم ۽ ساڳئي وقت معمول وارو هو. رولاڪ جڏهن به سرڪاري يا سرڪار وارن جا مشاعرا ٻڌا آهن ته ان ۾ ٻه ڳالهيون هڪ جهڙيون هونديون آهن. هڪ ته ان جي صدارت ڪو وزير باتدبير ڪندو آهي ۽ ٻيو ته ان ۾ حڪومت يا حاڪمن تي تنقيد ڪرڻ ائين منع هوندي آهي جيئن رولاڪ جي آمد تي جنت ۾ پابندي هوندي!

مشاعرا سنڌي ڪلچر ۾ ڪا آدجڳاد جي ريت لڳن ٿا. ڪجهه ماهر ته اهو به ٿا چون ته اوپيرا جنهن ۾ شاعريءَ وسيلي اداڪاري ڪبي آهي سا به خالص سنڌي ڪلچر جي ايجاد ڪيل صنف آهي.

ها، سو ڳالهه پئي ڪئي سين ڪراچي پريس ڪلب واري مشاعري جي. ان مشاعري ۾ پنجابيءَ جي ڀلوڙ شاعر بابا نجميءَ جڏهن مهانگائيءَ جي حوالي سان حڪومت تي هڪ تنقيدي نظم پڙهيو ته مشاعري جي انتظامي ڪميٽيءَ جي هڪ غير شاعر ميمبر ڪيس پٺن ۾ ڇهنڊڙي هڻي خاموش ٿيڻ لاءِ چيو. اهو منظر ڏسي رولاڪ کي ١٩٨٥ع ۾ انجمن سادات امروهه طرفان ٿيل پاڪ پارٽ مشاعرو ياد آيو، جنهن ۾ رولاڪ پنهنجي سنگتين ساٿين سان گڏجي اردوءَ جي بزرگ شاعر صهبا اختر کي رڳو انڪري پنهنجي شاعري پڙهڻ نه ڏني هئي جو هن جنرل ضياءَ جي حمايت ۾ قصيدو لکيو هو.مارشل لائي جمهوريت وارن تن ڏينهن ۾ ته رولاڪ سنڌس ساٿي درباري شاعر کي اسٽيج تان لاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پر پريس ڪلب واري مشاعري ۾ بابا نجميءَ جي حمايت وارا پنهنجو رنگ ڏيکاري نه سگهيا. شايد ان جو سبب اهو هو جو صهبا اختر کي ڊوڙائي ڪڍڻ وارا ڪجهه همراهه هاڻوڪي

مشاعري جي انتظامي ڪميٽيءَ جا سرگرم ميمبر هئا ۽ باقي ٻيا رولاڪ وانگر شايد سست ۽ پوڙها تي ويا آهن!

رولاڪ جي راءِ ۾ هاڻ ته درٻاري شاعر هئڻ يا عوامي شاعر هئڻ جا ماپائي بدلجي ويا آهن. ڪو وقت هو جڏهن **شيخ اياز** پنهنجي ڊائريءَ ۾ مغل بادشاهه / انگريز بهادر لاءِ ايلاز پيريو هڪ مصرعو لکڻ تي غالب جي سموري شاعري "گند جي نوڪريءَ ۾ اڇلائڻ" جو اعلان ڪندو هو پر هاڻ خود شيخ صاحب هاڻوڪي حاڪم (جنهن کان رولاڪ اڄ به متاثر آهي) جي مدح سرائي ڪرڻ ته ڇا پر سندس حڪومت جي هڪ ڪارندي فخر زمان کي پابلو نرودا يا گارشيا لورڪا کان گهٽ سمجهڻ لاءِ تيار ناهي!

ڳالهه پئي ڪئي سين مشاعري جي ۽ وچي نڪتاسين شاعرن جي روين تي! بهر حال رولاڪ جهڙو رولو ڪري به ڇا؟ مشاعرا ۽ شاعر آهن ئي هڪڙي شئي. سو هڪ جو ذڪر ڪبو ته ٻيو گڏجي پيو ايندو.

مشاعرن جي روايت فسادن ۾ ورتل شهر ڪراچي ۾ به ڪا اجنبي ناهي. رولاڪ انهيءَ شهر ۾ ڪيترائي شاندار مشاعرا ٻڌا آهن. هن شهر جي مشاعرن ۾ ئي رولاڪ ڪميونزم جي حيات وارن ڏينهن ۾ ديومالائي حيثيت رکندڙ شاعرن ڪيفي اعظمي، علي سردار جعفري، مجروح سلطان پوري، فيض احمد فيض، حبيب جالب ۽ احمد فراز سميت ڪيترائي شاعر ٻڌا آهن ۽ سندن سٽ سٽ کي پنهنجي اندر جي پڪار سمجهيو آهي. رولاڪ کي ١٩٨١ع ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿيل حبيب جالب ۽ احمد فراز واري مشاعري جي چٽي يادگيري آهي. ان مشاعري جي پڇاڙيءَ تي بُلهي شاهه جي ديس جي جالب کي پٽائي جي نگريءَ مان جبري طور تي تڙيو ويو هو. اهي ڏينهن ته هاڻ ڪنهن عالم خواب جون گهڙيون ٿا لڳن، جڏهن رات جو ٽين ڇئين وڳي تائين مشاعرا ٻڌي رولاڪ جي هم عمرن جا ڪيترائي ٽولا پيرين پند گهرن/

ٽڪاٽن ڏانهن موٽندا هئا ۽ رستي تي شاعرن جي سٺن نظمن/غزلن/ مصرعن کي پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ ڏن ۾ پڙهڻ ۽ ڪنهن شاعر کي نہ پڙهائڻ تي منتظمن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ جڻ تہ واپسيءَ جي سفر جو ثمر هوندو هو. وري جو اهڙو واءُ وريو جو جنهن شهر ۾ جدوجهد ۽ رومانويت تي شاعري ٻڌڻ ۾ ايندي هئي، تنهن ۾ گولين جا ٺڪاءُ ۽ حسن مجتبيٰ چواڻي "پٺاڻي جي بيتن ۽ غالب جي غزلن کي لتاڙيو ويو". سهپ ۽ مزو ماڻڻ واريون ڪيفيتون ۽ رويا ايترو تہ پري هليا ويا جو اردو جي قلندر شاعر جون ايليا کي هزارين ماڻهن واري مشاعري ۾ تشدد جي نشانو بڻايو ويو.

شاعرن لاءِ اهو جبر ۽ ڏاڍ ڪا هرو ڀرو نئين ڳالهہ بہ ناهي. ماياڪووسڪي اسٽالن جو جبر سهي نہ سگهيو ۽ آپگهات ڪيائين تہ لورڪا فرانڪو جي ڏاڍ سان وڙهندي مارجي ويو. سلوادورآلندي جي حڪومت جو فوجي جنرلن هٿان تختو اونڌو ٿيڻ تي نرودا جي دل ڌڙڪڻ بند ڪري ڇڏيو. رولاڪ جي ديس ۾ ڪو اهڙو شاعر ناهي جيڪو اهڙو هئڻ جي دعوا ڪري. رولاڪ کي پنهنجي سانيڀ ۾ رکو حبيب جالب ٿي نظر ٿو اچي، جنهن هر حاڪم کي ست سريون ٻڌايون

شاعر ٿيندا ڏاڍا عجيب آهن. ڪڏهن من اندر جي خاموش تارن کي ڇيڙي کي سُتل جذبا جاڳائين ٿا تہ ڪڏهن انس معين ۽ صرير پنهور وانگر پنهنجو پاڻ کي ماري ٻين کي ڌڪويو ڇڏين! شاعرن جي عجيب و غريب ڳالهين تي رولاڪ کي ياد آيو تہ نندي ڪنڊ جو مشهور ترقي پسند شاعر مخدوم محي الدين ڪنهن وقت ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. بقول سندس جڏهن ڪنهن ميٽنگ دوران سندس ذهن ۾ ڪونظم سرجندو هو تہ هو پيشاب جو بهانو ڪري اٿندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ شاعريءَ ۾ لڳو پيو هوندو هو.

رولاڪ جي راء آهي تہ شاعري پنهنجي اندر جو دک چئڻ لاءِ بهترين ذريعو آهي ۽ هو قرة العين حيدر جو جملو تہ "خوش نصيب آهن اهي دليون جن پريت ڪئي پوءِ ڀل ان ۾ ناڪام رهيون" ڦيرائي هيئن ٿو چوڻ چاهي تہ "خوش نصيب آهن اهي انسان جيڪي شاعري ڪري سگهن ٿا پوءِ ڀل سندن شاعري ڪان ڪوبہ واقف نہ هجي."

رولاڪ پنهنجي اياڳن مان هڪ وڏو اياڳ شاعري نہ ڪري سگهڻ کي سمجهندو آهي. نہ تہ هو بہ دماغ جي ڪينسر ۾ ورتل بمبئيءَ جي نوجوان نينگري گيتا نجليءَ وانگر پنهنجو ڏک ڪاغذن تي چٽي، ويهاڻن ۽ بسترن هيٺان لڪائي دنيا لاءِ ڇڏي وڃي ها. پوءِ ڀل ڪو ان کي پڙهي ۽ ڏکوئجي رولاڪ کي ڪاريون ڏئي ها!

بس رولاڪ جي ايتري خواهش آهي تہ هاڻ ڪو اُنس معين يا گيتا نجلي، پنهنجي ڪچهہ جهڙي جوانيءَ ۾ نہ مري ۽ ڪوبہ مايا ڪووسڪي يا گارشيا لورڪا ڪنهن جبر هٿان مارجي نہ وڃي. بلڪ دنيا جي هر ڪنڊ ۾ چيڪو سلاوڪيا ۾ پيڙين تي ٿيندڙ ساليانی مشاعري جيان روز مشاعرا ٿين. اِهو مشاعرو رات جو پيڙين تي ليمپن جي روشني ۾ ٿيندو آهي ۽ ان مشاعري ۾ پڙهيل هر نظم اِهو چئي دريا ۾ اڇلايو ويندو آهي تہ "منهنجو پيغام پريت جو آهي جيستائين پهچي!"

هلال پاڪستان
١٢ - ڊسمبر ٩٤

بي گهر شهزادا ۽ گهر جو وڇايل پنو

تازو اخبارن ۾ خبر ڇپي آهي ته يورپ ۾ بي گهر ماڻهن جو ڳاڻيٽو ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي ۽ ڪجهه يورپي ملڪن ۾ اهو انگ سراسري هڪ هزارماڻهن تي اَئن تائين وڃي پهتو آهي. بي گهر هئڻ نه ته ڪا نئين ڳالهه آهي ۽ نه وري اهو معاملو رڳو يورپ تائين محدود آهي. رولاڪ هر اُن ماڻهوءَ کي "بي گهر" سمجهندو آهي جيڪو ڪنب جي ڪنهن ضابطي کان ڏار زندگي گهاريندو هجي. رولاڪ گهر جي تشريح محمود درويش جي هڪ نظم جي مصرعي کان بهتر ڪٿي به نه ڳڊي، نه پڙهي آهي. فلسطين جو ويڙهاڪ شاعر محمود درويش پنهنجي هڪ نظم ۾ چوي ٿو ته "گهر ته ماءُ جي شفيق هٿن سان ٺاهيل گرم چانهه پيئڻ جو نالو آهي." پوءِ ماءُ جي شفيق هٿن سان تيار ٿيل ڪا شيءِ کائڻ/پيئڻ کان محروم شخص ڀل ڪنهن فٽ پاٿ تي رهي، ڪنهن مسافر خاني جي مسـواڙ تي ورتل ڪـٽ تي سمـهي يا ڪنهن بين الاقوامي اداري جي هاسٽل ۾ - رولاڪ جي راءِ ۾ بسStatus جو فرق آهي نه ته بهاولپور کان آيل پينو فقير ۽ قبائلي علائقي کان آيل پٺاڻ مزدور ۾ ۽ رولاڪ، حسن مجتبيٰ يا نقاش ۾ ڪو خاص فرق ناهي. اهي سيئي بي گهر پنهنجي پنهنجي ڊپريسنگ آڪيلائپ ۾ پنهنجي پنهنجي اندر ۾ "توني ديڪا نهين نقشا ميري تنهائي ڪا" ۽ "روئي ماڪ گل کي ڳراٽيون ٿي پائي- آسر ويل منهنجي اکيان ڪو به ناهي" وارين ڪيفيتن مان گذرندا آهن.

رولاڪ بي گهرن کي مختلف درجن ۾ ورهائيندو آهي. هڪڙا ته پينو جن وٽ مستقل گهر هجڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. ٻيا، مزدور جيڪي ايترو گهٽ اُجورو حاصل ڪن ٿا جو گهر جهڙي عياشي سندن نصيب ۾ ئي ناهي. ٽيان، پنهنجي انداز ۽ روين سبب بوهيمين انداز

اختيار ڪري گهرن جي قيد خاني ڪان پڇي جان ڇڏائيندا آهن.

پاڪستان جي نوجوانن ۾ بي گهر بڻجڻ جو جنون (Craze) اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ چوٽ چڙهيل هو. جنهن ۾ پڙهيل لکيل نوجوان "انقلاب" جي نالي تي پنهنجا گهر ٻار ڇڏيو وتندا هئا رلندا. رولاڪ به پنهنجو پاڻ کي اُن نسل جو هڪ اهڙو فرد سمجهي ٿو جنهن ڪان پنهنجي گهر جو رستو وسري ويو آهي ۽ هاجو اِهو آهي ته ڪو به ڪيس ايڏيءَ وارن جي حوالي ڪندڙ ناهي جو ريڊيو پروگرام "يه بچه ڪس ڪا هئي" ۾ انٽريو ڏئي ڪنهن چارديواريءَ تائين پهچي سالن جي رت-جڳن ڪانپوءِ ڏکهي ننڊ سمهڻ جي ريهرسل ئي ڪٽي ڪري!

بي گهر هئڻ واري ڳالهه تي رولاڪ کي حيدرآباد جو اهو نوجوان ۽ پرجوش سياسي ڪارڪن ياد ٿو اچي جيڪو ضيا مارشل لا جي شروعاتي سالن ۾ جيڪڏهن جيل ۾ نه هوندو هو ته پوءِ رات جو هڪ ٽريڊ يونين آفيس ۾ سمهندوهو ۽ ڏينهن جو پنهنجي سموري سکهه ۽ ايمانداريءَ سان دنيا کي تبديل ڪرڻ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ماڻهن کي سهمت بنائڻ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ رڌل هوندو هو. اِهو نوجوان اڄڪلهه هڪ يورپي ملڪ ۾ پيٽ گذر لاءِ ڪمائڻ ۾ مصروف آهي.

ستر واري ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۽ اسيءَ واري ڏهاڪي جي پهرين اڌ جي اهڙن بي گهرن نوجوانن لاءِ ايندڙ وقت، ڪنهن اردو شاعر جي مصرعي "چتي اسير تو بدلا هوا زمانه ٿا" يا ٻڌائي چواڻي "ڪڙا ڪوٽ پيڳاس، ته ملڪ نه مارو ساڳيا" ثابت ٿيو. ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ جي سنياليل سَت جيان ذهن ۾ سانديل آدرش برلن پت جي اڏامندڙ دز جيان پرزا پرزا ٿي رلي ويا ته زندگيءَ ۾ وڏا وڏا شاڪ برداشت ڪري ويندڙ رولاڪ سميت ڪيترائي نوجوان بلڪل ايئن وکري ويا جيئن ڪنهن هندوءَ جي لاش جي ڦلن کي اتر جي هوا اڏاري ڇڏي.

بي گهريءَ واري اها ريت ڪو ستر ۽ اسيءَ وارن ڏهاڪن ۾ ئي شروع نه ٿي آهي. رولاڪ جو واحد آيڊيل سنڌي دانشور حشو ڪيولراماڻي به ان قبيلي جو هڪ فرد هو. حشو لاءِ چيو ٿو وڃي ته

ورهاڱي ڪانپوءِ هيءَ بي گهر شهزادو بمبئي جي ڪنهن مسانڻ ۾ رهندو هو جتي جو ڀائو مٽس رڳو انڪري ناراض هو جو هو رات جو دير تائين پنهنجي ٽائيپ رائيٽر تي ٺڪ ٺڪ ڪري ڪجهه ٽائيپ ڪندو رهندو هو. نيٺ ڀائي ڪان سندس ڪاوڙ هڪ ڏينهن ڪنهن ارٿيءَ مان اڏ سڙيل اَماڙي ڪٺائي ۽ پوءِ هڪ ٽڪاءُ ٿيو ۽ اردو ٻــوليءَ جي اصــطلاح ۾ "عــريب الوطن" ۽ بي گــهــر حشو ڪيولراماڻيءَ جي مڙهه ڪي گنگا ۾ گهر ملي ويو!

رولاڪ جو اهو مشاهدو آهي ته ڪيترائي ماڻهو گهرن جي چار ديواريءَ ۾ رهندي به بي گهر هوندا آهن. رولاڪ جي راءِ آهي ته جيسي هجڻ ڪو "نسلي" نه پر "ذهني" معاملو آهي، جو ڪٿي ته دنيا/سماج جو ڊسپلن ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندڙ نسلي طور تي جپسي ڪنهن ملڪ جو سربراهه تي ٽانيڪو ٿو ٿئي ته ڪٿي وري پنهنجي محدود دائري ڪان ٻاهر نه نڪتل ڪتنب جو ڪو فرد ٿيلهو ڪلهي تي لٽڪائي وتي ٿو آواره بادلن جيان ڀٽڪندو.

بي گهر ماڻهن/ نوجوانن بابت رولاڪ جي ڪا خواهش ناهي. چاڪاڻ جو رولاڪ جي راءِ آهي ته خواهشون اڻ ٿيٽي ڳالهين بابت ڪبيون آهن ۽ بي گهر دنيا جو اهو ڀٽڪندڙ ۽ اُداس نسل آهن جيڪي ڪڏهن به ختم ٿيڻا ناهن.

رولاڪ بس رڳو ايترو چاهي ٿو ته سمورن بي گهر ماڻهن جا ٽڪاڻا هوٽلون، پارڪ، چانهه خانا ۽ هاسٽلون وغيره سدائين پرسڪون رهن ۽ ڪوبه بي گهر رام وانگر بنواس ڪاٽي پنهنجي گهر موٽڻ چاهي ته وچائجي ويل ڪنهن ٻار وانگر ڪيس به ريڊيو پروگرام "يه بچه ڪس ڪا هئي" ۾ پنهنجن ڪي پڪارڻ جو موقعو ملي يا وري ڪو وقت بوقت بي گهرن ڪي اخبارن ۾ "تون جتي به هجين موٽي آءُ، توڪي ڪجهه به نه چيو ويندو" وارا اشتهار ڇپرائي ياد ڪندو رهي. ان ڪان وڌيڪ بي گهر ڪهڙي فرمائش ٿو ڪري سگهي!!

هلال پاڪستان

۱۹ ڊسمبر ۹۴

پروين شاڪر: "بڙا هني درد ڪا رشتة"

نندي قد ۾ وڏي شاعري واري شاعره پروين شاڪر روڊ حادثي ۾ مارجي وئي. پروين شاڪر تہ ٻن "ڏوهن" جي مرتڪب هئي، هڪ تہ پيغمبري پيشي (شاعري) سان ٽين ايجرس جهڙو عشق ڪيائين تہ ٻيو وري "عورت ذات" . هيءُ سماج جيڪو پنهنجي منافقين جي چوٽ چڙهيل آهي. نياڻين/ عورتن کي "ست قرآن" سڏي کهاڙين /ٻترن/گولين جو ذائقو تو چکائي يا هڪ قرآن سان پرڻايو ڇڏي، اهو سماج جتي نالي چڙهيا ترقي پسند بہ پنهنجي "روايتي"هئڻ تي فخر ڪندا هجن، اتي رولاڪ جي خيال ۾ پروين شاڪر ۽ سندس قبيلو شاعريءَ وسيلي "ڪراَپ هين شهر ڪي قاضي تو گذارش سن لين / مين هون حساس ميري عمر گهٽادي جائي!" جهڙيون سڏون نہ ڪندو تہ ٻيو ڇا ڪندو. حساس طبعيت ۽ باغي لکڻين جي مالڪن کي جيئندان نہ ڏيڻ رڳو رولاڪ جي تارا مسيح دور واري سماج تائين محدود ناهي پر سرسوتي ديويءَ جي ديس ڀارت ماتا کان ماچو پيچو جبلن ۾ گهيريل لاطيني آمريڪا کان وٺي يورپ ۽ آمريڪا تائين اهو رويو هرهنڌ هر ڪنهن سان آهي. حساس طبيعت وارا ماڻهو شايد پنهنجي عذابن جي صليب ڪنهن اڻ ڏٺل هستيءَ کان زوريءَ وٺي ايندا آهن، جو اندر ۾ شيهي لهڻ يا PIMS ۾ آخري ساهہ کڻڻ تائين ڳالهہ قرةالعين حيدر واري تي رهي تہ "اسان کي صليب تي چاڙهيو، يسوع بدران اسان کي صليب تي چاڙهيو، اسين هن ڪائنات جا سڀ کان وڏا چور آهيون، اسان خدا جي خزاني مان ڪن- پل جي خوشي چورائڻ جي ڪوشش ڪئي اهي."

عينيءَ جي ڳالهہ تان ياد آيو تہ خود عينيءَ کي بہ سندس "هئڻ" ڪري پروين شاڪر جي ديس مان ڏيهہ نيڪالي ڏني وئي ۽ آمريڪا جهڙي روشن خيال ۽ ترقي يافتہ ملڪ ۾ ورجينا وولف ۽

سلويا پاٿ لاءِ حالتون اهڙيون پئدا ڪيو ويون جو وٽن آپگهات کان سواءِ ٻي ڪا راهہ نہ بچي ۽ هوءَ ١٩٢٠ع واري ڍاڪي ۾ رقص جي راڻي ايسادونا ڊنڪن بہ پنهنجو سمورو مادي ماحول تياڳي ليڻ جي ڏيهہ ڀتي، تہ نہ رڳو اسٽالين جي شخصي آمريت پر شاعر مڙس ايسي نن جي جبر ڪيس هڪ ڀيرو ڀيهر جلاوطن بڻايو ۽ هوءَ بہ هڪ ڏينهن ڪار هلائيندي گلي ۾ ويڙهيل مفلر ڦيٽي ۾ ڦاسائي گهٽو اچڻ تي اوڏانهن هلي وئي جيڏانهن وڃي تہ هر ڪو ٿو پر موٽي ڪوبہ نٿو!

رولاڪ جي راءِ ۾ دنيا جا مرد ڪنهن عورت کي ڏکوئڻ پنهنجو وڏو ڪارنامو سمجهن ٿا. پوءِ جيڪڏهن ڪا عورت سندن آڏو پنهنجي وجود جي ثبات سان بيهي رهي تہ ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن ريت راهہ تان هٽائڻ لاءِ مردن وچ ۾ اڻ لکيل معاهدو پنهنجو عمل شروع ٿو ڪري ڏئي. پوءِ ڪڏهن حساس عورت کي ڌڪي آٽي ريلوي پٽڙيءَ تي بيهارجي ٿو تہ جيئن ساره شگفتہ ٿئي يا ارجنٽينا جي ليلئيم جيمينز کي سچ لکڻ تي جلاوطن ٿو ڪيو وڃي.

ڳالهہ پئي سين پروين شاڪر جي ۽ نڪتاسين وڃي ارجنٽينا جي ليلئيم جيمينز جي جلاوطنيءَ تائين. ڪجي بہ ڇا؟ جيمينز، فهميده رياض ۽ تسليمہ نسرين تہ ان حوالي سان ڪجهہ ڀاڳن واريون آهن، جو ڪنهن حد تائين پرسڪون ماحول ۾ ڪجهہ جلاوطن ڏينهن گذاريو ڇڏين. آهي تہ جلاوطني بہ هڪ وڏو عذاب، فيض چوائي:

میري دل میري مسافر
هوا پهر سي حکم صادر
کہ وطن بدر هون هم تم
دین گلي گلي صدائین
کرین رخ نگر نگر کا
سِر کوئي ناشنایان
کبھي اس سي بات کرنا

ڪبھي اُس سي بات ڪرنا
ھر اڪ اجنبي سي پوچھين
جو پتا تھا اپني گھر ڪا.

پر رولاڪ جي راءِ ۾ عذاب تہ اھو آھي جو ڪو پنھنجي ماتر ڀومي؛ تي ٺي ڏيھہ نيڪاليءَ جي پيڙا ڀوڳي. جنرل ضيا جي جبر خلاف آواز نہ اُٿارڻ ۽ تن ڏينھن ۾ سرڪاري نوڪري ڪندڙ پروين شاڪر تہ معتوب بڻجي پر تن ڏينھن ۾ جنرل ضيا جا ھٿ چمندڙن جا ھٿ چمڻ وارن جي ھڪ اٽڪت قطار ھجي. ھاڻ پروين شاڪر تي اھڙا الزام مڙھيندڙن ڪي ڪير ٻڌائي تہ اجان تائين ترقي پسند سمجھيو ويندڙ مرحيات اختر حسين رائيپوري پنھنجي گھر ڀاتين ۽ دوستن جي مخالف ھوندي بہ جنرل ضيا کان "حسن ڪارڪردگيءَ" جو صدارتي ايوارڊ وٺي بہ انجمن ترقي پسند مصنفين جي گولڊن جوبليءَ ۾ شريڪ ٿيو ۽ پروين شاڪر ڪي دماغ جي ڪينسر ۾ ورتل بمبئي جي ٽين ايجر شاعره گيتا نجليءَ جي شاعري اردو ۾ ترجمو ڪندي ٿيندڙ پيڙا ڀوڳڻ تي ڪنھن "مرڪ جو ميڊل" بہ نہ ڏنو!

رولاڪ ان ڳالھہ کان چڱيءَ ريت واقف آھي تہ ڪجھہ ڏينھن ڪانپوءِ سيني کان پروين شاڪر بہ الماس سنڌوءَ ۽ ساره شگفتہ وانگر وسري ويندي.بس ياد ان فيصل چوڪ کي رھندي جتي ڪيس ويگن ٽڪر ھنيو ۽ اھو ھميشہ پنھنجو پاڻ کي پروين شاڪر جھڙي سھڻي وينگس جو قاتل سمجھندو رھندو. ھوءَ ياد ان نوجوان کي بہ رھندي جيڪو سنڌس پٽ آھي ۽ جنھن کي دنيا جي سمورين مائرن وانگر پنھنجي پيرن تي بيٺل ڏسڻ جي خواھش وٽس دنيا فتح ڪرڻ کان بہ وڏيڪ اھم ھوندي ۽ يقيني طور تي ھوءَ ان ڪيسا خالي رولاڪ نوجوان کي بہ ياد رھندي جيڪو سنڌس ڪتاب دڪانن جي بند شوڪيسن تان تہ ڇا پر پراڻن ڪتاب وڪڻندڙن کان بہ وٺي نہ سگھيو!

روﻻڪ پروين شاڪر جو هڪ شعر اڪثر پڙهندو رهندو آهي
تہ:

دل تو ڪيا چيز هئي، تہ روح مين أتري هوتي
توني چاها هي نهين چاهني والون ڪي طرح!

سو چاهجندڙن کي چاهيندڙن جيان نہ چاهڻ وارن جي برادريءَ جي هڪ گمنام شخص جيان روﻻڪ پروين شاڪر کي فيض احمد فيض جو رڳو هڪ شعر ٻڌائڻ ٿو چاهي:

بڙا هي درد ڪا رشتہ يہ دل غريب سهي
تمهاري نام پہ آئين گي غمگسار چلي.

هلال پاڪستان
٢ جنوري ٩٥

ماضي - مستقبل - ايڌيءَ جو جهُولو

اطلاعن موجب جنگ جي شڪار سرائيوو ۾ نون چاول ٻارن جي تناسب ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. سماجي، صحافتي ۽ طبي چاڻو ان جو سبب جنگ جي ڌمڪاءُ ۾ قاتل شهرين وٽ "ٻي ڪا مصروفيت" نہ هئڻ ڄاڻائي رهيا آهن. رولاڪ ڪٿي پڙهيو آهي تہ سيپٽمبر ۷۳ع ۾ جڏهن چلي ۾ صدر سلوادور آلندي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري جنرل پنوشي راڄڌاني سانتياگو ۾ پهرين ڏيڍ مهيني تائين۲۴ ڪلاڪن ۽ پوءِ ايندڙ ڏيڍ سال تائين رات جو ڪرفيو مڙهيو هو تہ اُتي بہ ٻارن جي ڄمڻ جو تعداد ڪنهن غريب ملڪ ۾ غربت جيان وڌي ويو.

رولاڪ جو شهر حيدرآباد بہ ڪرفيو ۽ ان دوران ٻار پيدا ڪرڻ ۾ سانتياگو سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي چڪو آهي. ٻار ڄمڻ رولاڪ جي راءِ موجب دنيا جو هڪ اهڙو اڇوتو تجربو آهي جيڪو ڪروڙين سال پراڻو هوندي بہ هر ڀيري نئون لڳندو آهي. ڪنهن ٻار جي ڄمڻ جو ٻڌڻ يا ڪا گريپ -وٽي مائي ڏسڻ وارا لمحا رولاڪ لاءِ انتهائي رومانٽڪ لمحا هوندا آهن پر هن ڪئور دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ هر ٻار ٻاڻ سان ڪي جمالياتي منظر يا ٽنگور چواٽي، خدا جي انسانن ۾ اُميد بہ نہ آڻيندو آهي.

جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ پوءِ ايڌي ٽرسٽ ڪي پنهنجي هر سينٽر جي ٻاهران ناجائز ماءُ پيءُ جي جائز ٻار لاءِ جهولو نہ هڻو پوي ها. رولاڪ ايڌي سينٽر جي رضاڪار طور ڪم ڪندي ڪيترن ئي اهڙن ٻارن کي جهولن ۾ ايندي ۽ ڪين سينٽر تي يا ٻار کان محروم ڪنهن جوڙي وٽ پلجندي ڏٺو آهي.

رولاڪ کي ياد آيو تہ هن هڪ ڀيرو سنڌي ٻوليءَ جي مهان

ڪهاڻيڪار امر جليل کي فخر ڀريئي لهجي ۾ ٻڌايو هو تہ هاڻ سندس ڪهاڻي "زندگي هڪ ڪن" جي ڪردار ماءُ کي پنهنجي تازي چاول ٻار کي ڀيءُ ڏيڻ لاءِ ڪنهن سيٺ/ وڏيري جي در تي ٻاڏائڻو نہ پوندو. ان ٻار کي اهڙي ماءُ ايڌي سينٽر جي جُھولي ۾ وجهي ويچي تہ جيئن رولاڪ جهڙو ڪو "مامو" يا وري ٻار ڪان محروم ڪو جوڙو کيس کڻي، چلڪندڙ رانديڪن ۽ ڪپڙن، ڪتمتڙن ۽ لالي پاپن ۽ اڻ مپي پيار سان ايترو مست ڪري جو کيس اُها خبر ئي نہ پوي تہ هو اُنهن چرين جو ٻار ناهي.

آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي فٽ پاٿ تي تنهن رات امر جليل رولاڪ کي اها خاطري ڪرائي هئي تہ هو ايڌي ٽرسٽ جي ان ڪم تي ڪهاڻي يا ڪو ٽي وي ڊرامو ضرور لکندو پر رولاڪ جو خيال آهي تنهن ڏينهن بہ امر جليل هڪ ڏينهن اڳ لياقت نيشنل لائبرري ۾ مليل ميٽنا واري جذباتي ڪيفيت ۾ هو ۽ اڙدو چوڻي "رات گئي بات گئي" وانگر کيس پنهنجو واعدو وسري ويو!

هُن پل پنهنجو واعدو وساري ڇڏيو هجي پر ايڌي ٽرسٽ ۽ انجي رولاڪ ٻارن رضا ڪارن پنهنجي ريت نہ بدلائي آهي. هو اڄ بہ اهڙن ٻارن کي هر هر پنهنجي جهولن ۾ جاچيندا آهن کين محفوظ هٿن تائين پهچائڻ لاءِ هر ڪو جوکم کڻڻ لاءِ تيار هوندا آهن. رولاڪ کي ياد آهي تہ ١٩٨٨ ۾ جڏهن ڪراچي شهر جو وڏو حصو ڪرفيو ۽ گولين جي حوالي ٿيل هو تہ اهڙي هڪ رات هڪ سينٽر تي هڪ عورت نئون چاول ٻار جُھولي ۾ وجهي وئي هئي. رولاڪ سميت ڊيوٽيءَ تي موجود ٻن ٻين همراهن کي اِها خبر نہ هئي تہ اهڙي ٻار کي هڪ رات تائين ڪيئن سانڍجي، سو ڪلاڪن جي ڇمار واري ٻار کي اُنهن ٽنهي همراهن ڀهرين تہ بالغن وارا ليطيفا ٻڌائڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ ان احساس سان تہ ان ٻار کي بک لڳي هوندي ۽ گولين جي وسڪاري دوران کير جي ڳولا شروع ٿي. رولاڪ کي ان رات ڀهريون پيرو ڪنهن اٽڃاتل هنڌان ايندڙ گوليءَ وگهي مارجي وڃڻ جي امڪان ڪان ڊپ نہ ٿيو هو.

ان رات کير جي ڳولا دوران ايڌي سينٽر جي اڌ چريئي ۽ اڌ فلسفي ڊرائيور رولاڪ کي همت ڏياريندي چيو هو تہ:

" ڊرنا نهين.آج رات همين موت نهين آئي گي، اس لئي ڪہ يہ بچہ بالڪل خدا جيسا لگتاهي"

اِها همت آهي بس رڳو ايڏيءَ جي، جيڪو مذهبي جنونين جي ملڪ ۾ جتي اهڙن ٻارن جي سزا رڳو پٿر هڻي موت جي واديءَ جو سير ڪرائڻ هجي، اهڙن ٻارن لاءِ جيئندان ٿو آئي.

رولاڪ جي اِها هميشہ شديد خواهش پئي رهي آهي تہ سدائين ٻار رهجي ۽ هن دنيا ۾ وڏو ٿجي ئي نہ!.تازو جڏهن سينيما جي اسڪرين تي "Time Cop" فلم جو هيرو وان ڊيم ماضيءَ ۾ وڃي ڏهہ سال اڳ مارجي ويل پنهنجي مقتول زال کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ حال جي هڪ ڪند ۾ ويٺل رولاڪ بہ تصورن ۾ پنهنجي ماضيءَ ۾ پهچي ويو. سائنس فڪشن تي ٻڌل اِها فلم ماضيءَ جي واقعن کي مستقبل مان وڃي تبديل ڪرڻ بابت آهي.

جيڪڏهن رولاڪ کي ڪڏهن ماضيءَ ۾ وڃڻ جو موقعو مليو تہ هو پنهنجي هڪ اسلام آبادي صحافي دوست جاويد جيديءَ جو نظم ماڻهن ۽ خاص طور تي ٻارن کي منٿون ڪري ٻڌائيندو. انگريزي اخبار جي اردو ۽ پنجابيءَ ۾ شاعري ڪندڙ جيديءَ جو هڪ نظم آهي " ننڍپڻ جي گهٽين ۾ واپس وڃڻو آهي ۽ پنهنجي تڏهونڪي سنگتين ساٿين کي ٻڌائڻو آهي تہ اِڪتي نہ ويجو، اِڪتي ڪجهہ بہ ناهي!"

جاويد جيديءَ جي ڳالهہ آهي بہ تہ صحيح! ڪالهہ ڪان اِڪتي گهٽ ۾ گهٽ رولاڪ جي همعمرن لاءِ تہ پيڙائن، ڏکن ۽ سورن ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. ان ڪان بهتر تہ اُهي ڏينهن هئا جڏهن منهن بہ امان ڏونٽارئيندي هئي ۽ بخار ٿيڻ تي من گهريا بسڪٽ کائڻ لاءِ ملندا هئا. رولاڪ تہ پنهنجي ماضيءَ جي هر ڏينهن کي ياد ڪندو رهندو آهي. جيڪڏهن ٽائيم ڪوپ فلم واري گاڏي ملي وئي تہ ١٩٦٢ع جي ٽِڏي ڊسمبر جي اُن ڏينهن ڪان ننڍڙي پتڪڙي رولاڪ کي ڏسڻ شروع ڪبو جڏهن هڪ عيسائي نرس جي نظرداريءَ ۾ هُن دنيا ۾ پهريون ساهہ کنيو هو. رولاڪ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اِڳوٽن پر امن رستن تي گهمندي ڦرندي مستقبل واري نوجوان جي ٽِرڪ پوري.ڪندو، سٺيہ ستر واري ڏهاڪن دوران حيدرآباد شهر ۾ هلندڙ ڊبل ڊيڪر بسون ۽

پن ۽ چٽن گھوڙن واريون بگھيون بہ رولاڪ جي انتھائي وڻنديون ويون.

بگھين جو ھڪ ئي وقت وڏو انگ رولاڪ تن ڏينھن جي ٻارھين ربيع الاول تي نڪرندڙ جلوس ۾ پڻ ڏٺو ھو. ان جلوس جو بہ ھڪ رنگ ھو. سڀ کان اڳ شرنائي ۽ دھلن وارا مگٽھار، پوءِ جديد طرز جي بينڊ، انڪاپوءِ ڪنيارن جي گڏھہ گاڏين، گھوڙي گاڏين، اٺ گاڏين، ھڪ اڌ ھاٿي، موٽر سائيڪلن، ڪارن، ٽرڪن ۽ بسن جو ھڪ اٽڪت سلسلو. ھاڻ تہ اھو جلوس بہ رڳو مذھبي ذميواريءَ جي پوئواري بڻجي ويو آھي، سماجي وابستگي تہ ڪڏھونڪي ختم ٿي چڪي.

رولاڪ پنھنجي ٻالڪپڻي وارن اُن ڏينھن کي ڏسڻ چاھيندو جڏھن ڪنھن ڪاج ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪراچي آيل ڇھن ستن سالن واري رولاڪ جونيئر کي ھڪ رپيو خرچي ملي ھئي. جونيئر رپيو ھٿ ۾ ڪٿي گھٽيءَ ۾ نڪتو تہ ڪيس ڪارا پکڙا نظر آيا ھئا. تن ڏينھن ۾ حيدرآباد اڃان ڪارن پکڙن کان محروم ھو سو جونيئر بنان ڪجھہ سوچڻ سمجھڻ جي ھڪ رپئي جا ڪارا پکڙا ڪٺي ورتا. ھيڏي ڪاغذ جي نھيل ٿيلھي پرائي جڏھن ھو امان آڏو آيو ھو تہ ھُن ويچاريءَ ھڪ ئي ڌڪ ۾ سڄو سارو رپيو خرچ ڪرڻ تي جونيئر کي دڙڪا ڏنا ۽ رولاڪ ڏپ ۾ پنھنجي انھيءَ ٻاراڻي فيصلي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ سڀ پکڙا کائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ھئي.

رولاڪ پنھنجي جونيئر ايڊيشن جي پرائمري اسڪول جي تعليم تائين ڪيل سمورين چلولاين، شرارتن، ڪمزورين ۽ ڊپن کي ڏسڻ چاھيندو پر يا! پنھنجا ڪٿي اھڙا ڀاڳ! نہ ايڊيءَ جي جھولن ۾ جھولياسين ۽ نہ وري ڪنھن سائنسدان جي گاڏيءَ وسيلي ماضيءَ ۾ وڃي سگھياسين! بس پنھنجي ڪوٺا ۾ تہ جڳجيت ۽ چترا جو ڳايل غزل ۽ جاويد جيديءَ جو نظم ۽ جواني جي ڀڄاڙ ڪن سالن ۾ خالي رستا ۽ خالي ڪمرا ئي آيل آھن!

ھلال پاڪستان
١١ جنوري ٩٥

مسافريءَ جي هٿ ريکا

چترڪار احمد زوئيءَ تي هڪ انگريزي رسالي ۾ لکندي جليس حاضر رولاڪ جا ڪيترائي سُتل سور جاڳائي ڇڏيا آهن. رولاڪ ڪي لاهور ۾ رهندي جن نون واقفن وٽان قرب مليو انهن ۾ جليس به هڪ آهي. رولاڪ جيان اڪثر قائل جين ۽ وڏيل شيو وارو جليس تن ڏينهن ۾ لاهور جي هڪ انگريزي اخبار جي ميگزين شعبي ۾ ڪم ڪندو هو. رولاڪ جي "آئيڊيل زندگي" جو هڪ پاسو پورو ڪندي هو اها نوڪري ڇڏي چڪو آهي.

سو، احمد زوئي جي ٽيندر نماءُ تي هن لکيو آهي ته زوئي ستر واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ هڪ امريڪي هپيءَ کان متاثر ٿيندي دنيا گهمڻ جو سفر شروع ڪيو ۽ يورپ، اسڪنڊي نيويا، ڏور اوير جي ملڪن ۽ انڊيا جي جيل ڏسڻ ڪانپوءِ به سندس سفر اڄان ڪنهن منزل تي ڪٿو ناهي. زوئي ان دوران هر هر پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ/ ٻڌڻ لاءِ لاهور موٽندو رهيو ۽ وري واپس ويندو رهيو.

جليس جي اها لکٽي بهرحال رولاڪ جي هڪ وٽندڙ جملي جي تصديق ضرور تي ڪري ته "دنيا قلندر جي ڇڄڻ ڪان به ننڍي آهي".

دنيا گهمڻ رولاڪ جو اُهو سپنو آهي جيڪو اڄا تائين پورو تي نه سگهيو آهي پر رولاڪ پنهنجي ڏينهن ڏٺي وارن سپنن ۾ ايترا پيرا ته دنيا گهمي چڪو آهي جو مارڪو پولو، ابن بطوطه يا الطاف شيخ حقيقت ۾ به نه گهمي سگهيا هوندا.

رولاڪ جي پسنديده ليکڪا عينيءَ (قرةالعين حيدر) جا ڪيترائي ڪردار رولاڪ کي رڳو انڪري به وٽندا رهيا آهن جو اُهي وتندا آهن گهمندا ڦرندا. عينيءَ جي هڪ ڪهاڻي "آواره گرد" جو مکيه ڪردار هڪ يورپي رولاڪ آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ جي راويءَ کي

ڪراچيءَ ۾ ٿو ملي ۽ جنهن لاءِ وقت تي ماني کائڻ يا ثقافتي ڪاتي جي مشهور ڪيل جاين ماڳن کان وڌيڪ اهم ڪوڙي گارڊن ۽ آرام باغ آهن. دهليءَ ۾ پڳڙا ۽ ڪيلا کائي پاڻيءَ جو گلاس پي رلندڙ اهو رولاڪ جڏهن ٻن گروهن جي ٽڪراءُ واري سرزمين ويتنام ٿو پهچي ته عيني پنهنجي بيرحميءَ کان ڪم وٺندي ڪيس ڪنهن اڻچاتل هٿيار مان ڇٽل گوليءَ سان مارايو وجهي.

عينيءَ جي هڪ ٻي ڪهاڻي "قلندر" جو اقبال به "صبح بنارس، شام اوڌ" کي عملي جامو پارائيندو، وتي ٿو دنيا رلندو. "قلندر" ۾ اقبال کي عينيءَ هڪ اهڙو "جگرشخص" ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪو ٻين جي خوشيءَ لاءِ پنهنجي ذات، ڌرم يا وطن تي ڇٽر اڏرائيندي به نٿو مڙي. رولاڪ جي اها پراڻي خواهش پٺي رهي آهي ته ستر واري ڍاڪي جي ٻيين يا اجان ٿي آڳاٽي دور جي هندستاني جوڳين سنياسين وانگر گهمندو ڦرندو رهجي ۽ هو ان عمل جو نظرياتي معتقد هئڻ جي ثبوت طور ڪڏهن به گهر گهات ناهي نه رهيو آهي ۽ غالب جي شعر

دير نهين، حرم نهين، گهر نهين آستان نهين

بيٺهي هين رهگذر پہ هم، ڪوئي همين اٺهائي ڪيون

جو عملي مظاهرو ڪندو رهيو آهي. رولاڪ مذهبي عالمن ۽ صوفين جي ان ڳالهه سان مڪمل طور تي سهمت آهي ته هي دنيا هڪ سراءِ آهي، جتان صبح ٿيڻ تي سراءِ جو مالڪ/مئنيجر توهانکي ننڊ مان اُٿاري ڇڏيندو. پوءِ پل توهين ڪينز جو فلمي ميلو ڏسي رهيا هجو يا پنهنجي ڪنهن وٽندڙ دوست سان گڏ ڪنهن وٽندڙ هوٽل تي ڪولڊ ڪافي پي رهيا هجو. پوءِ جيڪڏهن زندگي آهي ٿي چئن ڏينهن جي ته پوءِ انهن مان ٻه "سڌن ۾ ۽ ٻه انتظار ۾" ڇو گذارجن. احمد زوئي وانگر بئگ ڪلهي تي رکي دنيا ڇو نه ڏسجي!

رلڻ تي ياد آيو ته تنهن ڏينهن رولاڪ هلال پاڪستان جي

نيوزايڊيٽر شڪور نظاماڻيءَ کي پشاور کان دره خيبر تائين ريل گاڏي جي سروس شروع ٿيڻ متعلق خبر ڏيڪاريندي چيو هو تہ "يار! رولاڪ کي اوڏانهن ننا موڪليو تہ جيئن شعوري زندگيءَ ۾ اهو سفر ڪري سگهجي." رولاڪ تہ شڪور کي اها خاطري بہ ڪرائي هئي تہ هو واپسيءَ تي ان بابت ڪالم لکي ڏيندو. هو آهي تہ ذهين ماڻهو پوءِ رولاڪ جي ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ الائي ڇونہ آئي!

رلڻ پنڻ جي حوالي سان رولاڪ ڪڏهن بہ پيو پيرو سوچيو ناهي، پوءِ پل اُهو ايڏيءَ وارن سان ڄامشورو -لاڙڪاڻو روڊ تي سفر ڪرڻ هجي يا سرنگهن سان پرِيل پنڌ هجي- پشاور وچ ۾سفر ڪرڻ هجي، رولاڪ هر وقت هر حال ۾ تيار هوندو.

ننڊڙي هوندي سفر جي ايتري تہ خوشي ٿيندي هئي جو صبح جو ننڊ مان جلدي ۽ پنهنجي ليکي اٿڻ کي پنهنجي لاءِ گار سمجهڻ وارو رولاڪ هر ڪنهن کان اڳ ننڊ مان اُٿي پين جي ننڊ پيو خراب ڪندو هو. جيتوڻيڪ رولاڪ شيخ اياز وانگر ڪنهن ريل مان جهاتي پائيندڙ، پاڻ تي عاشق ٿيندر مائي نہ ڏٺي هئي/آهي پر ريلوي اسٽيشن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو رهڻ رولاڪ جي ننڊڙي هوندي جي هڪ مصروفيت رهي آهي.

رولاڪپٽي تي ياد آيو تہ رولاڪ جي هڪ پامسٽ دوست هڪ دوست جون هٿ ريکائون ڏسڻ کانپوءِ کيس ٻڌايو هو تہ هو سفر تي پيو وڃي. هٿ ڏيکاريندڙ همراهہ چوڏهن سال ساموندي جهازن تي ڪم ڪري ايترو تہ ٿڪجي پيو هو جو هن ٻنان دير جي ورائيو هو تہ "يار! گهڻو ٿڪجي پيو آهيان، بس هاڻ سفر تي نہ وڃبو." پر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ پامسٽ يار جي ڳالهہ صحيح نڪتي ۽ سفر کان تنگ آيل همراهہ پرڏيهہ هليو ويو. اتي کيس پنجن سالن جي ويزا ملي وئي ۽ هاڻ تہ هن اتي شادي بہ ڪري ورتي آهي.

رولاڪ کي ياد آهي تہ هن ريکائون جاچڻ واري پامسٽ يار

ڪي اڪثر منٿ ڪئي آهي تہ "يار، منهنجي هٿ ريڪائن ۾ بہ ڪا سفر جي ريڪا ڳول!" ريڪائن تي ياد آيو تہ ليکڪا امرتا پريتم جي تڏهونڪي چترڪار دوست امروز کي ڪنهن پامسٽ پڏايو هو تہ سنــدس هٿ- ريڪائن ۾ امر تا سان ميلاپ لکيل ناهي. ان تي امروز بليڊ سان پنهنجي ترِيءَ تي چير هڻندي پامسٽ کي چيو هو تہ "هاڻ تہ ٿي وئي امرتا سان سنگم جي ريڪا!" ۽ پوءِ واقعي امرتا ۽ امروز جو اهڙو سنگم ٿيو جو وڇي ٿيا خير! امروز تہ آهي ڪاغذ تي زندگي چٽيندڙ پر رولاڪ بہ سفر جي ريڪا لاءِ ڪنهن بليڊ سان چير هڻڻ لاءِ تيار آهي!

هلال پاڪستان

۱۴ جنوري ۹۵

چئي اسير تو بدلا هوا زمانہ تا!

تازو اخبارن ۾ ڇپيل خبر موجب ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ پنهنجن دوستن سميت پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو آهي. خبر ۾ اهو ڄاڻايل ناهي تہ اڪوٽي ڪميونسٽ اڳواڻ ارباب کهاوڙ سان گڏ پارٽيءَ ۾ سندس پراڻا مارڪسي دوست شامل ٿيا آهن يا ڪي "نوان" دوست. رولاڪ بہ ارباب کهاوڙ جي "پراڻن دوستن" مان هڪ رهيو آهي.

اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ جنرل ضيا جي مارشل لا واري سنڌ ۾ احساس محروميءَ جي فيز دوران جيڪي اڳواڻ پنهنجو نالو پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿيا هئا، تن ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ بہ شامل آهي. جنرل ضيا جي مارشل لا بہ "رنگيءَ جا رنگ" هئي، عوام شهيد ڀٽو ۽ پيپلز پارٽيءَ جو پرستار ۽ گهٽگهرو هو تہ پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن جي اڪثريت "سر بچايو مهر" ۾ جنبيل هئي.

عوام جي ڪنهن حد تائين سرواڻي ڪرڻ لاءِ مارشل لا جي سخت ڏينهن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون ڪميونسٽ پارٽيون/ ڌريون ٽئگور جي جملي "اونداهيءَ کي برو ڀلو چوڻ کان بهتر آهي تہ ڪو هڪڙو ڏيئو ٻارجي" جو عملي مظاهرو ڪندي سرگرمي ڏيکارينديون رهيون. جيتوڻيڪ انهن ڪميونسٽ ڌرين جي ڪارڪنن/ ميمبرن جو ڳاڻيٽو ۱۹۸۰ کان ۱۹۸۵ تائين تقريباً ساڳيو رهيو پر ذوالفقار علي ڀٽي جي عدالتي قتل کان محمد خان جوڻيجي جي غير جماعتي نيم جمهوري حڪومت نهڻ تائين انهن پارٽين کي جيئڻ پوءِ تيئڻ وڌ مشهوري ملندي رهي.

رولاڪ بہ انهن هزارين نوجوانن مان هڪ هو جيڪي ڀٽي جي قتل جي ردعمل طور سياست ڏانهن وڌيا ۽ وچي ڪميونسٽن جو در جهليائون. تن ڏينهن جو ڪميونسٽ ڪلچر بہ عجيب هو، مشهور

ترين ڪميونسٽ اڳواڻ ڄام ساقيءَ ڪان شبير پٽو تائين ۽ ڊاڪٽر فيروز احمد ڪان هيرالال واگهيلا تائين هر ڪميونسٽ ڪارڪن جو خيال هوندو هو ته وائيٽ هائوس، اجان ٻــ پينٽاگون ۽ سي آءِ اي هيڊ ڪوارٽرس ۾ لڳل مشينن ذريعي سندن چرپر تي نظر رکي پئي وڃي. تن ڏينهن ۾ ڪميونسٽ ڪارڪن هر جلسي جلوس ته ڇا پر خالص دانشوراڻي محفلن ۽ مشاعرن ۾ ٻه هل هنگامو ڪري پنهنجي موجودگي ثابت ڪندا رهندا هئا.

رولاڪ سميت ڪيترائي نوجوان نعري بازي ڪري ٻين جا جلسا ڦٽائي اهو محسوس ڪندا هئا ته تن ڏينهن جي مشهور نعري "چينو چينو پاڪستان جيسي چينا افغانستان" تي عمل جو پهريون مرحلو ايئن طئي ٿيندو. پوءِ اڪثر هوندا هئا موچڙا ۽ لٺين جا وسڪارا! سرڪار سڳوري ۽ سندس "ايجنٽ" جماعت اسلامي ۽ اسلامي جمعيت طلبا ۽ ڪڏهن ڪڏهن جساف ٻه بدن جا ٿڪ ڪيڏي ڇڏيندي هئي!

رولاڪ کي ١٩٨٥ ۾ حيدرآباد ۾ ٿيل پهرين مئي جو اهو مزدور جلسو ڪڏهن ٻه نٿو وسري سگهي جيڪو ٿيو ته ڪميونسٽن جي ميزبانيءَ ۾هو پر مزدورن ڪجهه نوجوانن کي غير جماعتي اسيمبليءَ جي ميمبر مير حيدر ٽالپر جي موجودگيءَ خلاف نعرا هڻڻ تي ٺاهوڪي مار ڏني هئي. تنهن ڏينهن "انقلاب جي هر اول دستي" مزدور طبقي هٿان مار کائيندڙ رولاڪ سميت ٽن نوجوانن تڏهن ٻه ڪميونزم ۽ انقلاب سان پنهنجي عهد وفا جي تجديد ڪئي هئي ۽ رهڳو ڪن اڳواڻن کي انهيءَ انقلاب دشمن حرڪت جو جوابدار سمجهندي مزدورن کي " تاريخي فرض کان غافل" سڏيو هو.

تن ڏينهن ۾ انقلاب سان عشق جي اها حالت هئي جو هرڪو گهر گهاٽ ۽ ٻار ٻچا ڇڏيو يا ته پيو جهر جهنگ ماڻهن ۾ انقلابي تبليغ ڪندو هو يا وري جيل وسائيندو هو. تن ڏينهن ۾ ڪوبه اهڙو انقلابي قيدي رولاڪ جي نوٽيس تي نه آيو آهي جنهن وڏي واڪي پنهنجي

مايوسيءَ جو اظهار ڪيو هجي پر اها ڳالهه طئي آهي ته انهن اڳوڻن قيدين جي اڪثريت جيلن مان نڪرڻ ڪانپوءِ يا ته سياست ڇڏي وئي يا وري "بئي ڪنهن سفر جي پانڌيئڙي" بڻي.

رولاڪ کي حيدرآباد جو اهو پرجوش ڪامريڊ ياد پيو اچي جنهن سٺ واري ڏهاڪي جي ڪنهن سال ۾ حيدرآباد جو دورو ڪندڙ آمريڪي سفير تي ڪرسي اڇلائي حملو ڪيو هو ۽ جڏهن ان ڪامريڊ جي ماءُ گذاري وئي ته هو پارٽي ڪامريڊن کان اهو پڇڻ ويو ته ڪامريڊ ڪيڏي مهل واندا ٿيندا. جيئن ان حساب سان سندس ماءُ کي دفن ڪرڻ جو وقت مقرر ڪجي پر ڪامريڊن هميشه جيان پنهنجي "مادي رويي" جو مظاهرو ڪندي نه ته سانس ڏک جو اظهار ڪيو ۽ نه وري جنازي ۾ شرڪت کي ضروري سمجهيائون. اهو اڳوڻو ڪامريڊ پنهنجي "سرخ ساٿين" وٽان ان ڏينهن جو ويو ته وري نه موٽيو!

رولاڪ هڪ اهڙي مزدور اڳواڻ/ ڪميونسٽ ڪارڪن جي پيڙا به چڱيءَ طرح محسوس ڪئي آهي، جنهن جي زال سندس هر هر جيل وڃڻ ۽ غربت جي حالتن کي منهن نه ڏئي سگهڻ تي ڪانئس طلاق وٺي ڇڏي. اهو رڪشا ڊرائيور اڳوڻو ڪامريڊ ڪجهه عرصي تائين ته زال ۽ ٻار وڃائڻ واري ان وارتا کي انقلاب لاءِ پنهنجي "ننڍڙي قرباني "سڏيندو رهيو پر هاڻ جڏهن "جتي اسير تو بدلا هوا زمانه ٿا" واري صورتحال پئدا ٿيل آهي ته اهو يار به پنهنجي فيصلي کي غلط سڏڻ کان نٿو ڪيٻائي.

ڪميونزم لاءِ جدوجهد کي سمجهڻ لاءِ رولاڪ جو خيال آهي ته ٻه انڊين فلمون "نڪسلائيٽ" ۽ "پارٽي" ضرور ڏسڻ کپن. اهي ٻئي فلمون ڏسندي رولاڪ کي سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪميونسٽ گروپن جي اڪثر ماڻهن جا پرڪار نظر آيا. رولاڪ کي ڪميونسٽ ڪلچر جون عادتون ۽ رويا ذري گهٽ هرهنڌ ساڳيا نظر آيا آهن. رولاڪ جي راءِ موجب ڏيهي ڪامريڊن جي ناڪاميءَ جو اهم ترين سبب وٽن

انساني قدرن ۽ روين جي اٿھوند پڻ آھي. ڪميونسٽ اڳواڻن "ڪت خلق" جي تہ انقلاب جي اڏيءَ تي پيتا ڏني پر پنھنجي ٻارن ۽ مٽن مائٽن کي ڪميونسٽ بلاڪ جي ملڪن ڏانھن اُماڻيندا رھيا ۽ گوري چمڙيءَ جي ذھني غلام ديس جا اھي "وڏ- گھراڻا ٻار" جڏھن واپس وريا تہ سندن حال بہ اُھو ئي ھو جيڪو ڪراچيءَ واري اسٽيل مل جي اُن سنڌي سپاجھڙي جو ھو جنھن کي ھڪ روسي عورت کي Rape ڪرڻ تي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو تہ ھن يار چيو ھو تہ "نيڪ آھي نوڪري وئي تہ چا ٿيو انگريزياڻيءَ سان تہ ستاسين!"

بس سائين اسيءَ واري ڏھاڪي جي "ڪميونسٽ وبا" ڪيترن جا ٻاگھ ٿاھيا تہ ڪيترن جا ڦٽايا! تن ڏينھن ۾ ڪميونسٽ سياست ۾ داخل ٿيندڙن کي رولاڪ ڪجھ خانن ۾ ورھائي ٿو.ھڪڙا سماجي مسئلن سان رومانويت واري رويي سبب آيا. ٻيا ڪميونسٽن کي اوڀر يورپ جي ملڪن ڏانھن وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ بنائڻ آيا. ٽين، خاص طور تي ٻوٺاٺن علائقن کان شھر آيل رنگروٽن ڪميونسٽ گروپن کي پنھنجي سماجي ميل ميلاپ ۽ اجان ئي شھري ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن سان شاديون ڪرڻ جو ذريعو بڻايو.

رولاڪ جي راءِ آھي تہ پاڪستان خاص طور تي سنڌ ۾ ڪميونزم برلن ڀت جي ڪرڻ سان نہ پر جنرل ضيا جو جھاز ڪرڻ سان ڏڪ نہ جھلي ڪاٺا تي ويو!

ھلال پاڪستان

٢٨ جنوري ٩٥

گمنام ڪارڪنَ ۾ "تاريخ جو سرد آئش تري"

تنهن ڏينهن شهر جي هڪ هال ۾ "ڪامريڊ نارائڻ داس بيچر" جي ورسيءَ جي حوالي سان هڪ پروگرام ٿيو. انهن تنظيمن جي ميزبانيءَ ۾ ٿيل پروگرام ۾ سئو ڏيڍ سئو ماڻهو مس هئا. ماضيءَ ۾ پنهنجي ڪنهن دوست وٽان "فنڪشن برڊ" جو لقب حاصل ڪندڙ رولاڪ به اُتي موجود هو. ان پروگرام ۾ رولاڪ جي وڃڻ جو هڪ سبب اهو به هو ته هن ڄاڻڻ ٿي چاهيو ته اهو گمنام "ڪامريڊ نارائڻ داس بيچر" ڪير هو؟ بس سائين، ان سوال جو ڪو مڪمل جواب پروگرام ختم ٿيڻ تائين به نه ملي سگهيو. جو مقررن/ميزبانن وٽ به ان ڪامريڊ بابت ڄاڻ "ماڻهن جو چوڻ آهي ته ڪامريڊ ڪنهن يونين جو صدر يا جنرل سيڪريٽري هو ۽ سندس ارڙهن جايون هيون" کان وڌيڪ نه هئي.

رولاڪ گهٽي عرصي کان سنگت ساٿ ڪي چوندو اچي ته شخصيتن جو به ريڪارڊ هئڻ گهرجي جنهن مان پتو پوي ته ڪنهن ڇا ڇا ڪيو ؟ پر سائين رولاڪ کي محسوس ٿيو آهي ته شايد ايئن ڪرڻ سان ڪن همراهن/ تنظيمن/ادارن جا" دڪان" بند ٿي ويندا. رولاڪ کي ياد آهي ته ڪامريڊ ڄام ساقيءَ کي جيل مان اسپتال منتقل ڪرڻ واري مهم لاءِ امدادي ٽوڪن وڪڻندر نبي بخش همدرد جڏهن گرڙدا خراب ٿيڻ سبب بيمار ٿيو ۽ پوءِ مري به ويو ته نه ڪنهن ڪيس بچائڻ لاءِ ڪا دوا درمل ڪئي نه وري ڪيس ياد رکڻ لاءِ ڪي ورسيون ملهايون ويون نه ته پروفيسر رام پنجواڻيءَ وانگر سنڌ جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ ماچيس جي دٻيءَ تي ساز وڄائي انقلابي/ قومي گيت ڳائيندڙ نبي بخش همدرد يا سٺ واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ آيل سياسي اٿل پٿل دوران ٽنڊي الهيار پرسان هاري ڪورٽون هلائيندڙ ڪامريڊ احمد لغاري کي ايترا بي نام به نه رهيا آهن!

هاڻ ته ڪنهن کي اهو به ياد نه رهيو آهي ته پنهنجي نظرئي تي ثابت قدم رهندڙ ماٺيٽي نينگر شير محمد مگرئي نهايت خاموشيءَ سان

ڦتڪا ڪاڏا هئا ۽ ڪنهن کي ان بابت پڌائيندو ئي نہ هو. شير محمد مگرئي متعلق الائي ڇو رولاڪ جو خيال آهي تہ هو اوپر پنجاب جي شاعر رشم جي نظم جو جيئرو جاڳندو اظهار آهي، جنهن ۾ هُن (رِشم) چيو آهي: ”جڏهن اسان جو قافلو جابلو سلسلو لتاڙڻ لڳو ۽ جابلو نَئہ تي پُل ٻڌڻ لاءِ آءُ ڇاتيءَ پرليٽي رهيس تہ منهنجي ساٿين مونتان لنگهندي چيو پئي تہ هو گهٽ ڳالهائو ڪيڏانهن ويو جنهن دعوا ٿي ڪئي تہ آخر تائين ساٿ نڀائيندو، تنهن تي هئي ساٿيءَ چيو تہ مون تہ اڳيئي ٿي چيو ساٿ نہ ڏيندو، پڇي ويندو.!!

بس يار! نالو انهن جو ٿو روشن رهي جن جي ڪا زورائتي لابي آهي يا حسن مجتبيٰ چواڻي جيڪي انگلش ميڊيم جا پڙهيل آهن. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پوءِ حيدربخش جتوئيءَ سان گڏوگڏ عنايت الله ”ڏمچر“ کي بہ ياد رکيو وڃي ها. سجاد ظهير سان گڏ ڪامريڊ دوشنبي کي بہ ياد رکيو وڃي ها ۽ ڪو گورا قبرستان جي مجاور سان گڏ رهندڙ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي ان ناراض ڪارڪن جي مرتئي جي تاريخ بہ پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري ها جيڪو ڪنهن ڏورانهين شهر مان ڪراچي پارٽي جو ڪم ڪرڻ آيو هو پر پارٽيءَ سان اختلاف رکڻ سبب نڌڻڪو ٿي ويو هو.

رولاڪ کي گمنام ماڻهن تان ياد آيو تہ ڪيترائي سال اڳ هن جنگ اخبار ۾ پير علي محمد راشديءَ جو هڪ مضمون پڙهيو هو جنهن ۾ هن هوسڙيءَ جي پرسان رهندڙ ڪجهہ پنهورن کي انگريزن جي دور ۾ الہ آباد جيل ۾ قاهي ڪائيندڙ آزاديءَ جي ويڙهاڪ شهيد اشفاق الله خان جو ساٿي پڌايو هو. ان مضمون موجب انهن پنهورن مان ڪيترن کي ڪاري پاڻيءَ وغيره جون سزائون پڻ آيون هيون. رولاڪ کي ياد ٿو اچي تہ سندس اٽيڙهيل ڏاڏيءَ ڪيس هڪ ڀيرو پڌايو هو تہ سندس ڀيڙيون پڌندڙ پاءُ بہ ڪنهن وقت گانڌي جي پارٽي (انڊين نيشنل ڪانگريس) ۾ شامل ٿي، وتندو هو چرخو ڪتيندو ۽ انگريزن کي گاريون ڏيندو.

پر انهن ۽ اهڙن الائي ڪيترن گمنام ماڻهن تي تحقيق ڪرڻ يا لکڻ واريو ڪوبہ ناهي. رولاڪ پنهنجي هاڻيءَ جهڙي Memory

ڊوڙائي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ ڪيس ان بابت ڪي ٿي چار لکٽيون ملن ٿيون. عبدالواحد آريسر جو ڪتاب "سر ۾ سانجهيءَ وير" پير علي محمد راشديءَ جو مٿي ڇاٿايل مضمون، شيخ اياز جون پرچو ودياٿيءَ تي لکيل ڪجهہ سٽون ۽ مدد علي سنڌيءَ جي قرةالعين حيدر جي ترجمو ڪيل ڪهاڻين جي مجموعي "قلندر" جو انتساب، گمنام سياسي ڪارڪنن تي ڪا ہي لکٽي هجي تہ ڪو پڙهندڙ رولاڪ کي ٻڌائي......!

بس سائين! اسان جو سمورو معاشرو "نطشي جي پر وارو" ٿي ويو آهي، جنهن ۾ ڪانو "بيلي ڊانسر" ۽ شهزادا "چپرا" ٻڻجي ويا آهن. نطشي جي پر واري جي ڳالهہ آهي تہ ڪجهہ جملن جي پر آهي اسان جي اڄوڪي حالتن سان نهڪندڙ. ٿيو هيئن جو، جيئري ئي پنهنجي سماج ۾ ميجتا ماڻيندڙ جرمن شاعر نطشي هڪ پيرو بس ۾ سفر پئي ڪيو تہ سندس سمورن همسفر ساٿين ڪيس چتائي پئي ڏٺو. ان تي نطشي جي پر واري سيٽ تي ويٺل همراه ڦونڊجي ويهي رهيو. ڇوڻ نطشي جي ڪا حيثيت ئي نہ هجي ۽ ماڻهو ڪيس ڏسي رهيا هجن. اڄوڪي جرمنيءَ جي دانشوراڻي دنيا ۾ "ہہ نمبر جو ماڻهو" واري اصطلاح بدران نطشي جي پر وارو اصطلاح استعمال ڪيو ويندو آهي.

رولاڪ کي انڊين آرٽ فلم "پارٽي" پئي ياد اچي، جنهن ۾ هڪ جدوجهد دوران ٿيندر تشدد جو اکين ڏٺو شاهد صحافي جڏهن شهر جي "چانهہ جي پياليءَ ۾ طوفان آڻيندڙ" دانشورن کي جدوجهد دوران ٿيندڙ ڏاڍاين ۽ عام/گمنام ماڻهن جي قتلام جا تفصيل ٻڌائيندو آهي تہ اهي "دانشور" شراب جي پيگ مان تکڙا تکڙا ڍُڪ ڀري پنهنجو غم غلط ڪندا آهن. ان ڪانپوءِ صحافي (اوم پوري) جا جذباتي ڊائيلاگ اسان جي بيحسيءَ جو ڀرپور اظهار ڪن ٿا.

رولاڪ جي خواهش آهي تہ تاريخ جي بيرحم چرخي هٿان موت جي مات کائيندڙ ڪارڪن ڪرشن چندر جي ناول "برهمپترا" واري بوٽ پالش ڪندڙ ڇوڪري جيان Faceless ۽ Nameless تي "تاريخ جي سرد آئش تري" ۾ نہ پون !.

هلال پاڪستان
۳۰ جنوري ۹۵

سيمنٽ جي ڍڪي تي ڪتي جا چنبا

بهاولپور اسٽيشن تي ريل گاڏي بيٺي ته رولاڪ جي هڪ همسفر پڙهيل لکيل مائيءَ پنهنجي ڏوهٽي کي ٻڌايو ته هيءُ بهاولپور آهي جتي جنرل ضيا جو جهاز ڪريو هو. جنرل ضياءَ جو نالو ٻڌي ڪجهه دير تائين ته رولاڪ هڪ پيرو وري ڏٺي ويو پر سامت ۾ اچڻ تي ياد آيس ته ١٧ آگسٽ ١٩٨٨ع تي بهاولپور کان ڪجهه پريرو، انور سن راءِ جي ڳوٺ خيرپور ٽامي واليءَ جي ٻاهران ضيا جو جهاز ٽڪاءُ سان ڦاٽي ڪري پيو هو.

رولاڪ جي ٽين ايجر پڙهندڙن کي ست سال اڳ مارچي ويل ماٺو (؟) کان اجان تائين ڏڃڻ واري ڳالهه شايد حيرت انگيز لڳي پر اُن ڏينهن تي محترما بينظير ڀٽو جو ڏنل بيان ته "اسان مان گهٽڻ جي سر تان موت ٽري ويو". رولاڪ جي جنوري ١٩٩٥ع ۾ ڏڃڻ جو جواز ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

رولاڪ جي هڪ جيڏن مان سڀ کان پياري ۽ نفيس شاعر حسن درس ضيا تي لکيل پنهنجي هڪ نظم ۾ چيو ته "جنرل ضيا تون زندگيءَ لاءِ "منع نامو" آهين !... ڪپهه جهڙين جوانين تي ڪريل ڳورو پٿر آهين!"

رولاڪ سان گڏ وڏو ٿيل نسل يا انکان اڳ مارشل لا ڀوڳيندڙ ۽ انکي منهن ڏيندڙ نسل لاءِ جنرل ضيا ڌڪار ۽ ڌڪاءُ جو هڪ اهڙو Symbol آهي جنهن کي هو شايد سڄي زندگي وساري نه سگهن.

رولاڪ پنهنجي ننڍپڻ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي جمهوري آزادين واري دور جون جيڪي ميرانجهڙيون ساروڻيون ساري سگهي ٿو انهن مان هڪ سندس نور محمد هاءِ اسڪول جي ڀت سان لڳو لڳ مسلم ڪاليج ۾ هر سال ٿيندڙ شاگرد سنگت جي چونڊن جون رنگا رنگيون پڻ آهن پر رولاڪ جي مئٽرڪ ۾ پهچندي ئي جنرل ضيا اقتدار تي قابض ٿي ويو ۽ شاگرد سنگت جون چونڊون ته ڇا پر خود تعليمي ادارا ئي ختم ٿيڻ /بند ٿيڻ لڳا. عثمان غني، ادريس طوطي، ناصر بلوچ

۾ نذير عباسيءَ جهڙين انيڪ "ڪيھ جهڙين جوانين تي موت جو ڳورو پٿر" ڪري پيو ۾ تن ڏينهن جي بين الاقوامي ديومالائي شخصيت ذوالفقار علي ڀٽو جي زندگيءَ لاءِ بليڪ وارنٽ جي صورت ۾ "منع نامو" جاري ڪيو ويو.

ملڪ ۾ مارشل لا ڇا آئي جڻ ڪو راڪاس قيرا پائڻ لڳو. رولاڪ کي ياد آهي تہ ١٨ مارچ ١٩٧٨ تي جڏهن جنرل ضيا جي لاهور هاءِ ڪورٽ ڀٽي کي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي هئي تہ ڪجهہ دير کان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نُور بانوءَ جي آواز جي حاجي شاهہ جو ڪلام هليو هو "موتيا ڪين موچارا، منهنجا ڪيچي قول ڪري ويا!" پوءِ تنهن ڏينهن منجهند جو رولاڪ سميت انيڪ ٽين ايجرس لنگهڻ ويلو تاريو هو جو مائرون روئڻ ۾ هيون ۾ مرد ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ واري احساس شرمندگيءَ ۾. رولاڪ بہ تن ڏينهن ۾ ٻالڪپڻ ۾ جوانيءَ جي سرحد تي بيٺل انهن انيڪ فردن مان هڪ آهي جن جو رومانس ۾ مٽن مائٽن ۾ پاڙي جي ڇوڪرين بابت ڳالهيون ڪرڻ وارو وقت ڀٽي کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ ۾ پوءِ نُوس سياسي بحثن ۾ گذرڻ لڳو.

مارشل لا جي ڏينهن ۾ جلاوطنيءَ جا ڏينهن يورپ ۾ گذاريندڙ هڪ سياسي ڪارڪن جڏهن رولاڪ کي اهو چيو تہ هو جيڪڏهن ملڪ ۾ رهي ها تہ شايد مارجي وڃي ها تہ رولاڪ کيس چيو تہ "يار! اسين جيڪي هتي رهندا رهياسين سي تہ هر ڏينهن هر پل موت جي تاڻيل بندوق جو ٽارگيٽ بڻيل هئاسين" رولاڪ جي راءِ ۾ جسماني موت ڪا وڏي ڳالهہ ناهي پر ضيا جي مارشل لا ۾ جهڙي ريت انسان جي انسان پڻي ۾ عزت نفس کي ڇتيو تي ويو اُهو شايد اڳوڪي نسل جي وهم گمان ۾ بہ نہ اچي سگهي. ان دوران هڪ سڄي نسل کي جڻ مجموعي ڏاري کان اٿين ڪٽي ڏار ڪيو ويو جو تن ڏينهن ۾ جوان ٿيل نوجوان اڄ ڏينهن تائين ذهني طور پنهنجي پيرن تي بيهي نہ سگهيو آهي.

بهر حال اُهي ڏينهن پنهنجي طور تي فخر ڀريا بہ هئا جڏهن يعقوب پرويز ڪوڪر "ايلي ايلي لما سبڪتني" جو ورد ڪندي

ذوالفقار علي ڀٽو کي آزاد ڪرڻ جي گهر ڪندي پنهنجو پاڻکي باهہ ڏئي ساڙيو تہ ڪيترين ئي اکين ۾ دلين رت جا ڳوڙها ڳاڙيا هئا ۽ تن ڏينهن ۾ ذوالفقارعلي ڀٽي کان وٺي چٽن جو ڳاڻو لڳائيندڙ تنڊي ولي محمد واري بصر تائين سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ هر شخص هڪڙن جي نظر ۾ قابل عزت ۽ ٻين وٽ قابل گردن زني هو. تن ڏينهن ۾ سياسي ڪارڪن تہ ڇا بي بي سيءِ وارو مارڪ ٽيلي ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ رڙيون ڪندڙ ميجر رشيد بہ "مڙس ماڻهو" سمجهيا ويندا هئا. تن ڏينهن ۾ رولاڪ جا هڪ جيڏا جيل ائين ويندا هئا ڄڻ سگ وٺڻ لاءِ ڪا چوڪري پسند ڪرڻ ويندا هجن! ۽ تن ڏينهن ۾ سياسي بنيادن تي هڪ ڏينهن يا ويهہ سال سزا ڪائيندڙ سياسي قيديءَ جي باري ۾ عام ماڻهو بلڪل اهڙو ئي رويو رکندا هئا ڄڻ ڪنهن وڏي ديو کي ماري ڪانئس شهزاديءَ کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هجيس.

مارشل لا جي سختين جتي "ڌهيسر سنڌ" ۽ "شير پنجاب" جهڙا لقب رکندڙن کي ڪک پن ڪيو اُتي "اٽڪ ۽ لاهور قلعن جا فاتح" پڻ پيدا ڪيا ! رولاڪ کي اُها سياسي ڪارڪن شاهده جبين ياد ٿي اچي جنهن جي پاءُ عثمان غنيءَ کي ڦاهي چاڙهڻ ڪانپوءِ خود شاهده کي شاهي قلعي ۾ تشدد جو نشانو بڻايو ويو پر اها مائي اڄ ڏينهن تائين سيني تي هٿ هڻي پنهنجي سياسي ڪارڪن هئڻ جي وڏي واڪ ڳالهہ ڪندي آهي.

مارشل لائن جي مزاحمت تي رولاڪ کي چليءَ جي ڳالهہ ياد ٿي اچي جتي جنرل پنوشي جي مارشل لا مڙهجڻ ڪانپوءِ مارشل لا مخالف ڌرين يڪراءِ طئي ڪيو تہ "گوڙ ڪيو!" سو سانتياگو جي هر شهريءَ گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو. ڊرائيورن گاڏين جا هارن وڄائڻ شروع ڪيا تہ عورتن گهرن جا ٿانو وڄائڻ شروع ڪيا. رولاڪ ٻارن همراهن، جن وٽ نہ گاڏي هئي ۽ نہ وري گهر جا ٿانو، سو بجليءَ جي ٿنين کي لٺين، پٿرن يا اجان ئي خالي هٿن سان وڄائڻ شروع ڪيائون. چون ٿا تہ ان گوڙ کان جنرل پنوشي گاديءَ وارو شهر ڇڏي ڀڄي ويو هو! رولاڪ جي ديس واسين بہ وسان نہ گهٽايو. جڏهن شروعات ۾ اخبارن تي سينسرشپ مڙهي وئي تہ سنسر ٿيل خبرن جي جاءِ بلڪل

خالي اڇڻ لڳي ۽ تن ڏينهن جون ٽي حڪومت مخالف اخبارون (مساوات، صداقت ۽ امن) بنا خبرن جي به وڪامڻ لڳيون ته اهو شاهي حڪم آيو ته سينسر ٿيل خبر جي جاءِ پريل هئڻ ڪپي پر رولاڪ جي تڏهونڪي برادري پنهنجو رنگ ڏيکارڻ ۾ وسان نه گهٽائيندي هئي. ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن اردو اخبار حريت جو اداريو سينسر ٿي ويو ۽ ان صفحي جي انچارج جاءِ ڀرڻ واري حڪم جو پورائو ڪندي اُتي اُن جي تصوير چنبڙائي ڇڏي!

رولاڪ جنرل ضيا جي ڪرايل ريفرنڊم دوران ٽي ويءَ تي اَن ايئر ڪنهن همراهه جو اهو جملو نٽو وساري سگهي ته "پولنگ اسٽيشنن تي ماڻهو هجن ته ڏيکاريان." يا ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جي ان پروڊيوسر جي تن ڏينهن ۾ وڏي هاڪ هئي جنهن پنجين جنوريءَ تي ذوالفقار علي ڀٽي جي جنم ڏينهن تي "سالگرهه ڪا دن آيا هئي" وارو فلمي گانو هلائي پنهنجي نوڪري ڇٽ ڪرائي هئي!

رولاڪ جي رٿ آهي ته ضيا شاهي تي سمورا ماڻهو لکن. چاڪاڻ جو تن ڏينهن جا هر ڪنهن وٽ ڊار ڊار تجربا، پيڙائون ۽ اتساهه آهن. رولاڪ کي محرم جي مجلس دوران ڪارا ڪپڙا پاتل اُهو شخص به نٽو وسري سگهي جنهن جنرل ضيا جي مرڻ تي مٺائي ورهائيندي چيو هو ته "امامن جي غم وارن ڏينهن ۾ خوشي ملهائڻ جو گناهه ته مولا ڪان هٿ ٻڌي بخش ڪرائبو پر اڄ خوشيءَ جي مٺائي ورهائبي ضرور!" رولاڪ کي اُهو مذهبي ماڻهو به ياد آهي جنهن جنرل ضيا (بقول ڪجهه ماڻهن جي آرنلڊ رافيل) جي جنازي ۾ پنهنجي مرشد کي ڏسي بيساختگيءَ سان کيس گار ڏئي ڪڍي هئي.

بهرحال رولاڪ جي راءِ آهي ته جنرل ضيا، اسانجي انتهائي حساس دوست صرير پنهور جي نظم موجب آمرن جي تاريخ ۾ ائين زندهه رهندو جيئن "سيمنٽ جي تازي ٺهيل دڪيءَ تي ڪتي جا چنبا!"

هلال پاڪستان

٣ فيبروري ٩٥

محبوب علي جوڪيو، وفائيءَ جا "پنج"
۽ نصير مرزا جو ٽشو پيپر

تنهن ڏينهن استاد محبوب علي جوڪيو يادگار ڪميٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت محراب گڏيل طور استاد محبوب عليءَ جي ورسي ملهائي. رولاڪ جو محبوب علي جوڪيو سان هڪ تعلق رهيو آهي. اُهو هيءُ ته ڪيترائي سال اڳ جڏهن رولاڪ بيروزگاريءَ وارن ڏينهن ۾ جنرل ضيا جي مارشل لا خلاف نعرا هڻي وقت گذاريندو هو ۽ هڪ ڀيري حسب معمول رولاڪ ۽ سندس هڪ معزز شاعر دوست وٽ پئسا ڪِٽي ويا ته پرسان سنڌ جي هڪ مها دانشور جي آفيس مان، جنهنڪي رولاڪ جو هڪ دوست "سنڌيءَ جو سينئر پروف ريڊر" سڏيندو آهي، محبوب علي جوڪئي جي ڪيل حضرت عليءَ جي شاعريءَ جي ترجمي "وڪر سو وهاءِ" جون پنجاهه سٺ ڪاپيون چورائي "مولا عليءَ" جي پيروڪارن کي جذباتي ڪري وڪڻي پيٽ گذر ڪيو هو!

محبوب علي جوڪئي سان رولاڪ جو انڪانسوءِ ٻيو ڪوبه تعلق نه رهيو آهي پر ورسيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن رولاڪ جي ٻن دوستن ڪيس محرابپور هلڻ لاءِ چيو ته هو الائي ڇو انڪار نه ڪري سگهيو ۽ ڪيترن ئي سالن کانپوءِ اندورن سنڌ ڪنهن پروگرام ۾ شريڪ ٿيو.

رولاڪ کي ڀرپور حيرت ته اها ٿي جو ننڍڙي شهر جي سينيما ۾ ٿيندڙ پروگرام ۾ سڄو هال ڀريل هو ۽ ڇهه ست سؤ ماڻهن خاموشيءَ سان مقالن جي نشست کي به برداشت ڪيو. رولاڪ کي حيرت اوڏيءَ مهل به ٿي جڏهن "محرابپور" جي سنڌي ادبي سنگت جي پروگرام ۾ ڳائڻ اردو ۽ پنجابيءَ ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. ان ۾ حيرت جون به ڳالهيون هيون هڪ ته جڏهن رولاڪ ريگيولر فنڪشن اٽينڊ

ڪندو هو تڏهن سنڌين جي پروگرام مان اردو ۽ پنجابي ٻوليون ائين تڙيل هونديون هيون جيئن هڪ ڪلاس روم مان مشهور ايراني پوسٽر جو غريب پينو يار! ٻيو ته رولاڪ جو خيال هو ته محرابپور ۾ هر ڪا شئي قومپرستيءَ تي ٻڌل هوندي. ٿيو هيئن جو اسانجي هڪ "اڀوجهه" صحافي دوست ڪي ڪجهه سال اڳ ميڪلورڊ روڊ تي اڇا ڌوتل ڪپڙا پاتل ماڻهن جو هڪ ٽولو مليو. ان ٽولي ۾ ٻه مرد، ٻه عورتون ۽ ٽي چار ٻار هئا. ٽولي جي هر مرد تازو تازو ڳوٺان آيل اسانجي سنڌيت سان ٽمٽار صحافيءَ کي ٻڌايو ته هو ٻه سنڌي قومپرست آهن ۽ محرابپور جا آهن، ڪراچي ڪنهن ڪم سانگي آيا هئا ۽ ڪو پئسا ڦري ويو اٿن. اسانجي معصومڙي صحافي دوست پنهنجي کيسي جا سمورا پئسا کين ڏئي ڇڏيا ۽ خالي کيسن دفتر اچي، مٿن دڪدائڪ قسم جو ڪالم لکيو! ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اهو ساڳيو ٽولو وري هڪ ٻئي يار کي ساڳي حالت ۾ مليو پر هاڻ اُهو ڪالم واپس ٿيڻ جو ڳو نه هو. سو، انڪري رولاڪ ان نتيجي تي پهتو هو نه ته ڳالهه ۾ ڪجهه به ڪونه هو.

محرابپور رولاڪ وٽ هڪ ٻي اهميت پڻ رکي ٿو. محرابپور چاچي هاشم گهانگهري جو به شهر آهي، جنهن سنڌ جي ترقي پسند قومي سياست تي حقيقتاً تن من ڌن لٽائي ڇڏيو. چون ٿا ته حميده ۽ زبيده گانگهرو جو پيءُ ڪامريڊ هاشم گهانگهرو ڪنهن وقت انتهائي امير ماڻهو هو پر پورهيت طبقي جي سياست ڪندي هو محرابپور جي گهٽين ۾ ٿالهه تي مائو وڪڻڻ لڳو ۽ انهيءَ حال ۾ ئي مري ويو. بس يار! ڳالهه اُهائي آهي "چتي اسير تو بدلا هوا زمانه ٿا." بدليل زماني ۾ هڪڙا جهنڊا لڳل ڳاڏين تي گهمن ته ٻيا "چاچا هاشم" ٿيو وڃن!

ها، سو ڳالهه پئي ڪئي سين فنڪشن جي - رولاڪ ان رات ناستلجيا ۾ ايترو ته ونجي ويو هو جو ڪيس پراڻا فنڪشن به مڪمل طور تي ياد نه پئي آيا. رولاڪ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ جيڪي فنڪشن

اٽينڊ ڪيا آهن تن ڪي وسارڻ محال آهي. رولاڪ کي حيدرآباد جي هر فنڪشن ۾ ايندڙ پوڙهو شاعر "هميراڻي" پيو ياد اچي جيڪو ڪيسي ۾ هڪ ئي وقت تمام گهڻيون بال پينون وجهي ايندو هو پر ڪانئس جيڪو به بال پين گهرندو هو تنهنکي لغت ۾ شامل ٿي اڻ شامل سمورين گارين سان نوازيندو هو. اِهو اعتراف به ڪري ڇڏجي ته رولاڪ به هڪ پيرو پنهنجي هڪ استاد جي چوڻ تي بي خياليءَ ۾ ڪانئس پين گهري هئي ۽ پوءِ ساڻس اهڙي ٿي جو دنيا ڏٺو. اهڙن ئي فنڪشنن ۾ رولاڪ کي ڪيترائي نوان دوست مليا ۽ ڪيترائي وچڙيا.

تن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد ڪان لطيف آباد واري مهراڻ آرٽس ڪائونسل تائين پنڌ وڃبو هو ۽ واپس به پنڌ اچبو هو. رولاڪ کي ياد آهي تن ڏينهن ۾ ڄامشوري ڪئمپس ۾ ٿيندڙ پروگرام رات جو دير تائين هلندا هئا ۽ واپسيءَ تي ڏڪا ڪائيندي شهر پهچبو هو. تن ڏينهن ۾ فنڪشنن ۾ هوٽنگ ڪرڻ ۽ ڪلڻ ۽ کلائڻ ڪا ممنوع ڳالهه نه هئي. هاڻ ته سائين، ويگن ۾ ڪنڊيڪٽر ياڙي جا پئسا وٺندي ۽ بقايا موٽائيندي به وڙهيو ٿا پون! نه ته، پرپور سنڌي مهاجر ٽينشن ۾ ۽ اهو به رسول بخش پليجي جي موجودگيءَ ۾ خيرالنساءِ جعفري "سنڌي پنگي پائي پائي " جهڙي ڳالهه ڪري ۽ خيرن سان گهر پهچي وڃي!

هوٽنگ تان ياد آيو ته ڪراچيءَ واري آرٽس ڪائونسل ۾ سنڌي ميڊيڪوز وارن جو جشن لطيف هو ۽ علي نواز وفائي پنهنجي روايتي تقرير ڪري رهيو هو ته "ملڪيت" ۾ به "پنج" ته "مصيبت" ۾ به "پنج" ۽ هال مان هڪ آواز آيو "وفائي" ۾ به "پنج"! ۽ ان ڪانپوءِ پنجن پنجن اکرن وارا اُهي لفظ وفائي صاحب ذهن نشين ڪرايا ويا جو وڃي ٿيا ست خير! سو سائين رڳو ان پروگرام ۾ علي نواز وفائي پنهنجي تقرير پوري ڪري نه سگهيو پر پئي ٿيندڙ پروگرام ۾ هو وري به تقرير ڪرڻ لاءِ ڊائس تي موجود هو!

اهڙن پروگرامن ۾ رڳو هونتنگ ئي نہ ٿيندي هئي پر ليڪن ۾ دانشورن ڪي ايترو مان ملندو هو جو رولاڪ ڪراچيءَ جي لياقت نيشنل لائبريريءَ ۾ امر جليل کي ڏهن منٽن تائين ڳوڙها ڳاڙيندي بہ ڏٺو آهي.

ڳوڙها ڳاڙيندي تہ رولاڪ نصير مرزا کي بہ ڏٺو آهي جنهن شيخ اياز جي ڪتاب "حلقہ ميري زنجير ڪا" جي مهورت واري تقريب ۾ ماٺ ميٺ ۾ پنهجو نشو پيپر پُسايو هو.

بس سائين! رولاڪ جي خواهش آهي تہ روز اهڙيون محفلون ٿينديون رهن تہ جيئين سماج ۾ پيدا ٿيل Depression ۽ مايوسي ڪا ختم ٿئي.

هلال پاڪستان
٨ فيبروري ٩٥

ماءُ بنان "اٽپوري ٽمورتي"

تازو سلطانا وقاصيءَ اسانجي دور جي "جنات ليڪڪا" خيرالنساءِ جعفريءَ بابت لکيو آهي ته هر ڪنهن جو پتو پاٽي ڪندڙ هيءَ مائي پنهنجي ماءُ جي مرتئي ڪانپوءِ پڇي پري پئي آهي ۽ سلطانه جي بقول "ارڏن ۽ وڪريل ماڻهن جي ڪمزوري شايد ماءُ هوندي آهي." رولاڪ کي مٿين ڳالهه مان رڳو لفظ "شايد" تي اعتراض آهي جو "گڏي" سڏجندڙ خيرالنساءِ جعفريءَ جي، جنهن کان قادر جوڻيجي ۽ ابراهيم خشڪ جهڙا ماڻهو به پناهه گهرن ۽ جيڪا تنوير جوڻيجو ۽ ليلا بانا سان گڏ سنڌيونيورسٽيءَ جي آرٽس لابيءَ مان گذرندي هئي ته رولاڪ پارو غريب غربو ته ڇا پر وڏا وڏا "جيالا" ۽ "پيارا" به پڇي پاسو ڪندا هئا ماءُ ڪانسواءِ ڪهڙي حالت ٿيجي وئي آهي! بدين جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ مان حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد ۾ ٽانيڪي ٽيندڙ گڏيءَ کي رولاڪ نڌيڙي هوندي کان ئي سنڌس ماءُ ۽ ڏيءَ سان گڏ اڪثر گاڏن تان ڏڏڙي ۽ سنگ وٺي ڪائيندي ۽ پسار ڪندي ڏسندو آيو آهي.

رولاڪ کي ياد نٿو پوي ته ٽنڊي ولي محمد ۾ ارڙهن سال رهڻ دوران هن پسار دوران ڪڏهن ٽمورتيءَ (گڏي، سنڌس ماءُ ۽ سنڌسَ ڏيءَ) جو ڪو رُڪن ڪٽل ڏٺو هجي، اِها ٽمورتي هاڻ جڏهن "ٻمورتيءَ" ۾ بدلجي وئي آهي ته الائي ڪيئن لڳندي هوندي!

رولاڪ هتي اها ڳالهه ٻڌائيندو هلي ته جن رستن تان هو پنهنجي ماءُ سان گڏ گذريو هو، ڪوشش ڪري اُتان نه لنگهندو آهي ۽ نه وري اوڏانهن ويندو آهي. باقي جيڪڏهن اُتي وڃڻ ضروري ٿي پوي ته پوءِ Depression ۽ Tension جو ساٿ ائين هوندو آهي جيئن "ٻن آگرين ۾ قاتل سگريٽ."

رولاڪ بنا ڪنهن هڪ جي پنهنجي پوري اعتماد سان زندگيءَ ۾ رکو هڪڙي ڳالهه چئي سگهيو آهي/ سگهي ٿو تہ "دنيا جو سمورو وهنوار ماءُ تي دارو مدار رکي ٿو."

رولاڪ کي اوڏي مهل پنهنجي هڪ دوست تي سخت ڪاوڙ آئي جڏهــن هن ڪانئس پڇيو تہ ماءُ کان ڌار ٿــيڻ تي هُن جون Feelings ڇا هيون تہ هن بيخاليءَ ۾ وراڻيو هو "ڪجهہ بہ نہ !"

ان دوست کي ڪير ٻڌائي تہ انور سجاد جو جملو "مائرون ٿڏو ڇانورو هونديون آهن." پڙهي رولاڪ ڪيتري دير روئندو رهيو هو. ماءُ جنهنجي لاءِ نبيءَ چيو "جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي" ۽ محمود درويش لکيو تہ گهر ماءُ جي شفيق هٿن سان چانهن پيئڻ جو نالو آهي ۽ رولاڪ جي هڪ پاڳل دوست شهزاد لکيو "مان ڪهي ميري پاگل کو نہ ڪهنا پاگل !" شام واري هڪ انگريزي اخبار ۾ ڪم ڪندڙ روز صبح جو ستين وڳي ننڊ مان اٿندڙ رولاڪ جو هڪ رُنل دوست چوندو آهي تہ "يار! امان صبح ساڻ وارن ۾ هٿ ڦيري اٿارڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي بهاني وڏيڪ "سمهارڻ" چاهيندي آهي!"

هاڻ اسانجي دوست رحمت ماڇوئيءَ کي ڪير ٻڌائي تہ "گهر" مان رولاڪ جي مراد سيءُ لڳڻ تي "امان سيءُ ٿو پوي" جي رڙ ۽ ان ڪانپوءِ ماءُ هٿان ٻُت تي سوڙ پوڻ آهي.

بس يار! رولاڪ تہ سڄي دنيا ڏئي ماءُ کي ٻيهر موٽائي اچي ۽ جيستائين اُها نٿي موٽي اچي رولاڪ جي خواهش آهي تہ دنيا جي ڪابہ ماءُ پنهنجي ٻارن کي ڇڏي اوڏانهن نہ وڃي جيڏانهن رولاڪ جي ماءُ اڻين هلي وئي جو هاڻ زندگيءَ جي ڏکين گهڙين ۾ انتهائي خواهش هوندي بہ مٿي تان هٿ ڦيرڻ ۽ سيءُ ۾ ڏڪندي سوڙ وجهڻ لاءِ بہ نٿي اچي!

هلال پاڪستان

١٣ فيبروري ٩٥

نندي ڪنڊ جو اياڳُ

۱۹۷۸ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي موت جي سزا جو فيصلو ٻڌائيندڙ لاهور هاءِ ڪورٽ، رسول جي گستاخيءَ واري ڪيس ۾ ٻن عيسائين تان موت واري سزا ختم ڪري ڇڏي. لاهور جي ڪورٽن جي ماضي تي رولاڪ کي هڪ پنجابي دانشور وڪيل چيو هو ته ”ٻن ڪيسن ۾ ڪيل فيصلا اڃا تائين اسانکي احساس جرم ڏيارين ٿا. هڪ ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿين کي هڪ انگريز منجسٽريٽ جي قيادت ۾ پنجاب سان تعلق رکندڙ ٻن ججن ھٿان ڦاسيءَ جي سزا ۽ ٻيو ذوالفقار علي ڀٽي کي مولوي مشتاق جي سربراهيءَ ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جي فل بينچ ذريعي ڦاسيءَ واري سزا.“ تنهن رات رولاڪ جي انهيءَ حساس دوست چيو هوته، ”يار! ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿين جو چرچو ته هاڻ خود هندستان ۾ به گهٽ ٿو ٿئي ۽ اسان (اولهه پنجاب وارن) کي ته سياسي ورهاڱي ڪجهه رعايت به ڏني آهي پر ڀٽي جو عدالتي قتل هر پل اهو احساس ڏياريندو آهي ته اسان پنجاب وارن سنڌو ڪپ تان آيل گهوٽ کي راويءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.“ هُن يار اعتراف ڪيو هو ته هو اڃان تائين سنڌين سان ڳالهائي نه سگهندو آهي، جو ڪيس اهو ڏپ هوندو آهي ته متان ڪو سنڌي ڏوراپو ڏيس ته: ”اسانجي همراهه کي توهان مارائي ڇڏيو!.“

گذريل ڏينهن لاهور هاءِ ڪورٽ جي انهيءَ فيصلي ڪانپوءِ دلا ڀٽيءَ جي ڳوٺ ۽ برادريءَ وارو اِهو يار رولاڪ کي گهڻي دير تائين ياد ايندو رهيو. جنهن هاءِ ڪورٽ ڀٽي تي ڊيٿ وارنٽ جاري ڪيا، ان ساڳي هاءِ ڪورٽ جي عمارت مان رحمت ۽ سلامت تان موت جو سايو ٽاريو ويو. رولاڪ پنهنجي ان دوست کي تڏهن به بلهي شاهه جو هڪ شعر ياد ڏياريو هو ته، ”وي بُليا اسان مرڻا ناهين، گور پيا ڪوئي هور وي“ ۽ هاڻوڪي فيصلي سان ائين ٿو لڳي ڄڻ آمرن جي پيدا ڪيل فرقيواريت کي گور (قبر) ۾ وجهڻ جون تياريون شروع ٿي ويون آهن.

رولاڪ جو خيال آهي ته ۱۴ سالن واري سلامت مسيح ۽ ۴۴

سالن واري رحمت مسيح تي رسول جي توهين جو ڪيس هلڻ ۽ ساڳي ڪيس ۾ ڦاسايل هڪ ٽين منظور مسيح جو مصروف مال روڊ تي قتل، ڪي لا تعلق ڳالهيون ناهن. مذهبي بنيادن تي انسان کي انسان سان ويڙهائڻ واري راند ان ڏينهن کان شروع ٿي، جڏهن خدا جي دين جا ڪي ڪوڙا وارث پيدا ٿيا. رولاڪ کي ياد آهي ته هاءِ اسڪول ۾ دينيات پڙهائيندڙ هڪ اديب مولويءَ هڪ "هندو شاگرد" جو نالو ٻڌي ائين ناهه ڪاڏو هو ڄڻ اهو شاگرد نه پر ڪو هجي ! تنهن ڏينهن رولاڪ طئي ڪيو هو ته ماڻهن کي ذاتي بنياد تي پسند ۽ ناپسند ڪبو پر مذهب جي بنياد تي نه!

سنڌ ۾ مذهبي ڪٽر پڻي جي ڪا سگهاري ريت ته ڪڏهن به نه رهي آهي پر ايڪڙ ٻيڪڙ دور/ واقعا اهڙا ضرور گذريا آهن، جن هتان جي ضمير کي ڌونڌاڙيندي سچل جهڙا شاعر ۽ شاهه عنايت جهڙا منصور پيدا ڪيا آهن. رولاڪ انهيءَ سان سهمت آهي ته مذهبي ڪٽرپڻي جي نالي تي ٿيل هيل تائين سمورا ڪلور ڪجهه ماڻهن جي ذاتي انا/مفاد/ايذاءُ پسنديءَ ڪري ٿيا آهن. پوءِ ڀل سرمد تي الزام آپيچند سان نينهن رکڻ جو هجي پر سندس اصل ڏوهه وقت جي حاڪم بدران داراشڪوهه جي حمايت ڪرڻ هو. جيلاني ڪامران تصوف تي پنهنجي لکيل ڪتاب ۾ ان ڳالهه کي واضع ڪيو آهي ته "منصور حلاج جي نعري "اناالحق" جو مطلب "انسان سچ آهي" ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي ۽ انسان جي سچائي لاءِ طئي ٿيل آهي ته اها ڪنهن حاڪم لاءِ قابل قبول نٿي ٿي سگهي حاڪمن جي انهي انڌ جو شڪار فيصل آباد جو عيسائي ۽ پنجابي شاعر نعمت احمر به ٿيو هو، جنهن کي قتل ڪرڻ جو واحد سبب هڪ ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٻار پڙهائڻ تي سندس ضد ٻڌڻ هو.

شيخ اياز ڪنهن هنڌ لکيو آهي ته، "ٽئگور ايترو ڪجهه لکڻ بدران پر جيڪڏهن رڳو "مالهي" لکي مري وڃي ها ته به ايتروئي عظيم فنڪار هجي ها ۽ جيڪڏهن ايني فرينڪ، نازين جي گئس چئمبر کان بچي وڃي ها ته پڪ سان سٺي ناول نگار ٿئي ها پر عظيم ليکڪ ٿيڻ لاءِ وڏي چمار نه پر وڏن آدرشن تي مضبوط ويساهه گهربو آهي."

نعمت احمر به پنهنجي جواني ۾ مارجي ويڻ بدران اچي متي ۾ اچي ڏاڙهي ٿيڻ تائين جيئرو رهي ها ته شايد وڏو شاعر ته ٿي وڃي ها پر وڏو ماڻهو نه ٿي سگهي ها!

رولاڪ پنهنجي راءِ ڏيڻ ۾ ڪڏهن به ڪيپائيندو ناهي، سو سندس خيال موجب هاڻ اهو وقت اچي ويو آهي، جو اسين فيصلو ڪريون ته انهيءَ فرقيواريت جو بنياد ڪتان پيو؟ رولاڪ جي ديس (نندي ڪند) جو اياڳ ته اهو آهي جو هتان جا ڪميونسٽ به مذهب جي بنياد تي ورهائجي هندستان ۾ پاڪستان ڏانهن لڏپلاڻ تا ڪن ۾ هندو مسلم ايڪتا جي پرچارڪ گانڌيءَ کي هڪ هندو انتها پسند انڪري ٿو ڇرو هڻي جو هو مسلمانن جي قتل تي روئي ٿو ۽ ڪين قتل ڪندڙن کي ديس دروهي ٿو سڏي ۽ بنياد پرستن هتان قتل ٿيندڙ روشن خيال ذوالفقار علي ڀٽو قاديانين کي غير مسلم اقليت قرار ٿو ڏي. رولاڪ جو خيال آهي ته هتان جا غير مسلم ڪنهن به ريت پنهنجي مسلمان همر وطنن کان گهٽ ناهن. جيڪڏهن مهر عبدالرشيد، ذوالفقار علي ڀٽي کي بچائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي باهه ٿو ڏي ته اتي يعقوب پرويز کوکر به ”ايلي ايلي لما سبقتنيءَ“ جو ورد ڪندي، پنهنجي جان اربي ٿو ۽ سپريم ڪورٽ جو جسٽس صفدر حسين شاهه ته ڀٽي کي بري ڪرڻ ڪانپوءِ افغانستان هليو ٿو وڃي پر دراب پٽيل سپريم ڪورٽ کان ريٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ انساني حقن جو سپاهي ٿو بڻجي.

اها ڳالهه مذهبي جنونين کي ڪير سمجهائي ته خدا جي دربار ۾ عبدالستار ايڌي، مسڪين جهان خان کوسي، عاصما جهانگير، دراب پٽيل ۽ سرجن اديب رضويءَ جهڙن جي ته گنجائش ٿي سگهي ٿي پر ”نائب الله في الارض“ انسان جي رت مان هٿ ڳاڙها ڪندڙن جي نه.

برسات
٢٦ فيبروري ٩٥

ٿي تند وڙهي تلوارن سان!

گذريل هفتي مذهبي جنونين جي هڪ ٽولي مشهور الجزائري راڳي بابا احمد کي قتل ڪري وڌو ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي پوين سالن ۾ مشهور ٿيندڙ "راء سنگيت " جي اهم پيروڪار ۽ "راشد" جي نالي سان نوجوانن جي دلين تي راڄ ڪندڙ انهيءَ راڳي جي جنازي ۾ اخباري اطلاعن موجب هزارين سوڳوارن شرڪت ڪئي ۽ انهن مان ڪيترائي گذريل ڪجهه سالن کان ملڪ ۾ پڙڪندڙ مذهبي جنونيت جي ذميوارن کي سزا ڏيڻ بابت نعرا هڻي رهيا هئا. الجزائر ان ڏک ۾ اڪيلو ناهي، پوءِ پل رولاڪ جي ديس ۾ پڪت ڪنورام جو مذهبي جنونين هٿان قتل هجي يا ڪنهن بيمار ذهن واري عالم جي انا تي "خانم گوگوش" جو پليدان چاڙهڻ هجي. فنڪار هر دور ۾ ڪٽور دلين، نفرت پرين نگاهن ۽ خنجر پريل هٿن جو شڪار ٿيندو رهيو آهي.

رولاڪ کي سورهين صديءَ جي اُها فرانسيسي فنڪارا ڪڏهن به نٿي وسري سگهي، جنهن جي دور ۾ ناٽڪ هڪ "شيطاني ڪيل" سمجهيو ويندو هو ۽ جڏهن ڪيس سڪرات ۾ هڪ پادريءَ اڻ ڪيل گناهه جي معافي وٺڻ لاءِ چيو ته هُن وراڻيو هو ته، "آءٌ سمجهان ٿي ته دنيا جوسڀ کان نيڪ ڪم خدا جي نائب (انسان) کي وندرائڻ آهي ۽ انسانن کي مون خوشيءَ جا ايڏا ته پل ڏنا آهن جو هوند سڄي دنيا ۾ پنهنجي ان نيڪيءَ عيوض ڪمايل جنت ورهايان ته به بچي پوندي" ۽ مرڻ پڄاڻان تڏهونڪي قدامت پرست ڪليسا، ان فنڪار مائي جون آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ چرچ جا در کولڻ کان نابري واري ۽ ڪيس هڪ کڏ کوٽي دفن ڪيو ويو. سندس قبر تي ڪو ڪتبو به نه لڳو هو پر اڄ هوءَ Performing Art جي دنيا ۾ ڪنهن سورميءَ کان گهٽ ناهي. ان صف ۾ چليءَ جو راڳي ۽ سنگيتڪار وڪتر هارا به اچي ٿو،

جنهن پنهنجي ڳائڻ ڪي ١٩٧٣ ۾ جنرل پنوشي جي مارشل لا خلاف مزاحمت جو ذريعو بڻايو ۽ اهو باغي، جنهن لاءِ چلي جي چونڊيل صدر سلوادور آلنڊي چيو هو ته، "سندس سوڀ ۾ نوي سيڪڙو هٿ وڪٽر هارا جي گلي ۽ گٽار ڪي ڇهندڙ آڱرين جو آهي" ڪي تشدد ڪري ماريو ويو پر هو اڄ به پنهنجي آتم ڪٿا جي سري "وڪٽر هارا جو سدا حيات گيت" وانگر اتين موجود آهي، جو جڻ سنڌيءَ جي پلوڙ شاعر نارائڻ شيام هن لاءِ ئي چيو هجي:

"اسان جا جسم رک ٿي ڇڙو ڇڙ ٿيندا هوائن ۾،
پر فضائن ۾ شيام، آواز منهنجو توکي ڳولهيندو."

روڪ جي راهه ۾ راڳين خلاف انسانيت دشمن گروهن جون ڪارروايون سندن ذات جو ڀاڱو، هر ڪنهن لاءِ سمجهڻ ڪري آهي. جو هُنن ٿي چاهيو ته سنڌ ۾ هندو مسلم جهيڙو جيئن پوءِ تيئن وڌي پر ڀڳت ڪنور رام هر پروگرام مان ملندڙ گهور ورهائڻ مهل هندو ۽ مسلمان جي ڀيد ڀاوَ کان سواءِ رڳو ضرورت مند انسان کي ٿي ڏنو.

ويجهي ماضيءَ تائين "سرندي" ۽ "بينجي" وارا فقير، ڪُل "هندو-مسلمان" جو خير گهرندي ته روڪ به ڏٺا آهن. پوءِ جڏهن جنرل ضياءَ جي روپ ۾ سماج کي ورهائڻ جي ڪوشش ٿي ته پوءِ ناهيد صديقيءَ جي "ڪلاسيڪي نرت" کي "مجرو" سڏيو ويو ۽ مهتاب راشديءَ کي زوري مٿو ڍڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته زماني ڏٺو ته ٻنهي اکين جي جوت کان محروم ڇوڪريءَ سان ڏاڍائي به ٿي ته زاني سڏي ڦٽڪا به ڪيس ئي هنيا ويا ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ ڇوڪرين تي تيزاب به اڇلايو ويو.

جنرل ضياءَ جا مڙهيل انسان دشمن قانون، هاڻ سماج ۾ ايترو ته پيهي ويا آهن جو گذريل مهيني ڪراچيءَ جي مقامي انتظاميا وڏي وزير جي هڪ صلاحڪار جي هدايت تي شيما ڪرمانيءَ کي ڪلاسيڪل نرت "پارت ناٽيم" پيش ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. ان

صلاحڪار ڪجهہ مولوين جي چوڻ تي اها فن دشمني ڪئي هئي. هاڻ جنرل ضياء جي ذهني مريدن کي ڪير ٻڌائي تہ هيءُ اُهو ديس آهي، جتي موهن جي دڙي ۾ مذهبي پيشوا جيتري اهميت ناچڻي "سنبارا" کي بہ حاصل هئي ۽ جتان جو شاعر بلهي شاهہ چوي ٿو: "ڪنجري ٻڻيان ميڏي عزت نہ گهٽدي، مينون نچ ڪي يار مناوڻ ڏي."

رولاڪ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهي تہ جن ماڻهن استاد بڙي غلام علي خان کي اباڻا ڪک ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ۽ جن پڪت ڪنور رام کي خاموش ڪرائڻ لاءِ ماڻهن کي ڀڙڪايو هو، سي ڪڏهن پنهنجي ڪيتي تي پشيمان بہ ٿيندا هوندا يا نہ ؟

بس سائين هر ڪو خواجا خورشيد انور بہ تہ ناهي جو نوجوانيءَ وارين ڏينهن ۾ ڀڳت سنگهہ ۽ سندس ساٿين خلاف وعدي معاف گواهہ ٿيڻ وارا ڏک زندگي جي آخري پل تائين سانديندو رهي.

برسات

٢٨ فيبروري ٩٥

ٽمنڊڙ چٽ هينئان هڪ تصوير

نيٺ مير مرتضيٰ ڀٽي ستر ڪلفٽن تي ڪنونشن ڪهرائي پنهنجي ڌار پيپلز پارٽي ٺاهي ورتي. جيتوڻيڪ مير مرتضيٰ ڀٽو هاڻوڪي وزير اعظم بينظير ڀٽو جو ڀاءُ آهي پر سندس ته چا پر خود بينظير ڀٽو جي اڄوڪي حيثيت رولاڪ جي راءِ ۾ رڳو ذوالفقار علي ڀٽي جي ڌيءَ جي آهي. ستر ڪلفٽن ۽ پيپلز پارٽيءَ کي به ماڻهو ڀٽي جي حوالي سان ئي سڃاڻن ٿا.

پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ وزارت ذريعي ۽ سٺ واري ڏهاڪي جي پوين سالن ۾ ايوبي آمريت سان ٽڪر کائڻ ۽ ستر واري ڏهاڪي جي پوين سالن ۾ جنرل ضياءَ جي فوجي راڄ سان اڪيون اکين ۾ ملائي ڦاهي چڙهندڙ شهيد ڀٽو شروعات کان ئي ديومالائي شخصيت جو مالڪ رهيو آهي. پنهنجي حڪومت جي پوين ڏينهن ۾ هينري ڪسينجر ۽ سندس ملڪ کي اک ڏيکاريندڙ ذوالفقار علي ڀٽو اجا سٺن ائن سالن جو زلفي ئي هو، جو لارڊ مائونٽ بيٽن کي هندستان جو وائسراءِ هوندي به ست سريون پڏائي آيو هو. لڳي ائين ٿو ته ڏاڍي اڳيان نه جهڪڻ سندس کو "پيدائشي نقص" هو، جو مائونٽ بيٽن کان وٺي جنرل ضياءَ تائين هر ڏاڍي سان اوچي ڳاٽ سان ڳالهائيندو رهيو.

سندس ان خوبي جو ذڪر ڪندي رولاڪ کي هڪ دوست لاهور ۾ ٻڌايو هو ته "ايوبي حڪومت دوران اولهه پاڪستان جو گورنر نواب ڪالا باغ اقتدار جي نشي ۾ ايترو ته مست هوندو هو جوگورنري دوران روزانو لاهور جي مال روڊ تي بگهي تي چڙهي سير لاءِ نڪرندو هو ته ٽن چئن ميلن وارو مال روڊ ڏوپيو هو ۽ گورنر جي سير دوران ڪنهن ماڻهو کي مال روڊ ته چا، پر انجي پرپاسي وارين گهٽين ۾ به لوٽو هٽڻ جي اجازت نه هوندي هئي. هڪ ڏينهن جڏهن لاڙڪاڻي جي جائي ذوالفقار علي ڀٽي پنجاب جي گورنر هائوس آڏو تقرير ڪندي، نواب ڪالا باغ کي سندس وڏين مڇن ڪري "اومڇر!" سڏي مخاطب ڪيو ته جلسو ختم ٿيڻ کانپوءِ "ڪُت خلق" نواب ڪالا باغ جي

گورنر هائوس تي چڙهائي ڪري ڏني ۽ ان ڏينهن ڪانپوءِ نواب ڪالا باغ ٻيو ڪجهه ته رهيو پر "نواب ڪالا باغ" نه رهيو.

هڪ سماجي ماهر چوي ٿو ته. "عام ماڻهو ڏاڍاين کان تنگ ويٺو هو جو ڀٽي اچي سندن دل جي ڳالهه ڪئي. پوءِ صورتحال اها ٿي جو چمبڙ ۾ هاري ڪورٽون نهيون ۽ ملتان ۾ عملي راڄ مختيار رانا جو ٿيو. ايستائين جو مقامي ڊپٽي ڪمشنر به تن ڏينهن جي رڳو مقامي اڳواڻ مختيار رانا کان پُڇي ڪا سرڪاري ڪاروائي ڪندو هو."

رولاڪ کي ڪنهن ٻڌايو هو ته ١٩٧٢ع تائين ڪراچيءَ واري سنڌ ڪلب ۾ پينٽ، بشرٽ ۽ بوٽ ڪانسواءِ اچڻ تي پابندي هئي ۽ هڪ ڏينهن ملڪ جو صدر ذوالفقار علي ڀٽو خماريل نيڻن سان عوامي شلوار قميص ۽ هوائي چپل سوڌو اچي نڪاءُ ڪيو سنڌ ڪلب ۾ . هاڻ ويچاري مينيجر جي حالت خراب، جو ڊسيپلين ٿو ٽوڙي ته نوڪري ٿي ڇٽ ٿئي ۽ جيڪڏهن ضابطو ٿو ياد ڏياري ته صدر جي ڏمر جو مُنهن ڏسڻو ٿو پوي. پريشاني وچان ڪلب جي ڪنهن عهديدار سان رابطو ڪيائين پر سائين ! ذوالفقار علي ڀٽي کي ڪير چوي!! نيٺ سنڌ ڪلب ۾ شلوار قميص پائي اچڻ جي آئيني اجازت ڏني وئي.

شايد! اهو ڪو تاريخ جو اصول آهي ته هر دؤر ۾"مٽي ڦريل" ماڻهو پيدا ٿيندا رهن، جو مائوزي تنگ، ديستان، رچرڊ نڪسن ۽ شاهه فيصل جهڙن ڊنگ حاڪمن وٽان مان ماڻيندڙ ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ قاسيءَ جي ڪولي ۾ به فخر جي ڳالهه اُن غريب ماءُ جي دُعا هجي، جنهن جي پُٽ کي هن پرڏيهه تعليم لاءِ موڪليو هو. "سر شاهنواز ڀٽو" جو پُٽ ۽ روزانو شام جو ميٽروپول هوٽل جي بار ۽ بال روم ۾ وقت گذاريندڙ زلفي پنهنجي حياتي جو پوتاميل ڪري لکي ٿو: "منهنجي ٻاويهين سالگرهه تي منهنجي ماءُ ۽ پيءُ مون ڏانهن پنهنجي طبقاتي پس منظر وارا تحفا موڪليا. منهنجي پيءُ مون کي چمڙي جي جلد پوشيءَ سان "نيپولين بونا پارٽ" جي سمورين لکتين جوسيٽ اُماڻيو. جڏهن ته منهنجي غريب ماءُ مون کي هڪ پمفليٽ موڪليو. جنهن جو عنوان هو: "دنيا جا مظلومو! توهان وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهه به ناهي پر حاصل ڪرڻ لاءِ سڄو جهان!! ۽ اڄ آءُ فخر سان ٿو چوان ته مونکي منهنجي

ماءُ جو اهو تحفو سڄي دنياجي حاڪمن وٽان مليل سوکڙين کان وڌيڪ املھ ٿو لڳي، جو ان مون کي جيئڻ جو ڍنگ سيکاريو. "عالمي سطح تي خوش لباس سڏجندڙ پٽنو پنهنجي ڌيءَ کي وصيت ۾ لکي ٿو. "تنهنجي لاءِ دنيا جو سڀ کان خوشبودار عطر هاريءَ جي نرڙ جو پگهر آهي، تنهن جو سڀ کان خطرناڪ هٿيار ڪنهن مسڪين جي اکين ۾ پيل گند آهي ۽ آءُ توکي هر اُن گهر ۾ ملندس، جنهن جي ڇت مينهن ۾ ٽمندي هوندي"

ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت تي گهڻو ڪجهه لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي ۽ حالت اها آهي جو ماڻهو يا ته ڀٽي جا "حمايتي" آهن يا وري "مخالف". ٽين ڪا صورت هن "ديو شخص" ڇڏي ناهي.

رولاڪ کي ڀٽي جي شخصيت تي لازوال تبصرو سندس قاتل (احمد رضا قصوري) جي شهر قصور ۾ هڪ حجم جي تقرير مان مليو. پنجاب جي ڳوٺاڻي سماج ۾ حجم ائين گهٽ ذات سمجهيا ويندا آهن، جيئن سنڌ ۾ شڪاري يا ٻالي شاهي. پ پ قصور جي انهيءَ حجم اڳواڻ چيو ته هتي وڏيون سياسي ۽ فلسفياڻيون تقريرون ٿيون آهن ته ڀٽو هي هو ۽ هُو هو، هن هيءُ ڪارنامو سر انجام ڏنو ۽ فلاڻي فتح ماڻيائين پر آءُ چوان ٿو ته ڀٽي جو ان کان وڌيڪ ڪو ٻيو ڪارنامو ناهي ته اڄ هتي هيڏن سارن ماڻهن آڏو آءُ گهٽ ذات ، ڀٽي جي ڏنل حوصلي سان ڳالهايان پيو." بس سائين! ڳالهه ايتري ئي آهي ته هَن هتان جي ماڻهن ۽ هن ڌرتيءَ مان جنم ورتو ۽ روپ مَٽائي ماڻهن ۾ وري موٽيو آهي ۽ جڏهن مظلومن جي پيرن هيٺان ڌرتي ڏونڌاڙبي ته هو ٻه ڪتان پنهنجي ذهين ۽ زندگيءَ سان ڀرپور اکڙين سان اِهو منظر ڏسندو هوندو.

رولاڪ کي انتظار رهندو ته هاريءَ جي نرڙ جو پگهر، ڪنهن لاءِ عطر جي خوشبوءِ ٿو بڻجي ۽ ڪير بارش ۾ غريب جي ٽمندڙ ڇت هيٺان پنهنجي پيءَ جي تصوير کي ٿو ڳولهي؟.

برسات

۱۸ مارچ ۱۹۹۵

سُورَمَ وَجيجاءِ..

ڪافي عرصو اڳ رولاڪ هڪ پوسٽر ڏٺو هو، جنهن تي لکيل هو"Where there is no love, put love and you will find love" (پيار کان محرومن ۾ پريت وندينڊؤ تہ پريت ماڻيندؤ!) ڳالھہ آهي تہ سادي سودي پر سائين پريت/ عشق جا رنگ ئي اور آهن.

اڄڪلھہ جناح اسپتال ۾ موت سان جنگ جوٽيندڙ سائين جي. ايم. سيد کي سندس گڏريل جنم- ڏينهن تي جڏهن سندس ئي ڪتاب "ديار دل داستان محبت" جا ڪي ٽڪرا ٻڌايا ويا تہ هو جوانيءَ ۾ ڪيل عشق / عشقن کي ياد ڪندي نير وهائي ويٺو. رولاڪ جو خيال آهي تہ اهي ڳوڙها جي. ايم. سيد جي اکين مان نہ پر هڪ عاشق جي اندر جا سمورا حجابي بند ٽوڙي نڪتا هوندا.

عشق وارتا ئي اهڙي آهي، جنهن کي ٽئي ان وٽان تہ چڻ دنيا جو سمورو سڪون هليو وڃي ۽ موٽ ۾ ملي اهڙي پيڙا جيڪا هر ڪو چاهي تہ سائس گڏ هلي!

رولاڪ جيتوڻيڪ ڪلاسيڪي شاعري تمام گھٽ پڙهي آهي پر تنهن هوندي بہ ايتري ڳالھہ پڪ سان چئي سگھي ٿو تہ عشق يونان کان وٺي فرات تائين ۽ ٿيمز جي ڪناري کان سنڌو ڪناري تائين هر شاعر، اديب تہ ڇا پر هر ماڻهو جو وڻندڙ موضوع پئي رهيو آهي. رولاڪ جو خيال آهي تہ دنيا جي هر ليکڪ عشق تي ضرور لکيو آهي پر انکي ڪجھہ لفظن ۾ واضع ڪرڻ کان هر ڪو قاصر آهي.

بلهي شاھہ چوي ٿو، " تيري عشق نچايان ڪر ڪي ٿيا ٿيا" تہ ٻڌائي پنهنجي پرين کي چوڏهين جي چنڊ کان بہ وڌيڪ ٿو ڄاڻائي ۽ چنڊ کي پرينءَ جي پير جي پدم (گولائي تي ٺهندڙ لکير) سان ڀيٽي ٿو.

ملڪ محمد جائسي چوي ٿو: ”پريت جي باھہ ڪان تہ زمين ۽ آسمان بہ ڪنبن ٿا/ پر شاباس آهي انهن دلين کي جن ۾ اها آڳ سمائجي ٿي!“

ڀڳت ڪبير ٿو چوي: ”تال سوک ڪر پتر پيوهنس ڪهين نہ جائي/ پيچلي پريت ڪي ڪارني ڪنڪر چُن چُن ڪائي.“ تہ وري شيخ اياز چوي ٿو: ”عشق؟ گل ڳائي/ بلبل مان خوشبو اچي.“

عشق پنهون لاءِ سسئي ڪان لڪ ٿو لتاڙائي، تہ انگليڊ جي جارج ائين کان بادشاهت ٿو ڇڏرائي!

يار! سچ پچو تہ رنگيءَ جو اهو رنگ (عشق) رولاڪ کي اجان تائين سمجهہ ۾ نہ آيو آهي، جو جيڪڏهن فردوسي شاعري طور محبوب جي ڳل واري تر تان ثمر قند ۽ بخارا قربان ڪري تہ ڳالهہ هونئن بہ سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي پر جڏهن لکين ماڻهن جي ڪوس جو حڪمنامو جاري ڪندڙ سخت دل هٽلر، پنهنجي محبوبا لاءِ تڙپي تہ اها ڳالهہ گهٽ ۾ گهٽ رولاڪ کي سمجهہ ۾ نٿي اچي، جيڪڏهن ڪو سمجهائي سگهي....!

عشق تي ياد آيو تہ سورهين يا سترهين صديءَ ۾ بنگال جو هڪ مرشدزادو سيد مرتضيٰ هڪ پرٽيل هندو عورت آنند ديوي تي عاشق ٿي پيو، مائي بہ مرتضيٰ جي زلف جي اسير ٿي پئي. سيد مرتضيٰ هاڻ پاڻکي مرتضيٰ آنند سڏرائڻ لڳو. انهيءَ آنندي فرقي جا ڪيترائي پوئلڳ اجان تائين سياسي بنيادن تي ين حصن ۾ ورهايل بنگال ۾ موجود آهن. وري لاهور جي شاهہ حسين کي ڏسو، هڪ هندو ڇوڪرو سندس پرين بڻيو تہ عشق جي سَٽَ نہ رڳو شاعري ڪرايس پر ماڌو لال حسين نالو بہ رکرايائينس.

رولاڪ کي امرتا پريتم جو ناول ”ناگ مني“ ٿو ياد اچي، جنهن ۾ مکيہ ڪردار چترڪار لاءِ عورت بي نانءُ ۽ بي مُک (Name-less and face-less) بيسوا (وئشيا) آهي پر جڏهن ڪيس پنهنجي

شاگرديائي جي محبت جون ميخون تيون لڳن ته پوءِ سوين ميل پري هوندي به سپنن ۾ ايندڙ پريتما انهن ئي ڪپڙن ۽ چوڙين ۾ ئي نظر اچيس، جيڪي حقيقت ۾ ڪيس پهريل هونديون آهن.

رولاڪ کي ليليٰ ۽ قيس (مجنون) واري قصي جي اها ڳالهه ڪنهن به ريت وڌاءُ نٿي لڳي ته جڏهن قرآن پڙهائيندڙ اُستاد قيس کي مار ڏني ته نيل ليليٰ جي هٿن تي ئي پيا.

رولاڪ کي پندرهن سال اڳ ڪراچيءَ ۾ پڙهندڙ هڪ فلسطيني شاگرد سان ملڻ جو اتفاق ٿيو هو، جنهن جي پريتما هڪ يهودي آبادڪار جي ڌيءَ هئي ۽ اسان وارو فلسطيني جوڌو آبادڪارن کي ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڏيندڙ تنظيم D.F.L.P جو ميمبر هو. بس سائين ان عاشق جو حال به فيض جي شعر "وه تو وه هئي، تمهين هو جائي گي الفت مجهه سيا ذرا اک نظر ميرا محبوب نظر تو ديکو" جهڙو هوندو هو.

سيد مرتضيٰ، شاهه حسين، جي ايم سيد ۽ فلسطيني يار جي واٽ تي هلندڙ بوسنيا جو عيسائي ڇيرو ۽ مسلمان وينگس به ته هئا. بس يار! هن ڪئور دنيا ۾ عشق ڪندڙن کي گڏيل قبرون/ ڪارو ڪاري سڏي ڇڪيءَ تي لڳندڙ ڪهاڙي يا ويچوڙي جا لڙڪ ئي نصيب ٿا ٿين پر لڳي ٿو ته "آگ کا دريا" ۾ قرة العين حيدر جي ڪيل ڳالهه بلڪل درست آهي ته "خوشنصيب آهن اهي جن پريت ڪئي، پوءِ ڀل ان ۾ ناڪام ٿيا."

هونئن ته هڪ انڊين گاني جو مصرعو به آهي ته، "تن کا تن سي ملن هو نه پايا تو کيا، من کا من سي ملن کوئي کم تو نهين." پر رولاڪ جي خواهش اها آهي ته ڪو به ايوب ڪرمانيءَ وانگر پنهنجي عشق ۾ ناڪامي تي آپگهات نه ڪري پر هر ڪو امروز وانگر پنهنجي امرتا ماڻي. ڪوبه سهڻي وانگر وچ سير ۾ پنهنجو ميهار نه وڃائي پر نصرت اصفهانيءَ وانگر پنهنجو زلفي ماڻي. رولاڪ جي بس

ايتري خواهش آهي تہ دنيا جي سمورين لغتن مان وڇوڙي جو لفظ خارج ڪري ڇڏجي ۽ هر ان جيوَ کي جيڪو عشق ڪري سگهي، دنيا جي سمورن ڪمن ڪارين کان موڪل ڏئي ڇڏجي تہ جيئڻ جو فيض اهو ڇني نہ سگهي تہ:

” وہ لوگ بهت خوش قسمت تي،
جو عشق کو کام سمجهتي تي،
يا کام سي عاشقي کرتي تي،
هم جيتي جي مصروف رهي
کچهہ عشق کيا، کچهہ کام کيا،
کام عشق کي آڙي آتا رها
عاشقي کام سي الجهتي رهي،
پهر تنگ آکر هم ني،
دونون کو ادورا چوڙ ديا! “

برسات
٢٢ مارچ ١٩٩٥

گوئٽي مرڪز ۽ هراسيل ماڻهن جا شهر

ڪراچيءَ ۾ جرمني جي ثقافتي مرڪز گوئٽي انسٽيٽيوٽ جون سموريون سرگرميون هن مهيني لاءِ بند ڪيون ويون آهن. ان جو واحد سبب شهر جون وڳوڙي حالتون ۽ خاص طور تي هن آمريڪين جو قتل ٻڌايو ٿو وڃي.

گهڻ ۾ گهڻ رولاڪ ان اطلاع کي انتهائي ڏک سان پڙهيو/ محسوس ڪيو آهي. وڳوڙن ۽ هراسيل ماڻهن جي شهر ۾ هاڻ ته گوئٽي انسٽيٽيوٽ ئي آهي، جيڪو ڪي نه ڪي سرگرميون ڪندو رهندو آهي. اڃا تازو ڏهين مارچ تي اتي عبدالستار ايڌي تي هڪ فلم " فرشتا نهين انسان" ڏيکاري وئي. جڏهن ته اپريل مهيني ۾ قولن ديوي تي هڪ فلم جو نماءُ ٿيڻو هو.

ڪميونزم جي حال حيات وارن ڏينهن ۾ سوويت يونين جو فرينڊشپ هائوس (ايوان دوستي) ئي پنهنجي سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين سبب مشهور هو. گوئٽي انسٽيٽيوٽ رولاڪ پارن وچولي طبقي وارن ۾ مشهوري ١٩٨٠ع واري ڏهاڪي ۾ اوڏي مهل ماڻي، جڏهن ان جو سرگرم ڊائريڪٽر پيٽر هوشلي شهر ۾ آيو. بس سائين پوءِ ته چڻ فرينڊشپ هائوس ۽ گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ مقابلو شروع ٿي ويو. گوئٽي انسٽيٽيوٽ جون گهڻي ڀاڱي سرگرميون فائن آرٽس جي حوالي سان رهيون آهن. رولاڪ کي ياد آهي ته گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي ڀرين اهم تقريب "آمريتي راڄ ۽ ان جا سماج تي اثر" وارو سيمينار هو. تن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ اظهار جي راءِ گهٽ هوندي هئي، سو هڪ مقامي هوٽل ۾ ٿيل انهيءَ سيمينار ۾ سوين ٻڌندڙن آڏو اسلم اظهر، مشتاق گذدر ۽ ٻين چڱا موچارا مقالا پڙهيا هئا ۽ ڪجهه فلمون پڻ ڏيکاريون ويون هيون. ان ڪانسواءِ گوئٽي انسٽيٽيوٽ شهر ۾ شروع ٿيل متبادل ٿيٽر/ اسٽريٽ ٿيٽر جي سهائتا پڻ ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن هيٺ ڪراچيءَ واسين کي اسلم اظهر جي سرواڻي ۾ ڪم ڪندڙ دستڪ گروپ جو "گاليليو ڪي داستان،" شيما ڪرماني ۽ خالد احمد جي

تحريڪ نسوان جي سري هيٺ"جنهين لهور نهين ويکيا..." جهڙا شاندار اسٽيج ناٽڪ ڏسڻ جو موقعو مليو. گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي سهڪار سان ئي جڳ مشهور ڪارٽونسٽ فيڪا ٻارن کي ڪارٽون/ چتر ٺاهڻ سيکاريا.

مزيدار ڳالهه اها آهي تہ گوئٽي انسٽيٽيوٽ لاهور جو هاڻوڪو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مبارڪ علي آهي. رولاڪ جي سنڌ جي نوجوانن سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر مبارڪ علي ۽ سنڌ جي مسئلن کي پنهنجي چترڪاري وسيلي چٽيندڙ اي. آر. ناگوريءَ کي نہ سُنو ۽ پنهنجي کي سنڌ ڇڏڻي پئي. رولاڪ جي راءِ ۾ ڊاڪٽر مبارڪ ۽ ناگوريءَ جي سنڌ بدريءَ وارو معاملو بہ اوتروئي پيڙا ڀريو آهي، جيترو ١٩٤٧ ۾ پروفيسر رام پنجواڻي ۽ گوبند مالهيءَ جي ۽ ١٩٤٨ع ۾ حشو ڪيولراماڻي جي سنڌ بدري جو پر اسانجي دانشور ۽ اعليٰ تعليمي ادارن جي استاد برادريءَ شايد اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ اسان جي جاهل هئڻ ڪري ڪو بہ ماڻهو عقل جي ڳالهہ نٿو ڪري سگهي.

بهرحال ڳالهہ پئي ڪئي سين ڪراچيءَ جي ثقافتي مرڪزن جي. هتي فرانس جو ثقافتي مرڪز "اليانسس فرانسس" بہ آهي پر اهو سال ۾ ڪي ٻہ چار پروگرام ئي ڪرائيندو آهي، رولاڪ کي اليانسس فرانسس جو آخري اهم پروگرام ٻہ سال کن اڳ شيما ڪرمانيءَ جي ڀارت ناٽيم جي پرفارمنس وارو ياد ٿو اچي. جڏهن تہ جاپاني ڪلچر سينٽر سال ۾ هڪ ٻہ ڀيرا هائيڪو مشاعرو ۽ هر سال جاپاني ڪيلينڊرن جو نماءُ ڪرائيندو آهي.

رولاڪ ۽ سندس هڪ جيڏا ستر واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن کان ڪميونزم جي زوال تائين ايوان دوستيءَ جا ريگولر وزيٽر هوندا هئا. ايوان دوستيءَ ۾ وڃڻ جا ٻہ ٽي فوري فائدا هئا. هڪ تہ اُتان سيرن جي حساب سان روسي اخبارون ۽ رسالا مفت ۾ ملندا هئا. جيڪي اڪثر يار بنا پڙهڻ جي رديءَ واري وٽ وڪرو ڪري پنهنجي چانهہ سگريٽ جو خرچ هلائيندا هئا. ٽيو فائدو تفريحي ۽ ڪاز سان وابستگي جو هو. فرينڊشپ هائوس جي وڏي شاهي اسڪرين تي هفتي ۾ ٻہ ٽي انگريزيءَ ۾ ڊب ٿيل روسي فلمون هلنديون هيون ۽ اهي ڏسي

رولاڪ پارن اڻ پڙهيل ڪميونسٽن جو ڪيمونزم تي ايمان پيهر تازو ٿي ويندو هو. باقي هوندا اُتي به پوڳ هئا گرميءَ جي مند ۾ اڪثر نوجوان منجهند جو ايئر ڪنڊيشنڊ لائبرريءَ ۾لينن يا مارڪس جو ڪو ٿلهو متارو واليوم ڪڇ ۾ پنهنجي اڳيان رکندا هئا ۽ ڏينهن ٺرڻ تائين ايئرڪنڊيشن جو مزو وٺندا هئا. فرينڊشپ هائوس جا ملازم به بادشاھ هوندا هئا. جيڪڏهن هو ان ڳالھ کي سمجهي ويا ته هيءَ سويت يونين جو ثقافتي مرڪز آهي ۽ ڪميونزم ۾ پورهيت کي اهميت ڏني ٿي وڃي ته ٺڪون تيزي ڪم کان انڪاري ٿي چوڻ لڳندا هئا ته ايوان دوستي/ قونصل خاني جا آفيسر ڪامورن وانگر سندن استحصال ٿا ڪن. فرينڊشپ هائوس تان هڪ دلچسپ ڳالھ ياد آئي ته جڏهن فرينڊشپ هائوس اڃا نرسريءَ تي هو ته ان جي پرسان پاڪستان نيشنل سينٽر هوندو هو. هڪ ڏينهن رولاڪ پنهنجي هڪ دوست سان گڏ فرينڊشپ هائوس جي دروازي تي پهتو ته هڪ همراھ "پائي سننا" جهڙي ڪجھ ڳالهائڻ تي چاهيو. رولاڪ ۽ سندس دوست پنهنجي نفسيات موجب ان کي سي. آءِ. ڊي وارو سمجهيو پر هُن همراھ جهيڻي لهجي ۾ ٻڌايو ته هو پاڪستان نيشنل سينٽر جو ملازم آهي ۽ اُتي ڪو وزير ٿي آيو پر ماڻهو ڪونه هئا. سو اُن همراھ فرينڊشپ هائوس ايندڙ هر شخص کي پاڪستان نيشنل سينٽر هلڻ لاءِ ٿي زور ڀريو. عام دليلن وسيلي راضي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ تي هُن حب الوطني واري جذبي کي جاڳائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي پر جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ رياستي پروپگنڊا واري اداري جي انهيءَ ملازم کي پتو ئي نه هو ته تن ڏينهن جو نوجوان مخدوم محي الدين جي شاعري پڙهي اسٽالن کي پنهنجو باباءِ قوم ۽ سوويت يونين کي پنهنجي ملڪ طور قبول ڪري چڪو هو.

بس سائين! اهي به ڏينهن هئا. هاڻ ته معاملو احمد فراز جي مصرعي وارو آهي ته، "اب نه وه تو هئي، نه وه ماضي هي فراز" بس رولاڪ جي اها ئي خواهش آهي ته سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين جا ميلا ڪراچيءَ ۾ به ائين ئي ٿين جيئن لاهور ۾ ٿيندا آهن. جتي رکو الحمرا جي اٺن هالن ۾ هفتي جا ست ئي ڏينهن ڪونه ڪو پروگرام ٿيندو رهندو آهي.

برسات
٢٥ مارچ ١٩٩٥

صحافتي صفن منجهه

اخباري اطلاعن موجب بي بي سيءَ جو مشهور ترين نمائندو مارڪ ٽيلي ٻيهر صحافتي دنيا ۾ موٽي آيو آهي. گذريل سال جڏهن روﻻڪ وانگر هڪ سنڌي اخبار ۾ رپوٽنگ ڪندڙ گل محمد ميربحر ڪنهن زور آور ايم اين اي سان ڦٽائي ٽاٽڻ تي مار پٽي ڪاڏي تن ڏينهن ۾ مارڪ ٽيلي بي بي سيءَ جي انتظاميا سان ڪي اختلاف رکندي، لنڊن ڪان ڳيريلي ٽائين هڪ جيتري دلچسپي سان ٻڌجندڙ بي بي سي لنڊن واري نوڪري ڇڏي ڏني هئي. پاڪستان ۽ ڀارت ۾ رپورٽنگ ڪندي مارڪ ٽيلي ايترو ته مشهور ٿي چڪو آهي جو ٻنهي ملڪن جا اڪثر شهري، هر ڪنهن ڏاڙهي واري گوري کي مارڪ ٽيلي سمجهندا آهن.

تازو روﻻڪ جي ديس جي وزيراعظم بينظير ڀٽو هڪ يورپي صحافي ڊيوڊ فراسٽ کي انٽريو ڏيندي ٻڌايو ته هن به سياستدان بدران صحافي ٿيڻ ٿي چاهيو.

تازو جڏهن "جهوني" صحافي سهيل سانگيءَ جي پڪار اخبار مان روانگي ٿي ته سنڌس مان ۾ اداري هڪ الوداعي دعوت ڪئي، جنهن ۾ اخباري ڪارڪنن سنڌس "تعريف" ۾ تقريرون ڪيون ۽ جڏهن ٻئي جهوني صحافي سردار قريشيءَ برسات اخبار مان آخري پڳهار ورتو ته واپسي تي اخبار جي مالڪ جي چلڪندڙ ڪار ڪيس ڇڏڻ وئي.

روﻻڪ کي پڪ آهي ته مٿيون ڳالهيون پڙهڻ سان اهوئي تاثر ٿو پيدا ٿئي ته اخباري دنيا ۾ جاوا لڳا پيا آهن ۽ اخباري دنيا جو ڪم "بلڪل ٺيڪ ٺاڪ" آهي پر جنهن ڏينهن اخبارن ۾ اها خبر آئي هئي ته مارڪ ٽيلي صحافت ۾ ٻيهر موٽي آيو آهي ۽ هن برطانوي ٽي وي چينل I.T.V. لاءِ ڀوپال ۾ ڪارخاني جي گئس جي شڪار ماڻهن تي هڪ

رپورٽ پيش ڪئي ته ان ساڳي ڏينهن الجزائر جي هڪ صحافي خاتون کي انتها پسند گوليون هڻي ماري ويا.

صحافين سان سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڏاڍ مڙسيون ڪي نيون ناهن. رڳو ۱۹۹۴ ۾ سڄي دنيا ۾ ۴۷ صحافي (اخبارن، ٽي وي ۽ ريڊيو سان لاڳاپيل) مختلف ملڪن ۾ ماريا ويا. رولاڪ کي نڪارا هوا تي هالي ووڊ جي ٺاهيل فلم Under Fire ياد پئي اچي، جنهن ۾ هڪ رپورٽر ۽ هڪ فوٽو گرافر نڪارا هوا ۾ اڳوٽي آمر صدر سموزا مخالف جدوجهد کي ڪورڪرڻ ويندا آهن ته سرڪاري فوج رپورٽر کي فائرنگ اسڪواڊ ۾ موت جي حوالي ڪري، انجو الزام پنهنجي مخالفن تي ٿي مڙهي پر فوٽوگرافر ان واردات کي پنهنجي ڪئميرا ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سموزا حڪومت جي خاتمي ڪان پوء اهي تصويرون ٽي وي؛ تان ڏيکاريون ويندیون آهن.

خود رولاڪ جي ملڪ ۾ جنرل ضياء جي مارشل لا دوران صحافين جي پٺن تي ٿڪا هنيا ويا، ڪيترن تي تشدد ڪيو ويو ۽ تڏهونڪي حڪومت کين هر ڀيري "سياست ڪار" ۽ "ملڪ دشمن" سڏيندي رهي. ضياء جا حمايتي (جن لاء تن ڏينهن ۾ نعرو لڳندو هو؛ "ضيا جا حامي سڀ حرامي") پنهنجي پوري سگهه سان سندس حمايت ڪندا هئا ته سندس مخالف وري پنهنجي پوري وت سان مخالفت.

هڪ اڳوٽي صحافي ۽ هاڻوڪي سرڪاري ڪاموري رولاڪ کي ٻڌايو ته، "جڏهن ۱۹۸۳ع ۾ سنڌ ۾ ايم آر ڊيء جي تحريڪ پنهنجي زورن تي هئي ته لاهور جي ڀاويهن صحافين ۽ دانشورن هڪ اعلان نامي تي صحيح ڪئي، جنهن ۾ ڪنهن يار جذباتي ٿي لکيو هو ته، "هم سنڌ کي عوام کي جذبہء حريت پسندي کو سلام ڪرتي هين" بس سائين! لفظ "جذبہء حريت پسندي" تي جنرل ضياءَ اچي جومڙيو ته انهن سمورن صحافين لاء هر سرڪاري ڪاتي کي حڪم ڪيو ويو ته سندن ڪوبہ ڪم ڪار نہ ڪيو وڃي. ان حڪمنامي کان پوء اها حالت

وچي ٿي جو ٽن صحافين ڪانسواءِ باقي سمورن معافي ناما داخل ڪيا ۽ ان جي عيوض ڪيئي مراعتون ورتائون.

١٩٨٣ع واري تحريڪ دوران صحافت تي رولاڪ ڪي شمشير الحيدريءَ جي ايڊيٽر شپ ۾نڪرندڙ مهراڻ اخبار تي ياد اچي، جنهن ۾ صحافتي ۽ ادبي دنيا جي فيل مست شمشير الحيدريءَ جنرل ضياءَ جي حمائتي اخباري مالڪ پير پاڳاري جي مرضي ڪانسواءِ اخبار ڪي ايم آر ڊي تحريڪ جو ترجمان بڻائي ڇڏيو ۽ ڪنهن به دور ۾ ڇنيهه سئو به شائع نه ٿيندڙ مهراڻ جي سرڪيوليشن ڇنيهه هزارن تائين وڃي پهتي. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ نعرا هڻندڙ طور رولاڪ جو ذاتي تجربو آهي ته سوا رپئي يا ڏيڍرپئي واري مهراڻ اخبار (جيڪا هونئن مفت ۾ به نه وڻجي) رولاڪ به پنجن رپين ۾ ورتي هئي.

گذريل ڇهن ستن سالن کان مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪندي رولاڪ جو اهو حتمي تجزيو آهي ته اخبار ۾ڪم ڪرڻ به ائين آهي جيئن "شادي ڪري به پڇتائجي ۽ نه ڪري به پڇتائجي." سو رولاڪ جي راءِ آهي ته، "شادي نه ڪرڻ وانگر اخبارن ۾ به ڪم نه ڪري پڇتائڻ وڌيڪ بهتر آهي!" اها ڪا رڳو رولاڪ جي راءِ ناهي پر ڪجهه عرصو اڳ اولهه جي ڪجهه طبي ماهرن جي هڪ رپورٽ سامهون آئي هئي، جنهن موجب،"ڏنڌي ڌاڙي جي لحاظ کان اخباري دنيا ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي عمر سڀ کان گهٽ ٿئي ٿي". رپورٽ ۾ ان جو اهم سبب ڪم جو دٻاءُ /ٽينشن ڄاڻايو ويو هو. ڪنهن ڊيڄاريندڙ فلم (HORROR FILM) جيان اخباري دنيا جي ان تصوير سان اخبارن ۾ ايڊيٽرن/نيوز ايڊيٽرن جي نگراني ۾ ڪم ڪندڙ سمورا يار سهمت ٿيندا پر ٻاهر وارا يقيني طور تي مونجهاري جو شڪار ٿيندا، سو اچو ته رولاڪ جي اک سان اخباري دنيا جو اندروني چڪر هڻون.

هونئن ته اخبار ۾ ڪيترائي شعبا ٿيندا آهن پر اهم ايڊيٽر/ نيوز ايڊيٽري، سب ايڊيٽري، پروف ريڊنگ ۽ رپورٽنگ آهن. رولاڪ

جي راءِ موجب پهريان (ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر) ڪم گهٽ ۽ دڙڪا داٻ وڌيڪ ڪندا آهن، جڏهن تہ رپورٽر ڪنهن حد تائين فيل مست هوندا آهن ۽ سب ايڊيٽر ويچارو هر ڪنهن جودڙڪو داٻ سهندي ڏينهن گذاريندو آهي ۽ پروف ريڊر پنهنجي گهٽ اجوري جي توائي ۾ ڪڏهن ڪڏهن"مور سنڌي" کي "چور سنڌي " لکي پنهنجي اندر جي باهہ جهڪي ڪندو آهي. اخبار جي نيوز روم ۾ هوندا پوڳ آهن، اُتي ڊيڊلائين اُها تلوار هوندي آهي جيڪا ايڊيٽر/نيوز ايڊيٽر ٻين جي سر تي ٽنگيندو آهي ۽ جيڪا نقاش جهڙا رضا ڪاراڻي طور تي پنهنجو پاڻ تي مڙهيندا آهن.

سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن جي گهٽائي ساڳي وقت اخباري مالڪ پڻ هوندي آهي، تنهن ڪري اڪثر نيوز ايڊيٽر بنا نالو چيرائڻ جي جهنگ جا شينهن (ايڊيٽر) بڻيل هوندا آهن. رولاڪ کي پنهنجي صحافتي تجربن دوران جيڪي بہ نيوز ايڊيٽر مليا آهن، اُهي سرڪاري ڪاتي جي ڪنهن ڪاموري جيان هئا. ڪامورو بہ اهڙو جيڪو چاهيندو هجي تہ هر ڪو سندس در جو سلامي بڻجي ۽ ڪيس هر وقت علم جو ابو سڏي.

رولاڪ کي اخبار ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ وارو پنهنجو پهريون ڏينهن ئو ياد اچي. جڏهن انگريزي تان ترجمو ڪيل خبر ۾ ٿيل هڪ غلطيءَ تي نيوز ايڊيٽر اهڙا ڌڙڪا ڏنا هئا جو جڻ اخباري دنيا هجي ئي نتيا گلي ۽ گهوڙا گليءَ جي تعليمي ادارن مان پڙهي ايندڙن لاءِ. هيترن سالن جي تجربي کان پوءِ رولاڪ ان نتيجي تي پهتو آهي تہ اخبارن ۽ خاص طور تي سنڌي اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ ضروري شئي توهانجي جاهليت ۽ نيوز ايڊيٽر سان دوستي آهي.

رولاڪ هڪ اهڙي نيوز ايڊيٽر کي بہ سڃاڻي جيڪو شهر ۾ ٿيل هنگامن جي نتيجي ۾ ٽيويهن ماڻهن جي مارجي وڃڻ جي خبر بدران شهر ۾ هڪ ادبي ڪتاب جي ٿيل مهورت جي خبر گهرندو آهي. اخباري دنيا ۾ هر ڪو پنهنجو پاڻ کي Perfect سمجهندو آهي، اخبارن ۾ ڪو يار پاڻ کا غلطي ڪندو تہ ان جي نيڪ هئڻ جا ٽي سئو سٺ

جواز پيش ڪندو پر شل نہ ڪنهن ٻئي جي ڪنهن غلطيءَ تي نظر پويس، بس سائين پوءِ دمل ڳچي ۾ وجهي اخبار جو ڪاگر هٿ ۾ ڪٺي هر ڪنهن کي پيو ڏيکاريندو! اخباري ڪارڪن دنيا جهان تي پنهنجي پريس ڪارڊ جو رعب ائين وجهندا، ڄڻ اهو نوڪريءَ جي تصديق نہ پر وزيرن جي گاڏي تي ڦڙڪندڙ ملڪ جو جهندو هجي! گهر ۾ پيل يار جي ڪا ڄُتي بہ صحيح نہ هجي پر جيڪڏهن وزير اعظم يا صدر بہ پنهنجي مقرر وقت کان ڪجهہ دير ڪري ساڻن ملندو تہ ڦونڊجي بائيڪاٽ جو ٽرمپ ڪارڊ استعمال ڪرڻ جي ڌمڪي پيو ڏيندو.

بهر حال، اخباري دنيا ۾ رڳو ناهڪاري ڳالهيون ئي ناهن پر ڪيترائي ايمانداري ۽ آدرشي ۽ ٻئي جو خيال رکندڙ پڻ ملندا آهن.

پارٽي فلمون خاص طور تي دليپ ۽ انيل ڪپور واري مشال ۽ شرميلاٽئگور واري نيو دهلي ٽائيمز هر پرو غلط بياني بہ ناهن. رولاڪ جي ديس جي ڦتڪا ڪائيندڙ صحافين کان وٺي هڪ نسل پرست تنظيم هٿان قاتلاڻو حملو سهندڙ ظفر عباس ۽ ڪمپيوٽر تي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جنگ ڪندڙ نيوز لائين جي ايڊيٽر رضيا ڀٽي تائين ۽ جنرل ضيا/ چام صادق جا ڪرپ ڏيکاريندڙ ڪارٽون ٺاهيندڙ اسد ۽ خالد کان وٺي ڪلفٽن جي ساحل تان غير قانوني طور تي مٽي ڪڍندڙ ٽرڪ ڊرائيورن سان جهيڙو ڪندڙ زليخا علي تائين، پيٽ گذر لاءِ رستن ۽ گهٽين تان ڪچرو ميڙيندڙ ٻارن تي فيچر ڪندڙ نفيسا شاهہ کان وٺي حڪومتي عهدن کي ٺڏي پنهنجي اک ۽ دماغ موجب خبرون ڪوٺي ڪڍندڙ ثقلين امام تائين رولاڪ جي ذهني ساٿين جي هڪ وسيع فهرست آهي ۽ صحافت ۾ رڳو چام صادق کان ملندڙ ڌڙڪن تي اخبار جي پاليسي بدلائيندڙ ۽ ڪارڪنن کي نوڪري مان ڪڍندڙ مالڪيءَ پريس رليز شايع ڪرڻ جا بہ ڏوڪڙ وٺندڙ صحافي ناهن.

برسات

۲۸ مارچ ۱۹۹۵

پونا انسٽيٽيوٽ ۾ ورهين پراڻي سڌ

ڪجهه ڏينهن اڳ پنجاب جي شهر گوجرانوالا ۾ مُلن جي هڪ ٽولي شهر ۾ هڪ ناٽڪ منڊليءَ تي حملو ڪري ڪجهه ناميارن فنڪارن کي زخمي ڪري وڌو. گوجرانوالا پنجاب جي ويجهي ماضيءَ ۾ صنعتي ترقي ڪيل شهرن مان هڪ آهي. رولاڪ کي گوجرانوالا پنجاب جي انهن ايڪڙ ٻيڪڙ شهرن مان هڪ نظر آيو آهي، جتي سماجي ترقي/شعور نه هئڻ برابر آهي. جتي نيڪاليءَ وارو پاڻي به ڏنڊون ٺاهي سڄو سال بيٺل هوندو آهي."

ذڪر پئي ڪيوسين زخمي فنڪارن جو، جن ۾ خيام سرحدي به شامل آهي. پاڪستان ٽي. ويءَ جو پلوڙ فنڪار خيام سرحدي پنهنجي دؤر جي مشهور ترقي پسند فنڪار ۽ فلمساز ضيا سرحديءَ جو پٽ آهي. ورهاڱي کان اڳ "هم لوگ" جهڙي لازوال فلم ٺاهيندڙ ضيا سرحدي پاڪستان ۾ فن - دشمني سبب اڄڪلهه انگلينڊ ۾ ٽانيڪو آهي. پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت وارن ڪجهه سالن تائين ته پاڪستاني فلم ۽ ٽي. ويءَ ڪجهه جوهر ڏيکاريا پر باقي عرصو اهي به جمهوريت وانگر آمرن ۽ مُلائن جي آپيشاهيءَ جو شڪار رهيا آهن.

رولاڪ جي راءِ ۾ فن دشمني رڳو مولوين نه ڏيکاري آهي پر پاڪستان جا لبرل سڏجندڙ حڪمران پڻ ان ڏوهه ۾ هڪ جيترا ڀاڱي ڀائيوار رهيا آهن. هتي قرةالعين حيدر ۽ استاد بڙي غلام علي خان کان وطن ڇڏرايو ويو ته سعادت حسن منٽو کي پاڳل خاني ۾ داخل ٿيڻ ۽ ٺري جي بوتل تي ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ لکڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

رولاڪ جو خيال آهي ته ١٩٤٧ع کان وٺي هيل تائين Performing Arts لاءِ سڀ کان بهتر دؤر ڀٽي جي حاڪميت جا

شروعاتي سال آهن، جڏهن هڪ پاسي پاڪستاني ٽي. ويءَ تان منٽو جي ڪهاڻين تان ناٽڪ. شوڪت صديقي جو ناول "خدا ڪي بستي" ۽ ٻين سچاڻ ليڪڪن جون تخليقون پيش ٿيون تہ ٻئي پاسي پاڪستان آرٽس ڪائونسل فيض احمد فيض جي سربراهيءَ ۾ ڀرپور ناٽڪ پيش ڪيا پر سائين جنرل ضياء جي مارشل لا ايندي ئي فيض ويچارو تہ "نہ ڪنهن جي هنئي ۾ نہ ڪنئي ۾" سومناٿ منڙي ڪر ويهي رهيو ۽ ٻين ڪي ٽي. ويءَ تان هٽايو ويو. ٽي. ويءَ تي باقي ٻهارو ١٩٧٨ع ۾ ٿيل هڙتال ڪانپوءِ ڏنو ويو. جڏهن شاهد محمود نديم ۽ طاهر رضويءَ جهڙن پروڊيوسرن کي نوڪرين تان برطرف ڪيو ويو. رولاڪ کي ڪنهن ٻڌايو هو تہ هاڻ پاڪستان ٽي. وي جي هڪ اهم سنڌي شخصيت ڪي ٽي. ويءَ جي هڙتال ختم ڪرائڻ تي نوازيو ويو.

ڪلاسيڪي نرت جي راڻي ناهيد صديقي کي رقص ڪرڻ تي ايترو تہ لوئيو ويو، جو هوءَ وڃي انگلنڊ ۾ ٽانيڪي ٿي. بس سائين! برداشت نہ ڪرڻ جي ڳالهہ هئي، جو مهتاب چنا (راشدي) کي پوتيءَ سان مٿو نہ ڍڪڻ تي ٽي. ويءَ اسڪرين تان اُن جنرل ضياء هٽرايو. جنهن جي پنهنجي زال (شفيقہ) ڪڏهن بہ مٿو ناهي ڍڪيو! بس پوءِ تہ ٽي. وي رڳو ٽي شيون اچڻ لڳيون، جنرل ضياءَ، مولوي ۽ اشفاق احمد جا ڊراما!

جنرل ضياءَ دؤر ۾ رولاڪ جي ڄاڻ موجب سڀ کان پهرين مزاحمتي ناٽڪ شيما ڪرماني ۽ خالد احمد جي گروپ "تحريڪ نسوان" پيش ڪيا. ٨١ - ١٩٨٠ع ڌاري ان گروپ "تفتيش" ۽ "چادر اور چار ديواري" جهڙا ناٽڪ پيش ڪيا تہ هيسيل ۽ ڊنل ماڻهن سان گڏو گڏ ڏاڍ سان جنگ جوٽيندڙن ۾ پڻ هڪ نئون اتساهہ پيدا ٿيو. رولاڪ کي ياد آهي تہ انهن شروعاتي ناٽڪن ۾ اگرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو ايندا هئا. پاڪستان ۾ اسٽريٽ ٿيٽر يا متبادل ٿيٽر جي سرگرم شروعات ڪراچيءَ ۾ اسلم اظهر جي گروپ "دستڪ" ۽

لاهور ۾ مديحا گوهر جي گروپ "اجوڪا" سان ٿي.

ڪراچي جي هڪ هال ۾ ٿيندڙ دستڪ گروپ جو پهريون اسٽيج ناٽڪ "گاليليو ڪي داستان" تي ڏينهن مسلسل هلندو رهيو. گاليليو ڪي داستان جرمن ليکڪ ۽ متبادل ٿيٽر جي بانيڪار برٽولٽ بريخت جولکيل لازوال ناٽڪ آهي. سنڌيءَ ۾ ته اهو ناٽڪ گهڻو وقت اڳ محمد ابراهيم جويو ترجمو ڪري ڇپرائي چڪو هو پر اڙدو ڄاڻندڙ اڪثر دانشورن لاءِ به اها هڪ بلڪل نئين تخليق هئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ڪيترين ئي شيون پاڪستان جي ٻين ٻولين کان اڳ ۾ ڇپيون آهن. هن وقت روﻻڪ کي ٧٢ - ١٩٧١ع ڌاري انور پيرزادي جي ترجمو ڪيل فيڊل ڪاسترو جي تقرير "تاريخ مون کي بي ڏوهي قرار ڏيندي." ياد پئي اچي، جيڪا اردو ۾ "تاريخ مجهي بري الذمہ قرار ديگي" جي عنوان سان ١٩٧٦ع ۾ شائع ٿي.

سو ڳالهه پئي ڪئي سين دستڪ گروپ جي پيش ڪيل ناٽڪ گاليليو ڪي داستان جي. ان ناٽڪ ايندڙ وقت جا ڪيترائي فنڪار سامهون آندا، جن ۾منصور سعيد، ثانيا سعيد، شاهد شفاعت ۽ ٻيا شامل آهن. دستڪ گروپ انهن ڏينهن ۾هڪٻئي پويان ڪيترائي ناٽڪ پيش ڪيا، تن ۾" وه جو کهتا هي ها، وه جو کهتا هي نهين"، ""مڊل ڪلاس" ۽ ٻيا شامل آهن. تن ڏينهن۾ پهرين مئي تي هڪ مزدور وستيءَ ۾ پيش ٿيل هڪ ناٽڪ روﻻڪ کي ياد پيو اچي، جنهن ۾ هڪ مرحلي تي جڏهن جج ظالم جي حق ۾ مظلوم خلاف فيصلو ڏئي رهيو هو ته ويٺلن مان ڪنهن رڙ ڪري چيو "اوئي مولوي مشتاق !" ياد رهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي جنهن فل بينچ ذوالفقار علي ڀٽي کي موت جي سزا ٻڌائي هئي، ان جو چيف جسٽس مولوي مشتاق هو. انهن اسٽريٽ ڊرامن ڏسندڙن کي رڳو تماشائي نه رهڻ ڏنو پر اڪثر ناٽڪن دوران ويٺلن مان ڪيترائي ماڻهو تبصرن وسيلي پنهنجي شرڪت جو اظهار ڪندا هئا. مٿين ساڳي ناٽڪ دوران جڏهن هڪ

سيٺ ڪنهن پورهيت کي چهبڪ هڻي رهيو هو ته هال مان اهو آواز به ٻڌڻ ۾ آيو هو ته ، "مَت مارو!"

روﻻڪ ﻻطيني امريڪا جي ملڪ پيرو جي هڪ اسٽيج ڊائريڪٽر جو مضمون پڙهيو هو جنهن ۾ هُن عوامي ٿيٽر بابت بحث ڪندي ٻڌايو هو ته سندس گروپ هڪ ڏورانهين ڪوئلي جي کاڻ آڏو هڪ ناٽڪ ڪيو. جنهن لاءِ مزدورن کي چيو ويو ته هو پاڻ سان گڏ ﻻلٽين کڻي اچن ته جيئن روشنيءَ جوبندوبست ٿي سگهي. ان ڊائريڪٽر موجب جڏهن مزدورن کي ڪو ڏيک نٿي وڻيو ته هُنن پاڻ ۾ ڪچهري ٿي ڪئي ۽ ان سان ﻻلٽين جو رُخ اسٽيج تان هٽي ٿي ويو ۽ ناٽڪ - منڊلي کي اهواحساس ٿي ويو ٿي ته ڪهڙو پيغام پنهنجي ٻڌندڙن تائين پهچڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي.

سو اسيءَ واري ڏهاڪي جي پهرين اڌ ۾ پاڪستان به متبادل ٿيٽر جو بنياد ۽ عروج ڏٺو. ايستائين جو ۱۹۸۳ع واري تحريڪ ڪانپوءِ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ پڻ هڪ ناٽڪ ""پسو پورهيتن" ڪيو ويو. تن ڏينهن ۾ ئي شاهد پٽي ۽ بيدل مسرور ڪجهه ٻين دوستن سان گڏجي "وائسز" نالي گروپ جوڙيو. جنهن موسيقيءَ جي دنيا ۾ ڪي نوان تجربا به ڪيا پر بدقسمتيءَ سان دستڪ ۽ وائسز گروپ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿيا ۽ دستڪ گروپ جي دوستن ڪيترائي ڏار ڏار گروپ جوڙيا. ان دوران ﻻهور ۾ مديحا گوهر ۽سندس ساٿين اجوڪا گروپ کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو. اجوڪا گروپ پنهنجي سينئر همعصر دستڪ گروپ جي مقابلي ۾ وڌيڪ سياسي ناٽڪ پيش ڪرڻ لڳو. اجوڪا پنجابي ٻوليءَ ۾ پڻ ناٽڪ پيش ڪيا.

هتي هڪ ذڪر ڪندو هلجي ته ڪراچي ۾ پيش ٿيندڙ گهڻي ڀاڱي سمورن ناٽڪن لاءِ مالي سهائتا جرمنيءَ جو گوئٽي انسٽيٽيوٽ ڪندو رهيو. ان دوران جنرل ضياءَ جي موت ۽ ان ڪانپوءِ بينظير ڀٽو جي

ڀھرين راڄ ٿي. ويءَ تي اسلم اظھر، طاھر رضوي، شاھد محمود نديم جي ڀيھر انٽري ڪرائي. جڏھن تہ ضيا ٿي مارشل لا ۾ اسٽريٽ ٿيٽر وسيلي أسريل ڪيترائي فنڪار ٽي.وي تي آيا. بينظير ڀٽو جي ارڙھن مھينن ۾ ٽي. ويءَ تي پيش ٿيندڙ اھم ترين سيريل لاھور سينٽر تان شاھد مجمود نديم جي "نيلي ھات" ھئي، جنھن ۾ مديحا گوھر اھم ڪردار ادا ڪيو. نواز شريف ۽ ان کان اڳ غلام مصطفيٰ جتوئي جي حڪومت، پاڪستان ٽيلويزن کي ھڪ ڀيرو ڀيھر اظھر لوڏيءَ جھڙن ماڻھن جي حوالي ڪيو.

ان دوران ئي رولاڪ لاھور ۾ نوجوانن جي ھڪ گروپ "لوڪ رھس" طرفان گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ پيش ٿيندڙ ناٽڪ "ڪتي" ڏٺو. ھڪ پارٽي ليڪڪ جي لکيل انھيءَ ناٽڪ کي لاھوري دوستن پاڪستان جي ڏھونڪي حالتن سان بلڪل ٺھڪائي پيش ڪيو ھو. ان دوران ملڪ ۾ وڌندڙ مذھبي ۽ لساني ڏڦيڙ تي ڪيترائي ناٽڪ پيش ٿيا. ان ۾ لاھور وارو اجوڪا گروپ مذھبي - مت ڀيد ۽ عورتن سان ٿيندڙ ڏاڍاين تي ڪامياب ناٽڪ پيش ڪيا تہ تحريڪ نسوان، مذھبي سھپ (Religious Tolcrence) تي " جنھين لھور نھين ويکيا" ۽ ڪراچيءَ جي صورتحال تي "يھان سي ڀھي شھر ڪو ديکو" جھڙا ناٽڪ پيش ڪيا. انھن ۾ھي ناٽڪن خاص طور تي "جنھين لھور .... "جنھن ۾ موقعي جي مناسبت سان ناصر ڪاظميءَ جي شاعري پيش ڪيل ھئي، ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙن جا سيسڙاٽ ڪيرائي ڇڏيا.

رولاڪ جي راءِ ۾ پاڪستان ۾ ناٽڪن ۽ خاص طور تي اسٽريٽ/عوامي ٿيٽر جي سگھاري نہ ٿي سگھڻ جو سبب حڪومتي زيادتي! نظر اندازي کان وڌيڪ منڊلين طرفان اڪثر پرڏيھي ناٽڪ پيش ڪرڻ آھي. رولاڪ کي ياد اھي تہ گذريل سال نومبر دوران اسلام آباد ۾ ٿيندڙ پاڪستان ناٽڪ فيسٽول ۾ سنڌي ناٽڪ "دودي سومري جو موت" جي ھال ۾ موجود سمورن ماڻھن ٻيھي

تاڙيون وڄائي تعريف ڪئي هئي. ان فيسٽول ۾ جيڪي به ناٽڪ حالتن سان ٺهڪندڙ پيش ٿيا، انهن کي تہ داد مليو پر جن ناٽڪن کي پرڏيهي خاص طور تي يورپي ناٽڪن تان ڪنيو ويوهو، ڪا خاص داد حاصل ڪري نہ سگهيا هئا.

رولاڪ جي خواهش آهي تہ هن ملڪ ۾ بہ ”پونا انسٽيٽيوٽ آف پرفارمنگ آرٽس“ جهڙو ڪو ادارو قائم ٿئي تہ جيئن هو بہ ڊراما ڊائريڪشن جي تربيت وٺي پنهنجي ورهين پراڻي سڌ پوري ڪري سگهي.

برسات

٣١ مارچ ١٩٩٥

نٿو ڳائي سگهجي تہ ڇا ٿيو ....

گذريل جمعي تي سنڌي ادبي سنگت ليـاريءَ طرفان آڪٽوبر ٩۴ ڌاري ڀارتي راڄڌاني نئين دهليءَ ۾ ٿيل هڪ پروگرام ۾ ننڍي ڪنڌ جي صوفي شاعرن جي شاعري ڳائڻ واري نشست جي ويڊيو ڪيسٽ ڏيکارڻ جو اهتمام ڪيو ويو. اهو پروگرام"صفدر علي هاشمي ميموريل آرٽسٽ ٽرسٽ" SAHMAT جي فيسٽول "فرقيواريت خلاف فنڪار" (Artist Against Communalism) جو هڪ حصو هو. ٻهرين ڳالهہ ڪجي SAHMAT جي. هي گروپ صفدر هاشميءَ جي نالي ٻويان قائم ڪيو ويو آهي. نئين دهلي ۾ هڪ اسٽريٽ ٿيٽر گروپ جي هدايتڪار ۽ اداڪار صفدر هاشميءَ کي ڪجهہ سال اڳ حڪمران ڪانگريس پارٽي جي ڪجهہ هٿيار بند ڪارڪنن خنجر جا وار ڪري ماري وڌو هو. ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا سان سياسي ۽ نظرياتي طور تي لاڳاپيل صفدر هاشمي جيتوڻيڪ پنهنجي ڪلا کيتر ۾ ڪو اهم نالو نہ هو پر سندس مرتئي ڪانپوءِ سندس ساٿين صفدر جي نالي تي SAHMAT قائم ڪري سندس نظرئي کي وڌائيندي فرقيواريت خلاف ڪنهن حد تائين آواز ضرور بلند ڪيو آهي.

اسي واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري جڏهن رولاڪ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي شاگردن واري فرنٽ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ڪارڪن هو تہ "ڪامريڊ" صفدر هاشمي پاڪستان آيو هو. رولاڪ ۽ سندس ڪيترن ئي دوستن کي هو ڪنهن دانشور بدران پارٽي مشينري جو هڪ پرزو لڳو هو. تن ڏينهن ۾ نظرياتي Commitment ئي سڀ ڪجهہ ليکي ويندي هئي. بهر حال صفدر سان هڪ ٻن ملاقاتن ۾ جيڪي "ڊاڙي ڊشا" ٿيا هئا، سي هاڻ وقت جي دز مان پيهر ڪوٺي ڪڍڻ جو مطلب ٿيندو تہ هرو ڀرو ڌوڙ اڏائجي! سو ڳالهہ ڪجي ڪا ٻي. SAHMAT واري ان فيسٽول ۾ ڪلاسيڪل نرت، ٿيٽر (ناٽڪ) ۽ موسيقيءَ جا ڌار ڌار پروگرام ٿيا هئا. رڳو موسيقيءَ وارو پروگرام ٻن ٽن ڪلاڪن جي ٽن وڊيوڪيسٽن تي

رڪارڊ ٿيو هو. بهر حال ادبي سنگت لياري موسيقيءَ وارين ٽن ڪيسٽن جو تت ڪڍيل هڪ ويڊيو ڪيسٽ ڏيڪاري، جنهن جو پهريون حصو ڀڳت ڪبير ۽ امير خسرو جي شاعريءَ تي ۽ ٻيو حصو سنڌ ۽ پنجاب جي صوفي شاعري تي ۽ ٽيون حصو نندي ڪنڌ جي ٻين ٻولين جي شاعريءَ تي ٻڌل هو.

جيتوٽيڪ ڪيسٽ جو تعارف ڪرائيندي چندر ڪيسواڻي اها بحث طلب ڳالھ ڪئي تہ اڄوڪو انسان ڪوبہ آدرش نہ هئڻ ڪري تصوف ڏانهن موٽي پيو پر روﻻڪ جو خيال آهي تہ اڄوڪو انسان ڪو بہ آدرش نہ هئڻ ڪري "روحاني گهوٽالي" (Spritual Crisis) جو شڪار آهي، تنهن ڪري شيعو ۽ سني ٽي هڪٻئي کي ماري بہ ٿو تہ هڪٻئي کي بچائڻ لاءِ بم لڳل امام بارگاھ ۽ گولين سان پرڻ ٿيل مسجد مان زخمين ۽ مارجي ويلن کي ايڏي ايمبولنس ۾ بہ وجهي ٿو. بابري مسجد کي ڊاهي بہ ٿو تہ مهاتما گانڌي کي باپو بہ ٿو چوي ۽ "هندو بني گا نہ مسلمان بني گا، انسان کي اوﻻد هئي تو انسان بني گا" جهڙو گانو ٻڌي روئي بہ ٿو. آيل کي آوڏاڻي ٻڌجي هندو انتها پسند جماعت ڀارتيہ جنتا پارٽي جو بنياد وجهي ٿو تہ ننڍپڻ وارن ڏينهن جي پنهنجي مسلمان دوستن کي ياد ڪري روئي بہ ٿو!

سو، ڳالھ پئي ڪئي سين صوفين جي راڳ جي! روﻻڪ کي جيتوٽيڪ ڪيسٽ جي ٽين حصي ۾ شامل ٻوليون سمجھ ۾ نہ پئي آيون پر گهڻي عرصي کانپوءِ اهڙو راڳ ۽ سنگيت ٻڌڻ لاءِ مليا، جنهن سان من پرچي ٿي آيو. ڪيسٽ ۾ ريڪارڊ ٿيل سمورن فنڪارن سنڌ مان ويل علڻ فقير کانسواءِ فيسٽول جي سري "فرقيواريت خلاف فنڪار" سان نہ رڳو انصاف ڪيو پر پنهنجي فن کي ان بلنديءَ تي وٺي پئي ويا، جو حقيقت ۾ ٻڌندڙ پنڊ پهڻ بڻيل هئا. پنڊ پهڻ بڻجڻ واري ڳالھ هرو ڀرو نيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪرڻ جو فيشن ناهي پر روﻻڪ سميت سمورن سگريٽ پيئندڙن کان سگريٽ دکائڻ بہ وسري ٿي ويو. بهر حال روﻻڪ کي ڀڳت ڪبير ۽ امير خسرو جي شاعري ڳائڻ وارو حصو سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪن لڳو. خاص طور تي شوڀاگر تہ مٿانهن سرن ۾ امير خسرو کي ڳائي هڪ نئون رنگ ٿي پيدا

ڪيو.
جڏهن پنڊت جسراج، ڀڳت ڪبير ڪي ڳائيندي "حضرت محمد" اچاريو ته رولاڪ کي محسوس ٿيو ته ڄڻ ڪنهن راڳي پهريون ڀيرو "محمد" نالي جو حق ادا ڪيو هجي. نه ته اسان وٽ رمضان ۽ محرم مهيني ۾ پئسا ڪمائڻ لاءِ ايڏا هٽ نوڪيا ڳائڻا/ نوحا خوان پيدا ٿي ويندا آهن جو خدا ڏي پناهه!
رولاڪ کي جن فنڪارن موهيو تن ۾ شوڀا. پنڊت جسراج ڪانسواءِ ڪنڪنا بئنرجي، استاد جعفر حسين ۽ ٻيا شامل هئا. اها ڪيسٽ ڏسندي، جيڪا ڪيفيت رولاڪ تي طاري ٿي اها زندگيءَ ۾ هڪ ٻه ڀيرا اڳ به ٿي چڪي آهي. ٻي ٿي سال اڳ رولاڪ فيصل آباد ۾ ٿيندڙ نصرت فتح علي خان جي والد استاد فتح علي خان جي ورسيءَ جي موقعي تي راڳ ٻڌو هو. استاد فتح علي خان جي ورسيءَ جو به پنهنجو انداز آهي. ان ۾ پهرين ڏينهن مڪمل طور تي قوالي ڳائي ويندي آهي ۽ ٻئي ڏينهن نوان ۽ ايرندڙ فنڪار ڳائيندا آهن، ايرندڙ فنڪار به پنهنجي فن ۾ يڪتا هوندا آهن، جو ان سال رولاڪ شاهده پروين، حامد علي ٻيلا ۽ فهيم کي نون فنڪارن ۾ ٻڌو هو. جڏهن ته ورسيءَ دوران ٽين ڏينهن استاد ڳائيندا آهن.
بس سائين! تنهن رات به ٻڌندڙن سان حالت هجي! غلام علي، مهدي حسن ۽ نصرت فتح علي خان هڪبئي پويان ڳائيندي اها شام غريبان پيدا ڪئي، جو ڪوبه ٻڌندڙ پنهنجي حواسن ۾ نه هو! رولاڪ تنهن رات اهو طئي ڪيو هو ته جي پاڻ نٿو ڳائي سگهجي ته چا ٿيو، اهڙين محفلن ۾ ٻڌي ته سگهجي ٿو سو هاڻ سدائين ان ورسيءَ ۾ شريڪ ٿبو! پر اياڳ چئجي جو ان ڪانپوءِ وري استاد فتح علي خان جي ورسيءَ ۾ شرڪت جو موقعو ئي نه مليو آهي.
بس سائين! سنگيت شئي ئي اهڙي آهي، جو موزارٽ کان اها خواهش ٿي ڪرائي ته، " ڪا اهڙي ڏن وجايان جو لانڊريءَ ۾ پيل ميرا ڪپڙا ڌوپجي وڃن." ته تان سين کان پاڻي ۾ باهه ٿي لڳرائي!
رولاڪ کي ١٩٨٩ ۾ لاهور ۾ ٿيل فيض امن ميلو ته ياد اچي، جنهن ۾ عابده پروين " گهوم چرخڙا سائيان دا تيڏي ڪتڻ والي

جيوي"، ڳائڻ دوران جڏھن "گھوم چرخڙا ......" تي چيو تہ اوپن ايئر هال ۾ ويٺل ماڻھو تہ ڇا اوسي پاسي جي هر جاندار ۽ بي جان شئي ۾ بہ جان ٿي پئجي وئي ۽ ان بہ چرخي وانگر حرڪت ۾ اچڻ ٿي شروع ڪيو.ساڳي پروگرام ۾ جڏهن اقبال بانو فيض جي نظم" هم ديکين گي، وہ دن کي جس کا وعدہ هي" ۾ جڏهن "جب مظلومون کي پاؤن تلي يہ ڌرتي ڌمڙ ڌمڙ ڌمڙکي گي" وارو مصرعو ٿي ڳايو تہ واقعي ڌرتي ڌڙندي محسوس ٿي هئي. عابده پروين جي ذڪر تي ياد آيو تہ جڏهن هن ٿي وي تي هڪ ڪلام جي دوران "الله هو" جو نعرو ٿي هنيو تہ رولاڪ جي پير ۾ ويٺل برلن پيت ڌمڻ ڪان پوءِ بہ ڪميونسٽ رهندڙ هڪ يار عابده سان گڏ الله هو جو نعرو ٿي هنيو. هن اهو نعرو الله کي ياڏائيندي نہ پر عابده پروين جي ڳائڻ جي ٽرانس ۾ اچي ٿي هنيو! ۽ ها، وچولي طبقي مان اپريل هڪ چترڪار هڪ ڏينهن مٿين طبقي جي منافقين تي ڪاوڙ مان ڳالهائيندي جڏهن اهو چيو تہ، هو (مٿين طبقي وارا) ڏينهن جو ڪارخانن، فيڪٽرين ۾ ماڻهن کي پيڙهيندي نفعو ڪمائيندا ۽ رات جو اقبال بانو واتان فيض جو ڪلام پڌندي "اب راج ڪري گي خلق خدا" تي جهومندا آهن تہ رولاڪ کيس ايترو ضرور چيو هو تہ ان ۾ سرمائيدارن جي منافقت ڪان وڌيڪ اقبال بانو جو ڪمال آهي، جيڪو ڪائڻ سندن موت جو سنيهو آڻيندڙ ڳالهہ بہ فن سان ڀرپور ڪرڻ تي واهہ واهہ ٿو ڪرائي!

بس سائين! سنگيت جي ديوي (هندو ديو مالا موجب سرسوتي ديوي) جنهن تي مهربان ٿئي، پوءِ تہ لتا منگيشڪر ٽيو پئجي جو ٽيهہ سال اڳ مغل اعظم فلم لاءِ ڳايل سندس گيت "جب پيار ڪيا تو ڈرنا ڪيا" ۽ گذريل سال رليز ٿيل فلم ۾ ڳايل سندس گيت ۾ آواز جي تازگي ۾ ڪو فرق ناهي!

بس يار! رولاڪ جي رڳو ايتري خواهش آهي تہ هيءَ دنيا راڳين ۽ سنگيتڪارن جي حوالي ڪجي، جو انسان جي من جون پوڳناؤن ختم ٿين تہ جيئڻ پريشانين کان وانجهيل دنيا ۾ سک جو ساهہ کڻڻ جو موقعو ملي!

برسات

۱۳ اپريل ۱۹۹۵ع

فلمي پوسٽر، ٽانگا ۽ ڊوڙندڙ ٻار

ڪجهہ ڏينهن اڳ رولاڪ هڪ سينيما ۾ گهٽي عرصي ڪانپوء اردو فلم ۾ عورتن جي وڏو تعداد ڏٺو.گذريل ڪيترن ئي سالن کان پاڪستان ۾ ٺهندڙ غير معياري فلمن، وي.سي.آر ۽ ڊش اينٽينا اچڻ سبب ماڻهن سينيمائن ۾ تہ چڻ فلمون ڏسڻ ئي ڇڏي ڏنيون آهن.

رولاڪ پنهنجي ننڍپڻ کان سينيمائن ۾ فلمون ڏسڻ جو ڪريزي رهيو آهي، سو وقت بوقت پنهنجي ٻاڙ متائڻ لاء سينيما جو رخ ڪندو رهندو آهي. ڪجهہ سال اڳ رولاڪ کي سينيمائن ۾ ايڏي ويراني نظر تي آئي، جو رش ۾ ٽڪيٽ وٺڻ ۽ هائوس فل جو بورڊ ڏسي ٻوٽ بجڙو ڪري موٽي اچڻ واري ڪيفيت ئي وسرڻ لڳي هئي پر گذريل ٻن ٽن سالن دوران ڪجهہ فلمن خاص طور تي اردو فلمن "گناهہ" ۽ تازو لڳل "جيوا" ۽ انگريزي فلمن "ڪلف هينگر"، "جراسڪ پارڪ" "انڊيسنٽ پروپوزل "۽ "دي گهوسٽ" سينيما ڏسندڙن کي سينيمائن ڏانهن ڀيهر متوجهہ ضرور ڪيو آهي.

بس يار! سينيمائن جا بہ ڏينهن هئا!رولاڪ کي پنهنجي ننڍپڻ جون چٽيون يادگيريون آهن تہ ڪيترائي ڏينهن اڳ گهر ۾ فلم ڏسڻ جو پروگرام ٺهندو هو، پوء حيدرآباد ۾ ٽانگي تي ۽ ڪراچيء ۾ بگهيء تي چڙهي فلم ڏسڻ وڃبو هو. تن ڏينهن ۾ سڄي جو سڄو ڪٽنب فلم ڏسڻ ويندو هو تہ ٽڪيٽ بہ ڏهہ پندرهن وٺبا هئا. قومي تراني کان پوء جو فلم شروع ٿيندي هئي تہ شروع جو اڌ منو ڪلاڪ تہ ڪي وٺندڙ گانا يا نذر، رنگيلي ۽ نرالي وغيره جا مزاحيا ڊائلاگ هلندا هئا. تن ڏينهن ۾ بہ (ننڍپڻ دوران) عورتن جا ڍيل ڍيل ٿهڪ ڪنن کي ڀلا ڀيا لڳندا هئا ۽ پوء وري جي وارو ڦرندو هو تہ زيبا، ديبا، شميم آرا يا نيلو جا ٽريجڪ ڊائلاگ ۽ سين اسڪرين تي ۽ هال ۾

هوندا هئا سڏڪا. بس پوءِ آخري سين ۾ هيرو ۽ هيروئن پاڻ ۾ ملندا هئا ۽ ڏسڻ وارا /واريون ڳوڙهن سان پسيل رومال ۽ ڳاڙهيون ڪيل اکين سان واپس ورندا هئا. پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين ان فلم جي هر هڪ سين تي هر ڪو پيو پنهنجي ليکي تبصرا ڪندو هو.

رولاڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ شروعاتي فلمون حيدرآباد جي سينيمائن ۽ سلاوٽ پاڙي ۾ ڪنهن شادي مراديءَ تي وچ روڊ تي لڳايل پڙدي تي ڏٺيون آهن. حيدرآباد جي سلاوٽ پاڙي جا رنگ ئي پنهنجا هئا/آهن. سلاوٽ بنيادي طور تي جيسلمير جي علائقي مان سؤ ڏيڍ سؤ سال اڳ لڏي آيل برادري آهن، جن جون پنهنجون ريتون رسمون اڄان تائين هلنديون اچن. ڪنهن پيري حيدرآباد جي سلاوٽ پاڙي ۽ خود سلاوٽن تي به تفصيلي لکبو. هينئر ڳالهه ڪجي اتي هلندڙ روڊ تي فلمن جي. تن ڏينهن ۾ ڪيترائي سلاوٽ شهر جي مختلف سينيمائن ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ منجهائن هر نير سڪئي ستابي وٽ به ڪاڄ تي فلم ضرور ڏيکاربي هئي. سلاوٽ پاڙيءَ مان لنگهندڙ پرنس علي روڊ جي وچ ۾ پڙدو لڳندو هو ۽ پردي جي هڪ پاسي هوندا هئا مرد ۽ ٻي پاسي عورتون. انهن فلم شوز دوران هڪ دلچسپ وارتا ٻي به ٿيندي هئي، جڏهن به هيرو، هيروئن پاڻ ۾ ملندا هئا يا اسلم پرويز جهڙي ڪنهن ولن کي مار پوندي هئي ته سلاوٽ/سلاوٽيون پنهنجي ثقافت جي اهڃاڻ طور تامي جي ڪنهن ٿالهه کي ويلڻ سان وڄائيندا هئا. اها وڄت رولاڪ اڄان تائين ڪڏهن به ٻي سري نه ٻڌي آهي.

ننڍ پڻ ۾ رولاڪ سان فلم ڏسڻ متعلق ڏاڍا دلچسپ تجربا ٿيا آهن. هڪ پيري جڏهن رولاڪ کي سندس ڪنهن مائٽ چيو ته هو پنهنجي مامي کي چوي ته هو ڪيس فلم ڏيکاري ۽ جڏهن رولاڪ مامي آڏو ضد ڪيو ته هو ايلائٽ سينيما جي ٻاهران لڳل پوسٽر اهو چئي ڏيکاري آيو ته، "اها اٿئي فلم!" جونيئر رولاڪ ڪجهه ڏينهن ته ڦونڊيو وتيو ته هو فلم به ڏسي آيو آهي پر خبر تڏهن پئي، جڏهن فلم

ڏسڻ لاءِ ڪيس پڙڪائيندڙ مائٽ اهو پڇيو تہ. "ماين فلم ۾ ڳالهايو ڇا ٿي" تہ رولاڪ پوسٽرن ڪي ٿي اصل فلم سمجهندي ڪيس ٺهہ پهہ جواب ڏنو تہ. "اهي تہ ڪوڙ جون مايون هيون، اهي ڪيئن ڳالهائينديون!" سو ان مائٽ جي ڳالهہ مان خبر پئي تہ رولاڪ ٺڳجي ويو آهي، سو ضد ڪري ساڳئي ٺڳيندڙ مامي سان گڏ هڪ ٻيرو ٻيهر سينيما جو رخ ڪيائين.

رولاڪ ڪي چٽي طرح ياد آهي تہ سندس زندگيءَ جي اها پهرين سنڌي فلم "بادل" هئي پر ان ۾ جڏهن ڏاڙيلن جا گهوڙا ڊوڙڻ شروع ٿيا تہ رولاڪ ڊڄي مامي ڪي گهر واپس هلڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين تن ڏينهن ۾ مئٽرڪ جي شاگرد انهيءَ مامي جو موڊ خراب رهيو. جو رولاڪ جي ڊپ سبب هو بہ فلم ڏسي نہ سگهيو.

بس سائين پوءِ تہ فلمون ڏسڻ جو سلسلو شروع ٿيو جو اڄان تائين پيو هلي!

رولاڪ فلمي اداڪارن/ اداڪارائن جا ڪيترائي عاشق بہ ڏٺا آهن، انهن ۾ هر طبقي، عمر ۽ سوچ وارا ماڻهو شامل آهن. رولاڪ جو هڪ سياسي ڪارڪن دوست پاڪستاني هيرو نديم جو عاشق آهي. هو نديم جي ڪابہ فلم نہ ڇڏيندو آهي. هڪ ڀيرو حيدرآباد جي نياز اسٽيڊيم ۾ اداڪار غلام محي الدين جي اڳواڻي ۾ فلمستار ڪرڪيٽ اليون ڪنهن عطياتي مُهم جي سلسلي ۾ حيدرآباد ڪرڪيٽ اليون سان ڪرڪيٽ مئچ کيڏڻ آئي. فلمستار اليون ۾ اسان واري يار جو هيرو نديم بہ هو، سو هُن اعلان ڪيو تہ هو نديم سان هٿ ضرور ملائيندو. ان مئچ دوران پوليس وارن ميدان ۾ ٽپي ايندڙ هر تماشائي تي لٺين جو وسڪارو ٿي لاهي ڏنو پر سائين عاشق ڪٿي ٿا جهل ڏين. اسان وارا يار بہ موقعو وٺي ٽپي پيو ميدان ۾، پوءِ تہ سائين ڪي ويهہ پنجويهہ پوليس وارا لٺيون اُيبون ڪري، سندس پويان هجن پر هن يار بريڪ هنيو وڃي نديم وٽ. نديم سان هٿ ملائي لٺيون کائيندو، واپس اچي

پنهنجي سيٽ تي ويٺو.

روﻻڪ ڪيترائي سال اڳ ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو ته پنجاب جي ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ حجم نورجهان جو عاشق هو ۽ هُن پنهنجو دڪان سندس تصويرن سان سينگاري رکيو هو. ڪنهن ماڻهو جڏهن ڪانئس پڇيو ته هُن اهي تصويرون ڇو هنيون آهن ته هُن يار وراڻيو ته نورجهان ”جگر“ آهي (پنجاب ۾ جگر لفظ ڪنهن انتهائي پنهنجي ۽ پياري ماڻهو لاءِ استعمال ٿيندو آهي) اُن تي همراهه ڪانئس پڇيو ته، ڀلا هو نورجهان جي نالي تي پنهنجو اڌ سير گوشت ڏيندو. اهو ٻڌنديئي حجم پاڪي پنهنجي سٿر تي وهائي ڪڍي ۽ پنهنجو گوشت پاڻ ڪوري وڌائين ! بس يار اِهي”جگر“ ماڻهن جا جگر آهن!

روﻻڪ کي پنهنجي روﻻڪ پٽي دوران فلمن ۽ سينيمائن بابت ذري گهٽ هڪ جهڙيون ڳالهيون نظر آيون آهن يا ٻڌڻ ۾ آيون آهن. سنڌ ۽ پنجاب جي ننڍڙن شهرن ۽ وڏن ڳوٺن ۾ اڪثر سينيمائن جون ڇتيون نه هونديون آهن. روﻻڪ به هڪ ڀيرو ٽنڊي باڳي جي بنان ڇت واري سينيما ۾ فلم ڏٺي هئي. ٽنڊي باڳي کان وٺي پنجاب جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ جي بنان ڇت وارين سينيمائن جي ٻاهران اڪثر ٽريڪٽر ٽرالين تي چڙهيل ماڻهو مفت ۾ اتان جي Drive-in سينيمائن جو مزو وٺندي نظر ايندا آهن. انڪانسواءِ هڪ ٻي ڪامن ڳالهه روﻻڪ حيدرآباد، ڪراچي ۽ لاهور ۾ اها ٻُڌي آهي ته جڏهن دليپ ڪمار جي فلم ”آن“ سينيمائن ۾ لڳي ته ماڻهو ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ هنڌ بسترن سميت سينيمائن تي لائين لڳائي بيٺا ته ڇا پر سُتا به هئا.

روﻻڪ کي ڪنهن ٻڌايو هو ته حيدرآباد واري نيو مئجسٽڪ سينيما ۾ هڪ فلم دوران جڏهن بين /مُرلي وڳي هئي ته سينيما جي پٽ تي نانگ جهولڻ لڳو هو. بس سائين اُهي به ڏينهن هئا روﻻڪ کي به اهڙيون ڪيتريون ئي فلمون ياد آهن، جن ۾ جڏهن ڊانس ٿيندو هو ته تماشائين مان ڪو هڪ اڌ همراهه جذباتي ٿي اسڪرين اڳيان ڊانس ڪرڻ لڳندو هو. فلم ۾ ڌمال ٿيندي هئي ته سڄو هال ڌمال ۾ هوندو هو. فلم جو ڪو سين سٺو لڳڻ تي اسڪرين ڏانهن پئسا اُڇلائڻ به

عام معمول هو. اهي پئسا وري اڪثر ٽرڊ ۾ ويٺل همراهہ ٻهاريندا هئا. تن ڏينهن ۾ بہ فلم هلڻ دوران هوڪارا ۽ نعرا لڳندا هئا پر انهن ۾ بدتميزي يا اخلاق کان ڪِريل ڪا ڳالهہ نہ هوندي هئي. رولاڪ کي ياد آهي تہ تن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي انهن سينيمائن ۾ جتي اردو رومانوي فلمون لڳل هونديون هيون ڪيترائي نوجوان هيرو ڪٽ وار رکرائي، حيدرآباد ۾ پيرت وارا پهراڻ ۽ ڪراچيءَ ۾ بيل باٽم سوٽ پائي ٺڏا شوڪارا پريندا نظر ايندا هئا.

تن ڏينهن ۾ فلمن جي پبلسٽيءَ جو بہ نرالو انداز هوندو هو. حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ٽانگي جي ٻنهي پاسن کان فلم جا وڏا شاهي پوسٽر هئي، ڪو همراهہ لائوڊ تي فلم جو اعلان ڪندو رهندو هو. اعلان ڪندڙ اهو همراهہ اڪثر اهڙو فنڪار هوندو هو جنهن کي "چانَس" (اداڪاريءَ جي شوقينن جو خاص لفظ) نہ مليو هوندو هو ۽ هو پنهنجي اندر جي جوارڀاٽا کي لائوڊ تي "چوري ميرا پيشہ، نماز ميرا فرض" جهڙا ڊائلاگ هڻي ٺڏو ڪندو هو. اهڙن پبلسٽيءَ وارن ٽانگن تان فلمن جا پوسٽر ۽ پمفليٽ بہ ورهايا ويندا هئا. جيڪي رولاڪ پارا ٻار ڊوڙي ڊوڙي وڃي وٺندا هئا. جڏهن تہ ننڍڙن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ فلمن جي پبلسٽيءَ لاءِ ڪو همراهہ دهل وڄائي هوڪو ڏيندو هو. هاڻ تہ جيئن پوءِ تيئن سينيمائن کي ڊاهي انهن جي جاءِ تي پلازا ۽ ڪارخانا قائم پيا ٿين.

رولاڪ جي راءِ آهي تہ ڪنهن معاشري جي ذهني ڏيوالپڻي جو هڪ ثبوت اهو بہ آهي تہ ان جي سينيمائن جي جاءِ تي شاپنگ پلازا، لائبررين ۽ ڪتاب گهرن جي جاءِ تي اٽي ۽ چانور جا دڪان اڏجن. بس رولاڪ جي خواهش آهي تہ جيئن تازو ڪراچيءَ واري نشيمن سينيما کي سندس نئين مالڪ نئين سر وسايو آهي، تيئن حيدرآباد وارين ڪيپيٽل، وينس ۽ هل ٽاپ ۽ ڪراچيءَ جي پيلس، پلازا ۽ ڪيپيٽل سينيمائن کي بہ ڪو نئين سر آباد ڪري تہ جيئن رولاڪ جي هيروڪٽ وارن سان ٺڏا ساهہ نہ پيري سگهڻ واري ڪوتا سندس ننڍو پاءُ پوري ڪري.

برسات
٢١ اپريل ١٩٩٥

بي عقل دنيا جا ڏاها ٻار

تازو آمريڪي شهر New Haven ۾ اسپيشل اولمپڪ مقابلا پڄاڻي تي پهتا. آمريڪي صدر بل ڪلنٽن جي جولاءِ جي شروعاتي ڏينهن ۾ افتتاح ڪيل انهيءَ اولمپڪ ۾ دنيا جي ١۴٦ ملڪن سان تعلق رکندڙ ست هزار کان وڌيڪ ذهني ۽ جسماني طور تي اپاهج ٻارن شرڪت ڪئي. انهي ميزبان شهر پنهنجي نالي (هيون جو انگريزي ۾ مطلب ٽڪ پيچرو/ آرام ڪرڻ وارو ماڳ پڻ آهي) جي ساک رکندي دنيا جي انهن نظر انداز ڪيل ٻارن کي ڪليل، جوش ۽ سوڀ جي جذبن سان ڀريل فضا ۾ ساهه کڻڻ جو موقعو ڏنو.

١٩٦٣ ۾ ايونائس ڪينيڊي شرائور جي ذهني طور تي اپاهج ٻارن لاءِ شروع ڪيل اونهاري وارو ڪئمپ هاڻ اولمپڪ طور وڌي وڻ ٿيو آهي. اولمپڪس جي افتتاحي تقريب ۾ آمريڪي صدر بل ڪلنٽن چيو ته منهنجي آڏو دنيا جا بهترين ٻار بيٺل آهن ۽ اولمپڪس جي باني ايونائس آجيان ڪندڙ تقرير ۾ چيو:"توهان مان هر ڪو پنهنجي ملڪ جو ايلچي آهي ۽ ڪوبه ملڪ توهان کان بهتر عيوضي چونڊي نٿو سگهي."

راندين جي ٻين مقابلن وانگر هن اولمپڪ ۾ به ڪجهه رانديگرن سون، چاندي ۽ ڪنجهيءَ جا ٻلا هٿ ڪيا ۽ ڪي ٻار مقابلا کٽي نه سگهيا. انهيءَ اولمپڪ کي جيتوڻيڪ راندين جي ٻين مقابلن جي ابتڙ سڌ سماءُ جي سمورن ذريعن ذري گهٽ ڪا به جاءِ نه ڏني(پنهنجي برادري جي انهيءَ خود غرض روبي تي رولاڪ دنيا جي انهن خاص ٻارن کان معافي ٿو گهري جو سڌ سماءُ سان تعلق رکندڙ فرد به مادي شين/ سهولتن لاءِ ڊوڙندڙ هن اگري دنيا جو حصو آهن.) پر انهن مقابلن دوران ڪيترائي پتر دل ٻاٽي ڪندڙ واقعا پڻ پيش آيا.

انهن مقابلن دوران ٻه ٻار پنهنجيون حياتيون وڃائي ويٺا. انهن مان هڪ ته رضاڪارن کان نظر بچائي سمنڊ جي سيني تي ائين هليو ويو ڄڻ ٻي انت سمنڊ جي ظالم ڇولين بدران ڪنهن شفيق پريءَ جي وارن سان تي ڪيڏيو جو انهيءَ اجنبي هنج مان نڪرڻ لاءِ مدد واسطي ٻاڏائڻ بدران ان ۾ گهور ننڊ سمهي رهيو.

انهيءَ اولمپڪس ۾ حصووٺندڙ ايڊي سينٽر ۾ نپجي وڏي ٿيل هڪ ڇوڪريءَ نه رڳو چانديءَ جو پلو ڪنيو پر حيرت انگيز طور تي هن راندين ڪانپوءِ ٿيندڙ ڪاڇن ۾ زيور پائڻ ۽ ميڪ اپ ڪرڻ پڻ شروع ڪيو. پاڪستان سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان ڇوڪرو نه رڳو ٻن ڪلاڪن تائين هڪ آمريڪي ڇوڪريءَ سان ڊانس ڪندو رهيو پر اتي موجود هر هڪ سان ايئن ڪچهري ڪندو رهيو ڄڻ سالن کان سندن واقف ۽ دوست هجي. ان دوران ڪنهن کي به پتوئي نه لڳي سگهيو ته ڪو هو ٻنهي ڪنن کان ٻوڙو آهي!

ساڳي طرح اسپيشل اولمپڪ جو هڪ رانديگر ٻار ٻه ڀيرا ٨٠٠ ميٽرن جي ڊوڙ ۾ شريڪ ٿيو. جيتوڻيڪ هو ٻئي ڀيرا مقابلو کٽي نه سگهيو پر هر ڀيري مقابلي ختم ٿيڻ واري پٽي تي هن ائين آسمان ڏانهن فخريا انداز ۾ نهاريندي، هوا ۾ هٿ لوڏيا ڄڻ عالمي ريڪارڊ قائم ڪيو هجيس. انهيءَ ٻار مقابلو هارائڻ ڪانپوءِ جيڪو جملو چيو اهو شايد سالم عقل وارو ڪو رانديگر ته ڇا پر ڪوبه فرد نٿو چئي سگهي.هن چيو: ڪوبه مونکي اهو نٿو چئي سگهي ته ڪو آءٌ ناڪام آهيان. آخري لائين تي آءٌ ٻه ڀيتو هئس. روﻻڪ پنهنجي مشاهدي ۾ ايڊي ٽرسٽ سان رضا ڪاراڻي طور تي ڪم ڪرڻ واري تجربي جي آڌار تي چئي سگهي ٿو ته اهي ٻار پنهنجي اهميت جتائڻ يا ڪجهه کٽڻ/ حاصل ڪرڻ بدران رڳو پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ کي ئي ڪافي ٿا سمجهن پر دنيا واسي ڪين ميڃتا ڏيڻ ته نهيو پر سندن وجود ئي مڃڻ لاءِ تيار ناهن ۽ اهڙي ڪنهن ٻار کي خدائي ڏمر يا پنهنجي سر تي مصيبت سمجهي مختلف ادارن جي حوالي ٿو ڪيو وڃي يا گهرن ۾ئي نظر انداز ٿو ڪجي.

انهيءَ اولمپڪ دوران روﻻڪ کي جنهن ڳالهه سڀ کان وڌيڪ

چرڪايو اها چار سئو ميٽرن جي ڊوڙ دوران پيش آئي. معمول جيان مقابلو شروع ٿيو ۽ "خاص" پارن مقابلو کٽڻ لاءِ ڊوڙڻ شروع ڪيو پر ڪجهہ گهڙين کان پوءِ افريڪا سان تعلق رکندڙ هڪ پارڙي ڊوڙندي ڪري پئي. ٿيڻ تہ اهو کپندو هو جو ڪانئس پويان ايندڙ رانديگر پنهنجي پوزيشن بهتر بنائڻ لاءِ انکي واڪ اوور (Walk -Over) سمجهي ها. پر هي جو ٿيا دنيا حي ڪئور ماٺهن حي نظر ۾ دنيا سان گڏنہ هلي سگهندڙ چريا ۽ بي عقل پار! سو ڪري پيل رانديگرياٺي جي پويان ڊوڙندي پارڙي هڪدم پنهنجي ڊوڙ ڇڏي ڪريل ساٿيءَ کي سهارو ڏيڻ شروع ڪيو. اطلاع موجب جڏهن ڪريل رانديگرياٺي اٿي پيهر ڊوڙي نہ سگهي تہ سندس سار لهندڙ ڪيس مقابلي ختم ٿيڻ واري نشان ڏانهن گهلڻ لڳي. تيسيتائين رضا ڪارن اچي ڪريل رانديگرياٺي کي سنڀاليو ۽ سندس سار لهندڙ کي پيهر ڊوڙ ۾ حصو وٺڻ تي راضي تہ ڪيو پر هوءَ ڊوڙندي هر هر ڪنڌ ورائي پنهنجي ساٿياٺي کي ڏسندي رهي تہ سندس مناسب تهل تڪور بہ ٿي رهي آهي يا نہ!

پنهنجي اندر ۾ فلورنس نائيٽ اينجلس جهڙا سوين اڇا اجرا من رکندڙ اها پارڙي جيتوٽيڪ ڊوڙ ختم ٿيڻ واري هنڌ تي سڀ کان آخر ۾ پهتي پر ڏسندڙن بيٺي پير سندس جيڪو دل جي گهراين سان آدرياءُ ڪيو اهو شايد ورلڊ ڪپ کٽڻ تي عمران خان جو، فٽ بال عالمي ڪپ کٽڻ تي ميرا ڊونا جو ۽ ومبلڊن ڪپ کٽڻ تي اسٽيفي گراف جو بہ نہ ٿيو هوندو.

رولاڪ کي پنهنجي چوگرد خود غرض دنيا ۾ ڪنهن پئي انسان لاءِ اهڙو انساني رويو نظر نٿو اچي. ٻين کي تہ ڇڏيو پر خود راندين واري ميدان ۾ بہ Sportsman's Spirit (رانديگرن جو جذبو) نظر نٿو اچي. تازو جڏهن پٺيءَ ۾ خنجر جي زخم ڇٽڻ تي بہ سال ٽينس کان ٻاهر رهڻ کانپوءِ واپسي تي مونيڪاسيلز کي زخمي ٿيڻ کان اڳ واري سندس دنيا جي پهرين نمبر رانديگر جي حيثيت ڏيڻ وارو معاملو سامهون آيو تہ ڪيترن ئي رانديگرن ان تي ناراضپي جو اظهار ڪيو ۽ هوڏانهن ڪرڪيٽ جي راند ۾ اڪثر بالر پنهنجي فن وسيلي رانديگر کي آئوٽ ڪرڻ بدران رانديگر کي بال وسيلي ڊيڇارڻ/

زخمي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نظر ايندا آهن.

"سنئين سبتي ۽ باشعور دنيا" جا ماڻهو ته ڪوشش ڪري ٻئي انسان کي ڏکو ڏئي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پوءِ انهيءَ معذور ڇوڪري جي انهيءَ رويي جو سبب ڇا هو؟ رولاڪ جو خيال آهي ته انسان پنهنجي من ۾ هر لحاظ کان انسان دوست فطرت رکي ٿو پر سندس چوڌاري واري دنيا ۽ انجون مادي گهرجون کيس ڪمينگي ڀريل رويا ۽ خود غرضي ٿيون سيکارين.

رولاڪ ڪراچيءَ جي ڪجهه ادارن ۾ ويو آهي جتي ذهني يا جسماني طور تي اپاهج ٻارن کي سنڀاليو ۽ نپايو ويندو آهي. اتي هڪ ڳالهه بلڪل چٽي پٽي نظر ايندي آهي ته انهن ٻارن جو پاڻ ۾ ۽ باقي دنيا ڏانهن ڳانڍاپو ۽ رويو اسان "باشعور ۽ نيڪ" ماڻهن کان وڌيڪ حساس هوندو آهي. انجو تجربو رولاڪ کي تازو حيدرآباد کان ڪراچي ايندي بس ۾ به ٿيو جڏهن سندس هڪ دوست جو ذهني طور "اپاهج" پٽ هرهر ڏسندو رهيو ته رولاڪ مناسب طريقي سان ويٺل آهي يا نه. کيس ڪو مسئلو ته ناهي. هو هر هر مرڪي رولاڪ ڏانهن نهاري چڻ کيس سفر جي ٽڪ تي نه گهبرائڻ جو حوصلو ڏيندو هجي.

ڪنهن جسماني يا ذهني حس کان محروم ٻارن جي انهيءَ حساس پٽي تي جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو شڪ هجي ته هو ڪنهن ڏينهن منجهند ڌاري ڪراچيءَ جي بندر روڊ تي نمائش واري چوراهي تي هليو وڃي، جتي جسماني ۽ ذهني طور تي سالم ماڻهو گاڏين تي سوار ٿيڻ يا رستو پار ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيندا آهن پر ٻُڌي ۽ گونگن، ٻوڙن ۽ نابين ٻارن جي اسڪول جا شاگرد گاڏيءَ ۾ سوار ٿيندي يا رستو پار ڪندي پنهنجو فڪر ڪرڻ بدران پنهنجي ساٿين جي پيا پڇا ڪندا ته هو ٺيڪ ته آهن. شل نه ڪنهن گاڏي واري جي اپهرائپ ڪري سندن ڪنهن ساٿي کي ڪا چيپ اچي، هو امريڪي نيگروئن وانگر هنگامو ڪندي دير ئي نه ڪندا آهن!

بس رولاڪ جي ايتري فرمائش آهي ته اهڙن ٻارن کي هن ڌرتيءَ جو حصو سمجهيو وڃي ۽ کين ڌڪارڻ بدران مناسب حيثيت ڏئي ڪائنڻ پنهنجي اوسي پاسي وارن انسان کي پنهنجو ڪرڻ وارو رويو سکجي.

هلال پاڪستان
١٧ اگست ١٩٩٥

رانديون ۽ سنڌ واسي

اخباري اطلاعن موجب سنڌ جي روائتي راند ملهه جا ڇهه رانديگر ۽ سندن هڪ ڪوچ هلندڙ سال ڊسمبر ڌاري جاپان ويندا جتي هو جاپاني ڪُشتي "سومو" جي پهلوانن جو مقابلو ڪندا. هاٿي جهڙي جسي وارا اِهي سومو پهلوان هر لحاظ کان سنڌ جي مَلهن کان وڌيڪ سگهارا ۽ تربيت يافتا لڳندا آهن ۽ جڏهن ٽي ويءَ تي ڪڏهن ڪڏهن سندن ڪا ڪشتي ايندي آهي ته ٽي وي اسڪرين تي سندن بُت ڪانسواءِ ڪجهه نظرئي نه ايندو آهي. ٻئي پاسي رولاڪ جي ديس جا ملهه ٻين سمورن پيشيور فردن وانگر اڪثر اٽي جي ڳولا ۾ سرگردان سو هاڻ ڏسجي ته سنڌي ملهه ڇيان وڃن ٿا يا نه ۽ جيڪڏهن وڃن ٿا ته ڪهڙا ٿا ڪارناما ڏيکارين!

هونئن به رانديون سان سنڌ واسين جو ته ڇڻ الله واسطي جو وير آهي. رولاڪ اِها ڳالهه ڪنهن ذاتي پرخاش يا مشاهدي سبب نٿو چوي پر سنڌيءَ جي سڀ کان وڌيڪ مهذب سڏجندڙ اخبار "هلال پاڪستان" جي صحافين کان وٺي بارسلونا اولمپڪس جي ڏينهن ۾ اسپين ويندڙ حيدرآباد واري ٽنڊي ولي محمد جي هڪ سياسي ڪارڪن تائين سنڌين ڇڻ ته رانديون جو ايئن قومي بائيڪاٽ ڪري رکيو آهي جيئن ١٩٨۴ع واري ماسڪو اولمپڪس جو آمريڪا ۽ سندس اتحادي ملڪن ۽ انجي موٽ ۾ ١٩٨٨ع واري سيول اولمپڪس جو اڳوڻي سوويت يونين ۽ سندس اتحادي ملڪن ڪيو هو. اڄ اهي سمورا ملڪ ۽ رانديون جا ماهر ان ڳالهه سان سهمت آهن ته اولمپڪس جو بائيڪاٽ ڪندڙ ملڪن ڪنهن ٻئي جو نه پر خود پنهنجو ئي نقصان ڪيو. سنڌين جي رانديون سان دلچسپيءَ جو اندازو ان مان لڳايو ته جڏهن مائيڪ ٽائسن ٽن سالن جي گرفتاري ۽ باسڪنگ رنگ مان ٻاهر رهڻ بعد پهريون مقابلو ڪيو ته سنڌيءَ جي Dawn سڏجندڙ اخبار پنهنجي خبر ۾ لکيو ته مائيڪ ٽائسن پنهنجي مخالف کي پهرين رائونڊ ۾ ئي به پيرا ناڪ آئوٽ ڪيو. هاڻ اها خبر ٿاهيندڙ سنڌي سڀاجهڙي

ڪي ڪير ٻڌائي ته باڪسنگ ۾ هڪ ھيرو ٿي ناڪ آئوٽ ٿيڻ تي مقابلي جو فيصلو ٿي ويندو آهي ۽ مائيڪ ٽائسن جو مخالف به ھيرا رنگ ۾ ڪريو هو جنهن کي انگريزيءَ ۾ Knock Down سڏبو آهي.
بهرحال رڳو هيءَ يار ته چا پر رولاڪ کي هڪ ٻي سنڌي اخبار ۾ عالمي صفحو ڪيندڙ اهو سب ايڊيٽر به ياد آهي جنهن وٽ بار سلونا اولمپس جو افتتاح ٿيڻ واري ڏينهن به اهم ترين خبر هڪ انگريزي اخبار مان ترجمو ڪيل اوڀر جرمنيءَ جي اڳوڻي ڪميونسٽ اريڪ هونيڪر کي دل جو دورو پوڻ جي هئي. ڳالهه تان ڳالهه ياد آئي ته بارسلونا اولمپڪس وارن ڏينهن ۾ رولاڪ جو هڪ شهري سنڌي دوست ڪنهن سياسي ۽ نظرياتي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسپين ويو هو. رولاڪ سميت سمورن دوستن جو خيال هو ته اِهو دوست گهٽ ۾ گهٽ ڪو هڪ اولمپڪ مقابلو ڏسڻ ضرور ويندو پر حيرت تڏهن ٿي جڏهن هُن يار وطن واپسيءَ تي ٻڌايو ته جيتوڻيڪ هو اولمپڪ مقابلن دوران بارسلونا ۽ ٽيراگونا شهرن ۾ ويو هو پر اولمپڪ مقابلا نه ڏٺائين. حيرت جوڳي ڳالهه اوڏي مهل اجائين وڌي وئي جڏهن خبر پئي ته انهن مقابلي ۾ صحافين کي ٽڪيٽ وٺڻ جي به ضرورت نه هئي ۽ هو رڳو پنهنجو پريس ڪارڊ ڏيکاري راند جي ميدان ۾ وڃي پئي سگهيا ۽ حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد واري هن دوست جي کيسي ۾ به هڪ پريس ڪارڊ هو.

بهر حال هرويرو ائين به ناهي جو سنڌي راندين جا مڪمل طور تي مخالف آهن. مُلهه، ڪڪڙ، ڪتا ۽ رڇ ويڙهائڻ هتان جون وٽندڙ رانديون آهن. تازو رولاڪ کي ڪنهن ٻڌايو ته هالينڊ ۾ ٽانيڪو هڪ سنڌيءَ ڪڪڙن جي دس ۽ ڪتن ۽ رڇ جي ويڙهه تي ٻڌل هڪ وڊيو جو هالينڊ جي ٽي. ويءَ تي پنهنجي قومي راندين طور نماءُ ڪرايو ته اطلاعن موجب سڄي هالينڊ ۽ انجي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ماڻهن اچي واويلا ڪئي ته سنڌ واسي انتهائي غير انساني ورتاءُ رکندڙ فرد آهن جو جڏهن سڄي دنيا جانورن ۽ فطرت سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪندي انهن جي بچاءُ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي اهي سنڌي جانورن جي ويڙه ڪرائي مزو ماڻي رهيا آهن.

ڪڪڙن، ڪتن، رڇن، نانگن ۽ نورن جي ويڙهه تي رولاڪ به ساڳي راءِ رکي ٿو. ان سان اسين انهن رومن حاڪمن جو ذهني نسل ٿا لڳون جيڪي پنهنجي غلامن کي مرڻ تائين ويڙهائي ان مان لست وٺندا هئا. جيتوڻيڪ اولهه واسي به ايذاءُ پسندي (Sadism) کان بچيل ناهن، جنهن جو مظاهرو هو ڪڪ باسڪنگ، هبڪٽي کي مرڻينگ حالت تائين زخمي ڪندڙ ڪُشتي، مارشل آرٽ جي نالي تي هڪ ٻئي جا هڏ ڳڏ ڀڃڻ وارين راندين ۽ انهن متعلق ٺهندڙ فلمون ڏسي ڪندا آهن پر ايترو سو ضرور چئي سگهجي ٿو ته اولهه ۾ اهڙي وحشياڻي مزي (Fun) جي مخالفن جو ڳاڻيٽو هرويرو گهٽ به ناهي. دنيا جا سمورا محقق ۽ ليکڪ رولاڪ جي انهيءَ خيال سان سهمت ٿيندا ته اوير ۾ سيپتائن پنهنجي ترقي دوران فني، جمالياتي ۽ انساني قدرن واري ورثاءَ تي پٺي عمل ڪيو آهي جڏهن ته اولهه وارن اڳراين ذريعي قبضا ڪرڻ ۽ ماڻهو مارڻ کي پنهنجو مشن پٺي بڻايو آهي، اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجي ورثاءَ ۾ وڏيڪ ڪمرشل ۽ ڪنور تي ويا آهن. رولاڪ کي پنهنجي انهيءَ ڳالهه جي ثبوت طور ڪي گهڻا مثال ڏيڻ جي ضرورت نٿي محسوس ٿئي، بس ايترو سو ضرور چوندو ته ان سان اختلاف رکندڙ رومن سلطنت جي زوال تي ٺهندڙ ٻه فلمون" فال آف دي رومن ايمپائر" ۽ "بن هر" ۽ ڪڪ باڪسنگ تي ٺهندڙ انگريزي فلم"Lion Heart" (شينهن جيڏي دل) ڏسن. انهن فلمن مان پهريون ٻئي ته ڪلاسڪ جي حيثيت رکن ٿيون ۽ انهن ۾ رومن بادشاهن جو پنهنجي غلامن سان ورتاءُ وائکو ڪيل آهي جڏهن ته لائين هارٽ ۾ ڪڪ باڪسنگ جي هڪ مقابلي دوران جڏهن هڪ ويڙهو جو رت اڏامي ويجي هڪ ڏسندڙ عورت جي اڌ اگهاڙي ڇاتي تي ٿو لڳي ته هوءَ اهو رت چٽڻ شروع ٿي ڪري. رولاڪ کي ان موقعي تي پنهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏيڪ ڪرب ڏياريندڙ ڪيفيت مان گذرڻو پيو ته هيءَ يورپي جيڪي پنهنجو پاڻکي سڌريل ۽ مهذب ٿا سڏين ڪيئن نه ٿا انساني رت جو مزو وٺن ٿا. بهرحال جهڙي ريت ان فلم جي اها ڪردار مائي سڄي اولهه جي نمائندگي نٿي ڪري تهڙي ريت ڪڪڙن، ڪتن، رڇن، نانگن ۽ نورن جا زخمي بدن به

رولاڪ جي ديس جي مڪمل نمائندگي نٿا ڪن.

هتي رولاڪ کي ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ جا آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ۾ ٿيل اُهي مئچ ياد ٿا اچن جيڪي هن لاهور ۾ رهندي ٽي وي تي ڏٺا هئا. رستن تي ڪرفيو وانگر ماحول هوندو هو ۽ هر ڪو ايستائين جو روز ڪمائي روز کائيندڙ به گهرن ۾ بند ٿي ٽي وي يا ريڊيو تي مئچ ڏسندا يا ٻڌندا هئا. رولاڪ کي پنهنجو اهو لاهوري سياسي دوست ٿو ياد اچي جنهن انگلينڊ ۽ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ ٿيندڙ فائنل جو آخري حصو رڳو انڪري نه ڏٺو هو جو سندس خيال هو ته جوش يا ڏک وگهي سندس دل ڌڙڪڻ ڇڏي ڏيندي! ۽ پوءِ پاڪستان جي ورلڊ ڪپ کٽڻ تي ماڻهن هڪٻئي کي ائين واڌايون ڏنيون هيون جيئن سنڌين ١٩٨٨ع ۾ پهريون جنرل ضيا جي مرڻ تي ۽ پوءِ بينظير ڀٽو جي چونڊن کٽڻ تي هڪٻئي کي ڏنيون هيون.

رولاڪ جي ننڍ پڻ تائين لغڙ اڏائڻ، لاٽون ڦيرائڻ، بلورن سان کيڏڻ جهڙي ديسي راندين سان گڏو گڏ ڪرڪيٽ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هنڌ فٽ بال جون رانديون پڻ ٿينديون هيون. رولاڪ کي اهو چوندي ڪا هبڪ نٿي ٿئي ته هو به ٻين سنڌين وانگر راندين کان وڌيڪ سياست ۾ دلچسپي رکندڙ هو پر هڪ ڳالهه سان ضرور ڪبي ته موقعو ملڻ تي رانديون کيڏڻ/ ڏسڻ سندس هڪ Fantasy ضرور رهي آهي. رولاڪ کي اڃان تائين ياد آهي ته هن چوٿين اپريل ١٩٧٩ع تي ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ واري خبر به هڪ گهٽيءَ ۾ ڪرڪيٽ کيڏندي ٻڌي هئي.

بس رولاڪ جي ايتري خواهش آهي ته ٻار معاشي جبر هيٺ پورهيو ڪرڻ بدران رانديون کيڏندا رهن ۽ نوجوان ڪنهن به ڪجي گراؤنڊ ۾ پنهنجيون حياتيون نه وڃائين پر پنهنجي راند سان ميڊل حاصل ڪن.

هلال پاڪستان
١٩ سيپٽمبر ١٩٩٥ع

عزرائيل کي شڪست اچڻ جي تمنا

اخباري اطلاعن موجب سول اسپتال ڪراچيءَ جي انتهائي سار سنڀال واري يونٽ (ICU) جي بستري نمبر چار تي ستن سالن جي شائستا داخل آهي. هونئن ته هر ڏينهن سڄي دنيا ۾ لکين ماڻهو اسپتال جي بسترن تي داخل هوندا آهن پر شائستا پڻ سببن جي ڪري عجيب وغريب مشين جي گهيري ۾ بستر داخل آهي. هڪ ته ڪيس Porphyria نالي هڪ موتمار بيماري لڳل آهي. جنهن جو ڪو حتمي علاج ناهي. ٻيو سبب جيڪو رولاڪ جي نظر ۾ وڌيڪ اهم آهي، سو سندس مائٽن جو غريب هجڻ آهي، ڇاڪاڻ جو هو شائستا جي موت کي وقتي طور تي ٽارڻ سهي پوئتي ڌڪيندڙ آمريڪي شهر شڪاگو مان ٻارهن هزار رپين ۾ هڪ ملندڙ ڏهه انجڪشنون خريد ڪري نٿا سگهن. شائستا جو اليڪٽريشن پيءُ ۽ سندس ماءُ پنهنجي ڌيءُ جو علاج ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ذاتي گهر وڪڻي هاڻ مٿن مائٽن وٽ رهڻ پيا. لاعلاج مرض ۾ مبتلا شائستا جي ماءُ ۽ سندس ڊاڪٽرن اڃان حوصلو نه هاريو آهي جو سندس ماءُ پوري ويساهه سان چوي ٿي ته ڪيس پڪ آهي ته هوءَ جلدي ٺيڪ ٿي ويندي ۽ ٻيهر پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن جي آڳر جهلي ڪين اسڪول وڃي ويندي. شائستا جو علاج ڪندڙ هڪ ڊاڪٽر جي بقول عزرائيل ۽ سندن وچ ۾ ڊوڙ هلندڙ آهي ڏسجي ته ڪير ٿو کٽي! خدائي قانون سان ته ڪو هٿ چراند نٿو ڪري سگهجي پر رولاڪ هن معاملي ۾ اهو ٿي چوندو ته هر حالت ۾ عزرائيل کي شڪست ۽ شائستا جي ڊاڪٽرن جي سوڀ ٿيڻ گهرجي!

جيئري جاڳندي انسانن جو بيماري ۽ ڊاڪٽرن سان تعلق ائين آهي جيئن ڪنهن ساهواري جو آڪسيجن ۽ پاڻي سان پر انتهائي اياڳ جي ڳالهه ته هيءَ آهي جو مسيحا سڏجندڙ ڊاڪٽرن جي اڪثريت

پنهنجي پيشي سان سچي نظر نٿي اچي. رولاڪ جي ان جملي تي ڪو ناراض ٿئي ته ڀل ٿئي پر حقيقت اها ئي آهي ته ڊاڪٽرن جي اڪثريت اگهو ماٺهو چڱو ڀلو ڪرڻ لاءِ نه پر پئسا ڪمائڻ لاءِ گهر هلي آيل لڪشمي جي انتظار ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پوءِ هڪ پرائيوٽ اسپتال جا ڊاڪٽر شائستاجي ماءُ پيءُ کان ستر اسي هزار نه ڦرين ها ۽ اهي به ان قيمت تي جو هو سندس بيماريءَ جي به سڃاڻپ نه ڪري سگهيا!

بهر حال هڪ ڳالهه سا طئي آهي ته رولاڪ جي ديس ۾ به ڪي اهڙا متي ڦريا ڊاڪٽر ضرور آهن جنڪي مسيحا چوندي محسوس ٿيندو آهي ته لفظ مسيحا به سندن ميچتا جو مڪمل حق ادا نٿو ڪري.

ڪرپ- وتي عورتن جي سهنجي ويم ڪرائڻ بدران ڪجهه وڌيڪ پئسا ڪمائڻ جي لالچ ۾ اچي آپريشن ذريعي ٻار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ٻار ۽ ماءُ جي حياتي جوکم ۾ وجهندڙ ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين جي پيٽ ۾ موت جي پاڪرن ۾ پيل انسانن کي ٻيهر حياتيءَ جا اندلٽي رنگ موٽائي ڏيندڙ سرجن اديب رضويءَ کي فرشتو سڏڻ خود فرشتي کي مان ڏيڻ ناهي ته پيو ڇاهي! رولاڪ جي ان ڳالهه سان شايد ئي ڪو اختلاف ڪندو ته ڊاڪٽر اديب رضوي جيڪڏهن هڪ سال رڳو خانگي پريڪٽس ڪري گڙدن جو علاج ڪري ته هوند پاڪستان جو شاهوڪار ترين فرد بڻجي وڃي پر هو سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ يورالوجي وارڊ هلائيندو آهي ۽ رولاڪ سميت ڪيترن ئي ماڻهن جي ڄاڻ ۾ آهي ته هو اڪثر سڪين ستابن ماڻهن جو علاج ۽ آپريشن به اتيئي ڪندو آهي ۽ شاهوڪار مريضن کان فيءَ جي نالي تي نوٽن جون ستيون وٺڻ بدران پنهنجي وارڊ لاءِ ڪا گهربل شي حاصل ڪندو آهي.

رولاڪ جو مشاهدو ته اهو ئي ٿو ٻڌائي ته شايد اهو ئي وارڊ آهي جنهن ۾ محمود بادشاهه ۽ اياز غلام هڪ جيترو ڏيان ۽ علاج

حاصل ڪن ٿا. سنڌي ڪهاڻيڪار طارق عالم ابڙي ڪانونءِ دادا ڀائي جي ڀائيٽي تائين ۽ ڪوهستان جي ڏورانهين ڏيهه کان آيل اهوجهه شخص کان وٺي اڳوٽي سياسي قيدي احمد ڪمال وارثيءَ تائين انيڪ ماڻهن ان وارڊ ۾ خاص طور تي انجي فرشتي سرجن ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي علاج وسيلي زندگيءَ جو ٻيهر مزو ماڻيو آهي.

هونئن تہ رولاڪ جي ديس ۾ وزير اعظم محترما بينظير ڀٽو جي اباڻي شهر نئون ديرو ۾ وزير اعظم هائوس کان تقريبا سوا ٻہ سؤ قدمن جي فاصلي تي ”بينظير سوشل ويلفيئر ميڊيڪل سينٽر“ بہ آهي، جنهن جي بد حاليءَ جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ رولاڪ جهڙو Rough ۽ Tough شخص بہ انجي آپريشن ٿيٽر ۾ شيو ڪرائڻ کي Un hygenic سمجهندو. ڏک جي ڳالهہ تہ اها آهي تہ ان ميڊيڪل سينٽر جو افتتاح اڄان گذريل سال ئي وزير اعظم پنهنجي هٿن سان ڪيو هو. هاڻي اسانجي وزير اعظم کي ڪير ٻڌائي تہ گوگول جهڙا ڀائر، نصرتہ جهڙيون مائرون ۽ بختاور ۽ بلاول جهڙا ٻار هن ملڪ جي ڪنهن ٻئي ڪام تہ ڇا پر خود سندس پنهنجي شهر ۾ سندس ئي نالي تي ٺهيل انهيءَ ميڊيڪل سينٽر مان علاج بدران اڃائين وڌيڪ بيماريون حاصل ڪن ٿا. بيجنگ ڪانفرنس ۾ سڀ کان وڌيڪ ميتا ماڻيندڙ مقرر بينظير کي ڪير ٻڌائي تہ خود سندس ئي شهر ۾ گذريل پنجويهن سالن کان غريب عورتن جو مفت علاج ڪندڙ ڊاڪٽر بلقيس رڪو ان ڪري لاڙڪاڻي ضلعي جي سمورن تعلقن ۾ وڃڻ کان قاصر آهي جو ڪيس ڪوبہ وفاقي يا صوبائي ادارو گاڏي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي! پنهنجي مڙس هٿان تشدد جو نشانو بڻجندڙ زينت نور سان ڳراٽي پائي روئڻهارڪي ٿيندڙ بينظير کي ڪير ٻڌائي تہ سندس نالي تي قائم ميڊيڪل سينٽر جي نالي تي سندس ڪيترائي ”همدرد“ پنهنجا پيٽ ڀري رهيا آهن ۽ رولاڪ نہ چاهيندي بہ الائي ڇو حبيب جالب جي ان ڳالهہ سان سهمت ٿيندو پيو وڃي تہ اڄان تائين ملڪ جون بختاورون

اهنجن ۾ آهن ۽ ڏينهن رڳو زردارن جا بدليا آهن!

بهر حال هڪ ڳالهه سا طئي آهي ته اسان سمورن جا عمل ئي اسانجي نيتن ۽ مقصدن جا اظهار هوندا آهن. رولاڪ اهو سوچڻ لاءِ حق بجانب آهي ته جيڪا حڪومت هڪ اهڙي ڊاڪٽر کي صحت کاتي جو سيڪريٽري تي مقرر ڪري جيڪو پنهنجي وارڊ ۾ نه وڃڻ لاءِ مشهور هو سا پنهنجي نعري "صحت ۽ علاج هر ڪنهن لاءِ" ڪيئن سان سچي ٿي سگهي. اها ڳالهه رولاڪ پنهنجي ذاتي تجربي جي بنياد تي ٿو ڪري ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو اسپتال ۾ انهي پروفيسر جي وارڊ ۾ پنڌهه ڏينهن رهڻ دوران هن هڪ ڏينهن به پروفيسر کي پنهنجي وارڊ ۾ رائونڊ ڪندي نه ڏٺو هو. غير حاضريءَ واري اها صورتحال اوڏي مهل ته برداشت جوڳي ٿي سگهي ٿي جڏهن وارڊ جا رجسٽرار ۽ ٻيا ڊاڪٽر اهل هجن! پر ان وارڊ ۾ داخل هوندي رولاڪ ڏٺو ته ويهن ٻاويهن سالن جي هڪ نوجوان جي ڇاتي جو ايڪسري ڪنهن پوڙهي جي ايڪسري سان بدلجي ويو ۽ ڊاڪٽرن ان نوجوان کي ٽي بي جي آخري مرحلي جو مريض سڏيندي اوسيتائين سندس جيئري هئڻ کي معجزو سڏيو. جيتوڻيڪ خانگي طور تي ڪرايل چڪاس موجب اهو نوجوان ٽي بي جو مريض نه هو پر سندس پوڙهيل پيڙا ۽ ڪيتروئي عرصو ٽي بي جي هلندڙ علاج جي نتيجي ۾ سندس صحت تي پوندڙ منفي اثرن جو ازالو.......!!

پر رولاڪ جي ديس ۾ اکين جو ماهر ڊاڪٽر صالح ميمڻ به آهي جيڪو پنهنجي سرڪاري اسپتال ۾ ته روز ويندو آهي پر پنهنجي خانگي ڪلينڪ تي به اڪثر مريض مفت ۾ پيو چڪاسيندو آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر صالح ميمڻ جا ڪيترائي هم پيشي ڊاڪٽر سرڪاري اسپتال ۾ هڪ ته ويندائي ناهن ۽ جيڪڏهن ويا به ته اُتي آيل مريضن کي پنهنجي خانگي ڪلينڪ ۾ اچي علاج ڪرائڻ جو مشورو ڏيندا رهندا آهن پر هيءَ يا هن جهڙا ڪيترائي "ڇريا" ڊاڪٽر بيمار انسانن کي چڱو ڀلو ڪرڻ ئي پنهنجو اولين فرض سمجهندا آهن.

رولاڪ کي اُهو ڏينهن ڪڏهن به نٿو وسري سگهي جڏهن ڪراچي ۽ انجي پسگردائي ۾ پکڙيل Black Fever جي وبا دوران هو

ايڏي ٽرسٽ جي ڪجهہ رضاڪار ساٿين سان گڏجي گڏاپ ڪان ڪو ويهہ پنجويهہ ڪلوميٽر پري جبل ڏانهن ٽڪا هڻڻ ويو هو. اتي هڪ ڪٽ تي آندل جوان عورت جي ٽنگ تي گوڏيءَ ۽ مُريءَ وچ ۾ ٽويوناسڪ گلاس جيترو هڪ زخم هو. جنهن ۾ ڪينئان پئجي چڪا هئا پر پرپاسي ۾ ڪو ڊاڪٽر وغيره نہ هئڻ سبب سندس علاج ٿي نہ سگهيو هو. ڇا رولاڪ جي ديس واسين جو اِهوئي ڀاڱ آهي!

ان ايـاڱ لاءِ رولاڪ ڪنهـن پنجابي يـا مـهـاجر جي "سنڌ دشمني" کي ذميوار نٿو سمجهي پر سنڌ جي ڀهراڙين جي ڪوٽا تي ميڊيڪل ڪاليجن ۾ اچي "سنڌ ڌرتي جا سپوت" سڏائيندڙ ٺي رولاڪ جي نظر ۾ اُن لاءِ جوابدار آهن، جيڪي تقريرون ڪنـدي تہ سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ قربانيون ڏيڻ ۽ جان گهورڻ جون دعوائون ڪندا آهن پر عملي طور تي ڊاڪٽر بڻجڻ ڪانپوءِ بقول سندن ڳوٺن ۾ "سوشل لائيف نہ هجڻ ڪري" ڀهراڙين جو رخ ئي نہ ڪندا آهن.

رولاڪ جو پنهنجو مشاهدو ۽ تجربو ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جي ڀهراڙي ۾ طبي ڪئمپون هڻندڙ ڊاڪٽرن جي اڪثريت غير سنڌين جي آهي. سنڌي ڳالهـائيندڙ مـاهـر ڊاڪٽرن جي گهـٽائي ڪي پنهـنجي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪلينڪن کان ٻاهر نڪري ڪنهن مسڪين کي تپاسڻ جي همت الائي ڇو نٿي ٿئي.

بس رولاڪ جي ايتري ئي خواهش آهي تہ سندس ديس جا سمورا ڊاڪٽر غريب ۽ بيوس ماڻهن کي موت جي منهن ۾ وڃڻ کان بچائين ۽ ڪوبہ اڻ ڏٺل هٿ ڊاڪٽر سليم دانش ۽ ڊڪٽر جوکيو کي قتل ڪرڻ لاءِ نہ ڪڇي، جو انهي سان نہ رڳو ڊاڪٽر قتل ٿين ٿا پر رولاڪ جي واقف پلاسٽڪ سرجن ڊاڪٽر بابر ۽ رولاڪ جي هڪ "چرئي" ڊاڪٽر دوست جي ڊاڪٽرياڻي زال جهڙا انيڪ باصلاحيت ڊاڪٽر اُن اڀاڳي ملڪ کي هميشہ لاءِ ڇڏي ٿا وڃن جتي حياتيون بخشيندڙ هٿن جي اڳيئي کوٽ آهي!

هلال پاڪستان
٢٣ سيپٽمبر ١٩٩٥

گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ ڪراچيءَ جا نوحا

گذريل ڏهن ڏينهن اندر رولاڪ وڳوڙن ، هڙتالن، گولين ۽ پوليس، رينجرس ۽ قانون لاڳو ڪندڙن جي محاصري ۾ ورتل شهر ڪراچيءَ ۾ ادب ۽ فن جي ٽن محفلن جي حاضري ڀري. انهن مان هڪ محفل ته سڌو سنئون اڇوڪي دور جي ميڊرڊ ۽ بيروت (ڪراچي) سان لاڳاپيل هئي. اها محفل گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ "ليڪ فورم" طرفان شهر جي شاعرن جي ڪراچي ۾ رهڻ واري تجربي ۽ انجي پيڙائن ۽ رنگينين بابت شاعري جي هئي. ان شاعرائي محفل ۾ سنڌي، اردو، انگريزي، بلوچي ۽ پنجابي ٻولين جي هڪ هڪ شاعر کي شاعري ٻڌائڻ لاءِ گهرايو ويو هو. رولاڪ ان کان اڳ هڪ مشاعري ۾ وڌ ۾ وڌ ٽن ٻولين جي شاعرن کي ٻڌي چڪو آهي سو پنجن ٻولين جي شاعرن کي هڪ هنڌ ٻڌڻ وارو تجربوئي گوئٽي انسٽيٽيوٽ تائين وڃڻ تي هرکائڻ لاءِ ڪافي هو. مٿان وري عذرا عباس، آزاد بلوچ، جان خاصخيلي ۽ بابا نجمي جي شاعري ۽ انتي آصف فرخيءَ جو تبصرو هجي ته ڪير نه ويندو. جيتوڻيڪ بابا نجمي ان پروگرام ۾ شريڪ نه ٿي سگهيو پر سندس شاعري به آيلن کي ڏني وئي.

شهر ۽ انجي وڳوڙن ۽ انهن بابت شاعرن جو رد عمل بلڪل چٽي طرح ڏسڻ ۾ ٿي آيو. عذرا عباس، جان خاصخيلي ۽ حسين (انگريزيءَ جو شاعر) وٽ حالتن جو فنڪاراڻو اظهار ته هو ۽ سندن شاعري جماليات سان به ڀرپور هئي پر الائي ڇو رولاڪ کي سندن شاعريءَ ۾ ڪراچيءَ سان اهو عشق نظر نه آيو جيڪو آزاد بلوچ وٽ سمورا بند ٽوڙي پلٽيل هو. آزاد بلوچ جي بلوچي نظم ۾ ڪراچيءَ کي ايئن چٽيو ويو هو ڄڻ ڪنهن پريتما کان وڇڙيل يا ماءُ جي مرتئي ڪانپوءِ يتيم ٿيندڙ کو تين ايجر ماضيءَ جي سرهائين کان محرومين

ڪي چٽيندو هجي. رولاڪ ُجو ڪيتري عرصي کان وڏي واڪ اهو چوڻ آهي تہ عام ماڻهو تہ ڇا پر سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ گهٽي پاڳي پڙهيل لکيل دانشور بہ ذهني طور تي نسلي گروهن ۾ ورهائجي چڪا آهن ۽ هن شهر ۽ ديس جو اصل اپاڳ اهو آهي تہ پڙهيل لکيل ماڻهن جي انهيءَ غير عقلي ورهاڱي ڪانپوءِ لنڊن جو پير ٿو چوي تہ اسين هٿيار ڦٽا نہ ڪندا سين تہ لکيارِيءَ جولال سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ مسئلن ۾ ڦاٿل پر گولين ۽ بمن کان محفوظ زندگي گهاريندڙن کي ڪراچي پهچي سنڌ جو بچاءُ ڪرڻ ۽ انجي معاوضي طور نوڪرين ۽ گهرن تي هرڪائي ٿو. رولاڪ صوبي جي اعلىٰ ترين اهلڪار جي ان ڳالهہ کي ڪراچيءَ تي لشڪر ڪشي تہ سمجهي ٿو پر ان ڳالهہ تي حيرت اٿس تہ ”هو چونئي تون مَ چو واٽئون ورائي“ واري صوفيائي فلسفي ۽ ٻڌ مت جي عملي اظهار واري سنڌ مان ڪوبہ اهڙو آواز نہ ابريو جيڪو ڪيس چوي تہ شهر رڳو ماڻهن جي تعداد سان نہ پر ان جي روح ۾ پيهجي ويل ۽ ان کي پنهنجو ڪرڻ سان سجاتا ويندا آهن نہ ڪي هفتي جي آخري ڏينهن پرديس (ڪراچي) کان واپس پنهنجي ڳوٺ وڃڻ وارن پرديسين سان .

رولاڪ جو خيال آهي تہ اهل دانش نسلي بنيادن تي دنيا جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ شايد ئي ايترو تقسيم ٿيا هجن جيترو هر دور ۾ گهاٽوئن جي گهر نہ موٽڻ تي ماتامي ڪراچي ۾. گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ ڪراچي لاءِ نوحا پڙهڻ ۽ انجي آئيندي لاءِ اميد جي جوت نيڻن ۾ جلائڻ واري ان محفل ۾ بہ هڪ دانشور آزاد بلوچ کي اڻ- ڪراچي- چائو سڏيو . هاڻ ان بيخبر دانشور کي ڪير ٻڌائي تہ جديد ڪراچيءَ جي بنيادن ۾ آزاد بلوچ جي ابن ڏاڏن جو بہ رت آهي. ٻئي پاسي سدائين مذهب جي غيرانساني ۽ Aggressive پهلوئن ۽ رجعت پرست نظرين جو پرچار ڪندڙ ممتاز مهر، روشن خيال ۽ ترقي پسند ليکڪن جي نئين نسل جي ترجمان جان خاصخيليءَ کي پنهنجي حلقي

جو ٿي سڏيو. جيڪڏهن اهو حلقو رڳو ساڳي ٻولي ڳالهائڻ جو ٿي آهي ته پوءِ رولاڪ جي راءِ ۾ زنجير ۾ ڦاهو ٻڌجي ويل اهڙن حلقن تان دستبرداريءَ جو وڏي واڪ اعلان ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو رولاڪ جو خيال آهي ته ٻي ٻولي ڳالهائيندڙن جا لکين لاش اماڻڻ جي ڳالهه ڪرڻ واري بدران رولاڪ جو حلقي- بند ساٿي اهو ڏارين ٻولي ڳالهائيندڙ آهي جيڪو هن ڌرتيءَ جا ڏک پنهنجي ڪينواس/ ڪاغذ تي چٽي ٿو. رولاڪ سمجهي ٿو ته هاڻ اهو وقت پنهنجي بلڪل آخري حد تي پهچي چڪو آهي جڏهن هر عقل ۽ شعور ڀريل فرد وڏي واڪ اهو چوي ته انسانن جي انهيءَ ورهاست ۾ هو ڌر ناهن ۽ اهڙي ورهاڱي ڪندڙن سان ٽڪرائجي به سگهن ٿا.

رولاڪ جي خيال ۾ هن ديس جا ليکڪ ۽ ڏاها ان ڳالهه کان واقف ٿي هوندا ته نازي جرمنيءَ ۾ جڏهن هٽلر جا فاشي ڪتا انسانن جو ماس پٽي رهيا هئا ته اتان جي ليکڪن ۽ دانشورن ان جي ڪا مزاحمت نه ڪئي ۽ انجو ملهه کين نه رڳو ٻي مهاڀاري لڙائي دوران پر ان کان پوءِ به ڪيتري عرصي تائين تخليقي طور تي سنڌ ٿي وڃڻ طور چڪائڻو پيو . جڏهن ته جنرل فرانڪو سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ انٽر نيشنل برگيڊ جي سرواڻي ۾ اسپين ۽ خاص طور تي ميڊرڊ ۾ ويڙهه لاءِ گڏ ٿيل ليکڪن جو سرجيل ادب عالمي سطح تي سگهارو ليکيو ٿو وڃي. ڇا رولاڪ سميت انيڪ رولاڪن جي شهر ڪراچيءَ لاءِ ڪا انٽرنيشنل برگيڊ نٿي جڙي سگهي!

ان عرصي دوران ايمنسٽي انٽرنيشنل ستار نواز اخلاق حسين سان هڪ محفل رچائي. سنگيت هوئڻ ٿي من تي ڇميل سينور ۽ ڏز هٽائي ڇڏيندي آهي ۽ هيءَ ته رت ۾ وهنجندڙ شهر جي هڪ سئو کن رهواسين جي محفل هئي. سو بس سائين اخلاق حسين جون ستار تي مضطرب آڱريون هيون ۽ ٻڌندڙن جي واهه واهه! رولاڪ سنگيت جو ڪو ڄاڻو ته ناهي پر هو به پنهنجو پاڻ کي سنگيت جي سحر کان بچائي نه

سگهندو آهي. ستار جا سر نندي ڪنڊ خاص طور تي ڏکڻ ۽ اوڀر هندستان ۾ خوشي ۽ ڏک ڀنهي گهڙين ۾ گونجندا رهيا آهن. جديد دور ۾ نندي ڪنڊ جي ستار کي سڄي دنيا ۾ مڃتا ڏيارينڌڙ پنڊت روي شنڪر ڪانسواءِ ٻيو ڪو به ناهي. رولاڪ کي اها آڊيوڪيسٽ ٿي ياد اچي جنهن ۾ روي شنڪر جي ستار هٿي ۽ طبلي تي پنڊت جيتري ئي مها ڪلاڪار ذاڪر حسين جي سنگت. بس سائين ! ڪٿن وسيلي اهڙو جادو ٿي تن من ۾ لٿو جو ماٿهو پنهنجي هوش ۾ ئي نٿي رهيو. اهڙي ئي ڪيفيت مان رولاڪ ڪيترائي سال اڳ ڪراچي جي انڊين قونصل خاني ۾ استاد بسم الله خان جي شهنائي ٻڌڻ مهل به لنگهيو هو. رولاڪ جي ڪجهه خواهشن مان هڪ اها به آهي ته روي شنڪر کي منهن - مقابل ٻڌجي. اهڙي ڪاريڪا الائي اسان ايااڳن جي هٿ- ترين ۾ آهي به ڪي نه!!

رولاڪ کي سياسي موضوع تي ٺهيل پارتي فلم نڪسلائٽ به ٿي ياد اچي جنهن ۾ هڪ بنگالي پوليس آفيسر پنهنجي ويڙهاڪ ڪميونسٽ پٽ جي پوليس هٿان گوليءَ جو ڪاج ٻڌڻ تي پيڙا مان پرجندي اهڙي انداز ۾ستار وڄائيندو آهي جو نه رڳو سندس پر فلم ڏسندڙ ڪٺور دلين وارن جا به ڳوڙها وهڻ تي لڳا.

ها. سو ڳالهه پئي ڪئي سين ايمنسٽي انٽر نيشنل طرفان ڪرايل ستار واري محفل جي. اخلاق حسين تنهن رات ٻين راڳن سان گڏوگڏ امير خسرو جي ٺمري "ڇاپ تلڪ سب ڇين لي ري موسي نينان ملائي ڪي" ستار تي وڄائي ڄڻ ته امير خسرو جي شاعريءَ کي نذرانو دان تي پيش ڪيو.

امير خسرو جي حوالي سان رولاڪ جي ان راءِ سان ڀل ڪو اختلاف ڪري پر هو ايترو ضرور چوندو ته جيڪڏهن اڄ امير خسرو جيئرو هجي ها ته نگهت چوڌري ۽ ماڌوري ڊڪشت جو سندس ڪلام "ميرا پيا گهر آيا" تي رقص ڏسي پڪ سان خواجا نظام الدين اولياءَ

جو وڇوڙي جي پيڙا وساري ڇڏي ها!!

ڇا رولاڪ ايمنسٽي انٽر نيشنل مان اها توقع رکي تہ جيئن اها تشدد جو پرچار نہ ڪندڙ ضمير جي قيدين کي آزاد ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي آهي تيئن وڳوڙن ۾ گرفتار اسانجي شهر کي بہ آزاد ڪرائڻ جي مهم هلائيندي!

گذريل ڪيتري عرصي کان نہ رڳو مقامي تنظيمن پر پرڏيهي ثقافتي مرڪزن ۽ سفارتخانن جي سماجي ، ثقافتي ۽ ادبي ويهڪن جو سلسلو بہ شهر جي وڳوڙي حالتن سبب ختم ٿي ويو هو پر هاڻ ڪراچي- واسي بہ آهستي آهستي ميڊرڊ، بيروت ۽ بوسنيا جي شهرين وانگر گولين جي ٺاڍن ۽ بمن جي دزن ۾ بہ ڪاج ڪرڻ سکي ويا آهن.

بس رولاڪ جي ايتري فرمائش آهي تہ اهڙا ڪاج ڪرڻ جو سلسلو بند نہ ٿئي تہ جيئن اهڙيون حالتون موٽي اچن جو ٽين ايجرس زور زور سان جهونگاري سگهن.

"اي روشنيون ڪي شهر تيري ليلائون ڪي خير هو
ان سب سي ڪهدو آج ڪي شب
جب دئي جلائين تو اونچي رکين لؤ"

۽ حالتن کان تنگ اچي پرڏيهہ هلي ويل ٻارن لاءِ ونيلا ڪرمبل ڪيڪ ٺاهيندڙ آنٽي ٻيهر موٽي اچي.

هلال پاڪستان
١٨ جنوري ١٩٩٦

فلسطين، ريگل چوڪ ۽ يهودڻ سان عشق

فلسطين ۾ چوندون ٿيون ۽ ياسر عرفات سميت سندس فتح گروپ جا اُميدوار وڏي اڪثريت سان انهن چونڊن ۾ ڪامياب ٿي ويا. جمهوريت جي صدي سڏجندڙ ويهين صدي جي آخري ڏهاڪي جي آخري اڌ ۾ چونڊون ٿيڻ ۽ انهن ۾ ڪنهن جو ڪامياب ٿيڻ جمهوري ملڪن جي رهواسين لاءِ ته ٿي سگهي ٿو ڪا انهوني ڳالهه نه هجي پر جمهوري حقن کان محروم رهندڙن ۽ ڪنهن ڏکي رات جيان پکڙيل آپيشاهيءَ جي شڪارن لاءِ اها اڃرج ۾ وجهندڙ ڳالهه ضرور آهي.

فلســطين جي خود مختياريءَ لاءِ ٿيل پهرين چونڊن ڪانپوءِ ڪو وڏو ڀونچال ته نه آيو آهي پر ڪيترائي سال فوجي راڄ ۾ گهاريندڙ ارجنٽائن جي واسين کي جڏهن ووٽ جي طاقت وسيلي فوجي آمر جي حمائتين کي شڪست ڏيڻ جو موقعو مليو هو ته اُتان جي جمهوريت پسند شهرين سوڀ جي جشن دوران ١۴٢ فوجين کي قتل ڪري وڌو هو. رولاڪ جي هڪ دوست کي ڏکڻ آفريڪا ۾ نسلي مت ڀيد ڪانپوءِ ٿيل پهرين چونڊن جو مشاهدو ڪرڻ جو موقعو مليو هو. سو اُتان واپسيءَ تي جذباتي ٿي ٻڌائڻ لڳو ته صبح ائين وڳي شروع ٿيندڙ پولنگ لاءِ ماڻهو اسر جو چئين وڳي کان قطارن ۾ بيهي رهيا ۽ ان دوست جي بقول سنڌ جي شيدين جهڙا نيلسن مانڊيلاءِ بنجمن مولائيس جا ديس واسي اُن ڏينهن ٿي ڪم ڪندا رهيا، ووٽ ڏيندا رهيا ، نچندا رهيا ۽ روئندا رهيا. رولاڪ جي ان دوست موجب هن نوانوي سيڪڙوماڻهن کي ووٽ ڏيڻ جي خوشيءَ ۾ اوڇنگارون ڏئي روئندي ڏٺو. خود رولاڪ جي ديس ۾ به جنرل ضيا جي يارهن سالن واري مارشل لائي دور ۾ جوان ٿيل نسل ١٩٨٨ع ۾ جڏهن اٺنيٽي کي ٽيٽي ٿيندو ڏسندي ووٽ وڌا ته سندس احساس به ڏکڻ آفريڪي ڪارن کان مختلف نه هئا.

ها. سو ڳالهه پئي ڪئي سين فلسطين جي چوندن جي. ظاهري طور تي ڪجهه سال اڳ ميڊرڊ ۾ شروع ٿيل امن ڳالهيون اُن مرحلي تي وڃي پهتيون جو عرفات ٽيهارو ڪن سالن ڪانپوءِ والاريل علائقن ۾ داخل ٿيو ۽ اسرائيلي وزير اعظم آئزڪ رابن کي توب جي ناليءَ ۾ پڪين جي آڪيرن جا سپنا ڏسڻ ۽ امن واسطي پنهنجي بدترين دشمن عرفات سان هٿ ملائڻ جي مُلهه طور هڪ هم مذهب يهوديءَ هٿان لونڊڙيءَ تي گولي کائڻي پئي. رولاڪ کي اِها ڳالهه حيرت ۾ وجهي آهي ته امن، جنهن جا سپنا ڪنهن وقت محمود درويش ڏسندو هو، هاڻ سندس اڳوڻا دشمن اسرائيلي ڏسي رهيا آهن ۽ محمود درويش ۽ سندس هم خيال فلسطيني اسرائيل سان جنگ جاري رکڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن.

اسرائيل ۽ فلسطينين جي ويڙهاند رولاڪ جي ديس واسين آڏو جڻ ته سندن پنهنجي ويڙهه بڻيل هئي. ڪميونسٽ جارج حباش ۽ ليليٰ خالد جا ديوانا هئا ته عام ماڻهو ۽ ساڄي ڌر وارا ياسر عرفات کي پنهنجو سورمو سمجهندا هئا. ١٩٧٠ع ۾ ليليٰ خالد جي اسرائيل جهاز اغوا ڪرڻ واري دليرانه ڪارروائي ڪانپوءِ ڪيترن ئي مائٽن پنهنجي ڌيئرن جا نالا به ليليٰ خالد رکيا. هونئن به سٺ ۽ ستر وارا ڏهاڪا انقلاب ۽ جدوجهد جا ڏهاڪا هئا. هرڪو چي گويرا جهڙي ٽوپي پايو، هوچي مِنهه جو بيج ڇاتي تي لڳايو، فيڊل ڪاستروجي ڪورٽ واري تقرير يا بوليويائي ڊائري هٿ ۾ کنيو پنهنجو پاڻ کي عالمي انقلاب جو حصو سڏيندو هو.

- لاهور جو سميع آهوجا، لاطيني آمريڪا جو پيٽرڪ، جرمنيءَ جي بائيدر منهاف گروپ ۽ جاپان جي ريڊ آرميءَ جا جوڌا اُنهن فلسطينين جي جنگ وڙهندا رهيا جنهن جو بقول شخصي ڪين نالو اُچارڻ به نه پئي آيو. لاطيني امريڪا جو پيٽرڪ ته جهاز اغوا ڪرڻ واري ڪارروائي ۾ ليليٰ خالد سان گڏ هو ۽ جهاز اندر اسرائيلي ڪمانڊوز

سان ويڙهه ۾ مارجي ويو هو. رولاڪ کي ياد آهي ته لاهور ۾ ٿيل اسلامي سربراهي ڪانفرنس دوران سڀ کان وڏيڪ عوامي ميڙ ۾ آڌر ڀاءُ ياسر عرفات ۽ ڪرنل قذافيءَ کي ئي مليو هو.

تن ڏينهن ۾ فلسطينين ۽ فلسطين جي احترام جو اِهو حال هو جو اسي واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن دوران هڪ شاگرد تنظيم ڄامشورو ڪئمپس ۾ پنهنجي ساليانو ڪنونشن مهل مخالف تنظيم جي حملي کان بچڻ لاءِ فلسطين جي ڪراچي واري قونصل جنرل کي نينڊ ڏني هئي. فلسطين جي آڙ ۾ سياسي ڪارڪنن جي هڪ ٻي حرڪت به رولاڪ کي ياد ٿي اچي. ١٩٨٢ع ۾ جڏهن پاڪستان تي جنرل ضيا جي مارشل لا جي ٿڪي جو سٽڪو هو تن ڏينهن ۾ اسرائيلي فوجن لبنان ۾صابره ۽ شتيلا جي فلسطيني پناهگير ڪئمپن تي چڙهائي ڪئي ته ڪراچي سميت سڄي ملڪ ۾ ضيا مخالفن احتجاجي ڏينهن ملهايو. رولاڪ به ڪراچيءَ ۾ ٿيل اهڙي هڪ مظاهري ۾ شريڪ ٿيو هو. جنهن تي پوليس لٺين ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس سان حملو ڪري ڏنو ۽ پوءِ ته سائين پوليس ۽ ڪامريڊن جون چڪريون هجن. ١٩٧٠ع ۾ جڏهن اردن جي شاهه حسين عمان ۾ فلسطينين جو قتلام ڪيو هو ته جنرل ضيا به اُن قتلام ۾ پاڪستاني فوج جي برگيڊيئر طور شريڪ هو. فلسطين جي ڪاز سان يڪجهتي جو اظهار ۽ ان وسيلي پنهنجو نقطي نظر پيش ڪرڻ جي هڪ ڪوشش مارشل لا دور ۾ ڄام ساقي سازش ڪيس جي ڪجهه جوابدارن به اوڏي مهل ڪئي جڏهن هنن فلسطين لاءِ اسرائيلين سان جنگ ڪرڻ واسطي لبنان وڃڻ جي آڇ ڪئي هئي.

رولاڪ جي ديس ۾ فلسطين لاءِ جدوجهد تي ڪيتريون ئي فلمون پڻ ٺهي چڪيون آهن. انهن مان رياض شاهد جي فلم "زرقا" نه رڳو سڀ کان بهترين هئي پر اها دنيا جي انهن ٻن فلمن مان به هڪ آهي، جيڪي ناميارا سماجي ڪارڪن عبدالستار ايڌيءَ ڏٺيون آهن.

ايڊي جي بقول هُن زرقا ڪانسواءِ رڳو نرگس جي فلم "مدر انڊيا" ڏٺي آهي. رياض شاهد جي ڪهاڻي ۽ هدايتڪاري، حبيب جالب جي گيتن ۽ نيلو، طالش ۽ علاءُ الدين جي شاندار اداڪاريءَ زرقا کي اهڙي فلم بڻائي ڇڏيو جو ڏسندڙن انڪي هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا ڏٺو ۽.فلم ڪانپوءِ ڪيترن مائٽن پنهنجي ڌيئرن جا نالا به "زرقا" رکيا. زرقا فلم جي حوالي سان رولاڪ هڪ اعتراف اِهو به ڪري ڇڏي ته پنج ڇهه ڀيرا اِها فلم ڏسڻ ڪانپوءِ به هو ان فلم ۾ نيلو کي طالش جي ڏنل سگار جي ڏنڀ وارو سين ڏسي نه سگهيو آهي.

رولاڪ جي ديس ۾ فلسطين سان تعلق رکندڙ هڪ ٻي شخصيت جنهن نالو پرايو آهي اُها حنان اشروي آهي. فلسطيني نسل واري هيءَ عيسائي مائي اوڏي مهل عالمي سڌ سماءُ جي ذريعن وسيلي سامهون آئي جڏهن ميڊرڊ ڳالهين دوران فلسطيني وفد جي ترجمان طور هَن نه رڳو اسرائيلين پر خود صحافين جي فوج کي به مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏنو. گذريل چوندڻ ۾ رولاڪ جي ديس حنان اشرويءَ جي عيسائين لاءِ مخصوص هڪ تڪ مان سوڀ ماڻڻ واري خبر تي سک جو ساهه کنيو. ايمنسٽي انٽر نيشنل جو ڪارڪن رولاڪ ايندر ڏينهن ۾ ان ڳالهه جو منتظر هوندو ته حنان اشروي فلسطين ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف ڪيئن ٿي آواز بلند ڪري.

رولاڪ جي ديس جي ڪيترن ئي ليکڪن ۽ شاعرن فلسطين تي نظم ۽ ڪهاڻيون پڻ لکيون ۽ ها ڪيترن ئي فلسطيني شاعرن جي ترجمو ڪيل پنجاهه کن نظمن جو مسودو گذريل پنجن ڇهن سالن کان سنڌ جي هڪ وڏي شاهي علمي اداري جي گودام جي زينت بڻيل آهي، ان شاعريءَ کي ڪتاب جي صورت ۾ مارڪيٽ ۾ اچڻ نصيب ٿيندو به ڪي الائي نه. ڪتابي صورت ۾ ڪنهن فلسطينيءَ جو ڪتاب "اسين زنده رهنداسين" جي عنوان سان سنڌيءَ ۾ ليليٰ خالد جي آتم ڪهاڻي جو ڇپيو آهي. جيستائين رولاڪ جي يادگيري ساٿ ڏي ٿي ته

ان ڪتاب جو اردو ترجمو ڪشور ناهيد ۽ سنڌي ترجمو زيب سنڌيءَ ڪيو هو. رولاڪ کي اِهو پڻ ياد پيو اچي ته نجم عباسيءَ پنهنجي ڪهاڻين جي ڪنهن هڪ مجموعي جو انتساب "فلسطين ۽ سنڌ جي هڪ جهڙي حالتن جي حوالي سان ياسر عرفات جي نانءَ" پڻ ڪيو هو.

رولاڪ جي هڪ ديس واسي (فيض احمد فيض) کي ته اِهو فخر به حاصل رهيو آهي ته هو فلسطين جي ادبي رسالي "Lotus" (ڪنول) جو ايڊيٽر پڻ رهيو. رولاڪ جي ادبي ديس واسين محمود درويش، توفيق زياد ۽ غسان ڪنعافانيءَ کي پنهنجي ٻوليءَ جي ڪنهن ليکڪ کان به وڌيڪ مان پئي ڏنو آهي. رولاڪ کي اسرائيلي والار هيٺ شهر ۾ مزاحمتي جنگ ۽ ادب ۾ مصروف رهندي ڪيترائي سال ميئر چونڊجندڙ توفيق زياد جي روڊ حادثي ۾ مرتئي انتهائي ڏکويو هو. فلسطين جي خود مختيار اختياريءَ جي حوالي ٿيل ٻئي شهر جو انتظام ياسر عرفات جي حوالي ٿيڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪري موٽندي هڪ ٽرالر جي ٽڪر جو شڪار ٿيندڙ توفيق زياد هڪ امڙو مصرعو "اريپندس تنهن کي پنهنجي اڌ حياتي / جيڪو آڻي ڪنهن روئندڙ ٻار جي چهري تي مُرڪ" لکيو جنهن جي عملي روپ لاءِ رولاڪ اڌ نه پر پنهنجي سڄي حياتي ڏئي سگهي ٿو.

گذريل سال جڏهن اسلام آباد ۾ مسلمان خاتون اسيمبلي ميمبرن جو اجلاس ٿيو ته اخباري اطلاعن موجب ان دوران سڀ کان وڌيڪ اهميت ليلا خالد کي ئي حاصل هئي پر رولاڪ کي پنهنجي ماضيءَ جي ان سورميءَ اوڏي مهل انتهائي مايوس ڪيو جڏهن هن حماس کي بنياد پرست تنظيم سڏڻ کان انڪار ڪيو. عالمي انقلاب لاءِ جان ترِيءَ تي رکي گوريلا جدوجهد ۾ ڏند ڪٿائي حيثيت ماڻيندڙ ليلي خالد مذهبي ڪٽرپڻي سان ڀريل حماس کي پنهنجو اتحادي سڏيو ته رولاڪ کي ڪنهن جو چيل اهو جملو انتهائي شدت سان ياد آيو ته

"ڪرني والا ڳهرائي نهين ديکتا".

رولاڪ کي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ اُهو فلسطيني شاگرد ٿو ياد اچي جيڪو اسرائيلي والار هيٺ ڪنهن شهر جو رهندڙ هو ۽ اسرائيلي شهرين جو "ڏڻ پچو" ختم ڪرڻ وارو پروگرام رکندڙ ڪميونسٽ تنظيم "فلسطين جي آزاديءَ لاءِ جمهوري محاذ" (DFLP) جو ميمبر هو پر هڪ آبادڪار يهودي ڇوڪريءَ جي پريت ۾ اٽڪي پيو. سندس دل ۽ دماغ وچ ۾ ويڙهاند رولاڪ اڄان تائين وساري نہ سهگيو آهي.بس سائين! دشمن جي خيمي مان ڪنيل محبوباتي لکڻ ۾ تہ گوگول بہ پنهنجي ناول "تارس بلبا" ۾ ناڪام رهيو آهي.

رولاڪ جي بس ايتري خواهش آهي تہ ايندڙ وقت ۾ ڪو بہ پنهنجي پريتم کان ائين ڌار نہ رهي ۽ نہ ايندڙ وقت ۾ ڪو پنهنجي ديس کان پنهنجي مرضيءَ جي خلاف لڏ پلاڻ ڪري ۽ نہ ڪا گهرو لڙائي ڪو ٻيو بيروت پئدا ڪري جو رولاڪ جي شهر ڪراچيءَ کي بہ ٽيندڙ رتو ڇاڻ سبب ماٺهن هينئر کان ئي بيروت سڏڻ شروع ڪيو آهي. ها راتين جو جاڳندڙ ۽ نائيٽ ڪلبن، بارن ۽ هوٽلن جي روشنيءَ سان اکيون ڪيريون ڪندڙ بيروت سپاٽي نہ پر اڄ ئي قبولڻ لاءِ رولاڪ تيار آهي.

هلال پاڪستان
٢ فيبروري ١٩٩٦

بختاور، بينظير ۽ ڪارين جي قبرستان جون پاڪارون!

بختاور نالي هڪ عورت، هڪ زال، هڪ ماءُ پنهنجي ئي مڙس ۽ پٽ هٿان لڳل ڪهاڙين سبب مارجي وئي. سندس "ڏوهہ" اهو ئي پراڻو راڳ تہ سندس "فلاڻي" سان ناجائز تعلقات هئا ۽ هوءَ ڪاري هئي. ايجان ڪجهہ ڏينهن اڳ بينظير پنهنجي ماستر هٿان قتل ٿي هئي. سندس "ڏوهہ ....". هُن پنهنجي ماستر جي زال بڻجڻ نٿي چاهيو. متيان بئي نالا روﻻڪ جي ديس ۾ جيترو مان ۽ اُتساهہ ٽا رکن اتروئي انهن نالن وارين جا "ڏوهہ" شرمندگي ۽ نڪ وڍيندڙ احساس. ڇا ڪو پنهنجو پاڻ کي اوڏي مهل ويهين صديءَ جوشعور رکندڙ چئي سگهي ٿو، جڏهن سندس ديس ۾ عورت انسان نہ پر نڪر جو اُهو ٽانو هجي، جيڪو ڪنهن کي نہ وڻيو تہ ٽوڙي ڇڏيائين!.

اها ڳالهہ ڪنهن بہ بحث جوڳي ناهي تہ پنهنجي فصل کي زميندارن جي قبضي کان بچائڻ لاءِ بندوق ڪلهي مرڻ گهڙي تائين وڙهندڙ بختاور ۽ جنرل ضيا جي مارشل لا سان جنگ جوٽيندڙ بينظير هلندڙ صديءَ دوران سنڌ جي اتهاس تي عورتن جي روپ ۾ مزاحمت جا اڻ مٽ اهڃاڻ آهن. انهن ٻنهي عورتن جي جدو جهد کي سنڌواسين اهڙو مان ڏنو جو پنهنجي ست قرآن سڏجندڙ ۽ هڪ قرآن سان پرڻجندڙ نيانين جا نالا بہ بختاور ۽ بينظير رکڻ شروع ڪيا. ڳالهہ اتي ختم نٿي ٿئي. اهي نالا ايتري تہ مقدس حيثيت ماڻي چڪا آهن جو خود مزاحمت جي علامت بينظير جي ڌيءَ جو نالو بہ بختاور ئو رکيو ويو. هاڻ جڏهن روﻻڪ جي آئيڊيل عورتن جون هم نام عورتون بہ مردن جي "عزت" ۽ "وڏ ماڻهپي" جو بک ٽين تہ پوءِ روﻻڪ ڪنهن کي دانهن ڏي!!

ڇا روﻻڪ زينب نور کي تشدد جو نشانو بنائيندڙ سندس

مڙس جي گرفتاريءَ لاءِ اسلام آباد جي اسپتال ۾ روئڻهارڪو ٿي پوليس آفيسرن کي دڙڪا ڏيندڙ بينظير مان اها اميد رکي ته هوءَ مردن جي مردانگي جو شڪار بڻجندڙ بختاور ۽ بينظير جي ڏوهارين کي به سزا ڏياريندي!

ڪاري سڏي عورتن کي قتل ڪرڻ سنڌ جي اها ڪڏي ريت آهي، جنهن کان ڪو ڪيترو به ڪٽي انڪار ڪري ان جو پوائنٽو وجود آهي ضرور. شيخ اياز جي نظم"امان! هو مونکي ڪاري ڪري ماريندا"کي ڪٽي ڪو شاعر جي ذهن جي اختراع سڏي پر مدئجي تعلقي جي بختاور ۽ گذريل مهيني شاهپور چاڪر جي ڪامل شاهه ڪالوني ۾ پنهنجي مڙس هٿان ڪهاڙيون کائيندڙ سورهن سالن جي شاهه خاتون ۽ سندس تيرهن سالن جي نٽان آمنا کهڙي ڪاتي ۾ اجل جو شڪار ٿيون. ڇا اها سماج جي ڪنورتا ناهي ته رستي هلندي کو اٿچاتل جنازو ڏسي ڪلما پڙهندڙن ۽ ڏوليءَ کي ڪلهو ڏيندڙن جي ديس ۾ جڏهن شاهه خاتون ۽ آمنا جا جنازا کڄيا ته نه ڪين ڪفن پارايو ويو ۽ نه وري سندن جنازن جون نمازون پڙهيون ويون. عربستان جي حسين ابن عليءَ جي شهادت ۽ زينب جي پيڙائن تي پندرهن سئو سال کان ماتامين جي ديس ۾ ڇا هڪ به اهڙي اک نه بچي هئي جو سندن موت تي ڳوڙها وهائي!

پر رولاڪ جي ديس جو اياڳ ته اهو آهي جو هڪ پيرا وفاقي وزير ٿيندڙ، پرڏيهه مان تعليم پرايل ۽ پنهنجو پاڻ کي روشن خيال ۽ انسان دوست ذوالفقار علي ڀٽي جو شاگرد سڏئيندڙ مير هزار خان بجارائي چوي ٿو ته "ڪارو ڪاري هڪ انتهائي پراڻي قبائلي رسم آهي. ها اهو آهي ته ڪجهه ماڻهو ڪڏهن ان کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪندا آهن پر ڪارو ڪاريءَ کي معاف نٿو ڪري سگهجي ۽ سندن ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪين ختم ڪرڻ ضروري آهي."

هاڻ ان "پڙهيل لکيل" کي ڪير ٻڌائي ته عورت به انسان آهي ۽ ڪيس به پنهنجي مرضيءَ سان زندگيءَ جو رستو اختيارڪرڻ ته ڇا پر پنهنجي مرضيءَ جو ور چونڊڻ جو به حق آهي. اهو حق ماڻڻ لاءِ ڪيس

ڪنهن پير، مير يا مرشد جي ڪاڻ ناهي ڪيڏي. رولاڪ جي نظر ۾ اهي سموريون عورتون جيڪي ڪهاڙين جي چمڪات ۾ به دل جي سڌ تي گهر جي چائنٽ اکرن ٿيون سي حقيقي سورميون آهن پر رولاڪ جي ديس ۾ عورت کي مٽيءَ جي رانديڪي کان وڌيڪ نہ سمجهڻ واري نفسيات جو ڇا ڪجي؟ اهو ڪو رولاڪ جو سماج تي الزام ناهي پر هڪ سردار جو پنهنجي دوست کي چيل جملو آهي تہ "توهان جون عورتون سون جون ٿهيل تي سگهن ٿيون، جن کي ڪيترائي پيرا واپرائڻ کان پوءِ ڏوئي پوئي مجسمن جيان سينگاري رکي سگهو ٿا پر اسان جون عورتون آلي مٽيءَ جون ٺهيل آهن ۽ استعمال ڪرڻ تي ڀڄي ڀري پونديون آهن." جنهن ديس ۾ عورت کي انسان نہ پر مجسمو يا مٽيءَ جو رانديڪو سمجهيو ويندو هجي اتي چارلس نيپئر جي هن پيغمبرائي حڪم تي ڪير عمل ڪندو تہ "اي سنڌ جا باشندو! اوهان جنهن بيدردي ۽ سنگدلي سان پنهنجي عورتن کي قتل ٿا ڪريو، ان جو دنيا ۾ ڪٿي بہ مثال نٿو ملي. افسوس جو توهان پنهنجي عورتن تي اوترو بہ ترس نٿا ڪريو جيترو رڍن ۽ ٻڪرين تي ڪبو آهي. سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي اذيتناڪ ۽ انسان ڪش روايت انسانيت جي چهري تي هڪ بدنما داغ آهي، جنهن کي آءٌ ڪڏهن بہ ڏسڻ پسند ۽ گوارا نہ ڪندس. منهنجي حڪم تي بنا دير هڪدم عمل ٿيڻ گهرجي جو ڪڏهن بہ ڪنهن سنڌي عورت جي قتل جو واقعو نہ ٻڌان. خبردار جيڪڏهن اڄ کانپوءِ اوهان مان ڪنهن سنڌي عورت تي هٿ کنيو تہ اهو هٿ ڪلهي کان ڪپي ڇڏيندس."

هاڻ چارلس نيپئر کي ڪير ٻڌائي تہ سندس حڪم کي سنڌواسين نہ ميڃيو آهي ۽ رڳو ۱۹۹۴ع جي هڪ سال ۾ ئي ۲۲۳ عورتن کي ڪاري ڪوٺي قتل ڪيو ويو آهي. ڪيس اهو بہ ٻڌائڻ جي ضرورت آهي تہ سنڌ دوست انگريز منتظم جان جيڪب جي نالي پويان ٺهيل ضلعي جيڪب آباد ۾ هر مهيني هڪ سئو کان وڌيڪ عورتون ڪارو ڪاريءَ جي الزام هيٺ موت جو ڪاڄ ٿيون بڻجن.

رولاڪ کي اوڏي مهل پنهنجي دانشورن جي ذهني ڏيوالپڻي جو ادارڪ ٿيو، جڏهن هڪ دانشور پنهنجي اخباري ڪالم ۾ لکيو تہ

انساني حقن جا ادارا ۽ سڌ سماءُ جا ذريعا سنڌ ۾ عورتن سان ڏاڍاين بابت هرو ڀرو هاءِ گهوڙا ڪري رهيا آهن. جڏهن ته اهو سڀ ڪجهه سنڌ ۾ نه پر ٻين علائقن ۾ ٿو ٿئي. هاڻ ان دانشور کي ڪير ٻڌائي ته لکي غلام شاهه جي ويجهو "ڪارين جي قبرستان" جون هزارين بي نام قبرون ڀاڪارين ٿيون ته "آهي ڪو جو اسان جي واهر ڪري." پر ڪين ڪير ٻڌائي ته رولاڪ جي ديس ۾ ڪنهن مرزا زادي جي چيچ جهلي جذباتي ڊائلاگ هٽندڙ مرد ته قومي شاعر ۽ قومي اهڃاڻ ٿي سگهي ٿو پر عورت... هونئن" سندن ڇا حيثيت"!!

ارڙهين صديءَ کان قائم ڪارين جو اهو قبرستان رولاڪ سميت انهن سمورن ماڻهن جي منهن تي زوردار چماٽ آهي جيڪي انساني حقن جي ڳالهه ته ڪن ٿا پر انهن جي ڀڃڪڙين کي روڪڻ کان قاصر آهن.

رولاڪ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي آخري سال جي شاگردياڻي تسنيم مهر آڏو به ڪنڌ نٿو ڪٽي سگهي، جنهن جو مهرن کان ٻاهر مڱڻو ڪيو ويو ته مهرن سندس مائٽن تي اهو سڱ ٽوڙڻ لاءِ زور ڀريو. ڇاڪاڻ جو سندن مرحوم سردار جو "فرمان" جاري ڪيل هو ته مهرن جي ڇائي ڏارين ۾ پرڻائيندڙ کي پنهنجي ڌيءَ سان گڏ قتل ڪيو ويندو. جڏهن تسنيم جي مائٽن پنهنجي ڳالهه جو مان رکڻ چاهيو ته هڪ ڏينهن هٿيار بند سندن گهر تي چڙهائي ڪري تسنيم جي ماءُ کي قتل ڪري وڌو. جڏهن ته ڪرنگهي ۾ گولي لڳڻ سبب تسنيم سدائين لاءِ اپاهج بڻجي وئي.

رولاڪ سوچي ٿو ته ڇا اهڙي ڪاروائي ڪندڙن جي سردار کي پنهنجي پارٽي جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر بنائيندڙ کي قاهره ۽ بيجنگ ۾ عورتن جي حقن وارين ڪانفرنس ۾ ڳالهائڻ جو حق به آهي يا نه. ڳالهه رولاڪ جي هڪ دوست جي به صحيح ٿي لڳي ته سچ ڳالهائڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي پر اصل ۾ وڏي ڳالهه سچ ٻڌڻ ۽ سچ تي عمل ڪرڻ آهي پر ڪيس ڪير ٻڌائي ته اسان جي سماج لاءِ ئي ڪنهن شاعر لکيو هو ته "سچ اچا پر ڪوئي اور کهي تو اور ڀي اچا."

هلال پاڪستان

١١ فيبروري ١٩٩٦ع

ڪو اهڙو ڏينهن اچي......!

انساني حقن جو پهريون صفرا ربـابي ايـوارڊ جسـٽس دراب پٽيل هٿان مولوي فيض محمد کي ڏنو ويو.انهن ننهي مان جسٽس دراب پٽيل جو نالو سندس حياتي ۾ ئي اسان جي Folk- Wisdom جو اهڙو حصو بڻجي ويو آهي جو رولاڪ جي هڪ دوست ڪيس اڇوڪي دور جو پيغمبر چوڻ کان به نه ڪيبايو. دراب پٽيل جي نالي ۾ انگريزي لفظ Justice جي معنيٰ جج بدران رولاڪ Justice معنيٰ انصاف سڏيندو آهي. رولاڪ دراب پٽيل کي به ڪربلا جي ميدان واري حُر ۽ پوين پساهن واري گڏيل هندستان جي مولانا ابوالڪلام آزاد جي فهرست ۾ شمار ڪندو آهي جو هُن به تاريخ جي ٿيندر قتل ۾ ڌر بڻجڻ بدران سنڌو جي ميدانن ۾ ساهه کڻي پنج -ند جي ديس ۾ موت سان لائنون لهندڙ ذوالفقار علي ڀٽي کي نواب محمد احمد خان جي قتل واري ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو هو.

رولاڪ کي اهـو سـوچي اڪثر حيـرت ٿيندي آهـي ته قرةالعين حيدر جي ڪردارن وانگر جهيٽو ڳالهيندڙ دراب پٽيل ايتري همت ڪٿان آندي جو ايشيا جي ماڊل آمر سڏجندڙ جنرل ضياء جي خواهش جي اُبتڙ فيصلو ڏنائين ۽ اهڙو "ڏوهه" ڪرڻ ڪانپوءِ به ملڪ کان ڀڄڪو نه پر هتي رهي انساني حقن کان محروم بي واهرو ماڻهن لاءِ جنگ جوٽيندو رهيو. جنرل ضياءَ جي دهشت جو تن ڏينهن ۾ اهو حال هو جو رولاڪ جي موجودگيءَ ۾ ڀٽي جي پارٽي جي هڪ اڳواڻ اهو چيو هو ته بابا! جلسن جلوسن جي ڀچر ڇڏيو، ڀلا هڪڙي ماڻهو (ذوالفقارعلي ڀٽو) جي ڪري پنهنجو پاڻ کي مارائبو ڇا !! بس سائين. اهڙن ئي نام نهاد اڳواڻن جي ڪانئرتا سبب چوٿين اپريل جو سچ ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ نه اُپريو ۽ اردو شعر "گوذرا سي بات پر برسون

ڪي ياراني گڏي/ ليڪن اتنا تو هوا. ڪچھ لوگ پهچاني گئي" وانگر ڪي ماٺهو وائڪا ٿيا پر دراب پٽيل ۽ ان دور جي انيڪ گمنام سياسي ڪارڪنن اعليٰ انساني قدرن تي اڻ تڻ ويساھ جو ڀرپور ثبوت پڻ ڏنو.

ها، سو ڳالھ پئي ڪئي سين دراب پٽيل هٿان مولوي فيض محمد ڪي مليل انساني حقن جي صغرا ربابي ايوارڊ جي. صغرا ربابي انساني دل رکندڙ اهڙي چترڪار هئي، جنهن جا نيڻ فلسطين کان وٺي بوسنيا تائين انساني پيڙائن تي نير وهائيندا هئا. چتر ڪارن سميت فن جي سمورن پانڌيئڙن بابت رولاڪ اي آر ناگوري جي پنهنجي تن چترن جي وضاحت کان وڌيڪ بهتر تبصرو نہ پڙهيو/ ڏٺو آهي. ڌرتيءَ جي سيني مان ڦٽي ايندڙ توهرن جو سمورو زهر پنهنجي اندر ۾ اوتي ڌرتيءَ جا ڏک ڪينواس تي چٽيندڙ ناگوريءَ جي انهن ٽن چترن مان پهرين ۾ گلاب سونگهيندڙ ڪنهن شخص جو رڱو چهرو ڏيکاريل آهي، ٻيو چتر ڇاتي تائين (Half Portrait) آهي ۽ ان ۾ گل سونگهيندڙ شخص ڪي ڇاتيءَ تي ميڊل سجايل هڪ جنرل طور ڏيکاريو ويو آهي. ٽيون چتر مڪمل پورٽريٽ آهي ۽ اُن جنرل جي پيرن هيٺان ڪچلجندڙ هڪ آدم جاٺو آهي، هڪ ٽي سيريز جي انهن ٽن چترن بابت ناگوريءَ هڪ ڀيري چيو هو تہ فنڪار جي اوسي پاسي اهي ٽئي منظر موجود آهن ۽ اها سندس مرضي آهي تہ هو ڪهڙو منظر ٿو جهٽي. هن پنهنجو پاڻ کي ٽيون نمبر ڏيک ڏسندڙن ۾ شامل ڪيو هو. رولاڪ صغرا ربابيءَ ڪي بہ انهيءَ قبيلي جو فرد ٿو ليکي.

جيستائين مولوي فيض محمد جو تعلق آهي تہ رولاڪ جي خيال ۾ هو بہ دراب پٽيل ۽ صغرا ربابي وانگر پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ نہ پر اسان جي ڪرنگهي واري هڏي ڀڳل معاشري جي ڪيترن ئي لاڙن جو اظهار آهي. هو نوابشاھ جي هڪ مسجد ۾ ٻانگو ۽ نڪاح پڙهائيندڙ آهي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ انيڪ نڪاح پڙهايا هوندا پر نڪاح

پڙهائڻ انساني حقن جو ايوارڊ حاصل ڪرڻ جهڙو ڪارنامو ته ناهي! رولاڪ جي ديس ۾ ته اڪثر مولوي خود انساني حقن جي پيچڪڙين ۾ اڳيرا هوندا آهن پر اهو معاشرو جنهن ۾ پنهنجي فائدي لاءِ ٻئي جوڳلو ڪپڻ ۽ ان عمل تي شرمسار ٿيڻ بدران پنهنجو پاڻ کي ڏاهو ۽ زماني جو ماڻهو سمجهڻ جو لاڙو هجي، اتان جي هڪ مولويءَ کي اڻڄاڻائي ۾ڪيل پنهنجي هڪ غلطيءَ کي گناهه ليکڻ ۽ ان جو ازالو ڪرڻ جي ڪوشش تي رولاڪ جي راءِ ۾ صغرا ربابي ايوارڊ ته ڇا پر سڄي دنيا جو سمورو مال متاع ڏجي ته به گهٽ ٿيندو.

ايوارڊ ورهائڻ واري تقريب ۾ دراب پٽيل جو چوڻ هو ته اسان جو عدالتي سرشتو ماڻهن سان انصاف ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي ۽ هاڻ ماڻهن جو انصاف ۽ عدالتن تان ويساهه کڄي ويو آهي پر جيڪڏهن اسان مولوي فيض محمد وانگر ڏاڍن ۽ زورآورن خلاف شاهدي ڏيڻ جي همت جهلي ته پوءِ ايندڙ ڏينهن ۾ اسين به دنيا جي انصاف پسند ماڻهن وانگر ڪنڌ مٿي ڪري جيئڻ جي قابل ٿي سگهنداسين.

ان تقريب ۾ رولاڪ کي مولانا ابوالڪلام آزاد جو اهو جملو ڏاڍو ياد آيو ته جنگ جي ميدان ڪانپوءِ انسانن سان سڀ کان وڏيڪ بي انصافيون ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ ٿيون آهن. رولاڪ جي ديس ۾ ڪورٽن جيڪي ڏاڍايون ڪيون آهن تن ڪري اڄان تائين هر ڪو پنواٽين ۾ آهي. رولاڪ جي ديس ۾ هڪ ڪورٽ ميجر ارشد کي ته ڪورٽ جي حدن ۾ اهو چوڻ تي سزا ٿي ڏي ته "جيڪڏهن ذوالفقارعلي ڀٽي کي ڪجهه ٿيو ته هو هڪ به جنرل کي نه ڇڏيندو." پر ساڳي ڪورٽ "دردان دي ماري دلڙي عليل هئي" جهڙو مصرعو پڙهندڙ قيدي ڀٽي کي "هن مٿي ڦريل کي ڪورٽ مان ٻاهر ڪيو ۽ ڪيس اوستائين بيهاريو جيستائين سندس هوش ٺڪاڻي نٿو اچي" جهڙو بدفضيلتو ڳالهائيندڙ چيف جسٽس کي ڪجهه نه چيو.

ڳالهه رڳو ايتري ناهي ته ڪورٽن رڳو فوجي بوٽن آڏو انصاف

ڪي ڪچلڻ لاءِ پڻ اچلايو آهي پر ۱۹۹۰ ۾ ته هڪ چونڊيل حڪومت ڪي ڪورٽ بحال نه ڪيو ۽ ٽن سالن ڪانپوءِ ساڳين الزامن هيٺ برطرف ٿيل حڪومت کي بحال ڪري ڇڏيو. ٽڏهوڻڪي مخالف ڌر جي قائد ۽ هاڻوڪي وزير اعظم انهيءَ بحالي کي "چمڪ" جو چمتڪار ته سڏيو پر اهڙي معاملي کي روڪڻ بدران خود ان عمل کي همٿايو.

انصاف ماڻڻ ۾ اعتماد وڃايل ماڻهن بابت رولاڪ کي اهو ڏينهن ڪو گهڻو پري نٿو لڳي، جڏهن ڪو مٿي ڦريل ڪرشن چندر جي ڪهاڻي "توهين عدالت" جي ڪردار وانگر انصاف جي منبر تي ويهي عدل ڪندو ۽ ان جي عيوض ٽيپ ڪائيندو.

انساني حقن جي پيچڪڙين ۾ انصاف کان محروميت جي ڏس ۾ رولاڪ جي خواهش بس ايتري آهي ته ڪو اهڙو ڏينهن جلد اچي، جڏهن انساني حقن جي ڪابه پيچڪڙي نه ٿئي ۽ هر ڪنهن کي انصاف پلئه پوي، پوءِ پيل ان جي قيمت رولاڪ جي آئيڊيل فردن دراب پٽيل ۽ عاصمه جهانگير جي واندڪائي ۽ ايمنسٽي انٽر نيشنل ۽ انساني حقن واري ڪميشن جهڙي تنظيمن جي خاتمي جي صورت ۾ ئي چڪائڻي پوي!!!

هلال پاڪستان
۱۲ مارچ ۱۹۹٦

ڏرتي جا چٽيل ٻه گل

انگريزيءَ جي ڪنهن شاعر ڪي ته اپريل جو مهينو پيڙائون ڪٽي آيل تي لڳو، جنهن ۾ سيڪجهه پن - چڻ وانگر چٽي تي پيو پر رولاڪ جي ديس ۾ هن سال ڪيلينڊر ڪان شايد پنهنجي ڪٽپ وسري وئي آهي ۽ اپريل ڪان هڪ مهينو اڳ ئي هن ڏرتيءَ جا ٻه گل غني خان ۽ رضيا ڀٽي چٽي پيا آهن. جواني وارن ڏينهن ۾ پشتو رسالي "پشتون" ۾ چريو فلسفي جي قلمي نالي سان خانن خلاف لکي پنهنجي مامي سان وير پرائيندڙ ۽ پياسي سالن ڄمار ۾ ويو پوائنٽ کي انٽريو ڏئي پنهنجي پاءُ خان عبدالولي خان ۽ ڀاڄائي نسيم ولي خان جي ڪاوڙ برداشت ڪندڙ غني خان ۽ جنرل ضياءُ، الطاف حسين، سردار نوتيزئي ۽ ڪمال اظفر جي ڌمڪين ۽ نوٽيسن کي مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏيندڙ رضيا ڀٽيءَ جي مرتين جو ڪارڻ رولاڪ جي راءِ ۾ اناسي ۽ ٻاونجاهه سالن جون ڄمارون نه پر سماج ۾ موجود ڏاڍاين ۽ بي انصافين ڏانهن حساسيت وارو ورتاءُ رکڻ آهي. ڪنهن جو اڙدو شعر آهي ته

"گر آپ هين شهر ڪي قاضي تو گذارش سن لين
مين هون حساس ميري عمر گهٽادي جائي"

سو روالاڪ جي اياڳي ديس مان وڏيڪ ٻه حساس ماڻهو اوڏانهن لڏي وي جتان ڪو به نه موٽي ايندو آهي.

سرخپوش اڳواڻ خان عبدالغفار خان جي وڏي پٽ غني خان لاءِ چون ٿا ته هو پيءُ جي چوڻ تي رابندر ناٿ ٽئگور جو شانتي نڪيتن ڇڏي انگلينڊ جي ولايت مان شگر انجنيئر ٿي هڪ شگرمل ۾ ملازم ته ٿيو پر سندس عشق فن سان ئي رهيو رهيو. رولاڪ کي ياد آهي ته ڪميونسٽ پارٽيءَ جي شاگرد تنظيم ۾ ڪم ڪندي ڪيس ڪيترائي اهڙا پٺاڻ تنظيمي ساٿي مليا هئا جيڪي خان عنفار خان ۽ ولي خان جا ته سخت نقاد هئا پر غني خان هنن لاءِ ائين هو جيئن سنڌي نوجوانن لاءِ اڄان تائين ڀٽائي ۽ ڏهه پندرهن سال اڳ تائين شيخ اياز.

رولاڪ ڪٿي پڙهيو هو ته عشق اصل ۾ ڪنهن ٻئي سان نه پر

خود پنهنجي ذهن ۾ تراشيل تصور/ بُت سان هوندو آهي، ٻاهرين دنيا جا فرد تہ بس انجو اولڙو هوندا آهن. غني خان ۽ پندرهن سال اڳ جو شيخ اياز بہ نوجوانن جي اسٽيبلشمنٽ سان پنهنجي لڙائي جا ڇڻ تہ ترجمان هئا. غني خان بابت اِهو پڙهندي تہ ٽئگور جي شانتي نڪيتن ۾ پڙهڻ دوران هو هڪ پيرو اندرا گانڌيءَ سان گڏ دهليءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس ۾شريڪ ٿيو هو پر ڊگهين سياسي تقريرن دوران هُن ننڊ ٿي ڪئي، رولاڪ کي مخدوم محي الدين ٿي ياد آيو جنهن بابت چيو ٿو وڃي تہ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس هلندي هو اڪثر پيشاب جو بهانو ڪري گڏجاڻي کان آٽي وڃي شاعري ڪندو هو.

"اڪوٽي" شيخ اياز جي انهيءَ ڳالهہ سان تہ رولاڪ کي ڪو اختلاف ناهي تہ شاعر انقلابي کان وڌيڪ اهم ٿيندو آهي پر جڏهن شاعر جي آدرشي دنيا بہ برلن پيت سان گڏ ڊهي وڃي ۽ شاعر پنهنجي ماضيءَ تي ست لعنتون وجهي تہ اهڙو شاعر رولاڪ جي راءِ ۾ غني خان جو نہ پر سولزي نستن جو ساٿي ٿو لڳي جيڪو ١٩٩٦ع جي روسين کي بہ ١٩١٥ع واري چرچ ۽ بادشاهہ جو وفادار ٿو ڏسڻ چاهي ۽ ناڪاميءَ تي پنهنجي مدي خارج هئڻ جو ادراڪ ڪرڻ بدران وتي ٿو عوام کي گاريون ڏيندو.

غني خان بابت سوچيندي رولاڪ کي پنهنجي ٻولي جو "سڀ کان وڏو" جيئرو شاعر ذهني طور تي انتهائي ننيڙو ٿو لڳي. غني خان تہ افغانستان طرفان ٻني ٻاري، انگوري باغن ۽ ٻئي مال متاع تي هرڪائي انغان حڪومت ۾ ٿانيڪو ٿيڻ واري آڇ ٺڏي پنهنجي ماٺهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي بيمار ٿي سرڪاري اسپتالن ۾ علاج ڪرائيندي بہ رهڻ قبوليو پر سنڌيءَ جو شاعر "اي بي قدر ڌرتي! لعنت آهي توتي" جهڙي ڳالهہ ٿو ڪري! هاڻ ان شاعر کي ڪير ٻڌائي ٿو تہ ڌرتي پنهنجي چاهيندڙن لاءِ پيار ۽ "خدمتن" جو مُلهہ چڪائيندڙن لاءِ ڌڪار ۽ very sorry جو سائن بورڊ رکندي آهي.

مارچ جو ٻيو ڪاچ ٻجندڙ رضيا ٻيٽي انگريزي رسالي نيوز لائين جي ايڊيٽر تہ هئي پر رولاڪ جي نظر ۾ هوءَ نہ رڳو نيوزلائين وارن لاءِ

پر ضمير رکندڙ سمورن صحافين لاءِ پڻ چانورو هئي. چانوري هٿڻ ڪانپوءِ بہ نيوز لائين ڪراچيءَ جي رستن تان گند ڪچرو ميڙي پيٽ گذر ڪندڙ ۽ سماجي ترقيءَ هٿان وجود وڃائيندڙ شڪارين جي پيڙائن ۽ وارتائن ڪي الائي سامهون آڻيندو رهندو يا ..... !!!

رولاڪ کي ۱۹۹۰ جو اهو ڏينهن چٽي طرح ياد آهي تہ جڏهن ڪراچيءَ ۾ لکين ماڻهن جي جلسي کي آگر جي اشاري سان خاموش ڪرائيندڙ "ان داتا" هڪ جلسي ۾نيوز لائين لاءِ ڪتا لفظ ڳالهائيندي نيوز لائين جي عملي کي ڌمڪيون ڏنيون هيون. نيوز لائين جي آفيس پرسان ٽي ٽيل انهيءَ جلسي ۾ موجود ٻين ماڻهن تہ الائي ڇا محسوس ڪيو هو پر سنڌي اخبارن ۾ ڪم ڪندڙ ۽ مالڪن / ايڊيٽرن طرفان هر ٿورڙي ڏاڍي ماڻهو خلاف نہ لکڻ جا حڪم ناما ٻڌندڙ رولاڪ اِهو ضرور سوچيو هو تہ هاڻ نہ رهڱو نيوز لائين نہ ڇپبو پر شهر جي ڪيترن ئي جوان ذهن صحافين جا جنازا پڻ ڪڍندا پر رولاڪ کي اوڏي مهل حيرت ٿي تہ جڏهن انهيءَ جلسي جي ٻئي ڏينهن هن نيوز لائين فون ڪيو تہ نہ رڳو سندس واقف ڊچُو صحافي موجود هو پر اُتي ڪم ڪندڙ عورتون پڻ پنهنجي "هاءِ الله" ۽ ٿهڪن سان موجود هيون.

رولاڪ جو خيال آهي تہ ڪنهن بہ اداري جي اوچي ڳاٽ سان هلڻ جو وڏو دارومدار انجي ڪارڪنن جي همت کان بہ وڌيڪ انجي سربراهہ جي مڙسيءَ تي هوندو آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ ايم ڪيو ايم جي دٻاءَ هيٺ ڊان اخبار ڪجهہ ڏينهن لاءِ بند نہ ٿئي ها ۽ الطاف حسين ۽ ڪمال اظفر جي ڳاڙهين اکين ڏيکارڻ تي بہ نيوز لائين ڇپجندو نہ رهي ها. رولاڪ جي راءِ ۾ ڪارو ڪاري تي ڇپيل ٽائيٽل اسٽوريءَ ۾ جيترو حصو انجي ليکڪا نفيسا شاهہ جو هو اوتروئي ڪمال رضيا ڀٽيءَ جو بہ هو. نہ تہ سنڌي اخبارن ۾ هر ٿورڙي سخت لکٽيءَ کي انچارج/ ايڊيٽر/مالڪ زوري پيا روڪرائيندا آهن. پوءِ پل هڪ سنڌي اخبار جو دانشور ايڊيٽر پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ سنڌي صحافت کي انگريزي صحافت کان گهٽ نہ ليکيندو هجي پر اها ڳالهہ سا بهرحال آهي تہ انگريزي ميڊيا خاص طور تي فرنٽيئر پوسٽ، ويو پوائنٽ، فرائيڊي ٽائيمس، هيرالڊ ۽ نيوز لائين جنرل ضياءَ جي مارشل

لا ڪانوني هيل تائين جيڪو ڪردار نڀايو آهي سو سنڌي صحافت ڪـان بس سردار مظهر علي، رضيا ڀٽي، خالد احمد ۽ شيري رحمان جهڙن ڏاڪو ڪن ايڊيٽرن جي فاصلي تي آهي پر اياڳ تہ اهو آهي جو رولاڪ جي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ انگريزي پڙهي سگهندڙ انگريزي ميڊيا ڪي اوڏي مهل تہ پنهنجو چوندا آهن جڏهن هو پاڻ ڪنهن ڏمر هيٺان هجن پر جڏهن ڪو ٻيو موچڙي جي زيبٽ ۾ هجي تہ انهن لاءِ آواز آٿاريندڙ اخبارون، رسالا، HRCP ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل جهڙا ادارا ايجنٽ ٻڌجيو وڃن.

غني خان ۽ رضيا ڀٽي تي لکندي رولاڪ کي ايڊز جي بيماري وگهي گذاري ويل آمريڪا جو ڪاري چمڙيءَ وارو اُهو فلم اداڪار ٿو ياد اچي جنهن موت کان ڪجهہ ڏينهن اڳ چيو هو تہ آمريڪا ۾ ايڊز جو مريض ٿي مرڻ کان وڌيڪ پيڙا واري ڳالهہ ڪاري چمڙيءَ سان جيئڻ آهي. رولاڪ جي ديس ۾ تہ ايڊز جو مريض ٿي مرڻ يا ڪاري چمڙيءَ سان جيئڻ کان بہ وڌيڪ پيڙا ڀري ڳالهہ حساس دل ۽ سوچيندڙ ذهن سان زندگي گهارڻ آهي.

رولاڪ جي بس ايتري خواهش آهي تہ سندس ديس ۾ بہ ڪو اهڙو ڏينهن اچي جڏهن شاعـر "لاش هـوا ۾ لڙڪن ٿا" ۽ "جهنڊا ڪٿو نعرا هٿو. وڙهندا هلو" جهڙي شاعري ڪندي جيل نہ وڃن پر پوپٽ جهليندڙ ٻارن، پريم ڪٿائن، گلن ۽ پنڇين جا گيت ڳائين ۽ صحافي هيترا مٺا، هيترا ٻڏا ۽ هيترا ڦٽيا جهڙيون خبريون ڏاهڻ ۽ اختلاف رکڻ تي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڏاڍ ڏمر جو شڪار ٿيڻ بدران قراقرم ۽ کيرٿر تي برف پوڻ ۽ ٿر ۽ چولستان ۾ مينهن پوڻ تي گل ۽ گاهہ ڦٽڻ جهڙيون نئي خبرون ڏاهين.

هلال پاڪستان
٢٣ مارچ ١٩٩٦

پي ايم اي هائوس جي عجب دنيا

پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ڪراچي لاڳيتو ستين سال بہ بامقصد پنڌ ۽ ڊوڙ (Marathon) ڪرائي . صبح جو ننڊ مان نہ اُٿڻ واري پنهنجي عادت تي فخر ڪندڙ رولاڪ بہ تنهن ڏينهن صبح سوير اَمن ۽ ماحول جي بهتريءَ وارن نعرن هيٺ ٿيندڙ انهيءَ ڪاڄ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهتــو هــو. ٽن چئن ڪـلوميٽرن جي Walk دوران پي ايم اي هائوس ڪان قائداعظم جي مزار تائين سڄو بندر روڊ عورتن، ٻارن، جوانڙن ۽ پوڙهن سان ڀريل هو. ڪنهن بہ ٽڪ جو اولڙو ظاهر نہ ڪندڙ انهن چهرن تي رولاڪ کي شهر ۾ امن جي موٽ لاءِ فقيرن وارا ڪشڪول نظر آيا. اِهي چهرا جڻ چئي رهيا هجن تہ هن شهر کي امن موٽائي ڏيو، جو هتان جا رهواسي راتين جو ايتري تہ آواره گردي ڪن جو موڪلن جي ڏينهن تي تہ ڇا پر ڪم وارن ڏينهن ۾ بہ دير تائين سُتا پيا هجن.

پي ايم اي هائوس جي دنيا ئي عجيب آهي. هونئن اهو آهي تہ ڊاڪٽرن جي پيشيور تنظيم جو ٺاڪ پر رولاڪ ان کي عام سماج جي لاهين چاڙهين ڪــان ڪڏهن بہ ڪٽيـل نہ ڏٺو آهي. جنرل ضيا جي مارشل لا ۾ جڏهن هر ڪنهن جو ساهہ مٺ ۾ هـوندو هو، ڪـراچيءَ ۾ پريس ڪلب ۽ پي ايم اي هائوس ئي مارشل لا مخالفن لاءِ هائيڊ پارڪ بڻيل هئا. رولاڪ کي ياد آهي تہ ١٩٨٣ع واري ايم آر ڊي تحريڪ جي شـهيدن کي بہ پي ايم اي هـائـوس ۾ يـاد ڪيو ويـو هـو تــہ ”تشدد خلاف آواز“ نالي تنظيم جو پهريون پروگرام پڻ اُتيئي ٿيو هو.

هونئن تہ رولاڪ جي ديس جا اڪثر ڊاڪٽر پئسا ڪمائڻ يا هن ”پوئتي پيل ملڪ“ کي ڇڏي پرڏيهہ وڃڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا

هوندا آهن پر بي ايم اي هائوس ۾ مستقل اينڊز ڊاڪٽرن کي رولاڪ پئسي ڪمائڻ بدران بي واهرو ۽ بي پهچ ماڻهن جي علاج جا امڪان پيدا ڪرڻ ۽ پوئتي پيل ملڪ کي چڙهي سدريل دنيا وچڻ بدران هن ديس کي بهتر بنائڻ لاءِ پتوڙيندڙ/سوچيندڙ ڏنو آهي.

رولاڪ جي سوچيل سمجهيل راءِ موجب اصل ڳالهه علم يا ڄاڻ حاصل ڪرڻ يا ان ۾ پڙ تيڻ نه پر پنهنجي صلاحيتن کي پاڻ جهڙن انسانن جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ آهي.

بي ايم اي هائوس ۾ رولاڪ ڊاڪٽر ٽيپو سلطان کي به ڏٺو آهي جيڪو پرائيوٽ پريڪٽس وسيلي ناڻو ڪمائڻ کان وڌيڪ وقت غريبن جي علاج لاءِ پتوڙڻ ۾ گذاريندو آهي. سول اسپتال ۾ سندس وارڊ انهن ايڪڙ ٻيڪڙ سرڪاري اسپتالن جي وارڊن مان هڪ آهي جن ۾ وڃڻ کان پوءِ احساس ٿيندو آهي ته اُتي مريضن کي مارڻ بدران ڪين هر ممڪن حد تائين بچائڻ جي ڪوشش ٿيندي آهي. رولاڪ کي ياد ٿو اچي ته ڪجهه مهينا اڳ ڊاڪٽر ٽيپو سلطان پنهنجي وارڊ ۾ داخل هڪ لاعلاج نينگريءَ بابت ٻڌائيندي چيو هو ته ”ان ڇوڪريءَ جي علاج دوران عزرائيل ۽ ڊاڪٽرن وچ ۾ ڊوڙ لڳل آهي ڏسجي ته ڪير ٿو کٽي“ تنهن ڏينهن رولاڪ چيو هو ته هن ڀيري هر صورت ۾ عزرائيل کي ئي هارائڻ گهرجي ۽ اها ڇوڪري ڊاڪٽر ٽيپو ۽ سندس ٽيم جي ڪوشش سان ٺيڪ ٿي هاڻ پنهنجي ڀائرن ڀينرن سان گڏ اسڪول وڃڻ لڳي آهي.

رولاڪ جي ديس ۾ جتي ڊاڪٽر آپريشن ٿيٽر ۾ اڌ آپريشن دوران پئسن جي گهر ڪندا هجن ۽ پئسا نه ملڻ جي صورت ۾ مريض کي آپريشن ٽيبل تي اڌ آپريشن ۾ ڇڏي وڃڻ جو دڙڪو ڏين اُتي ٽيپو سلطان ۽ سندس وارڊ جا ڊاڪٽر انهيءَ بي پهچ مائٽن جي مريض ڌيءَ لاءِ امريڪا مان انجيڪشنون گهرائي ڏيڻ لاءِ هٿ پير هڻندا هجن ته اها ڳالهه گهٽ ۾ گهٽ رولاڪ کي حيرت جوڳي ضرور ٿي لڳي.

رولاڪ بي ايم اي هائوس ۾ اڪين جي ماهر ڊاڪٽر

ادريس ايڏي سان پڻ مليو آهي جيڪو ڪراچيءَ جو ڪاٺياواڙي ميمڻ هئڻ جي باوجود پئسا ڪمائڻ بدران پنهنجي صلاحيتن ۽ ڄاڻ کي هرممڪن حد تائين عام ماڻهن جي فائدي لاءِ پيو استعمال ڪندو آهي. ڊاڪٽر ادريس جي هڏ ڏوکي هئڻ جو ڪيترن ئي ماڻهن کي پتو لڳي چڪو آهي ۽ هو اڪثر علاج ڪرائڻ کان پوءِ پئسا نه هئڻ جي عذر ڪندي ڪانئس رعائتون پيا حاصل ڪندا آهن. رولاڪ سان اڪثر سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ علاج معالجي جون سهولتون نه هئڻ جو روئڻ روئيندڙ ادريس ايڏيءَ سان هاجو ته اهو آهي جو هي سال اڳ هن جڏهن بلوچستان ۽ سنڌ صوبن ۾ اڪ جو ڪو انتهائي باريڪ آپريشن ڪندڙ پنهنجي واحد سرڪاري وارڊ لاءِ صوبائي صحت کاتي کان گهربل سامان گهريو ته اڄان تائين ڪيس ڪو جواب ئي نه مليو آهي. رولاڪ کي ڪڏهن اچرج لڳندو آهي ته اکين جي آپريشن ۾ "آرٽسٽ" سڏجندڙ ادريس ايڏي هيڏي ساري غير دوستاڻي رويي جي باوجود اڃان تائين رولاڪ جي ديس تي ئي لعنتون وجهي هتان هليو ڇو نٿو وڃي پر شايد هن به راجڪپور جي فلم ميرا نام جوڪر جو گانو "جينا يهان مرنا يهان اس ڪي سوا جانا ڪهان" نه رڳو ٻڌو آهي پر پنهنجي زندگيءَ جو مول پڻ ٺاهي ڇڏيو آهي.

اهڙو ئي رويو ڪن، نڪ ۽ ڳلي جي نوجوان ماهر ڊاڪٽر عليم قادر جو پڻ هوندو آهي جيڪو برطانيا ۾ پنهنجي ڊاڪٽر باس کي اهو چئي وطن موٽيو هو ته هو ڪنهن "فرسٽ ڪلاس ملڪ جو ٿرڊ ڪلاس شهري ٿي رهڻ بدران پنهنجي ٿرڊ ڪلاس ملڪ جو فرسٽ ڪلاس شهري" ٿي رهڻ کي ترجيح ڏيندو. رولاڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن ٻئي لاءِ ايترو سرهو ٿيندي ٿورن ماڻهن کي ڏٺو آهي جيترو عليم ان ڏينهن هو جڏهن هن هڪ ننڍڙي ڇوڪري جي ڳلي جي ڪنهن اهڙي مرض جو ٻنان پئسن آپريشن ڪيو هو جنهن وڪهي هوءَ پنهنجو ڪنڌ به چوري نٿي سگهي.

انهن ڊاڪٽرن ۾ سنڌن سرگرمين جو سرواڻ سدائين پاري وانگر متحرڪ رهندڙ ڊاڪٽر شير شاهه آهي جيڪو رولاڪ کي اڪثر الا الدين جو جن لڳندو آهي جو هن ڪيس ڪڏهن به واندو ويهندي نه ڏٺو آهي، جيڪڏهن وٽس ڪو ڪم نه هوندو ته وٽندو پنهنجي لاءِ

ڪم پيدا ڪندو. آئرلينڊ مان زناني بيمارين جي علاج ۾ خاص طور تي ٽيسٽ ٽيوب بيبي پيدا ڪرڻ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي ديس ۾ ڏٺائين ته سنڌ عورتن ۾ مردن جا ٻار پيدا ڪرڻ ته پوءِ جي ڳالھ آهي هتي ته ويم دوران عورتن جي مرتين جو انگ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ تعداد وارن ملڪن مان هڪ آهي، سو ٽين دنيا ۾ عورتن جي مرضن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ پاڪستان کان به وڌيڪ بدحال ملڪ ايٿوپيا ويو ۽ اتان موٽي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ سول اسپتال جي بنان ڪنهن ڪم ڪار واري سولي نوڪري ڇڏي وڃي ڪي ايم سي جي غريب وستيءَ واري هڪ اسپتال وسايائين جتي اڪثر راتين جو پنهنجي ننڊ ڦٽائي به اسپتال ۾ وڃي آپريشنون ڪندو آهي.

روﻻڪ ڪي گذريل سال گرمين ۾ ٺاڪ منجهند جو اتر سنڌ جي رستن تي شير شاھ سان ڪيل اهو سفر ڪڏهن به نٿو وسري سگهي جڏهن نڪسير اچڻ جي باوجود هن نوجوان ڊاڪٽرن کي ليڪچر ڏيڻ جو پنهنجو ارادو نه مٽايو. شير شاھ بابت سنڌس هڪ هم پيشي ڊاڪٽر ته روﻻڪ کي اهو چيو هو ته ”هي بيوقوف آهي جو وتي ٿو صبح شام غريبن جو علاج ڪندو. جيڪڏهن پنهنجي خانگي پريڪٽس تي ڌيان ڏي ته جيڪر ملير بدران ڊفينس يا ڪلفٽن جي ڪنهن ٺاهوڪي بنگلي ۾ رهندو هجي ها“ پر انهي بيوقوفيءَ تي روﻻڪ شير شاھ ۽ سنڌس ساٿين کي پنهنجي لغت جو سڀ کان وڏو خراج پيش ڪرڻ کانسواءِ نٿو رهي سگهي.

روﻻڪ جي بس ايتري خواهش آهي ته سنڌس ديس به انساني صحت ۽ روين جي عالمي ادارن جي پيش ٽيندڙ انگن اکرن ۾ مثبت انداز لاءِ مٿيرو هجي نه ڪي هينئر وانگر پوئتي پيل هئڻ ۾. سنڌس اهي واقف ڊاڪٽر مرضن ۽ انهن وکهي ٿيندڙ جاني نقصان جا هانءَ ڦاڙيندڙ انگ اکر پيش ڪرڻ بدران طب ۽ صحت ۾ پنهنجي حاصلاتن جا ڪارناما بيان ڪندا رهن.

هلال پاڪستان
۱۵ اپريل ۱۹۹۶ع

جرڪندڙ نيڻن جا ڪومائيل سپنا

فيصل آباد جي ڊاڪٽر الطاف بشير پنهنجي گهر اندر نامعلوم هٿيار بندن جي گولين جو ڪاچ بڻجي ويو. گولين جو ڪاچ بڻجڻ يا خود زندگيون بچائيندڙ ڊاڪٽرن کي زوري موت جي ننڊ سمهارڻ رولاڪ جي معاشري ۾ ڪا انهوني ڳالهه نه رهي آهي پر فيصل آباد ميڊيڪل ڪاليج جي اڪوتي پرنسپل ڊاڪٽر الطاف بشير جي قتل جو دکدائڪ پهلو اهو به آهي ته هوءَ روايتي ڊاڪٽرن وانگر رڳو پنهنجي ذاتي پريڪٽس تي ڌيان ڏيڻ بدران فيصل آباد ۾ "ماءُ ۽ ٻار سنڀال پروجيڪٽ" هلائي رهي هئي. رولاڪ جي ديس ۾ جتي هرڪو پرايا گهر ساڙي پنهنجي ڏياري جي چڪر ۾ آهي اتي ڊاڪٽر الطاف بشير انهن ٿورڙن ماڻهن مان هئي جيڪي پنهنجي پوري ايمانداري ۽ سگهه سان محروم ماڻهن جي ڀلي ۽ اڃپي لاءِ پتوڙين ٿا. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر الطاف بشير جي مڙس (جيڪو پاڻ به ڊاڪٽر آهي) تازو رولاڪ کي اعتماد سان ٻڌايو هو ته ڊاڪٽر الطاف پڇاڻان به سندس پروجيڪٽ جيئن جو تيئن جاري رهندو پر هڪ ڳالهه سا طئي آهي ته بقول ڪجهه همراهن جي ان پروجيڪٽ سان ڊاڪٽر الطاف بشير کي عشق هو ۽ عشق جون منزلون طئي ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ته ناهي.

رولاڪ جي اياڻي ديس ڪڏهن به پنهنجو پلوچاهيندڙ سماجي ڪارڪنن کي سڃاتو ناهي ۽ ڳالهه رڳو ڊاڪٽر الطاف بشير تي ئي ختم نٿي ٿئي. ايڌي کي ڪو خيرات ۾ مليل ڪلن ڪان محروم ٿو ڪري ته ڪڏهن پاسپورٽ جاري ڪرڻ کان اڳ ڪيس پوليس انڪوائري کي منهن ڏيڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. بدر ابڙو ڀل اهو لکي ته عام ماڻهن کي جو پوليس انڪوائري کي منهن ڏيڻو ٿو پوي سو ايڌي ڪو آسمان تان ته نه لٿو آهي پر رولاڪ جي راءِ ۾ ايڌي اهڙو ماڻهو آهي جيڪو جيڪڏهن

رولاڪ ۾ بدر ابڙي جهڙا لک ماڻهو ڏٺي به حاصل ڪجي ته سودو مهانگو ناهي پر ان ۾ ڏوهه بدر ابڙي جو به ناهي، اها رولاڪ جي معاشري جي عمومي نفسيات آهي جيڪا ڪڏهن اخباري رپورٽن/ ايڊيٽوريلن ۾ تي ظاهر ٿئي ته ڪڏهن مسڪين جهان خان کوسي خلاف ڊي بي آر جي آرڊر جي صورت ۾ تي نمودار ٿئي.

۽ هو ٽيهن سالن جي انجنيئر سيد حسن ناصر جيڪو بلوچستان جي بي آب ڌرتيءَ کي پاڻي سان سيراب ڪرڻ جا سپنا ڏسڻ تي ۱۹۷۴ع ۾ قلات ۾ گوليون هڻي ماريو ويو. رولاڪ کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي سگهي آهي ته حسن ناصر وٽ اهو ڪهڙو جذبو هو جنهن ڪانئس آمريڪا ۾ انجنيئرنگ جي پي ايڇ ڊي ڪرڻ بدران بلوچستان جي ٿوس ڌرتيءَ لاءِ اهو چورايو "هيءَ اها ڌرتي آهي جنهن سان مونکي پيار آهي. هتي ئي آءٌ مرڻ چاهيندس جيڪڏهن هتي ڪو اسان تي حملو ٿو ڪري ته مونکي زيان جو ڪو احساس نه ٿيندو ڇاڪاڻ جو آءٌ هن ڌرتي ۽ انجي ماڻهن لاءِ پنهنجي حياتي ارپڻ چاهيان ٿو." اهي لفظ حسن ناصر مٿس ٿيل حملي کان ڪو ڪن پل اڳ پنهنجي انگريز ساٿياڻي کي چيا هئا.

رولاڪ سعادت منٽو جي ڪنهن لکڻي ۾ پڙهيو آهي ته ورهاڱي مهل جڏهن لاهور واسي" ڪافرن" جا اهڃاڻ مٽائي رهيا هئا ته ان دوران سرگنگارام جو مجسمو ڪيرائيندي ڪجهه همراهه زخمي ٿي پيا ته کين علاج لاءِ گنگارام اسپتال ئي منتقل ڪيو ويو. رولاڪ سوچي ٿو ته ڇا اها ريت سندس سماج ۾ جاري رهڻ لاءِ ئي آئي آهي؟ جو جڏهن پارٽي اڳواڻ زخمي ٿين ته ايڌي ايمبولنس ئي کين اسپتالن تائين ۽ سندن مڙهه اباڻي شهرن تائين پهچائي ۽ جڏهن ايڌيءَ کي پاسپورٽ گهرجي ته اهو چئجي ته اسين انهيءَ انگريزي نه ڳالهائي سگهندڙ ۽ ڪاڏي جا ڪپڙا پاتل ڏاڙهيءَ واري شخص کي سڃاڻون ئي ڪونه ۽ هو وڃي ميڻا در ٽاڻي تان پنهنجي انڪوائري ڪرائي اچي! حيف آهي اهڙي ملڪ ۽ انجي

انتظام هلائيندڙن تي!

۽ هو فيصل آباد جي غريب وستيءَ ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جا سپنا ڏسندڙ شاعر نعمت احمر چا رڳو انڪري هو تہ ڪو جنوني مذهب جي نالي تي ڇاتيءَ ۾ خنجر سان وار ڪري سندس ساهہ جي تند ڪپي ڇڏي!

روﻻڪ کي پنهنجي وڏي ڄمار ۾ ٿيندڙ مشاهدن ۽ تجربن کان پوءِ تہ ٻالڪپڻ ۾ پڙهايل/ سيکاريل اهي سمورا سبق اجايا ٿا لڳن جن ۾ اهو چيو ويندو هو تہ يسوع بيمارن ۽ اهي بہ ڪوڙهہ جي مريضن کي شفا ڏئي مسيحا بڻيو ۽ حضرت محمد بيمار يهودڻ جي بہ عيادت ڪرڻ تي ويو. اسلام جي سربلندي لاءِ کيل جنگين ۾ زخمين کي پاڻي پياريندڙ دشمن جي زخمي سپاهين کي بہ اُجيو مرڻ نہ ڏينديون هيون. ڇا اهي ۽ فلورنس نائيٽ اينگل ۽ هيلن ڪيلر جا سبق سال جي آخر ۾ امتحان ۾ مارڪون کڻڻ لاءِ ئي هئا يا...... .

بس روﻻڪ تہ ايترو ٿو چاهي تہ ايندڙ ڏينهن ۾ اسين پنهنجي مسيحائن کي ايترو مان ڏيون جو هو نہ رڳو هيءُ اياڻو ديس ڇڏي وڃڻ جو سوچين بہ نہ پر اسان مان هر ڪو ٽئگور جي لفظن وانگر ايڌي، اختر حميد خان ۽ اديب رضويءَ جهڙي سچ جو ڏيئي جيترو متبادل ئي بڻجي.

هلال پاڪستان
۵ جون ۱۹۹۶ع

دهشتگردي- ماڻهو جي منهن تي ڇونڊو

رولاڪ کي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي سڀ کان وڏندڙ شهر لاهور وڃڻ جو وجهه مليو. حضوري باغ، انار ڪلي، لڪشمي چوڪ، مال روڊ ۽بسنت وارو لاهور رولاڪ کي هن ڀيري هيسيل لڳو. لاهور ان پار وانگر تي لڳو جنهن کان ڪو وڏو چمات جو ڏڙڪو ڏئي سندس خرچيءَ جا چار آنا ڦري ويو هجي. چوويهه ڪلاڪ جشن ۽ ميلي جي ڪوڪرن واري لاهور ۾، جتي ماڻهو ڪاڻ پيڻ ۽ ڪاڇن ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي معاملي تي سنجيده نه هوندا آهن، هن ڀيري هر ڪنهن جي چهري تي ڊپ جا سياڪا هئا. لاهور وارن کي پنهنجو شاندار شهر به ايندڙ ڏينهن ۾ ڪراچي ۽ پشاور ٿيندي محسوس ٿي رهيو هو. هڪ ٻئي پويان لاهور ۾ دهشتگردي جي ڪارواين، ڦتاڪن ۽ آتشبازيءَ جي شوقين لاهورين کي پريشان ڪري رکيو آهي.

جيتوڻيڪ رولاڪ وٽ لاهور جي سلامتيءَ لاءِ نيڪ تمنائن جي اظهار واسطي اهو ئي سبب ڪوڙ آهي ته اهو سندس وڏندڙ شهر آهي ۽ اتي سندس ڪيترائي جگر دوست ٿا رهن پر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ وحشياڻي دهشتگرديءَ جي بدروح کي ڏسڻ وارو رولاڪ نه پنهنجي اڏوڏندڙ شهر اسلام آباد ۾ به دهشتگرديءَ نه چاهيندو.

دهشتگردي آهي به ته اهڙو معاملو جنهن ۾ ڪو انساني جيو رڳو ان ڪري موت جو حقدار ٻڻجي جو سندس ڪنهن مخصوص قوم/ علائقي/ٻولي /مذهب/فرقي سان تعلق آهي، جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پوءِ ٽيهه سيپٽمبر ١٩٨٨ع تي پڪي قلعي آڏو رهڙيءَ واري دڪان ٻاهران ڪراچيءَ کان آيل اڍائي ٽن سالن جي نينگريءَ جو جسم ڪلاشنڪوف جا برسٽ ڇو سهي ها.

جيتوڻيڪ منظم ۽ سياسي مقصدن لاءِ دهشتگردي جي عالمي

لهر ستر واري ڏهاڪي ۾ عروج تي پهتي پر رولاڪ جي ديس نديءَ ڪنڌ ۾ تيمورلنگ هٿان انساني لاشن جا مينار ٺاهڻ هجي، اورنگزيب هٿان هندن ۽ شيعن جو قتلام هجي، جليانوالا باغ ۽ قصا خواني بازار ۾ انگريزن هٿان هندستانين جو ڪوس هجي، آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۱۹۴۷ دوران پنجاب ۾هندن، سکن ۽ مسلمانن هٿان هڪٻئي کي ماري تاراج ڪرڻ هجي يا ڀڳت ڪنور رام جي ڇاتيءَ تي بندوق وهائڻ هجي، نديءَ ڪنڌ جي هر گهٽيءَ ۾ گام دهشتگرديءَ جو ڀيانڪ چهرو نه رڳو صدين کان پئي ڏٺو آهي پر رولاڪ جي راءِ ۾ ان جو ضرورت کان وڌيڪ مُلهه به چڪايو آهي.

رولاڪ کي ياد ٿو اچي ته جن ڏينهن ۾سنڌ ڀيانڪ نسلي ڏڦير ۽ قتلام جو شڪار هئي ته ڄامشورو ريلوي اسٽيشن (جتي رولاڪ جي هڪ اردو ڳالهائيندڙ واقف کي جيڪو ڪراچيءَ جي هڪ اڳواڻ جو پيغام ڪٽي جي ايم سيد وٽ سن پئي ويو. ڪجهه سنڌي شاگردن رڳو انڪري مارڪٽ ڪئي هئي جو هو اردو ڳالهائيندڙ هو) ۽رسان ڪراچي ايندڙ هڪ بس اٿلي پيئي ۽ بقول عبدالستار ايڌيءَ جي ته سڄي دنيا سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ چوي ٿي ته هو غير سنڌين کي برداشت ڪرڻ لاءِ به تيار نه هوندا آهن پر اُنهن اردو ڳالهائيندڙ زخمين لاءِ پنهنجو "سنڌي" رت ڏنو.

رولاڪ جي اها توريل تڪيل راءِ آهي ته انسان پنهنجي اندر ۾ ته عدم تشدد جوئي پيروڪار آهي، بس ڪڏهن ڪڏهن ڪو "ايڊونچر" ڪريو وجهي جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته بندوق جي ناليءَ مان فلسطين کي آزاد ڪرائڻ جا سپنا ڏسندڙ ليليٰ خالد لنڊن ايئرپورٽ تي جهاز اغوا ڪرڻ کان اڳ هڪ ٻارڙيءَ کي به ساڳئي جهاز جي مسافر ڏسي اغوا جو منصوبو ترڪ ڪرڻ جو ڪيئن سوچي ها ۽ جنوري ۱۹۴۷ ۾ هڪٻئي جو رت پيئندڙ ڪلڪتي جا هندو ۽ مسلمان هڪڙي اڪيلي گانڌيءَ جي "مرن برت" وگهي زندگي ڏيڻ جي دڙڪي کان

ڏجي ”هندو مسلم ڀائي ڀائي“ جي نعرن وارا گڏيل جلوس ڪيئن ڪڍن ها يا سيپٽمبر ١٩٤٧ع ۾ جڏهن دهليءَ جا رستا مسلمانن جي رت سان ڏوپجي رهيا هئا ته گانڌيءَ جو ساڳيو اهنسا وارو هٿيار (مرن برت) هندو ۽ سک شرنارٿين کان مسلمانن جا گهر ۽ مسجدون ڪيئن خالي ڪرائي ها!!

پر رولاڪ جي دنيا جو هاڃو ته اهو آهي جو”هڪ ڳل تي چماٽ هڻندڙ کي پنهنجي ٻي ڳل به چماٽ لاءِ آڇيو“ جهڙي ڳالهه ڪندڙ يسوع مسيح جا پيروڪار سچ جي ڌرتي (جپان) تي ائٽم بم ڪرائيندا اچلائين ۽ ويٽنام ۾ ٻارن کي سنگينون تا تنبين. گانڌيءَ جا ديس واسي ”مور جي ٺهوڪي تي ڏونگرن کي ديپ پائيندڙ“ راجستانين جي ديس ۾ انسانن جي تباهيءَ جي ڀيانڪ هٿيار ائٽم بم جو تجربو تا ڪن ۽ پنهنجي صدريءَ ۾ سدائين گلاب هڻندڙ ۽ هر جذباتي ڳالهه تي روئي پوندڙ نهرو جي ڌيءَ اندرا گانڌي سکن جي گولڊن ٽيمپل تي موتمار آپريشن تي ڪرائي، سڄي زندگي عدم تشدد جي حامي رهندڙ گانڌيءَ جي ڇاتي گولين سان پرڻ ڪئي تي وچي ۽ بنان سڪيورٽي جي گهمندڙ سوئيڊن جي وزير اعظم اولف پالمي کي نانڪ ڏسي موٽڻ تي ڪنهن نامعلوم قاتل جي بندوق جو ڪاڄ بڻجڻو تو پوي.

رولاڪ دهشتگرديءَ خلاف پنهنجي هڪ جيڏن مان حسن مجتبيٰ جو ”ٽيهه سيپٽمبر، پهرين آڪٽوبر / ڪائي ڳالهه خوشي جي ناهي، / هي هو قومي هيرا ناهن غنڊا آهن،/ ماٺهو جي منهن تي چڙهڻ پوندا آهن“ جهڙي لازوال شاعري ڪانسواءِ رولاڪ جي نظر ۾ واحد سنڌ جائي جينيئن دانشور حشو ڪيولراماڻي جوشيخ اياز ڏانهن لکيل اهو جملو به پڙهيو هو ته ”جيڪڏهن تون هُتي (سنڌ ۾) ڪنهن مهاجر تي هٿ کڻندي ته ياد رکجان ته آءُ (حشو) به هِتي (ڀارت ۾) شرنارٿي آهيان“ پر دهشتگرديءَ خلاف هن سڀ کان زوردار ڳالهه ١٩٨٢ع ۾ فلسطيني پناهگير ڪئمپن تي اسرائيلي جهازن جي بمباريءَ ڪانپوءِ هڪ

فلسطيني پار جي خدا ڏانهن لکيل خط ۾ پڙهي هئي، هن لکيو هو:
"او خدا! آءٌ ۽ منهنجي ننيڙي ڀيڻ پناهگير ڪئمپ جي هڪ تنبو ۾ رهندا هئاسين. الائي ڪٿان جهاز آيا ۽ وڏي ڇمار جي ماٺهن موجب هنن اسانجي ڪئمپ تي بم اڇلايا ۽ منهنجي ڀيڻ مري وئي. آءٌ اسپتال ۾ هڪ تنگ ۽ پانهن ڪپرايل زخمي بٽيل آهيان. ها، ڪالهه ڪجهه عورتون آيون. تن مون کي مٺائي سان گڏ ڪي رانديڪا به ڏنا پر هاڻ تون ئي ٻڌاءِ! آءٌ پنهنجي ننڍي ڀيڻ کانسواءِ اڪيلو ئي انهن رانديڪن سان ڪيئن کيڏان!!؟"

ستر واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن ۽ اسي واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن دوران انقلاب کي بندوق جي ناليءَ مان ايندي ڏسڻ جي تمنا ۾ "انقلابي" تشدد کي جائز سمجهندڙ رولاڪ پنهنجي ديس ۾ ١٩٨٦ع کان هيل تائين وهيل انساني رت ڏسي ان نتيجي تي پهتو آهي ته پل انقلاب نه اچي، پل دنيا جو چرخو جيئن جو تيئن هلندو رهي پر تشدد کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿو ڪري سهگجي، ڇاڪاڻ جو بهرحال عدم تشدد جي ديوتا گانڌيءَ جي اها ڳالهه سا صحيح ئي آهي ته جيڪڏهن توهين ڪنهن تي هٿ کڻندؤ ته ڪو ٻيو توهانجي ڪنهن پياري تي به الر ڪندو ۽ رولاڪ پنهنجن پيارن بابت انتهائي جذباتي آهي ۽ هو انهن لاءِ ڪو اهنج برداشت نٿو ڪري سگهي.

هلال پاڪستان
١٦ جون ١٩٩٦ع

ايڌي ۽ سندس رضا ڪار زنده باد

ايڌي ٽرسٽ آمريڪا جو چيئرمن عبدالستار اوزا ڪجهه ڏينهن اڳ نيويارڪ ۾ گذاري ويو. چاليهارو ڪن سالن ڪان عبدالستار ايڌي جي رضاڪار اوزا سان ٻه ٽيرا ملڻ جو اتفاق ٿيو هو. ٽيهه سال آمريڪا ۾ رهڻ جي باوجود اُتان جو هوا سندس وار به لوڏي نه سگهي هئي. هو نيويارڪ ۾ پنجويهه سال وڪالت ڪرڻ ڪانپوءِ به مٽي در/ ڪاري در جو ميمڻ رهواسي ئي لڳندو هو. مٺن پيشابن جي آخري درجي جو مريض هئڻ جي باوجود هو ٽپرين مٿيون شيون ڪائيندو هو ۽ پوءِ وري پنهجو پاڻ کي انسولين جي انجيڪشن هٿي سامت ۾ ايندو هو. هو نيويارڪ مان نڪرندڙ ايڌي ويلفيئر جرنل جو ايڊيٽر پڻ هو ۽ ٻين سمورن امريڪي صحافين وانگر وٽس به نيو يارڪ پوليس جو جاري ڪيل هڪ ڪارڊهو. هڪ ڏينهن هو روﻻڪ سان گڏ پارٽي قونصل خاني ويزا وٺڻ لاءِ هليو ته پنهنجي آمريڪي پاسپورٽ سبب سڌو قونصل خاني اندر هليو هو. واپسيءَ تي جڏهن ڪجهه انٽيليجنس وارن ڪيس روڪي پڇا ڳاڇا ڪرڻ شروع ڪئي ته همراهه کي مٽي در ۽ آمريڪا جي گڏيل جهجڪي چڙهي وئي ۽ هو ڏاڪا ٻڌي سرڪاري ڊيوٽي ڪندڙن تي چڙهي ويو. ڪافي دير هڻ هٿان ڪانپوءِ الائي ڪهڙي پور پوڻ تي عبدالستار اوزا کين پنهنجو نيويارڪ پوليس جو جاري ڪيل ڪارڊ ڪيڏي ڏيکاريو. هاڻ سائين روﻻڪ جي ديس جا ويچارا اٹپڙهيل/ اڌ پڙهيل جاسوس سپاهي، سو سمجهيائون ته ڪو آمريڪي پوليس عملدار آهي، ڪڙيون ملائي سيلوٽ ڪرڻ لڳا.

روﻻڪ عبدالستار اوزا سان گڏ ته ڪو ڊگهو سفر نه ڪيو هو پر جن دوستن ساڻس گڏ مسافريون ڪيون هيون تن جو چوڻ هو ته سفر دوران مٽس مٽي در ۽ آمريڪا جي گڏيل رهواسيءَ واريون ڪيفيتون چانيل هونديون هيون.

روﻻڪ کي هڪ ٻيرو عبدالستار ايڌيءَ سان گڏ ڪراچيءَ کان ٺٽي وڃڻ جو اتفاق ٿيو آهي. ٺٽي کان واپسيءَ تي روﻻڪ پنهنجي دوستن کي چيو هو ته ايڌي کيس سفر ۾ اُن ٻار جهڙو ٿي لڳو جيڪو ٻهريون ٻيرو گهران نڪتو هجي. هو سڄي واٽ هر ايندڙ ويندڙ گاڏي ۽ واٿهڙو

کي هٿ لوڏي سلام ڪندو رهيو هو. اها ڳالهه جڏهن رولاڪ ايڌي ٽرسٽ جي ڪم لاءِ ٺي ڪراچيءَ کان جيڪب آباد ويندي پنهنجي دوست رحيم بخش آزاد کي ٻڌائي هئي ته هو به رستي تان لنگهندڙ هر گاڏي ۽ واٽهڙو کي سلام ڪري رهيو هو ۽ موٽ ۾ هو به ڪيس سلام جو جواب هٿ لوڏي ڏئي رهيا هئا پر رولاڪ جي راءِ ۾ اهو جواب هنن آزاد بلوچ کي نه پر ايڌيءَ جي گاڏي کي ٿي ڏنو.

رولاڪ ١٩٨٦ع واري قرباني جي عيد تي ڪلون گڏ ڪرڻ کان وٺي جون ١٩٩٦ع ۾ ايڌيءَ جي آتم ڪٿا "ايڌي. انڌي لاءِ لٺ" جو سنڌي ترجمو ڪرڻ تي راضپو ڏيکارڻ تائين ايڌي ٽرسٽ جي ڪجهه سرگرمين ۾ حصو وٺي چڪو آهي. جيتوڻيڪ ايڌي، ٽرسٽ جي نالي چڙهيل سرگرمين ۾ زخمين کي ايمبولنس وسيلي اسپتال پهچائڻ، لاوارثن کي دفن ڪرڻ، ذهني طور تي اپاهج يا ٻي گهرن کي اجهو ڏيڻ شامل آهي پر ايڌي ٽرسٽ سان پنهنجي وابستگي دوران رولاڪ هر روز هڪ نئون ڪم ۽ نئين سرگرمي ڏٺي آهي.

رولاڪ کي پنهنجي ڪجهه واقفن جي انهيءَ "اعتراض" سان ڪو اختلاف ناهي ته هو ايڌيءَ جي معاملي تي جذباتي ٿي ويندو آهي. جيستائين جذباتي ٿيڻ جو تعلق آهي ته ڪنهن به وابستگيءَ تي جذباتي ٿي سگهجي ٿو ۽ رولاڪ جي راءِ ۾ اهو ڪنهن جي جيئري هئڻ جو ثبوت به آهي. رولاڪ جو هڪ دوست هڪ پيرو پنهنجي پسنديده شاعر تي ڪو منفي تبصرو ٻڌڻ تي نه رڳو ڪپڙن مان ٿي نڪتو پر ڪيترائي ڏينهن ٻوٿ سڄايو پيئي هليو. هاڻي، جيڪڏهن ادائي ٽي سئو سال اڳ جي شاعر تي جذباتي ٿيڻ ممڪن آهي ته پوءِ ايڌيءَ جي خدمتن ۽ سرگرمين جو اکين ڏٺو شاهد هئڻ ڪانپوءِ به جيڪڏهن رولاڪ جذباتي نه ٿئي ته هو پيو ڪجهه ته ٿي سگهي ٿو رولاڪ نٿو رهي سگهي!

رولاڪ آتم ڪهاڻيون انتهائي دلچسپيءَ سان پڙهندو آهي ۽ هيئنر تائين پڙهيل آتم ڪهاڻين مان ته هن اهو ٺي پرايو آهي ته پيغمبرن کان وٺي هاليووڊ جي فلمي اداڪارن تائين، سماجي ڪارڪن ڪانوني سياسي اڳواڻن تائين هرڪو ماڻهن خاص طور تي قلم جي "قصائين" جي تنقيد جو نشانو ٺي ٻڌيو آهي.

پر رولاڪ جي راءِ ۾ جيئن ته سنڌس ديس ۾ مسڪين جهان

خان ڪوسي جهڙي محدود خدمتن واري سماجي ڪارڪن ڪانسواءِ ڪو بيو پيدا ئي نه ٿيو آهي تنهن ڪري هو ايذي تي اهڙا الزام ٿا ڏرين جن تي به منٽ سوچڻ رولاڪ جهڙي واندي ڪي به وقت جو زيان لڳندو آهي.

رولاڪ کي شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي پوٽي ڪامران شيخ هڪ ڀيرو ٻڌايو هو ته شيخ صاحب پنهنجي عمر جي آخري حصي ۾ ڪمزور يادگيريءَ وارو ٿي پيو هو ۽ هڪ ڏينهن گهران جو نڪتو ته موٽي نه آيو. سنڌس گهر وارن پوليس کي اطلاع ڏنو ته پوليس معمول موجب ڪن ٽار ڪئي. جڏهن سنڌ جي قومپرست تحريڪ جي هڪ باني شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ڪٽنب / ياتين ايذي ٽرسٽ کي همراهه جي گم ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ته هنن بمبئي کان سنڌ جي آزاديءَ جي اڳواڻ شيخ عبدالمجيد سنڌي کي ڳولهي هٿ ڪري وارثن جي حوالي ڪيو. جن ڏينهن ۾ ايذيءَ تي الزام لڳو ته سنڌس ايمبولنسون حيدرآباد ۾ سنڌين جي قتلام لاءِ هٿيار فراهم ڪري رهيون آهن تن ئي ڏينهن ۾ ايذي ايئر ايمبولينس جي جهاز ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سکر جيل ۾ قيد هڪ اڳواڻ کي جناح اسپتال ڪراچي منتقل ڪيو پئي ويو. جڏهن "سنڌي قوم جا جوڌا" حيدرآباد جي رستن تي اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ به ادائي سئو ماڻهو ماري ڪڙين تي زور ڏئي رهيا هئا ته ڪراچيءَ ۾ ڪيترن ئي سنڌين کي بچائڻ لاءِ رکيو ايذي ٽرسٽ جون گاڏيون ۽ انهن جا رضاڪار هئا نه ته سنڌين جي بچاءُ/ آجپي لاءِ رت وهائڻ جي دعوا ڪندڙ ته پنهنجو پڪهر سڪائي رهيا هئا.

رولاڪ کي ياد ٿو اچي ته سنڌ ۾ فوجي آپريشن شروع ٿيڻ ڪانپوءِ عبدالواحد آريسر کي به گرفتار ڪيو ويو هو ۽ جڏهن آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هو سائنس پهريون ڀيرو خالق جوڻيجي جي گهر تي مليو ته هن بن ڳالهين جي ڪري رولاڪ کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. رولاڪ آريسر جي سياسي نقطي نظر جو مخالف هوندي به سنڌس بردباري، سنجيدگيءَ ۽ ثابت قدميءَ کان انڪار نه ڪندو آهي پر تنهن رات هو ڪيس ڪجهه ٽتل ڦتل لڳو هو. آريسر جي ٻي ڳالهه جنهن رولاڪ کي حيران ڪيو هو سا اها ته آريسر موجب جڏهن ڪيس فوجي آفيسرن ٻڌايو ته هو ڪيس آزاد ٿا ڪن ته هُن ڪين چيو هو ته هو ڪنهن به ايذي سينٽر آڏو ڪيس ڇڏي اچن. رولاڪ کي ايتري خاطري آهي ته آريسر ان

مهل غلط نہ پئي ڳالهايو ڇاڪاڻ جو هو جنهن حالت ۾ هو ان ۾ سچ ڪانسواءِ ڪجهہ ڳالهائڻ ممڪن ئي نہ هوندو آهي.

۽ اڄ جڏهن مٿس الزام لڳي رهيا آهن تہ هو سموري دولت ميڙي ملڪ کان ڀڄڻ ٿو چاهي تہ ايڌي انهيءَ پتوڙ ۾ آهي تہ ڪنهن ريت ايڌي ٽرسٽ جو ڪم ڪار مناسب ماڻهن جي هٿ ۾ ڏئي پنهنجي زال بلقيس ايڌيءَ سان گڏ جهونا مارڪيٽ ۾ ٻن ڪمرن واري پنهنجي ماءُ جي گهر ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذاري.

بلقيس ايڌيءَ جي ذڪر تي رولاڪ کي وني مانڊيلا جو هڪ انٽرويو ٿو ياد اچي جنهن ۾ هن چيو هو تہ سندس ۽ نيلسن جي شاديءَ کي پنجويهہ سال ٿي چڪا آهن پر هڪ جوان جماڻ ڏيءَ هوندي بہ هوءَ پنهنجي پاڻ کي اڃا تائين ڪا نئين نويلي ڪنوار ٿي سمجهندي آهي جو هن ٻنهي پاڻ ۾ گڏ وقت ئي تمام ٿورڙو گذاريو آهي. بلقيس ۽ عبدالستار ايڌيءَ جو معاملو بہ ائين ئي آهي. شاديءَ واري ڏينهن تي پنهنجي مڙس جي گاڏي هلائي ڪنهن زخمي کي اسپتال پهچائڻ واري ڏينهن کان وانگر هوءَ پنهنجي مڙس سان مڪمل وقت گذارڻ اڄ بہ چاهيندي هوندي.

ايڌي ٽرسٽ جي ذڪر تي رولاڪ کي ياد آيو تہ جڏهن امريڪا گڏيل قومن جي بجيٽ ۾ پنهنجي حصي ڏيڻ کان گوٽنات ڪئي تہ امريڪا جي ڪيترن ئي شهرين ان رقم جي في فرد حصي طور پنهنجي حصي ۾ آيل رقم تہ گڏيل قومن جي اداري کي موڪلي ڏني پر ساڳي وقت پنهنجي حڪومت جي انهيءَ ڪڌي عمل تي معافي بہ گهريائون. رولاڪ جي بہ هڪ دوست تازو چيو تہ جڏهن ايڌي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي وڪڻڻ لاءِ اسلام آباد وانگر اسٽال هڻندو تہ هو ضرور هڪ ڪتاب خريد ڪندو ڇاڪاڻ جو هو پنهنجو پاڻ کي ايڌيءَ جو قرضي ٿو سمجهي.

بس رولاڪ جي ايتري ئي خواهش آهي تہ سندس سمورا ديس واسيءَ گڏجي ايڌيءَ کي منٿ ميڙ ڪن تہ هو ڪين ڪڏهن بہ ڇڏي نہ وڃي ڇاڪاڻ جو ايڌيءَ جي ضرورت رکو اخلاق جوڪئي جي ڪردار لاشن کي ئي نہ پر اسان جيئرن کي بہ آهي.

هلال پاڪستان
٨ جولاءِ ١٩٩٦

ارونا جي A roma

ننڍي کنڊ ۾ آزاديءَ واري جدوجهد جي سورمي ارونا آصف علي گذاري وئي. اهڙي ننڍي کنڊ ۾ جتي بيٺڪيتي راڄ جا مضبوط ۽ سگهارا ٿنڀ بڻجندڙ ئي ماڻهن جي قسمت جا مالڪ بڻيا بيٺا آهن، ارونا هڪ سچي پچي باغي جو ڪم اڪيلي سر پئي نڀائيو. انگريزن خلاف بمن ۽ گولين سان ويڙهه ڪندڙ ارونا گرو رجنيش جي بقول سماج جي رد عمل بدران پنهنجي هر وک ۽ عمل ۾ باغي هئي. هوءَ پهرين برهمڻ مائي هئي جنهن عاشقاڻي ۽ عقلي فيصلي سان هڪ مسلمان سان شادي ڪئي. اهڙي پارت ۾ ته مشهور سماجي ۽ تاريخي ماهر عائشا جي شادي رام سان ٿيل آهي پر اڄ کان ستر کن سال اڳ جڏهن پاڻي به هندو ۽ مسلمان هوندو هو، اِهو بغاوت جو بيباڪ ۽ اڻوتو اظهار هو. پر رولاڪ سوچي ٿو ته ڇا ارونا جي سچائپ رڳو اهائي آهي ته هُن باغي من سان هڪ سوشلسٽ مسلمان سان وهانءُ ڪيو هو؟ هوءَ ته ننڍي کنڊ جي واحد "دهشتگرد" ڪارڪن هئي جنهن لاءِ اهنسا جي پيغمبر گانڌي به پيرا انگريز وائسراءِ سان ڳالهيون ملتوي ڪري ڇڏيون هيون.

جيتوڻيڪ رولاڪ جي ننڍي کند ۾ آزادي ڪانپوءِ وارا ڏينهن "ڇتي اسير تو بدلا هوا زمانه ٿا" ثابت ٿيا آهن پر نئين دهليءَ جي پهرين ميئر ٿيڻ ڪانپوءِ هن انساني ڀلائي وارا جيڪي ڪم ڪراياسي رولاڪ جي راءِ ۾ منزل ماڻڻ جي پهرين ٿاڪ تي پهچندڙن ڪي ئي سونهن ٿا. رولاڪ جي خيال ۾ پنهنجي ٺهرايل سرڪاري اسپتال ۾ زندگيءَ جا آخري ڏينهن سڪرات ۾ گذاريندي به ارونا جي آتماگهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهه تي ضرور مطمئن هوندي ته قرةالعين حيدر، خوشونت سنگهه ۽ ڪي ايل ملڪاڻي جي شهر دهليءَ ۾ هڪ جاءِ اهڙي به آهي

جتي انسانن جي حياتيءَ لاءِ پتوڙيو ٿو وڃي. رولاڪ کي ياد ٿو اچي تہ بابري مسجد واري ڇڪتاڻ وارن ڏينهن ۾ جڏهن پارت ۾ شو سينا ۽ بجرنگ بليءَ وارن مسلمانن کي هيسائڻ/ مارڻ شروع ڪيو تہ ارونا آصف عليءَ ٨٢ سالن جي وڏي ڄمار هوندي بہ ان خلاف احتجاجي جلوس جي قيادت ڪئي هئي ۽ هڪ پارتي صحافيءَ موجب وڳوڙين جي همت ئي نہ ٿي جو ارونا جي سامهون ٿين. رولاڪ جي راءِ ۾ ان ڪان وڏيڪ مجتا شايد ئي آزاديءَ جي ڪنهن سورمي جي ڀاڱي ۾ اچي.

نندي کنڊ ۾ آزاديءَ جي جدوجهد جا رنگ ئي نرالا هئا. هڪ پاسي انگريزن جون خوشامدون ڪري ۽ سندن بگين کي گهوڙن جي جاءِ تي ڇڪي سر/ خان بهادر ۽ ٻيا لقب وٺندڙ هئا تہ ٻئي پاسي ڪلپنادت، ارونا آصف علي ۽ سکديو جهڙا سورما هئا جيڪي بمن ۽ گولين سان ائين ٿي کيڏيا جيئن بسنت جي مُند ۾ جوانڙيون پينگهہ وجهي جهومنديون آهن.

رولاڪ کي ياد آيو تہ نندي کنڊ جي دانشور سياستدان جواهر لال نهرو پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ ڪٿي لکيو آهي تہ سندن اهنسا واري سياست جي مخالفت ڪندي ڪنهن "بم پارٽي" جا ٻہ نڀل نوجوان ساڻس ملڻ/ وڙهڻ آيا. نهرو موجب نڀل جسم ۽ جوت پريل نيڻن سان هو ٻہ ڪلاڪ کن ساڻس پنهنجي موقف تي ڳالهائيندا رهيا. نهرو پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي تہ اڄ جڏهن نندو کنڊ آزاد ٿي چڪو آهي تہ گانڌيءَ جي عدم تشدد واري فلسفي کي پنهنجي ريت سمجهندڙ پارت کي انهن نڀل نوجوانن کي نہ وسارڻ گهرجي جيڪي نہ ڄاڻ ڪهڙي محاذ تي ڪنهن بم يا گوليءَ جو کاڄ بڻجي چڪا!

رولاڪ کي ڀڳت سنگهہ تي ٺهيل فلم جو اُهو سين ڪڏهن بہ نٿو وسري سگهي جنهن ۾ ڀڳت سنگهہ ڦاسيءَ کان اڳ آخري ملاقات تي پنهنجي ماءُ کي بسنتي رنگ جو هيڊو چولو اٽڻ لاءِ ٿو چوي ڇاڪاڻ جو سندس بقول ڦاس تي جهولڻ وارو پل سندس ۽ سندس پريتما

"آزاديءَ" جي ميلاپ جي گھڙي هوندي. ۽ ها ڀڳت سنگھه جو ساٿي اجي ڪمار گھوش جڏهن پوليس سان آخري مقابلو ڪندي پساهه ڏئي ويٺو تڏهن به پوليس ڏيڍ ڪلاڪ کن تائين اُن وڻ جي ويجھو نه وئي هئي جنهن پويان لڪي هُن پوليس تي فائر تي ڪيا ۽ سندس مرڻ پڇاڻان جڏهن اِهو وڻ هندستان واسين لاءِ ڪنهن مترا، ڪاشي، ملتان جھڙو مقدس بڻجي ويو ته انگريزن اهو وڻ ئي ڪپرائي ڇڏيو پر هو اجي ڪُمار گھوش جھڙن انيڪ سورمن جي ياد ابراهيم جليس جي بقول چاليهه ڪروڙ بڪارين جي من مان ڪڍي نه سگھيا.

روﻻڪ جي سياسي ڪارڪن هڻڻ وارن ڏينهن ۾ ڪيس ڪنهن پوڙهي مائٽياڻي ٻڌايو هو ته سندس پاءُ ڪانگريسي هو ۽ جڏهن چرخو ڪتيندي جيل تي ويو ته هُن پنهنجي پاءُ جي ڇهري تي سندس شاديءَ واري ڏينهن ڪان به وڌيڪ سُرهائي ڏٺي هئي. روﻻڪ جي راهه ۾ پنهنجي من ۾ ڪيل فيصلي جي اِها شانتي ئي آهي جنهن يشپال جي ناول ساٿيءَ جي مرڪزي ڪردار ڪان پنهنجي ڇهري تي پاڻ تيزاب هاري سياسي ڪم تي ڪرايو. سکڻي ستابي واڻٽي سيٺ جي پٽ هيمون ڪاﻻڻي ڪان ريل جون پٽڙيون تي اکيڙايون ۽ ڪلپنادت ڪان انگريزن وئسراءِ تي بم اڇلرايو ۽ ڪانٿس معافي گھرڻ جي طلب رڪندڙ انگريز مئجسٽريٽ کي آزاد تيڻ جي صورت ۾ ٻيهر حملي ڪرڻ جو دڙڪو تي ڏياريو.

بس روﻻڪ انکانسواءِ ٻي ڪھڙي فرمائش ڪري ٿو سگھي ته پنهنجيون جانيون/ جوانيون ۽ پيارا ڪنهن مقصد لاءِ ارپيندڙن کي وسارڻ نه گھرجي ته جيئڻ ڪو به اِهو ڇئي نه سگھي ته "ڇتي اسير تو بدلا هوا زمانه تا"

هلال پاڪستان

۱۳گست ۱۹۹۶

عمر ڪوٽ يا ترا

رولاڪ کي تازو تر جي شهر عمر ڪوٽ وڃڻ جو موقعو مليو. سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت ۾ مارئي جي قيد خاني، اڪبر بادشاهہ جي ڄمڻ واري ماڳ ۽ مومل جي ماڙيءَ لاءِ مشهور عمر ڪوٽ رولاڪ کي سنڌ جي ڪنهن ٻئي ڏورانهين شهر کان ڪو گهڻو مختلف نہ لڳو. ڊاڪٽرن جي هڪ تيم سان عمر ڪوٽ ويل رولاڪ کي اُتان جي ڊاڪٽرن بہ ڪو گهڻو متاثر نہ ڪيو. جيڪڏهن رڳو اِهوچئجي تہ عمر ڪوٽ جا ڊاڪٽر بہ ڪوٽا سسٽم تي داخلائون وٺي سهولتن کان محروم سرڪاري ڪاليجن جا پڙهيل آهن تنهن ڪري سندن ڄاڻ محدود آهي، تہ پوءِ رولاڪ جي راءِ ۾ وڏن ملڪن ۾ ماڻهن جو اِهو موقف درست تہ ڄاڻ اعليٰ ادارن ۾ تِلهن مهانگن ڪتابن ۾ ئي تي ٿئي، رولاڪ بهرحال ان راءِ سان متفق ناهي.

عمر پهرين جو نهرايل ڪوٽ سنڌ جي ٻين قلعن /ڪوٽن / پراڻين جاين وانگر نڌڻڪو تي لڳو. ڪوٽ جي ٻاهرين پٽ جون جهرندڙ سرون ان ڳالهہ جو پليڪارڊ هيون تہ هيءُ انهن ماڻهن جو ديس آهي جيڪي ان ڳالهہ تي تہ فخر ڪندا آهن تہ پنج هزار سال پراڻي سندن ديس جي مهن جي دڙي جون گهٽيون سڌيون ۽ گندي پاڻي جي نڪاس واريون ناليون رکندڙ هيون پر مهين جي دڙي جي اجوڪن ڪنڊرن تي وچي گند ڪچرو اڇلائڻ ۽ انجي مڪمل تباهيءَ ڪي تيزيءَ سان اڳيرو ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائڻ سندن تاريخي فرض آهي. اها ڳالهہ بہ رولاڪ جي سمجهہ ۾ نہ اچڻ جوڳي آهي تہ حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ رهندڙ هزارين ماڻهن کي لڏائڻ جي گهر ڪندڙ سنڌي دانشورن کي عمر ڪوٽ واري قلعي ۾ نهيل ڊي سي هائوس ۽ ايس ڊي ايم وغيره جون آفيسون ڇو نہ ٿيون نظر اچن. شايد انجو سبب رولاڪ جي ديس

واسين جي هر ڏاڍي کي سلام ڪرڻ واري عادت آهي نه ته مارئي کي پنهنجي قومي سورمي سڏيندڙ رولاڪ جي ديس واسين جي ابن ڏاڏن ۾ ايتري به همت نه هئي جو هو عمر ڪوٽ تي چڙهائي ڪري پنهنجي مارئي کي آجو ڪرائي سگهن. بس سائين ! اسين رڳو لفاظيءَ جو نسل آهيون!

رولاڪ لاءِ قلعي اندر اِها ڳالهه به عجيب هئي ته ويهين صديءَ جي آخري سالن ۾ به پيئڻ جو پاڻي هندو ۽ مسلمان ٿيندو آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هڪ سبيل تي لکيل "هندو پاڻي" ۽ "مسلمان پاڻي" ڏسي رولاڪ کي من ۾ جيڪو تير لڳو سو لڳو پر ڪيس انهن سمورن ماڻهن خاص طور تي دانشورن ۽ صحافين تي سچ پچو ته ڪاوڙ لڳي جن پاڻي جهڙي بي مذهب نعمت کي به مذهب جي حوالي سان ورهائڻ ۾ خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هوندئن به هندن وٽ پوڇا لائق ۽ مسلمانن وٽ ڪربلا جي پانديئڙن جي اُڃ مٽائڻ جي علامت بڻيل سبيلن کي هندو ۽ مسلمان بنائڻ رولاڪ جي راءِ ۾ قابل قبول ڳالهه نٿي ٿي سگهي.

عمر ڪوٽ ۾ هڪ ٻيو ماڳ اڪبر جي ڄمڻ واري جاءِ آهي. هاٺوڪي شهر کان ڪجهه پريرو هڪ ڪُتل پٿر تاريخ جي گهٽين ڪڙين جو پتو ٿو ڏي. پر ڪنهن جي سوچڻ لاءِ اِها ڳالهه هجي يا نه پر رولاڪ ان ڳالهه بابت سوچي ٿو ته شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي ڀڄندڙ همايون بادشاهه جي سفر جي جلاوطنيءَ ۾ ڇاول پٽ اڪبر جي جوڙيل ڪنهن حد تائين سڪيولر دين الاهي جو سبب ڄمڻ کان اڳيئي وستي پٽڪڻ ته نه هو يا اُهو شخص جيڪو ويراني ۾ پٽڪندڙ قافلي ۾ ڇائو هجي ۽ جنهن جي پيءُ وٽ پنهنجي پهرين پٽ جي ڄمڻ تي ورهائڻ لاءِ عطر ڪانسواءِ ڪجهه به نه هجي ڪيئن انارڪليءَ کي پٽ ۾ جيئرو پورڻ جو حڪم ڏئي سگهيو.

جيتوڻيڪ رولاڪ پنهنجي هاٺوڪي عمر ڪوٽ ياترا ۾ مومل جي ماڙي نه ڏسي سگهيو پر عمر ڪوٽ واري قلعي تان مومل جي ماڙيءَ ڏانهن نهاريندي هُن ايترو ضرور سوچيو هو ته رولاڪ جي اياڻي ديس ۾ عورتن کي ڪمتر سمجهڻ ۽ ڪين ڪڏهن به ڪنهن به ڳالهه ۾

سوپارو نہ مجڻ واري ريت ڪيستائين هلندي؟
جيڪڏهن رولاڪ جي ديسين جي غيرت نہ پڙڪي تہ هو اِهو سوال ڪرڻ ضرور چاهيندو تہ اسان مان گهڻا اڄ بہ مومل جهڙين عقلمند عورتن کي سندن جائز حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار آهن؟ بس ڳالهہ پتائي واري ٿي آهي تہ "الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن."
رولاڪ کي عمرڪوٽ ۾ ٿي سانتا ڪلاز جهڙي پنهنجائپ وارو سياءُ رکندڙ ڊاڪٽر هر چند راءِ گرڏاري لال بہ مليو. ۱۹۴۱ع ۾ ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ورتل ڊاڪٽر هرچند سان رولاڪ جو تہ اِهو تعلق بہ نهي ٿو تہ جنهن عمارت ۾ هُن طَب جي تعليم پرائي هئي اُن ساڳي عمارت ۾ رولاڪ هاءِ اسڪول واري تعليم حاصل ڪئي. ڊگهي اڇي ڏاڙهي، اڇن وارن ۽ پروئن واري اڇا ڪپڙا پاتل ڊاڪٽر هرچند گرڏاري لال جو عشق ٿر جي روائتي پوشاڪ ۽ زيورن جا نمونا گڏ ڪرڻ آهي. پنهنجي سنگتين ساٿين سان گڏ رولاڪ بہ سندس پيار جو پورهيو ڏٺو ۽ هڪ ڏينهن اڳ سنڌ جي گورنر جي زال کي پنهنجو خزانو ڏيکاريل ڊاڪٽر هر چند راءِ رولاڪ ۽ سندس سنگتي ساٿين جهڙن بي نام ماڻهن کي بہ پنهنجي خزاني متعلق ايتري اتساهہ ۽ جوش مان ٻڌائي رهيو هو جڻ تہ ڪو ٿين ايجر پنهنجي پهرين عشق جي وارتا پهريون پيرو ٻڌائي رهيو هجي. ٿري پيرت جا اِهي نمونا ڏسندي رولاڪ کي الائي ڪٿي پڙهيل اِهو جملو ڏاڍو ياد آيو تہ "هن اٿت جي هر سيپي ۾صدين جي تڪيل اَڱرين جو روح شامل آهي."
بس رولاڪ جي ايتري ٿي خواهش آهي تہ ڊاڪٽر هرچند راءِ جهڙا پيارا ماڻهو سدائين هجن ۽ عمر ڪوٽ کان ڪجهہ ڪوهہ ڏور جڳهي ٿاهي رهندڙ پوڙهي زال مڙس جي زندگيءَ ۾ بہ ڪا تبديلي اچي، جن بابت رولاڪ کي پڪ آهي تہ هو مريخ/ جوپيٽر تي حياتي جي دريافت جيترين وڏيون خوشيون ماڻڻ تي معمولي بس جهڙي سواري ۽ معمولي بيمارين جي وقت سردوا درمل کي ٿي ترجيح ڏيندا.

هلال پاڪستان
۲۳ آگسٽ ۱۹۹۶

”چل چلئي ميلي تي“

قصور ۾ بلهي شاهه جو ميلو شروع ٿي ويو آهي ۽ رولاڪ هن سال به ميلي جي ڏينهن ۾ قصور ۾ ناهي. بلهي شاهه جي قصور لاءِ نه رولاڪ اوپرو آهي نه وري قصور ئي هن لاءِ اوپرو ٿي سگهي ٿو. سنڌ جي جديد سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ بنگالي اُپسمنڊ جهڙي طوفاني لهر آڻيندڙ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ سان قصور جو اڻ ٽٽ تعلق آهي. نواب محمد احمد خان جنهن جي قتل جي سازش ڪرڻ جو بهانو گهڙي ڀٽي کي ڦاس تي ٽنگيو ويو. بلهي شاهه جي نگريءَ جوئي هو. رولاڪ جي پنجاب ۾ رهڻ وارن ڏينهن دوران سنڌس هڪ دوست ٻڌايو هو ته ڀڳت سنگهه کي ڦاسي جي نگراني ڪندڙن ۾ انگريزن جو نامزد ڪيل نواب محمد احمد خان به هو ۽ اتفاق جي ڳالهه اها هئي جو سندس قتل لاهور جي فيروزپور روڊ تي اُن جاءِ جي ڀرسان ئي ٿيو هو جتي ڀڳت سنگهه کي ڦاس تي چاڙهيو ويوهو. شايد تاريخ پنهنجي پيارن سان ٿيندڙ ڏاڍاين جو پلاند ائين ئي وٺندي آهي.

ميڊم، نورجهان، اُستاد بڙي غلام علي خان، نظام لوهار ۽ بلهي شاهه جي نگري قصور ۾ رولاڪ جيترا ڀيرا به ويو ته اهو ڪيس افسانوي ڪتابن جي ڪنهن ننڍڙي شهر وانگر ئي لڳو.

سواريءَ لاءِ هلندڙ ٽانگن ۽ ڪيترن ئي پراڻين جاين واري شهر قصور جو ڄائو چوڌري منظور رولاڪ کي هڪ اهڙي دوست طور مليو جنهن وسيلي ڪيس لاهور جو اوپرو شهر ۽ اتان جا ماڻهو به پنهنجن وانگر لڳا. قصور ڪاليج ۾ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان سياسي سفر شروع ڪندڙ منظور اڄڪلهه پيپلز پارٽي ضلعي قصور جو اطلاعات سيڪريٽري آهي ۽ تقرير جو هي بادشاهه برلن ڀت ڊهڻ کانپوءِ به ڪميونسٽ آهي ۽ ڪميونزم تي سنڌس پختو ويساهه ڏسي سچ پڇو ته رولاڪ کي خود ڪميونزم تي پيار ايندو هو ته انجا کي اهڙا ڪارڪن ۽ عاشق به آهن.

رولاڪ کي پنجاب جي قصور ۽ سنڌ جي شڪارپور ۾ تمام

گھٽيون هڪجهڙايون نظر اينديون آهن. شڪارپور وانگر قصور به ڪيترائي فنڪار ۽ ليکڪ پيدا ڪيا. ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ هڪ وڏو نالو ٻڌجندڙ اُستاد بڙي غلام علي خان قصور جي مٽيءَ جو ڄائو هو پر جڏهن کيس سنڌ نه ويو ته هو پارت هليو ويو جتي تڏهونڪي پارتي وزير اعظم جواهر لال نهرو ايئر پورٽ پهچي سندس آڌر ڀاءُ ڪيو هو. جيتوڻيڪ رولاڪ به ان راهه جو آهي ته فن جي ڪا سرحد نه ٿيندي آهي پر اُستاد بڙي غلام علي خان کي وطن ڇڏڻ تي مجبور ڪندڙ حالتن کي ڪنهن به ريت Justify نٿو ڪري سگهجي .

اُستاد بڙي غلام علي خان متعلق چون ٿا ته هدايتڪار محبوب جي مشهور فلم "مغل اعظم" ۾ ڏيڍ منٽ جي ڪلاسيڪل راڳ جو هڪ پلتو هو، سو محبوب پنهنجو ڪو خاص ماڻهو اُستاد ڏانهن قصور اماڻيو پر اُستاد بمبئي وڃڻ کان نابري واري. راوين موجب بعد ۾فلم جو هيرو ۽ نندي ڪنڊ جي فلمي دنيا جو ديو مالائـي ڪـردار دليپ ڪمار اُستاد وٽ آيو ۽ کيس ڇيائين ته هو دليپ ڪمار آهي، انتي اُستاد کيس ٺهه پهه ورائيو هو ته هو غلام علي خان آهي. بعد ۾ هدايتڪار محبوب جي سرواڻي ۾ مغل اعظم فلم جو سڄو يونٽ هڪ مهيني لاءِ قصور ۾ اچي رهيو ۽ ڏيڍ منٽ جي ريڪارڊنگ ڪانپوءِ واپس وريو. بس سائين محبوب جهڙو فنڪار ئي اُستاد بڙي غلام علي خان جو قدر ڪري پئي سگهيو، رولاڪ جي ديس جي لانگ بوٽ پاتل فوجين کي ڇا خبر ته اُستاد جي گلي جي گودڙيءَ ۾ ڪهڙالال هئا. ڪو پل ڇا به چوي پر ڳائڻ جي دنيا ۾ نور جهان جو به ڪو ڇيهه ناهي، اها ڏار ڳالهه آهي ته واٽڙي شاعريءَ وارا ڪيترائي فلمي گيت ڳائي ميڊم نورجهان پنهنجو قدر گهٽائي جام ڏوڪڙ ڪمايا آهن پر فيض جو نظم "مجهه سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه مانگ" يا رولاڪ جي اوائلي ڏنل فلم دوستيءَ جو گانو "يه واديان، يه پربتون کي شاهزاديان" جهڙا گيت ڳائيندڙ نورجهان بي شڪ ترنم جي راڻي آهي.

قصور جو هڪ ٻيو اهم ڄائو نظام لوهار آهي، جنهن انگريزن خلاف هٿياربند بغاوت ڪئي ۽ انڊيا آفيس لائبريءَ ۾ پيل دستاويزن ۾ "ڌاڙيل" جو لقب ماڻيائين. اڄ پل هو انگريزن جي فنائل لڳل گورين

جي بوءِ سان ڀريل فائلن ۾ غدار، قاتل ۽ ڌاڙيل چئي ڦاسي لڳل مجرم هجي ۾ رولاڪ سميت آزادي کي انسان جو فطري حق سمجهندڙن جي نظر ۾ سچو پچو سورمو آهي.

رولاڪ جي ان راءِ سان الائي ڪو سهمت ٿئي يا نه ته پنجاب جا صوفي شاعر سنڌ جي صوفي شاعرن کان وڌيڪ Bold آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو جنرل ضياءَ کان وٺي بينظير ڀٽو تائين ڪو به حاڪم بلهي شاهه جي ميلي جو افتتاح ڪرڻ نه ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو رولاڪ جي مرضي پڇي ته هو اهوئي چوندو ته ڀٽائي جي ميلي تي به ڪنهن حاڪم کي پنهنجي آمد تي ڀٽائي جي اصل وارث عام ماڻهن تي لٺيون وسرائڻ لاءِ نه اچڻ گهرجي.

رولاڪ کي بلهي شاهه جي مزار تي اچرج ان ڳالهه تي ٿيو هو ته "ڪنجري بڻيان ميري عزت نه گهٽدي، مينون نچ کي يار مناوڻ دي" جهڙي شاعري ڪندڙ جي مزار اندر عورتن جي وڃڻ تي پابندي آهي ڇاڪاڻ جو بلهي شاهه سڄي زندگي شادي نه ڪئي هئي. رولاڪ پنهنجي قصوري دوستن کي انتي چيو هو ته يار ڪنهن جي عشق ۾ ٿيا ٿيا ڪري نچندڙ بلهي شاهه شايد ان ڪري شادي نه ڪئي هجي جو ڪيس پنهنجي پسند جي مائي نه ملي هجي ۽ هاڻ وري اجوڪا همراهه سندس مزار تي عورتن جي اچڻ تي پابندي هڻي ڪيس پنهنجي پسند جي مائي ڳولهڻ جي موقعن کان محروم بنائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.

رولاڪ هنن ڏينهن ۾ سچ پچ جذباتي بڻيل آهي ته هو هن سال به بلهي شاهه جي ميلي تي نه وڃي سگهيو آهي جتي سندس ڪيترائي سنگي ساٿي "مجلس بابا بلهي شاهه" طرفان مختلف پروگرام ڪري رهيا هوندا.

بس ڪو اهڙو ڏينهن اچي جڏهن رولاڪ روز پنجابي چوٽي "اڙڪ مرجاڻا هئي، چل چلئي ميلي تي" چوندي ڪنهن نه ڪنهن ميلي ملاکڙي ڏانهن راهي هجي.

هلال پاڪستان

٢٧ آگسٽ ١٩٩٦

موت... !!!؟؟؟

روﻻڪ پنهنجي گذريل ڪالم ”چل چلئي ميلي تي“ ۾ هڪ غلطي ڪري وڌي آهي. اها غلطي فلم مغل اعظم کي محبوب جي کاتي ۾ وجهڻ آهي جڏهن تہ ان فلم جو ڊائريڪٽر، پروڊيوسر ۽ ليکڪ ڪي آصف هو جنهن ان فلم ۾ ايڪسٽرا طور بہ ڪم ڪيو هو. معاملو رڳو روﻻڪ جي معذرت سان حل نٿو ٿئي. ان ڪالم ۾ ڪيل غلطيءَ تي ڪيس نرڳ (دوزخ) مان أماٿيل بہ خط مليا آهن. خط لکڻ واري هڪ خط هيٺان ڪي آصف ۽ ٻئي تي محبوب جا ناﻻ لکيا آهن. ڪي آصف جي نالي سان لکيل خط ۾روﻻڪ کي اهڙائي پاراتا ۽ دڙڪا ڏنا ويا آهن جهڙا ڪو فنڪار پنهنجو فن پارو ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪرڻ تي ڏئي سگهي ٿو. البتہ محبوب جي نالي سان لکيل خط ۾ ٻارن جهڙي جنهن اُبهرائي ۽ خوشيءَ وچان ڪپڙن مان نڪرڻ جو مظاهرو ڪيل آهي اُهو روﻻڪ جي راءِ ۾ مدر انڊيا جهڙي ﻻجواب فلم ٺاهيندڙ محبوب جهڙي وڏي فنڪار جو وڙ ناهي. بهرحال جنهن بہ يار اهي خط لکيا آهن تنهن جي مهرباني ۽ ڪانئس روﻻڪ جي اِهائي فرمائش آهي تہ هو ايئن ئي لکندو رهي چڱو ٿو لڳي. پنهنجي ٻن چئن پڙهندڙن جي دلچسپي ﻻءِ روﻻڪ اِهي خط جيئن جو تيئن شايع ڪري رهيو آهي. پهرين محبوب جو خط - هو لکي ٿو:

”ماڪيءَ ڪان منا اسلم الله وارا

نرڳ ۾ پهچي جڏهن ٻڌايم تہ آءُ محبوب اعظم آهيان جنهن مدر انڊيا تخليق ڪئي هئي تہ ايتري قدر تڪ بجو ڪيائون جو نرڳ ۾ اچڻ جي سڄي خوشي خاڪ ۾ملي وئي. چوڻ لڳا تہ پيٺهان لباڙي! هندي ”عورت“ کي ڪٽي انگريزي ”مدر انڊيا“ ڪيئي تہ پيو ڦونڊجين، نرڳ ۾ تنهنجو اچڻ ئي اسان جي ﻻءِ ٻڏڻ جهڙو آهي. چارئي پاسا نظر ڦيرائي

ڏنم پرڪو اوئي وائي ڪونہ هو. نہ نرگس نہ راجڪمار (اجان پهتو ناهي) پر اوچتو ڏنم تہ پنهنجو ڳوٺائي فيروز خواجا هلال پاڪستان اخبار هٿ ۾ ڪنيو اچي پهتو ۽ مونکي ڪلهن تي چاڙهي سڄي هال ۾ نچڻ لڳو. اچرج ۾ پيل ساڻين سان گڏ آءُ پاڻ حيرت ۾ پئجي ويس تہ رب سائين توهانجو وزن گهٽائي جو مون ننڍڙڪي محبوب خواجا جي لاءِ ايڏو خفو ڪيئي جو منهنجي قبر ڪوٺي مغل اعظم جو اسڪرپٽ منهنجي مڙهہ هيٺان ڪڍي مونکي نرگس ۾ ڪنڌ ڪٽي هلڻ جهڙو ڪيئي. تنهنجي انهيءَ احسان عظيم جو قرض لاهڻ جو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو نٿو سجهيم، بس سوچيان ٿو تہ ايندڙ جنم ۾ "انداز" ڪي Repeat ڪندس ۽ توکي ئي راجڪپور وارو ڪردار ڏيندس. اميد تہ اها ننيڙي پيتا سوئيڪار ڪندي. مهرباني ڪري ڪي آصف جي بي آر او هريجن نظاماڻي ڪان پاڻ بچائجان ۽ خوشي ۽ جذبات ۾ اچي بيرنگ لفافو موڪلڻ تي معذرت قبول ڪري ڊاڪ خرچ خط پهچائڻ واري کي ڏئي ڇڏيو.

نرگس ۾ توهانجي شاندار استقبال جو خواهشمند/ محبوب اعظم"

هاڻ ڏسو ڪي آصف جو خط:

"رب رلايا رولاڪ!

نرگس ۾ ويهن سالن واري پرسڪون ۽ باعزت زندگيءَ ۾ڪنهن جي اها جرات ڪونہ ٿي تہ منهنجي روبرو زور آواز سان ڳالهائي پر تنهنجي اها هلڪڙائپ جنهن نہ فقط هندستان جي فلم انڊسٽري جي تاريخ جو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو بلڪہ مونکي هڪ معمولي ايڪسٽرا اداڪار ڪان وٺي مڌو بالا ۽ پرٿوي راج تائين شڪ ۽ حقارت جي نظر سان ڏسن ٿا. مار پويئي جيڪڏهن جانڪاري ٻيڙي ٻوڙڻ جيتري ئي هيئي تہ پرٿويءَ تي نرگس جي پبلڪ رليشن آفيسر هريجن نظاماڻي ڪان ڦيٿو چنبو ڪرائين ها. منهنجي ساٿين ملان يوسف خان

جي پيٽ واري قصي کي مس وساريو هو جو تو هنن کي اهو نئون Issue ڏنو آهي. تمام گهڻي سنجيدگيءَ سان سوچ تہ ان وقت تنهنجو ڇا حشر ٿيندو جڏهن منهنجا ساهرا توکي اول کهندا پوءِ پڇندا تہ جهيڙو کهڙي ڳالهہ تان ٿيو.

نرڳ ۾ تنهنجو بيچينيءَ سان منتظر - ڪي آصف"

عالم بالا مان لکيل انهي پنهي خطن رولاڪ کي هڪ اهڙي معاملي تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي جنهن تي هو مونجهاري وچان پريشان پئي رهيو آهي. اهو معاملو آهي موت. موت ڇا آهي، ان کي ڪيئن منهن ڏجي، موت جي مزاحمت ڪجي يا آڌرڀاءُ. موت ۾ جيئري جاڳندي انسان کي ڇا/ ڇو/ ڪيئن Act ڪرڻ گهرجي ۽ سڀ کان وڌيڪ جنهن ڳالهہ رولاڪ کي پريشان ڪيو آهي اُها اهي تہ ڇا رولاڪ جهڙن ماڻهن کي، جن زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ مذهب سان تعلق نہ رکيو آهي، مرڻ پڇاڻان ڪنهن هڪ مذهب جي رسمن موجب ئي ماڪ رسائجي!

رولاڪ ننڍڙي هوندي کان ئي ٻين وانگر ٻڌندو اچي تہ موت برحق آهي/ موت اٽل آهي/زندگي رين بسيرو (رات گذارڻ جو ٽاڪ) آهي، زندگي جي ڳاڙهي ڳل تي موت ڪارو تر آهي پر ڪيس زندگيءَ ۾ ڪو ورلي اهڙو ماڻهو مليو آهي جنهن مرڪندي موت قبوليو هوندو.

آهي تہ حساس مذهبي معاملو پر رولاڪ ڪيترن عالمن کان اِهو پئي پڇيو آهي تہ ڇا جنت / دوزخ ڪنهن ٻي دنيا ۾ آهن ۽ ڇا زندگيءَ جو خاتمو ممڪن آهي. رولاڪ جي هڪ واقف مذهبي عالم جو تہ اهو چوڻ هو تہ زندگي جو خاتمو/ قيامت دراصل علامتي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن انسان خدا جي بندن لاءِ ڪو اهنج ٿو پئدا ڪري تہ اِهو سندس روح جو موت آهي ۽ روح جو موت ئي قيامت (فنا) آهي.

هاڻ رولاڪ جهڙن Confused ماڻهن آڏو سوال اهوٿو پئدا ٿئي تہ ڇا انسان واقعي خدا جو اولڙو آهي جيئن ڪيترائي صوفي ٿا چون

يا جيئن منصور حلاج اناالحق ٿو چوي يا سرمد وري اچائين" جيڪڏهن
ڪو خدا آهي ته پوءِ اُهو اُپچند آهي ۽ ڪائنس سواءِ ڪو معبود ناهي."
واري ڳالهه ٿو ڪري.

رولاڪ جو ان ڳالهه سان ڪو اختلاف ناهي ته "الا ڏاهي مر
تيا ڏاهيون ڏک ڏسن" پر جيڪي ڏاها ٿيا ۽ جنڪي خود خدا چيو
"اقرا" (پڙهه) سي ڇا ڪن! جڻ "سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سُتي
منجهه ڪعبي" وارو معاملو هجي!.

رولاڪ ڪٿي پڙهيو هو ته اندرا گانڌي پنهنجي قتل کان
ڪجهه عرصو اڳ ان جاءِ تي گهڻو ويندي هئي جتي ڪيس قتل ڪيو ويو
هو- ڇا ٻين ڪيترن ئي ماڻهن وانگر ڪيس به پنهنجي موت جا پروڙ
پئجي ويا هئا. رولاڪ اِهو به ٿو سوچي ته ڇا ڪيس به پنهنجي موت جو
اڳواٽ سوڻ ملندو، جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ رولاڪ پنهنجا رهيل ڪم
اُڪلائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو. هو پنهنجي خواهش آهر هڪ
زوردار ناول لکڻ چاهيندو ۽ پنهنجي هڪ واقف جي فرمائش تي پنهنجي
تڪراري يادگيرين تي ٻڌل سچي پچي "آتم ڪٿا" به لکڻ چاهيندو.

ڪجهه ڏينهن اڳ رولاڪ پنهنجي هڪ شاعر واقف سان گپ
شپ ڪري رهيو هو ته هُن چيو ته تون (رولاڪ) جيڪو ڪنهن به
مذهب کي نٿو مڃين ۽ جنهن جي لڳ ڀڳ سمورن مذهبن جي پوئلڳن
سان ياري دوستي آهي مرڻ ڪانپوءِ پنهنجو رسمون/ ڪريا ڪرم /ڪفن
دفن / Service ڪيئن ڪرڻ جي خواهش / وصيت ڪندين؟ رولاڪ
جي راءِ ۾ جيئن تنجڻ ۾ پيل ٻار ۽ وهي چڙهيل پوڙهو ٻين جي حوالي
هوندا آهن تيئن مئل انسان به ٻين جي ئي وس هوندو آهي. شيخ اياز ته
سبط حسن جي موت تي لکيل نظم ۾ اِهو چيو ته سبط حسن دهليءَ ۾
مري ويو ۽ ڪائنس ڪنهن نه پڇيو ته هو ڪٿي دفن ٿيڻ چاهيندو پر
رولاڪ ته ايستائين به چوندو ته ڪنهن ڪائنس اِهو به نه پڇيو ته سڄي
زندگي ڪميونسٽ ٿي رهندڙ سبط حسن مرڻ ڪانپوءِ پنهنجون

رسمون کهڙي ريت چاهيندو. ڇا هر ڪنهن کي پڪ آهي تہ هُن ن. م. راشد وانگر سڙڻ نہ چاهيو هوندو. ڇا هن جي منهن ۾ بہ نهرو وانگر پنهنجي رک همالیا تي اڏارڻ جي خواهش نہ هوندي.

شيخ اياز جي نظم "پورهيت لاءِ ديس بہ ساڳيو پرديس بہ ساڳيو" جهڙي سوچ رکندڙ رولاڪ ڪيترن ماڻهن کي پنهنجي پيارن جا لاش پنهنجي اباڻي ديس کڻي وڃڻ يا سرحدن جي هُئي ۾ رهندڙ ڪيترن هندن کي اِها خواهش ڪندي ڏٺو/ٻڌو/پڙهيو آهي تہ مرڻ پڄاڻان سندن هڏين کي گنگا بدران سنڌو جي حوالي ڪيو وڃي. ڇا پنهنجي ڌرتيءَ تي/ پنهنجي ماڻهن ۾ ساهہ ڏيڻ/دفن ٿيڻ رڳو پرديس ۾ رهندي ديس ۾ چنڊ نڪرڻ مهل ۽ ديس جي ساوڻ کي ياد ڪري روئندڙ رولاڪ جي هر ديسي نٺڊي ڪنڊ وارن جو مسئلو آهي يا اِها هر ڪنهن جي وارتا آهي!

رولاڪ کي ياد ٿو پوي تہ عبدالواحد آريسر هڪ ڪچهريءَ ۾ هڪ اهڙي ڪتاب جو ذڪر ڪيو هو جيڪو موت کي ڇُهي ايندڙ ماڻهن جي تجربن بابت هو. شايد اِهو ڪتاب رولاڪ جي پنهنجي ذهني مونجهاري مان نڪرڻ جي سلسلي ۾ مددگار ثابت ٿئي .

باقي سائين! موت جا رنگ ئي پنهنجا آهن. ڪي موت کي نفس جي شڪار ٿيل جسم مان نجات جو ذريعو ٿا سمجهن تہ ڪي وري موتي اچڻ لاءِ ساهي ٿا سمجهن، ڪي موت ڪانپوءِ دفن ٿي وڏا مقبرا ٿا جوڙائين تہ ڪي پنهنجي پيارن کي مرڻ پڄاڻان ڳجهن جي حوالي ٿا ڪن. رولاڪ تازو ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو تہ ساموندي فوج جي هڪ اڪوتي اهلڪار کي سندس وصيت پٽاندر مرڻ ڪانپوءِ ڪراچيءَ کان پريرو ڪليل سمند جي حوالي ڪيو ويو.

بهرحال هڪ ڳالهہ سا رولاڪ وٽ طئي آهي تہ انسان جو نالو نشان سندس جيئري ڪيل ڪمن سان ئي ٿو رهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پوءِ شاعره قرةالعين طاهره هڪ بي نام کوهہ ۾ پٿرن جي


گمنام ڏير هيڏان دفن ٿيڻ ڪان پوءِ بہ بهتر آئيندي جي تمنا ڪندڙن
وٽ جيئري نہ هجي ها ۽ بلهي شاهہ بہ هرويرو ڪو غلط تہ نہ چيو آهي؛
"وي بلهيا اسان مرڻا ناهين، گور پيا ڪوئي هوروي."

بس ڪو سچ پچي تہ رولاڪ جي ايتري ئي خواهش آهي تہ
سندس مرڻ پڇاڙان سمورا مذهبي / لا مذهب ماڻهو پنهنجي پنهنجي
طريقي آهر ڪيس رخصت ڪن ۽ بعد ۾ سندس هڏين مُٺ جسم ڪنهن
اسپتال حوالي ڪن. شايد اها خواهش رولاڪ جي دنيا ۾ هيڄ جو اِظهار
آهي ۽ هو پنهنجي هن جنم پڇاڙان بہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان دنيا
۾ رهڻ چاهيندو هجي ڇاڪاڻ جو ٻيو جنم الائي سندس نصيب ۾ آهي
يا نہ.

هلال پاڪستان
٦ سيمٽمبر ١٩٩٦

رولاڪ جي راءِ

اسلم خواجا



هن ڪتاب ۾ اوهان کي لفظن جي صورت ۾ چٽيل (Illustrated) ڪي تصويرون ملنديون. جيڪي اسان جون، اوهان جون، سڀني جون تصويرون آهن. ساڳئي وقت، ڪتاب ۾ بيان ڪيل ۽ تجويز ڪيل مامرا به اسان سڀني جا مامرا ۽ مسئلا آهن. جن کي اسلم خواجا، ڪڏهن پنهنجي اصلي نالي ۽ ڪڏهن رولاڪ، جي نالي، اسان جي اڳيان رکيو آهي.

”لهرن لڪَ لباسَ، لکڻ ليکو ناهه ڪو!“ شاهه صاحب چوائي لکڻ جو جهان تمام ڪشادو ۽ ايترو اونهون آهي . جنهن جي اورين ۽ پرين پر يا حد، حساب ئي ڪونهي. بس ڪو ٽوٻو هجي جيڪو ٽٻي هڻي، سچا موتي ڪڍي سگهي.

اسلم جي لکڻيءَ ۾ سندس شخصي ورتاءَ وانگر اهائي بي نيازي ۽ آزاد خيالي آهي، جنهن جو اظهار، هو بنان معذرت يا اجايو سجايو بهانو ڳولهڻ بدران ويجهن دوستن يا اٿواقف ماڻهن سان ڪندو رهيو آهي.

نه رڳو ايترو پر عملي طرح به، سندس لڳ ڀڳ اهائي خصوصيت رهي آهي، جنهن کي سندس شخصيت سان گڏ اسٽائيل جي سڃاڻپ به چئي سگهجي ٿو. چوندا آهن؛ اڻ جي لوڏ مان سندس ٻڻ جي خبر پوندي آهي سو ليکڪ جو ذاتي اسٽائيل ان تحرير جي شخصيت کي نروار ڪندو آهي.

سندس شعور ۾ تجربي ۽ مشاهدي جي، سندس طبعي عمر جي ڀيٽ ۾ ايتري گهٽائي آهي، جو خيالن کي گڏ ڪندي ڪندي هو ڇڻ ته خود پنهنجن ئي خيالن سان وڙهڻ ٿو لڳي، جنهن ڪري پڙهندڙ سندس شروعاتي خيال جي آڌار تي اها اڳڪٿي ڪري نٿو سگهي ته اهو خيال آخر ڪٿي وڃي دنگ ڪندو. پر سندس لکڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي پڙهندڙ ڪجهه نه ڪجهه ”نئون“ سوچڻ تي مجبور ضرور ٿئي ٿو. اهائي سندس ڪاميابي به آهي ته انهيءَ ڳالهه جي ضمانت به، ته اڳتي هلي هو نثري ادب ۽ خاص ڪري صحافت ۾ نئين لاڙي کي جنم ڏئي سگهي.

شمس سومرو

ڪتاب پبلشرس ڪراچي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)